




# سنڌ

## ۽

## سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون

از

رچرڊ برٽن

مترجم

محمد حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2022ع

[ سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق واسطا قائم]


| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1971ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ٻيو | سال 1976ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو ٽيون | سال 1995ع | تعداد 1000 |
| ڇاپو چوٿون | سال 2015ع | تعداد 1000 |
| **ڇاپو پنجون** | **سال 2022ع** | **تعداد 500** |


هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي

## قيمت: چار سؤ رپيا

## [Price Rs. 400-00]


**خريداريءَ لاءِ رابطو:**

## سنڌي ادبي بورڊ، ڪتاب گهر

## تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org




**هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.**

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي تاريخ تي پرڏيهي اسڪالر رچرڊ برٽن انگريزيءَ ۾ ڪتاب Scinde, or The Unhappy Valley لکيو. جنهن ۾ هُو سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي غيرصحتمند ڄاڻائيندي طنز ڪندو نظر اچي ٿو. ڪيس سنڌ واسين ۾ ڪا چڱي ڳالهه نظرئي ڪانه ٿي اچي ۽ نه ئي وري سنڌ جي ڪنهن شاندار روايت ۽ سنڌ جي ثقافتي ورثي جو ڪُلي طرح ذڪر ڪري ٿو. هُن هڪ فاتح جي نگاهه سان سنڌ کي ڏٺو آهي ۽ پنهنجي قلم جي آڙ ۾ سنڌ جي هزارين سال قديمي ثقافتي ورثي کي نٺديو آهي.

سنڌ جي تاريخ جي اشاعت سنڌي ادبي بورڊ جي بنيادي رٿائن مان هڪ اهم رٿا آهي، جنهن تحت عربي ۽ فارسي ماخذن جي اشاعت سان گڏوگڏ پرڏيهي اسڪالرن جا به سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتاب ادارو شايع ڪندو رهيو آهي. هيءُ ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جنهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون“ جي نالي سان محمد حنيف صديقي صاحب ڪري، سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو.

هيءُ ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون“ بورڊ طرفان سال 1971ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ڪيو ويو. جيڪو پڙهندڙن وٽ بيحد مقبول ٿيو. جنهن بعد پڙهندڙن جي گهرج موجب اُن جا ڇاپا وقتن بوقتن اداري طرفان شايع ٿيندا رهيا. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جو سندن علمي ادبي خاندان سان تعلق هئڻ ڪري ۽ سندن خاص



دلچسپيءَ ۽ هدايتن تحت اداري طرفان نون ڪتابن جي اشاعت سان گڏوگڏ پڙهندڙن طرفان گهُر ٿيندڙ ريپرنٽ ڪتاب به شايع ٿي رهيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ طرفان هِن ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون“ جو پنجون ڇاپو بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي سرڪردگيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد آهي ته. اسان جو هيءُ پورهيو تاريخ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

12- شعبان المعظم 1443هه سيد سڪندر علي شاهه

16- مارچ 2022ع سيڪريٽري

باب پهريون

## سنڌ جو ٻاهريون روپ، ان جي فوجي ۽ تجارتي اهميت
## ملڪ جي صورت ۽ تاريخ جو خاڪو

جڏهن ڪو سيلاني پڇم (اولهه) جي پاسي کان هندستان مان سنڌ ۾ اچي ٿو ته ان کي پهريائين ائين ٿو نظر اچي ته ڄڻ هو هڪ نئينءَ دنيا ۾ داخل ٿي رهيو آهي. اول ملڪ جو ٻاهريون ڏيک سندس ڌيان ڇڪائي ٿو. هن کي ڏسڻ ۾ ايندو ته هڪ طرف اٿاهه مٽيءَ خشڪ واريءَ ۽ پٿريليءَ زمين جا ويرانا آهن، جن ۾ نانگ ڦڻ، ٿوهر ۽ اڪ جا ڇدا ڇدا ٻوٽا ٿين ٿا، ۽ ٻئي طرف لئيءَ ٻير ۽ ڪنڊيءَ جا گهاٽا ٻيلا آهن، جن ۾ ڪٿي ڪٿي آباديون نظر اچن ٿيون. سارو ملڪ ڪڙين، واهن ۽ درياءَ جي ڦٽل پيٽن جي جار سان ڇانيو پيو آهي. سيلانيءَ کي اهو به ڏسڻ ۾ ايندو ته هتان جا شهر سوڙهن رستن ۽ ڳلين جا جهڳٽا آهن ۽ جايون جڳهيون ڪچين سرن جون ٺهيل آهن. انهن جي ڇتين ۾ ٻير جي ڪاٺ جا ٻُنڍ پيل آهن، جن جي مٿان کهگل [1] پيل آهي. ماڙيون اوچيون، در دريون ننڍيون، ڇتيون سنهيون ۽ انهن جي مٿان وچ- ايشيا جي ملڪن وانگر اڪثر ڪري بادگير ٺهيل آهن. ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ واهڻ به ڏسڻ وٽان آهن. انهن ۾ ڪکن ۽ ڪانن جا پکا آهن، جن کي چوڌاري پناهه لاءِ ڪنڊن جا ننڍا لوڙها ۽ ڳنب جون ڀتيون ڏنل آهن. هندستاني سيلانيءَ کي ملڪ جي رهاڪن جي شڪل شبيهه، رنگ روپ ۽ لباس پڻ عجيب ۽ نرالا نظر ايندا.



آبهوا به نسبت مسافر کي جلد معلوم ٿيندو ته آرهڙ جا بادل ۽ سڄي سال جي ماڪ، چوماسي جي تنگيءَ جو پورائو نٿا ڪري سگهن. هو سج جي تابش، ڏينهن جي سخت گرمي، رات جي ٿڌ ۽ ڏڏڙ ۽ مٽي جا طوفان [2]، جي ڪن وقتن تي تمام زور سان لڳندا آهن، پليءَ پٽ محسوس ڪندو.

سنڌ جون مکيه خوبيون هن وقت هي آهن: پهريون ته ان ۾ زراعت جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ وڏي گنجائش آهي، ٻيو ته سنڌ فوجي ۽ تجارتي نقطئه نگاه کان اسان لاءِ خاص اهميت رکي ٿي. پراڻن کنڊرن جا شاهي دڙا، جن سان سارو ملڪ ڀريو پيو آهي ۽ عاليشان عمارتن جا نشان ۽ اتهاسن جو اڀياس، مورخن ۽ سياحن جا ساڳيا رايا ۽ خيال ثابت ڪن ٿا، ته سنڌ جي حالت هميشه اهڙي ڪا نه هئي، جهڙي هاڻي اٿس. سنڌ جي زوال ۽ پستيءَ جو ڪارڻ آهي، خانه جنگي ۽ لڙايون، جن جي ڪري لازمي طرح ڏڪر ۽ بيماري ۽ لڏ پلاڻ ٿئي ٿي ۽ آبادي گهٽجيو وڃي. پر ملڪ ۽ ماڻهن جي جسم ۾ صحت ۽ قوت پيدا ڪرڻ جا وسيلا اسان وٽ موجود آهن. گذريل ٽن سالن جي واقعن ثابت ڪيو آهي ته سنڌ جنگي ساز ۽ سامان لاءِ هڪ سٺي مڏي آهي ۽ لشڪر جي لاءِ ڪارائتو مرڪز ٿي سگهي ٿي، جتي وڏيڪ فوج رکي سگهجي ٿي، ۽ جتان اتر ۽ اتر - اولهه جي اجهل قومن جي حملن کي منهن ڏيئي سگهجي ٿو. اسان کي سنڌ تي قبضي ڪرڻ مان اڳيئي هي فائدو پهتو آهي ته جيڪڏهن سنڌ جا امير [2] پنجاب ۽ ملتان ۾ سکن کي، اتر ۾ افغانن کي ۽ اولهه ۾ وحشي جنگجو ۽ ڪٽر ڪوهستانين کي ساٿ ڏين ها ۽ انهن جي رهنمائي ڪن ها ته ان جا نتيجا نهايت اگرا نکرن ها. صوبي (سنڌ) جي تجارتي اهميت هن ڳالهه مان پڻ ثابت آهي ته قافلن رستي واپار وڌيو آهي، ۽ مڪران ۽ ڏکڻ ايران جي ساموندي ڪناري جا

بندر پنتي پوڻ لڳا آهن. سون مياڻي، گوادر، بکر ۽ بندر عباس تائين پيا وسندڙ بندرگاه اهڙا ته ڦٽي ويا آهن، جو اسان اهي جلد بنان ڪنهن تڪليف جي مالڪن کان خريد ڪري يا عهد و پيمان رستي وٺي سگهنداسون. اها اميد رکڻ بہ غير واجبي نہ ٿيندي تہ اسان هٿياربند سپاهين جون چوڪيون قائم ڪري، بمبئيءَ کي چڙوچڙ ڪرڻ جو هڪ گڏيل مرڪز بڻائي، وچ ايشيا جو سمورو واپار پنهنجي قبضي ڪيون ۽ ان کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلايون.

اهو علائقو، جنهن کي يوناني ”سنڌومان“، پراچين هندو ”سنڌو ديش“، عرب جاگرافي نويس ”سنڌ“ [4] ۽ سندس هاڻوڪا رهواسي، ”سنڌو“ جي نالي سان سڏيندا آهن، تنهن جون حدون هي آهن: اتر ڏي بهاولپور جو علائقو، ڏکڻ ڏانهن عربي- هندي وڏو سمنڊ، اڀرندي ۾ وارياسا رڻ پٽ ۽ الهندي ۾ هڪ جبلن جي قطار آهي، جنهن کي يورپ ۾ ”هالار جبلن“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. سنڌ اُتر ويڪرائي ڦاڪ (North Latitude) جي 23 ۽ 29 درجن (degrees) ۽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ (East Latitude) جي 67 ۽ 70 ڦاڪن (Parallels) جي وچ ۾ آهي، ۽ ان جي وڌ ۾ وڌ ڊيگهہ اٽڪل ٽي سؤ ۽ ويڪر هڪ سؤ ويهہ ميل آهي.

سنڌوندي سڄي ملڪ جي ڊيگهہ کي ٻن ڦاڪن ۾ ورهائي ٿي.

صوبي جي قديم جاگرافي خواه تاريخ، ٻيئي تاريڪيءَ جي پردي ۾ آهن. جيتري وقت ۾ سنڌو ندي پنهنجو وهڪرو (جيڪو ٻن ٽئن ميلن جي ايراضيءَ ۾ هوندو آهي) بدلائيندي آهي تہ اڳوڻا پڊ ريگستان ٿي ويندا آهن، اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو ڏيهي حاڪم پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڦيرائيندو آهي تہ شهر، بندر ۽ واهڻ پڻ ويران ٿي ويندا آهن. سواءِ ڪن مخصوص ڳالهين



جي، اها قياس آرائي ڪرڻ، تہ سنڌ جي حالت پنجاهہ ورهيہ اڳي ڪهڙي هئي، نهايت ڏکي ڳالهہ آهي.

قديم زماني کان وٺي سنڌ هيٺين ٽن [5] ضلعن ۾ ورهائي ويئي آهي.

(1) لاڙ يا ڏاکڻي سنڌ، جنهن ۾ حيدرآباد جي ڏکڻ وارو ملڪ اچي وڃي ٿو.(2) وچولو يا سنڌ جو وچ، يعني حيدرآباد جي پسگردائيءَ وارو علائقو، (3) سرو يا اتر سنڌ، جنهن ۾ سيوهڻ، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور جا ضلعا ۽ اهو علائقو، جيڪو سکر کي ڪڇ گنداوا کان ڌار ڪري ٿو، اچي وڃن ٿا.

ڏاکڻي سنڌ جي ايراضي، دوآبي سميت، اٽڪل 70 يا 80 ميل ڊيگهہ ۽ ويڪر ۾ ٿيندي. اهو ملڪ لئيءَ ۽ ٻير جي گهاٽن وڻن سان ڇانيل هڪ مٽيءَ جو ميدان آهي، مگر ان جي آبادي ڪاري پاٽيءَ سبب ڇڊي پاڊي آهي. اها سموري ايراضي، سمنڊ جي هوائن جي اثر ۾ اچي ٿي، پر سنڌونديءَ جي سيلاب کي سڄ جا تيز ڪرڻا ۽ هوائون گڏجي خشڪ ڪيو ڇڏين. لاڙ جي اولهہ ۾ زمين وارياسي ۽ خشڪ آهي. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ جڻ چوني جي پهڻن مٿان واريءَ جو هڪ تهہ وڇايل آهي. اهي پهڻ، گهاري ۽ ٺٽي جي پسگردائيءَ ۾ ۽ ڪن ٻين هنڌن تي هڪ هيٺانهين، اڀين ۽ ويران ٽڪرين جي قطار جي صورت اختيار ڪن ٿا. سمنڊ جو ڪنارو ڏکڻ اولهہ طرف چوماسي جي ڏينهن ۾ خاص طرح ڀيانڪ هوندو آهي. سمنڊ ۾ نهايت شور هوندو آهي ۽ سمورو وقت پيو نانگ وانگي لهريندو آهي. ان ۾ تانگها تڙ ۽ ڪنڌيون بہ جام هونديون آهن ۽ سڀ ننڍا بندرگاهہ واريءَ سان لٽجي ويندا آهن. خشڪ موسم ۾ تڪليف ڪا نہ هوندي آهي. مانجهي جيڪڏهن ماپ وٺندو ايندو آهي تہ اونو ڪو نہ هوندو اٿس. سياري جون اوڀاريون لهواريون

هوائون هن جي مدد ڪنديون آهن.

لاڙ جا مکيه شهر آهن، ڪراچي ۽ ٺٽو. ڪراچيءَ جي اهميت جو هڪ سبب هيءُ بہ آهي تہ اها هڪ سنڌائتي هنڌ تي آهي. هتان جي آبهوا [6] ٻين شهرن جي مقابلي ۾ صحت بخش ۽ وڻندڙ آهي، انهيءَ ڪري سنڌ جو شفا-گهر ٿي پيئي آهي. سندس بندر جو ايران، عربستان ۽ اولهہ هندستان سان چڱو چوکو واپار هلي ٿو. اصلوڪو شهر، پراڻي قلعي جي ڦٽل ديوار جي ٻاهران، لئيءَ جي ٽارن ۽ مٽيءَ سان اڏيل گهرن جي هڪ ڪوجهي بستي آهي. اتر ۽ اولهہ ڏانهن جتي مٺو پاڻي ملي ٿو، ڪي باغ آهن، جن ۾ ڀاڄيون ۽ ميوي جا وڻ چڱا ٿين ٿا. مگر ٻي پسگردائي ڪلراٺو ۽ وارياسو رڻ آهي. ڪراچي تڪڙي تڪڙي وڌندي ۽ سڌرندي وڃي ٿي. ان ۾ هاڻي اٽڪل 24000 آدم رهي ٿو. هتي هڪ شاهي فوجي ڇانوڻي آهي، جنهنڪري سندس آبادي ۽ دولت ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهن.

ٺٽي کي غلطيءَ کان قديم "پٽالا"[7] سمجهيو ويو آهي. مسلم گهراڻن جي راڄ ۾، اهو دوآبي جي گاديءَ جو هنڌ ۽ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر هوندو هو. ڪنهن وقت سنڌو ندي سندس ديوارين سان لڳو لڳ وهندي هئي" ۽ سندس دروازن تائين وڻج واپار ۽ دولت پهچائيندي هئي. انهن مڙني سهولتن جي هاڻي ڪراچيءَ کي هڪ هٽي آهي. هن وقت درياهہ شهر کان اٽڪل ٽي ميل پري آهي. ٺٽي جي آبادي، جيڪا ڪنهن وقت 280000 چئي وڃي ٿي، سا هينئر 7000 کان زياده نہ آهي. هر سال ڪيترا ماڻهو ٻين شهرن ۽ ضلعن ڏانهن لڏي وڃن ٿا، جتي مليريا [8] جو گهٽ آزار آهي. شهر ڦٽل جاين جو هڪ بد زيبو دڙو آهي، ڪٿي ڪٿي ڪا پڪي ماڙي يا روشن منارو نظر اچن ٿا،جيڪي البت سندس اڳوڻي شان ۽ شوڪت جا باقي نشان



آهن. ٺٽي جي چوڌاري لئيءَ جو رواجي جهنگ ۽ انبن جا باغ آهن. هتان جا انب سواد ۽ ميناج سببان مشهور آهن. ٺٽي جي ويجهڙائيءَ ۾ وسيع قلعن جا نشان ۽ هندن جون جاترائون آهن. مڪليءَ جي ٽڪرين تي نهايت خوبصورت مقبرا آهن، جن ۾ وڏا حاڪم ۽ مشهور وليءَ [9] پوريل آهن. انهيءَ کان سواءِ لاڙ ۾ ٻيا قابل ذڪر شهر هي آهن: (1) گهارو، هڪ وڏو ڳوٺ، جنهن ۾ ڪنهن وقت فوجي ڇانوڻي هئي. هيءُ شهر هڪ ڪاريءَ تي آهي، جيڪا ڪراچيءَ کان اچي ٿي ۽ ٺٽي کان 24 ميلن جي فاصلي تي پوري ٿئي ٿي.(2) وڪر، سنڌونديءَ جي حجامڙي شاخ تي هڪ بندر، جيڪو مغربي دوآبي جي اوڀارينءَ شاخ تي آهي.

وچولي ۾ حيدرآباد جو شهر آهي،جيڪو ٺٽي کان پوءِ صوبي جي گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي. حيدرآباد جو شهر، ڪلهوڙن حاڪمن، هندن جي پراڻي ڦٽل شهر جي مٿان اڏايو هو. هيءُ سنڌونديءَ جي اڀرندي ڪناري تي، چوني جي پٿر وارين ٽڪرين جي مٿان ٺهيل آهي. ايشيا جي هن ڀاڱي جي ٻين گادين وانگر، هن شهر ۾ پڻ جهوپڙين ۽ جاين جا جهڳٽا، بزاريون، مسجدون ۽ هڪ قلعو سمايل آهن. قلعو ڏسڻ ۾ جبرو آهي، پر اندر ڪوڪو اٿس. اڳي شاهي خاندان جي رهائش لاءِ ڪتب آندو ويندو هو. شهر جي آدمشماريءَ بنسبت ڪيترا رايا ڏنا ويا آهن، پر سمجهيو وڃي ٿو تہ اها هاڻي ڪراچيءَ جيتري ٿيندي. ٽپاوليءَ ۽ ٻين بيمارين ۽ گاديءَ جي بدلائڻ ڪري شهر ڦٽڻ شروع ٿيو آهي ۽ هاڻي آبادي وڃيس ٿي ڏينهون ڏينهن گهٽبي. آبڪلائيءَ ۾ ڦليلي ڦاٽ، جا سنڌونديءَ جي هڪ شاخ آهي، حيدرآباد جي چوڌاري ڦري ايندي آهي. ان جي ڪپرن تي ڪجين، ليمن، ڏاڙهن، انبن ۽ ٻين وڻن جا سندر باغ آهن. شهر کان هڪ رستو اسان جي مورچي واريءَ ڇانوڻيءَ

ڏانهن وڃي ٿو، جيڪا درياهه جي ڪپ تي آهي. اُها مشهور جاءِ آهي، جتي سنڌ جي اڳين حاڪمن ميرن جي لشڪر، انگريزن جي سفارتخاني تي حملو ڪيو هو. درياهه جي هُن پر ڪوٽڙي آهي.جتي آڱبوٽن جو پتڻ آهي. حيدرآباد جي اولهه ۾ ڪي عجيب غريب مقبرا ۽ روضا آهن.جي ڪلهوڙن حاڪمن ۽ ٽالپر اميرن جي تربتن مٿان يادگار طور اڏيل آهن.

وچولي ۾ هيٺيان شهر آهن(1) جهرڪ. هڪ ٽڪريءَ تي سنڌونديءَ جي پر ۾ هڪ سهڻو شهر. (2) نصرپور.حيدرآباد جي پرسان آهي.ڊي ائنول جي خيال موجب عربن جو مشهور شهر منصوره آهي. (3) خدا آباد. هڪ پراڻو شهر آهي، جنهن جو اڳئين زماني ۾ ڪافي ناماچار هو. پر هينئر پويان پساهه اٿس. (4) ميرپور. ٽالپرن جي شاهي گهراڻي جي هڪ شاخ جي گاديءَ جو هنڌ آهي. (5) ٿر واري حصي ۾ عمرڪوٽ جو شهر آهي، جيڪو اڪبر جي جنم ڀومي ۽ حيدرآباد سنڌ جي حاڪمن جو ريگستاني اڄهو آهي.

سيلاني درياهه رستي ٿورو مٿي وڌندئو ته سنڌ جي سري تي پهچي ويندؤ. پهرين ڳالهه جا ڪيس معلوم ٿيندي سا اها ته آبهوا ۾ ڪافي تبديلي محسوس ٿيندي. حيدرآباد کان مٿي سمنڊ جون هوائون ڪين پهچنديون آهن. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته اتي هوا جي چرپر بلڪل بند ٿي ويندي آهي ۽ سخت گرمي ٿيندي آهي. هتان جو اونهارو لاڳيتو پنج يا ڇهه مهينا هلندو آهي. چنيءَ ڇهه ماهيءَ کو جهڙ ٿيندو آهي ۽ اتفاق سان مينهن جو وسڪارو پوندو آهي. ريگستان جون هوائون ٻه روز لڳنديون آهن.جهڪ، طوفان ۽ زوردار هوائون سڄي صوبي ۾ عام هونديون آهن.پر هتي گهٽي ڪثرت ۽ تيزيءَ سان لڳنديون آهن. سِري ۾ بارش رحمت سمجهي ويندي آهي، ڇاڪاڻ ته خشڪ هوائن سبب جيڪي بخار اٿندا آهن.



سي درياءَ جي ٻوڏن جي پاڻيءَ کي سنڌ جي واديءَ تان هٽائي، پري ڪري ڇڏيندا آهن. سرديءَ جي موسم ۾ اتر سنڌ جي گرميءَ جو درجو ڏکڻ سنڌ کان ڪافي گهٽ هوندو آهي. انهيءَ سببان، گهم جي گهٽ هئڻ ڪري ۽ شديد گرمي هوندي بہ اتر سنڌ جو ضلعو وڌيڪ صحت بخش سمجهيو ويندو آهي.

سري جي زمين ڪٿي زرخيز ۽ پيداوار واري آهي ته ڪٿي بلڪل غير آباد ۽ ويران آهي. سنڌونديءَ جي ڪپن وارا علائقا عمدا ۽ زرخيز آهن. جن ۾ با غ، آباديون ۽ شڪارگاهه آهن. انهن کان جيئن پوءِ پرڀرو لئين جا گهاٽا جهڳٽا، واريءَ جون ڍبون ۽ ويران پهاڙي حصا آهن. ڳوٺن ۾ جهوپڙن کي اڪثر ڪانهن ۽ سَرن جي ڀَترن جون ڇتيون هونديون آهن. جي رواجي ڪانيءَ جي پچرن ۽ ٽوٽين تي بيٺل هونديون آهن. وڏين بستين کي بچاءَ لاءِ ڳنب جي مٽيءَ جا ڪوٽ ڏنل آهن. جيڪي ڏيکارين ٿا ته ملڪ ۾ سلامتي گهٽ آهي.

اُتر سنڌ ۾ ڪيترائي پراڻا خواه نوان مشهور شهر ۽ ننگر آهن. سنڌونديءَ جي الهندي ڪپ تي سيوهڻ آهي. جنهن کي عربن جي ڏينهن ۾ "سيوستان" سڏيندا هئا. سيوهڻ جو ڦٽل قلعو سڪندر يونانيءَ جي عظمت جو هڪ يادگار سمجهيو ويندو آهي، ۽ اڪبر جي ڏينهن ۾، پرڳڻي جي هيٺئين پاڱي جي ڪُنجي هوندو هو. سيوهڻ هڪ گرم، اٽوٽندڙ ۽ روڳي جاءِ آهي، جيڪو هن زماني ۾ ماڻهن جي شرارت ۽ شهباز [10] وليءَ جي مقبري تي فقيرن ۽ مجاورن جي ڪثرت کان مشهور آهي. شهر جي آبادي 6000 مس ٿيندي. جاين جي اٽوٽندڙ ۽ زبون حالت ڏيکاري ٿي ته شهر وسندڙ نه آهي. سيوهڻ کان پرتي لاڙڪاڻو آهي، جو هڪ سرسبز ۽ شاداب

ضلعي جو مکيہ شهر ۽ سنڌ ۾، ڪراچيءَ کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ وسندڙ آهي. هڪڙو شاهي واهہ جو درياءَ مان نڪري ٿو، سو آبڪلاڻيءَ ۾ شهر لاءِ آمدو رفت جو ذريعو هوندو آهي. سمورو علائقو سهڻن واهڻن سان ڳتيل آهي. سنڌوندي ٽپي، سيلاني خيرپور پهچي ٿو، جو ٽالپر گهراڻي جي آخرين فرمانروا، مير علي مراد جي گاديءَ جو هنڌ ۽ رهڻ جو اجهو آهي. خيرپور هڪ ننڍي بستي آهي جيتوڻيڪ اڳي اُتر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هئي. ان جي آدمشماري لاڙڪاڻي جيتري مس ٿيندي. ان جي پسگردائيءَ واريون زمينون شايد اهڙيون ئي پليون آهن،جهڙيون سنڌونديءَ جي الهندي ڪناري واريون، جيتوڻيڪ اهي اهڙيون آباد نہ آهن. خيرپور جي قريباً اتر ۾ سکر، بکر ۽ روهڙي آهن. اهي ٽيئي مشهور جڳهيون سنڌ جي هندن خواه مسلمانن جي نظر ۾ مقدس آهن. سکر جا ٻہ حصا آهن. هڪ پراڻو شهر ۽ ٻيو يورپي چانوڻي، جيڪا هڪ ويران ٽڪرين جي قطار تي ٺهيل آهي ۽ جنهن جون چوٽيون ڦٽل مقبرن ۽ مسجدين سان ڇانيل آهن. شهر جي چوڌاري ڪجين جي وڻن جا آراڙا آهن ۽ درياهہ جو منظر نهايت دلڪش آهي. بکر جو ٻيٽ، هڪ پهاڙ آهي، جنهن کي سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ زور سان چيري ڪنارن کان جدا ڪيو آهي. ان جي پاسن کان پاڻي تمام تيز رفتار سان وهندو آهي. بکر اڳي سنڌ جو دروازو سمجهيو ويندو هو. سکر جي سامهون روهڙي آهي. ڪيترين صديون اڳي انهيءَ شهر، واپار ۾ رسول ﷺ جي ريش جي وار مبارڪ جي ڪري دولت ۽ شهرت حاصل ڪئي هئي، پر پوءِ خيرپور جي ميرن جي جبر، ان جي تقدس کي ڪافي ڌڪ هڻي ڇڏيو. تخمينو ڪيو ويو آهي تہ سکر ۽ روهڙيءَ ۾ اٽڪل ٻارنهن ٻارنهن هزار آدم رهي ٿو. ممڪن آهي تہ اهو اندازو گهٽ هجي. شڪارپور، سکر کان چو ويهہ ميل پري اُتر-



اولهہ طرف هڪ شهر آهي، جو پنهنجي دلير شهر واسين جي تجارتي سٽن ۽ واپار جي اثر ڪري ايشيا ۾ شهرت واري جاءِ آهي. اهو شهر هڪ گرم ۽ وارياسي پٽ تي اڏيل آهي، جو آبپاشيءَ سان زرخيز ۽ آباد ملڪ ٿي سگهي ٿو. ان جي ديوارن کان ٿورا ميل پريان هڪ مايوس ڪندڙ ڪلراٺيءَ واريءَ جو بيابان شروع ٿئي ٿو. شڪارپور ۾ اٽڪل چو ويهہ هزار نواسي آهن. شهر جا گهر ۽ جايون زبون حالت ۾ آهن، شهر جون سوڙهيون ڳليون ۽ شاهي بازار ڪنهن زماني ۾ ديسان ديس مشهور هئي. پر هينئر نهايت غليظ ۽ اڻوڻندڙ آهن. هيءُ شهر هاڻي ڏينهون ڏينهن پنهنجي اڳوڻي اوج ۽ عظمت کان گهٽبو وڃي. اسان ٻہ پنهنجو وسيع عملو گهٽائي ڇڏيو آهي. اهو عملو اڳي قنڌار [11] جي رستي تي رکڻ ضروري هو، جڏهن اسان افغانستان تي قبضو ڪيو هو. شڪارپور جو واپار هاڻي اڳي وانگر وڌندڙ نہ آهي.

سري ۾ ٻيا ذڪر ڪرڻ جوڳا شهر هي آهن: ڪشمور، هيءُ درياهہ جي ڪپ تي اڳي چڱو خاصو بندر هو. سبزل ڪوٽ، روهڙيءَ کان پنجاهہ ميل مٿي ۽ درياهہ جي ساڄئي طرف هڪ قلعو آهي. جاگرافي جي نقطئہ نگاهہ کان سنڌوندي، سنڌ [12] ملڪ لاءِ هڪ عاليشان ۽ نمايان خصوصيت رکي ٿي. اها هڪ ئي وقت ملڪ جي آباديءَ جو ذريعو، واپار جو وسيلو ۽ ماڻهن لاءِ آمد و رفت جي شاهراهہ آهي.

سنڌونديءَ کي هتي "مٺي پاڻيءَ جي سمنڊ" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ان جو عام رخ غالباً اتر کان ڏکڻ آهي. هوءَ بکر ۽ روهڙيءَ جي شهرن جي وچ مان پهاڙن کي ڏڪڙا ڏڪڙ چيريندي، شانتيءَ ۽ ڌيرج سان ڏکڻ - اولهہ طرف سيوهڻ ڏانهن وهي ٿي. رستي ۾ ان مان، ناري نالي هڪ وڏي شاخ نڪري ٿي، جا منڇر ڍنڍ لنگهي، اڙل جي نالي سان وري اچي پنهنجي

اباڻي وجود (سنڌوندي) سان ملي ٿي. سيوهڻ وٽ، پهاڙن جي روڪ کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي ٿي، جنهنڪري پنهنجو رخ حيدرآباد تائين ڏکڻ اوڀر ڦيرائي ٿي ۽ جتان وري ڏکڻ، ڏکڻ اولهه منهن موڙي، ٺٽي تائين پهچي ٿي. انهيءَ شهر وٽ ندي ڦٽي ٻه ڦاڪون ٿئي ٿي: هڪڙي "مٺو" يا اوڀر واري شاخ ۽ ٻي "بگهاڙ" يا اولهه واري شاخ، ۽ پوءِ دوآبي کي گود ۾ ڪري، ڪيترن وڏن ۽ ننڍن [13] منهن سان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

سنڌونديءَ جي سيلاب جا ٻه ڪارڻ آهن: هڪڙو بهار جي برسات،جيڪا اترين علائقن ۾ پوي ٿي،جتان سندس شاخون نڪرن ٿيون ۽ ٻيو هماليه جي برف، اونهاري جي تيز گرميءَ ۾ پگهرجي پاڻي ٿيندي آهي. سيلاب مارچ جي وچ ڌاري شروع ٿئي ٿو ۽ آگسٽ ۾ ڦوهه جوانيءَ کي رسي ٿو، سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ تائين ڪڏهن لهي ٿو ته ڪڏهن چڙهي ٿو، جيستائين پاڻيءَ جو آخري ڇينهرو ٿئي، ۽ پوءِ آڪٽوبر جي منڍ ۾، باقاعدي لهڻ شروع ڪري ٿو. هن موسم ۾ سنڌوندي لڙاتيل پاڻيءَ جي هڪ ڦوڪيل نهر ٿي پوندي آهي، جنهن ۾ هيبتناڪ ڪن، زبردست ڇوها، ڪاٽ جا خطرناڪ ٻُنڊ واريءَ جون ڦرندڙ گهرندڙ ڪنڌيون ۽ تيز لهريون هونديون آهن. لهرون سير جي تيز وهڪري تي تند رفتار هوائن جي دٻاءَ پوڻ ڪري پيدا ٿينديون آهن. ڪيترا قدرتي ۽ هٿرادو واهڙ، نديءَ جو واڌو پاڻي ڪڍي وڃي ڍنڍون ڍورا [14] ڀريندا آهن، جيڪي سرديءَ جي موسم ۾ سُڪل هوندا آهن. اهو موسمي سيلاب، چؤماسي جي برسات [15] جو ڪم ڏيندو آهي ۽ زمين کي ڪلر کان بچائيندو آهي. سنڌ ۾ اڪثر ڪري جتي سوڪ، اتي ڪلر هوندو آهي.

صوبي جا ڏيهي اتهاس ٽن ٻولين ۾ لکيل آهن: هڪڙا عربي، ٻيا



فارسي ۽ ٽيان سنڌيءَ ۾. ملڪ جي پهرين باترتيب تاريخ مسلمانن جي ديني ٻوليءَ يعني، عربيءَ ۾ لکي ويئي هئي. مشهور تاريخ، "تحفة الڪرام"، جو مصنف هن ڳالهه ڏانهن خاص طرح ڌيان ڇڪائي ٿو، ته 1216ع تائين سنڌ جي تاريخ تي ڪنهن به توجهه ڪو نه ڏنو هو. جڏهن اُچ جو رهاڪو، علي بن احمد، بکر ۾ آيو، تڏهن سنڌ جي فتح جو عربيءَ ۾ احوال، پنهنجي هڪڙي پونئير [16]، قاضي اسماعيل وٽ لکيل ڏٺائين.

سنڌ جون فارسي تاريخون اڪيچار آهن، پر اهي سڀ بيڪار آهن. سڀ کان اول لکيل تاريخ، علي بن احمد جي تصنيف آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي. پوين سڀني ليکڪن، صوبي جي اسلامي فتح کان اڳ خواهه پوءِ جو احوال سندس لکيل تاريخ تان لفظ بر لفظ نقل ڪيو آهي. ٻيون تصنيفون جي عموماً مطالع ڪيون وينديون آهن، سي هي آهن:

1. "فرشته"جي تاريخ،جيڪا"چچنامه"،"خلاصت الحڪايت ۽ حاجي محمد قنڌاريءَ [17] جي اتهاس تان ورتل آهن.

2. " مير معصوم بکريءَ جي تاريخ"، جا اڪبر جي زماني ۾ لکي ويئي هئي. اها پنهنجي طرز نگارش جي ڪري ٻين تصنيفن ۾ سڀ کان وڌيڪ عام مقبول آهي.

3. "تحفة الڪرام".

4. "چچنامه" [18] .

5. "تاريخ طاهري"، هن صوبي جون مڪمل تاريخون آهن. انهن کان سواءِ "بيگلار نامه"، "ترخان نامه" ۽ "ارغون نامه"، اهي تصنيفون تاريخ جي انهن دؤرن سان تعلق رکن ٿيون جي سندن نالن مان ظاهر ٿين ٿا. سنڌي زبان ۾ جيڪي تاريخون لکيل آهن، تن ۾، اڪثر ڪري ڪافرن ۽ مسلمانن جي

مقابلن جون ڪهاڻيون ۽ ڪٿائون آهن، جن کي تاريخ ڪوٺيو وڃي ٿو. انهن تاريخن کي وڌيڪ وضاحت سان ڪنهن ايندڙ باب ۾ نظر مان ڪڍيو ويندو.

هڪڙي سياڻي، اهل نظر [19] سچ چيو آهي ته جيتوڻيڪ سنڌ ملڪ مان سنڌونديءَ جي شاندار پاڻي وهي ٿو ۽ هندستان جي هر فاتح جي لشڪر سنڌ جي سر زمين لتاڙي آهي، پر تنهن هوندي به اهڙا ٿورا ڪي پراڻا يادگار پيدا ڪيا آهن جي تواريخ نويسن کي ڪم اچن يا آثار قديمه وارن جو ڌيان ڇڪائين. سڪندر جي حملي کان وٺي خليفن جي سالارن سميت، اهو جيڪو زمانو گذريل آهي، تنهن جي احوال لاءِ ڏيهي اتهاسن ۾ اميد رکڻ اجائي آهي. انهن ۾ چند بادشاهن جي نالن ۽ ٻارڙين ڏند ڪٿائن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪو نه آهي.

سنڌ جي تاريخ جو اختصار هن طرح آهي:

1- سنڌ تي هندن جو راڄ مسلمانن جي فتح -711ع.

2- بني اميه خليفن جي نائبن جي حڪومت -1025ع.

3- سومرا نالي هڪ سنڌي قوم جو راڄ -1054ع.

4- سمن جو سومرن کي شڪست ڏيڻ - 1513ع.

5- قنڌار جي شهزادي، شاه بيگ ارغون جي چڙهائي-1519ع.

6- دهليءَ جي بي تاج بادشاه، همايون جي ڪاه -1543ع.

7- ترخان نالي فوجي جانبازن جي هڪڙي خاندان جو اختيار حاصل ڪرڻ 1545ع.

8- اڪبر جو سنڌ کي دهليءَ سان ملائي ڇڏڻ - 1591ع.

9- ڪلهوڙي خاندان جي نور محمد نالي، هڪڙي سنڌيءَ جو ايراني فاتح، نادر شاه جي هٿ هيٺ صوبيدار ٿيڻ - 1740ع.



10- ڪلهوڙن جي گهراڻي کي ٽالپر بلوچن جو الٽ پلٽ ڪرڻ - 1786ع.

11- سر چارلس نيپيئر جو سنڌ فتح ڪرڻ ۽ لارڊ ايلنبرو جو سنڌ کي هندستان سان لڳائي ڇڏڻ - 1843ع.

مسلم مورخن جي چوڻ مطابق، سنڌ کي سندر سر زمين تي پنجن رائن [20] جي هڪ گهراڻي، جن جي گادي الور [21] ۾ هوندي هئي، اٽڪل 140 ورهيه سک ۽ سانت سان راڄ ڪيو. اسان جي (عيسوي) ستين صديءَ ڌاري، راءِ سهاسي ٻيو بنان اولاد گذاري ويو ۽ هن جي راڻيءَ سيني حقي وارثن کي مارائي، تخت پنهنجي يار، چچ جي حوالي ڪيو. چچ هڪ پروهت ۽ راڄنيتي ماڻهو هو. پاڙي وارن راجپوت راجائن مٿس حملو ڪيو، پر هن گهڻيءَ حرفت بلڪ ٺڳيءَ سان سيني دشمنن کي شڪست ڏئي، پاڻ کي تخت تي پڌاريو. هن جو راڄ چاليهه ورهيه هليو ۽ سندس مرڻ کان پوءِ سندس پٽ، ڏاهر تخت جو وارث ٿيو. اميه گهراڻي جي خليفي عبدالمالڪ کي خبر ملي ته ڪي بيدين شاهينگ، سنڌ ۾ ديبل بندر وٽ، سندس جهاز لُٽي ويا آهن. هن انهيءَ شرارت جي بانين کي سزا ڏيڻ لاءِ تياريءَ جو حڪم ڏنو. شاهي لشڪر جو هڪ دستو، حجاج بن يوسف بصري جي گورنر جي سپرد ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ عبدالمالڪ گذاري ويو، جنهن ڪري لشڪر ڪشيءَ ۾ ڪجهه دير ٿي. ان بعد سندس پٽ ۽جانشين، وليد، حجاج بن يوسف جي سفارش تي، سترهن ورهين جي سپه سالار، محمد بن قاسم کي 6000 گهوڙيسوارن، ۽ لاڏو اُٺن جي ساڳئي تعداد ۽ پيادن جي هڪڙي شاهي فوج سان، سنڌ تي چاڙهي موڪليو.

سنڌ جي مکيه بندر ديول [22]، ۽ ڏاکڻن علائقن جي مضبوط قلعي، نيرون ڪوٽ وٽڻ، ۽ ڏاهر جي شاهي لشڪر کي شڪست ڏيڻ ۽ الور

جي ديوار هيٺان، راڄ کي مارڻ بعد. نوجوان فاتح [23] پنهنجو فرض نهايت سختيءَ ۽ بهادريءَ سان نباهيو ٿو ڏسجي. هن پنهنجي خليفي کي اطلاع ڏنو ته اسان جي ترقيءَ ۾ جيڪي رڪاوٽون هيون، تن کان هندستان جي شاهراه کي پاڪ ڪيو ويو آهي.

ان کان پوءِ، چاليهن ورهين تائين بني اميه خليفن جي مقرر ڪيل نائبن سنڌ تي حڪومت ڪئي. جڏهن حڪومت جون واڳون عباسين جي هٿ ۾ آيون، تڏهن انهن سابق حاڪمن جي عملدارن کي ڪڍي سندن جاءِ تي پنهنجا نائب مقرر ڪيا. ان کان پوءِ، ٽي صديون ملڪ جي تاريخ فقط حاڪمن جي نالن جي هڪ لمبي فهرست آهي، جن جي حڪومت، ڪنهن به خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق نه آهي.

1025ع ۾، سلطان محمود غزنوي، سنڌ کي پنهنجي وسيع سلطنت سان ملائي ڇڏيو ۽ هن جا نائب سندس نالي ۾ ساري ملڪ تي حڪومت ڪرڻ لڳا.

غزنويءَ جي پوين حاڪمن جي ڏينهن ۾، هڪڙي گمنام نسل جي قوم،جيڪا ”مردسان سومره“ [24] سڏبي هئي ۽ جن بارسوخ زميندارن جي حيثيت ۾ گهڻي وقت کان وٺي ملڪ جي ڪيترن حصن تي پنهنجو ڏاڪو ڄمايو هو، ايترو زور ورتو جو خودمختياريءَ جو اعلان ڪري، پنهنجي اباڻي ملڪ جي موروثي حڪومت تي قبضو ڪيائون. جڏهن محمود جي پوين (1186ع ۾) افغان حڪمرانن، غورين جي اڳيان سر جهڪايو، تڏهن به هنن [سومرن] پنهنجو اقتدار برقرار رکيو. سندن گهراڻي ۾ ويهه حاڪم ٿيا. هنن ڪڇ تي پڻ قبضو ڪيو، ۽ اٽڪل 660 ورهين جي عرصي تائين حڪومت ڪيائون.



سما راجپوت [25]، جن جو نسل ڏيهي مورخ، سام بن نوح يا غير تاريخي ايراني بادشاهه جمشيد مان ڇڪين ٿا، تن ”اپره“ نالي هڪ اڳواڻ جي هٿ هيٺ، دهليءَ جي شهنشاهه علاؤالدين جي لشڪر جي مدد سان، سومرن کي شڪست ڏني هئي ۽ 1315ع ڌاري، ڪڇ ۽ سنڌ جا والي ٿيا هئا. هو اسلام جي دائري ۾ به داخل ٿيا هئا. اهڙيءَ ريت پندرهن ڄام سردارن، هڪٻئي پٺيان نالي ماتر لڳاتار، دهليءَ جي پٺاڻ حڪومتن جي هٿ هيٺ، ملڪ ۾ راڄ ڪيو. سمجهجي ٿو ته پهريان سمان حڪمران، وفادار زيردست نه هئا، ڇاڪاڻ ته انهن مان هڪڙي کي 1321ع ڌاري، دهليءَ جي بادشاهه فيروز تغلق حملو ڪري سيڪت ڏني هئي.

مغل بادشاهه بابر، 1526ع ڌاري، ابراهيم لوڌيءَ کي شڪست ڏئي، ماري، پٺاڻ گهراڻي جو خاتمو ڪيو ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ان کان ست ورهيه اڳ، هن افغانستان تي حملو ڪري اڳين مالڪن جي وارث، شاهه بيگ ارغون کي، قنڌار مان هڪالي ڪڍيو هو. شاهه بيگ، سنڌ تي اوچتو حملو ڪري، ڄام فيروز کي شڪست ڏئي، سمن جي حڪومت کي هيٺ مٿي ڪيو. مگر پوءِ فاتح شاهه بيگ، مغلوب حاڪم کي گجرات مان واپس گهرائي، ڪيس ٺٽي جي آسپاس وارن علائقن تي پنهنجي هٿ هيٺ جاگيردار جي حيثيت ۾ حڪومت ڪرڻ جي اجازت ڏني. شاهه بيگ کي مغلن اچي سوڙهو ڪيو ۽ ساڳئي وقت سندس رعيت به ڪيس ڏکاريندي هئي. 1521ع ۾، جڏهن بکر جو مضبوط قلعو سندس دشمن جي ور چڙهيو ۽ ڄام فيروز بيوفا ثابت ٿيو، تڏهن هن وفات ڪئي. ڪي چون ٿا ته هو انهيءَ غم وگهي مري ويو هو، ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته هن آپگهات ڪيو هو. شاهه بيگ جي پٽ ۽ جاءِ نشين، شاهه حسن، سمن کي هڪالي ڪڍيو، ۽ ملتان

تي حملو ڪيو ۽ ڪڇ جي راجا راءَ ڪنگر کي، جنهن صوبي جي ڏاڪٽي چيڙي تي ڪاهيو هو، فاش شڪست ڏئي، پنهنجي خاندان جي ڪرندڙ بخت کي بچائي ورتو.

1540ع ۾ بابر جي پٽ همايون، پريشان ٿي هارائي، تخت وڃائي، حڪومت جون واڳون قسمت جي دادلي ۽ مشهور سپاهي، شير شاهه سوريءَ جي حوالي ڪري، سنڌ ڏانهن رخ رکيو. هن سمجهيو ٿي ته سنڌ ۾ اڃا به سندس اختياري تسليم ڪئي ويندي. هو ارغونن جي علائقي ۾، اُچ وٽان داخل ٿيو ۽ سڄو سارو ڏيڍ سال پنهنجو سرمايو بيسود ڳالهين ٻولهين ۽ اجاين سازشن ۾ وڃايائين. جڏهن شاهه حسن حملي لاءِ تيار ٿي اڳتي وڌيو، تڏهن جان ۽ مال [26] بچائي، ايڪپرو وٺي ڀڳو. هن وري سنڌ تي ٻيو حملو 1543ع ۾ ڪيو، جنهن ۾ به هو اڌورو ڪامياب ٿيو، جنهنڪري ارغون سان تڪڙو صلح ڪري، ماڳ موٽي ويو ۽ شاهه حسين اڳي کان به اڳرو رهيو.

همايون جي موٽڻ کان پوءِ، هڪڙي فوجي جانبازن جي خاندان جو اڳواڻ، مرزا عيسيٰ ترخان، جنهن ٺٽي جي حڪومت حاصل ڪئي هئي، تنهن بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو. سنڌ جو پوڙهو ۽ ڪمزور حاڪم، شاهه حسن ارغون، فساد جي سيلاب کي روڪي، تنهن کان اڳ گذاري ويو. ان کان پوءِ اڪبر اعظم، سنڌ جي صوبي کي دهليءَ جي گهراڻي جي قديمي جاگير تصور ڪري، ان کي هٿ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. 1591ع ۾، ٻه فوجون، هڪ سيوهڻ تي ڪاهڻ لاءِ ۽ ٻي عمرڪوٽ رستي (ترخان حاڪم [27]،جاني بيگ جو ڌيان ٻئي پاسي ڇڪائڻ لاءِ )روانيون ڪيائين. جاني بيگ دليريءَ سان مقابلو ڪرڻ بعد پيش پيو ۽ اڪبر هن جي عزت سان آجيان ڪندي، ڪيس پنهنجي دستور مطابق سلطنت جي اميرن ۾ هڪ اعليٰ عهدو ڏئي



سرفراز ڪيو. سنڌ صوبي کي ملتان ۽ قنڌار سان ڳنڍي، هميشه لاءِ دهليءَ جي تخت سان ملائي ڇڏيائين. ترخانن، سنڌ ۾ شاهجهان جي راڄ تائين حڪومت ڪئي، تنهن کان پوءِ، سڌو سنئون هندستان مان دِلن اڳاڙڻ ۽ حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ نائب مقرر ٿيندا هئا. ڪلهوڙن جي عروج جو باعث هو، روحاني پارسائيءَ لاءِ شهرت.اٽڪل 1450ع ڌاري،سمن جي حڪومت ۾، آدم شاهه ڪلهوڙو نالي هڪڙو دينار سنڌي [28]، محمد مهديءَ جو خليفو ۽ جانشين مقرر ٿيو. آخر هن پنهنجي خاندان جو اهڙو پڪو پايو وڌو، جنهن جلد ئي ملڪ تي سياسي طاقت ۽ اختيار حاصل ڪيو. هن جي بابرڪت اولاد پنهنجي دنيوي حالت سڌارڻ لاءِ آسپاس وارن زميندارن کي اهڙيءَ طرح سُڃو ڪرڻ شروع ڪيو، جو سترهين صديءَ جي آخر تائين پاڻ چڱا چوکا زميندار بڻجي پيا. هنن جي روز بروز وڌندڙ طاقت کي ملتان جي مغل نائب آخر روڪيو ۽ سندن لشڪر کي شڪست ڏيئي، سندن اڳواڻ دين محمد جو خاتمو ڪيو. پر هوشيار درويشن، قلات جي ٽڪرين ۾ هڪ سال جي پاڻهي پنهنجي جلاوطنيءَ کان پوءِ، موزون موقعي تي پيش پئي، اڳين گناهن جي معافي حاصل ڪئي، ۽ دين محمد جي پٽ، ميان نصير محمد جي سرڪردگيءَ هيٺ سنڌ ۾ موٽي آيا. پر هنن کي پنهنجي ڪرت بدلائڻ جو خيال ڪو نه هو. البت اهو فيصلو ڪيو هئائون ته آئندي زياده احتياط ۽ خبرداريءَ کان ڪم وٺنداسين.

پيءُ جي وفات کان پوءِ، 1708ع ۾، ميان يار محمد پنهنجي ڪٽنب جو اڳواڻ ٿيو. هن ويچار ڪيو ته ٺٽي کان وڌيڪ دهليءَ ۾ منهنجن مرادن جي برصواب ٿيڻ جو امڪان آهي، تنهنڪري هو مغليه دارالسلطنت ڏانهن روانو ٿيو ۽ آخر حيلن سان اورنگزيب کان صوبي جي حڪومت جو

پروانو ۽ ”خدايار خان“ جو لقب حاصل ڪيائين. هن به پٽ ڇڏيا: ميان مير محمد ۽ ميان داؤد خان. جن جو پاڻ ۾ گاديءَ تان جهڳڙو ٿيو. ميان مير محمد، جيڪو هڪ دلير ۽ داناءُ حاڪم ٿو ڏسڻ ۾ اچي، تنهن پنهنجي رقيب ڀاءُ کي شڪست ڏني. هن 1717ع ۾ پنهنجي اباڻي ورثي ۾ سيوهڻ جو قلعو شامل ڪيو، جو ڪيس دهليءَ جي بادشاهه محمد شاهه عطا ڪيو هو. ان کان پوءِ هن قلات جي بروهي حاڪم، مير عبدالله خان کي شڪست ڏئي ماريو، جو هن سندس ملڪ جي هيٺئين ڀاڱي تي ڪاهيو هو. 1738ع ۾ هو پنهنجي شاهي مرضيءَ کان ٺٽي جي صوبيداري حاصل ڪري، سنڌ جو حقيقي حڪمران ٿيو.

1739ع ۾ ايراني فاتح، نادر، بدبخت محمد شاهه سان عهدنامو ڪري سنڌونديءَ جي اولهه وارا سڀ ملڪ پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. ان کان اٺ ورهيه پوءِ، جڏهن شاهه اعظم (نادر شاهه) سازش جي تلوار جو شڪار ٿيو، تڏهن ابدالين جي موروثي سرخيل، احمد خان دراني [29] پاڻ کي قنڌار جو بادشاهه پڌرو ڪري سنڌ ۽ نادر شاهه جي فتح ڪيل ٻين صوبن تي قبضو ڪيو. ميان نور محمد ڀل ڏيڻ ۾ گس گساءُ ڪيو، جنهنڪري دراني مٿس ناراض ٿيو. هن هندستان کي ڪاميابيءَ سان فتح ڪري، پنهنجون واڳون سرڪش نائب کي سيڪت ڏيڻ لاءِ سنڌونديءَ ڏانهن ورايون. ميان نور محمد ڊپ وچان تر ڏانهن ڀڄي ويو، جتي هو بيمار ٿي گذاري ويو. هن کان پوءِ، سندس پٽ مراد خان سندس گاديءَ تي ويٺو ۽ خاندان جي پڳ پهرڻ لاءِ پنهنجي حاڪم جي اطاعت ڪيائين. 1756ع ۾، مراداياب خان کي سندس اميرن تخت تان لاهي قيد ڪيو ۽ هن جي خالي گاديءَ تي سندس ڀاءُ ميان عطر خان کي تاڪيائون. ٿورن مهينن جي حڪومت کان پوءِ نئين حاڪم کي



لاهي وري ٽئين ڀاءُ ميان غلام شاهه لاءِ جاءِ پيدا ڪيائون. عطر خان سنڌ مان نراس ٿي ڪابل جي دربار ڏانهن ڀڄي ويو ۽ اتي جانفشاني ڪري، وري تخت تي ويهڻ لاءِ شاهي فرمان حاصل ڪيائين. غلام شاهه جوڌپور ڀڄي ويو. جتان لشڪر وٺي اچي ڀاءُ جي مٿان ڪڙڪيو ۽ هن کي وري ملڪ مان ڀڄڻو پيو. پاڻس وري دراني دربار ۾ دانهين ويو ۽ بادشاهه پنهنجي برپا ڪيل حڪومت کي قائم رکڻ لاءِ هن کي هڪ شاهي افغان فوج سان واپس موڪليو. جنهن غلام شاهه کي ٻيو دفعو جلاوطن ڪري ڪڍيو.

سنڌ جي اميرن ۽ زميندارن جي صلاح سان ملڪ ٻن ڀائرن ۾ ورهايو ويو ۽ غلام شاهه کي ورهاست ۾ ٽيون حصو مليو. جنهن تي هن ناراض ٿي وري ڀاءُ جي خلاف بغاوت ڪئي. عطر خان، دائود پوٽن جي ملڪ ڏانهن ڀڄي ويو ۽ بهادر خان جي سام پيئي. پنهنجي حق حاصل ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. پر غلام شاهه هڪدم اڳرائي شروع ڪري، هن جي مربيءَ (بهادر خان) تي حملو ڪري ان کي ماري ڇڏيو ۽ عطر خان کي ٻيئي ڪنهن هنڌ پناهه وٺڻ لاءِ لاچار ڪيائين. هو اهڙيءَ طرح سوڀارو ٿي، سنڌ ڏانهن موٽيو ۽ قنڌار جي دربار ۾ عاقلاڻه سازشون ڪري احمد شاهه کان هڪ آزاد حاڪم جا حق نه. ته به ان جا القاب حاصل ڪري ورتائين.

غلام شاهه پنهنجي حڪومت جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۽ انتظام قائم ڪرڻ، خواهه امن امان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نهايت ڪامياب ثابت ٿيو. هن اتر سنڌ جي ڪوسن نالي هڪ ڦورو قوم کي مهلت ڏئي، دائود پوٽن کي چئن لڙائين ۾ شڪست ڏني. هن پڻ ڪراچيءَ جي پسگردائي وارا علائقا بروهين کان هٿ ڪري، پنهنجي ايراضي وڌائي ۽ ڪڇ تي اهڙو سخت حملو [30] ڪيائين جو اتان جو حاڪم ڪهڙن به نامناسب

شرطن تي صلح ڪرڻ لاءِ آماده ٿي ويو. هن پنهنجن پيٿن کي مارايو، جو هنن سندس جان وٺڻ جو منصوبو رٿيو هو ۽ سندن پيءَ عطر خان آڻ مجڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نہ ڏسي، پاڻ کي هڪ مشرقي پاڃ جي رحم و ڪرم تي اڇلائڻ جي خطرناڪ آزمائش ڪرڻ جي همت رکي. 1765ع ۾، غلام شاھ حيدرآباد جي قلعي جو پايو وڌو. جنهن کان ڇهہ ورهيہ پوءِ هو مري ويو. هن جي ڪن پرمي هموطنين جو چوڻ آهي تہ هو هڪ فقير جي پاراتي ڪري مري ويو، جنهن جي جهوپڙي هن پنهنجي محل اڏائڻ لاءِ ڊهرائي هئي.

غلام شاھ جي گاديءَ تي سندس وڏو پٽ، ميان سرفراز خان ويٺو، جنهن افغان بادشاھ کان حڪومت جي بحاليءَ جو فرمان ۽ هڪ اعليٰ خطاب حاصل ڪيو. هن ٽالپر بلوچن جي قومي سردار، مير بهرام [31]، کي مارائي، هڪ موتمار غلطي ڪئي. هن هڪ ٻيو بہ اهڙو ئي گهاتڪ قدم کنيو جو انگريزن جي ڪوٺيءَ کي ٺٽي مان نيڪالي ڏنائين. هن جي ظلم ۽ زبردستيءَ رعايا کي اهڙو خفي ڪيو، جو هنن سندس حڪومت جي پنجين سال ۾ منصوبو رٿي، کيس ٻڌي بند ۾ رکي ڇڏيو.

سرفراز جي معزوليءَ کان پوءِ سندس ڀاءُ ميان محمد خان کي مسند تي ڪڙو ڪيو ويو. اٽڪل ڏهن مهينن جي راڄ کان پوءِ، هو بہ حڪومت جي لائق ثابت نہ ٿيو ۽ کيس سندس ڀاءُ جهڙي قسمت نصيب ٿي. هاڻي سنڌ جي سردارن، جن ۾ سرڪش بلوچن پنهنجي سالار مير فتح خان جي هٿ هيٺ خاص بهرو ورتو، هنن پاڻ ۾ مشورو ڪري، غلام شاھ جي ڀائٽي ميان صادق علي خان کي پاڻ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو. پر هن کي بہ هڪ سال جي عرصي اندر برطرف ڪري قيد ڪيو ويو.



1778ع ڌاري، سابق حاڪم صادق عليءَ جو چاچو، غلام نبي، پڪيءَ راجا نالي هڪڙي اتر واري ڪلهوڙي سردار جي مدد سان، حڪومت جي گاديءَ تي سرفراز ٿيو.

هن جيڪو پهريون قدم کنيو، سو هو ٽالپرن جي عداوت ڪرڻ. هن کي ڊپ ٿيو تہ مقتول بهرام جو پٽ، مير بجر، جيڪو پنهنجي پيءُ جي قتل وقت مڪي ڏانهن حج تي ويل هو، سو جيڪڏهن موٽيو تہ هو کيس سندس پيٿي جي ڏوھ جي سزا ضرور ڏيندو. تنهنڪري هن مسقط جي عربن سان سازش سٽي، دشمن کي هر ذريعي مارائڻ يا قيد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر هو ناڪامياب ٿيو ۽ اڳرائيءَ جو بدلو اهو مليس جو بلوچ قوم ۽ ان جي موروثي اڳواڻ سان لڙائي ڪندي جان ڏنائين.

ڪلهوڙن جي ڪمزور گهراڻي جو پويون حاڪم، غلام نبيءَ جو ڀاءُ ميان عبدالنبي هو. هن پنهنجي حڪومت جي شروعات سرفراز خان کي نظربند ڪرڻ ۽ ٻين عزيزن جي قتل سان ڪئي، جيڪي سندس اختياريءَ جي رستي ۾ وڏي رڪاوٽ هئا. مذهبي تعظيم هن جي خاندان جو جنمي حق هو. هو ان تي آسرو رکي همت ڪري حيدرآباد جي قلعي مان ٻاهر نڪتو ۽ فاتح بجر سان مليو، ڪانئس ۽ هن جي ٻين سيني ماڻهن کان اطاعت جو سُنهن کڻايو. عبدالنبيءَ بلوچن ۽ سندن بهادر سردار جي مدد سان پنهنجي پيٿي عزت يار خان کي شڪست ڏيئي، ڀڄارائي ڪڍيو، جيڪو قنڌار جي درٻار مان فرمان وٺي، افغانن جي فوج سان سنڌ تي پنهنجو حق ڄمائڻ آيو هو. ناشُڪر ڪلهوڙي، پنهنجي بااثر ملازم کان ڊپ ۽ حسد وچان سندس خدمت جو صلو کيس اهو ڏنو جو هن کي فريب سان مارائي ڇڏيائين. ان کان پوءِ نهايت چالاڪي ڪري پاڻ کي ميربجر جي پٽ مير عبدالله ۽

مير صوبدار پٽ مير فتح خان اڳيان. پاڻ کي انهيءَ جرم کان بيقصور ثابت ڪري ڏيکاريائين. ان کان پوءِ جلد ئي هنن کي ريهي ريبي پاڻ وٽ دعوت ڏيئي، گهرائي، مارائي ڇڏيائين. بلوچن کي هن ارهه زورائيءَ تي بيحد غصو آيو ۽ هڪدم هٿيار کڻي، مير بهرام جي پوٽي مير فتح علي خان ۽ هن جي پائٽي سهراب خان جي سرڪردگيءَ هيٺ حيدرآباد تي چڙهائي ڪيائون. 1781ع ۾ عبدالنبي ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو ۽ اهڙيءَ طرح ڪلهوڙن جي گهراڻي جو خاتمو ٿيو.

ٽالپر سردار، حيدرآباد ۾ فاتحانه انداز سان داخل ٿيا ۽ خاندان جي سردار، مير فتح علي خان، هڪدم پنهنجي نئينءَ مسند کي مضبوط ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو. ڇاڪاڻ ته هن کي خبر هئي ته ڪيس هر طرفان خطرو آهي. مگر هن پاڻ کي پنهنجي ڪٽنب جي حرڪتن کان بچائڻ لاءِ اهڙو ته ظاهر ظهور فڪر ڏيکاريو، جو سندس پائٽي سهراب ۽ مير فتح علي خان جي پٽ مير ٺاري، ٻڃي تختگاهه مان ڀڄي، وڃي خيرپور ۽ شاهه بندر جا شهر وٺي، آسپاس وارن علائقن تي قبضو ڪيو ۽ آمدنيءَ جو ڪجهه حصو تيمور شاهه ڏي موڪلي پنهنجي لوپي عزيز جي اطاعت کان منڪر ٿيا. اهڙيءَ طرح ملڪ ٽن آزاد رياستن ۾ ورهايو ويو ۽ جيستائين انگريزن جي فوج ان کي فتح ڪيو، تيستائين انهيءَ حالت ۾ رهندو آيو.

ميرن جي حڪومت جي شروعات 1786ع کان سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته تيمور شاهه [33]، سندن فرمانروائي انهيءَ وقت تسليم ڪئي هئي. جڏهن تيمور شاهه گذاري ويو، تڏهن هن جي جاءِ نشين زمان شاهه سنڌ جو خراج پنهنجي سر پاڻ وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڇاڪاڻ ته مير فتح علي، مير سهراب ۽ مير ٺارو خراج جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي ڪندا هئا. ۽



انهيءَ ارادي سان هو ملتان تائين آيو. اُترئين ڪٽڪ اڳيان ٽيئي حاڪم پڇ پائي وٺي پڳا ۽ پڇتاءُ ظاهر ڪري وعدو ڪيائون ته وري اهڙي غفلت نه ڪنداسين. مير محمد وزير جي دوستانه سفارش جي ڪري، بادشاهه هنن کي معافي ڏيڻ قبولي ۽ ڪين حضور ۾ اچڻ جي اجازت ڏني وئي. جڏهن ٻاهرين حملي جو خطرو دور ٿي ويو، تڏهن وري ٽالپرن ۾ خانه جنگيءَ منهن ڪڍيو. مير سهراب جو خيال هو ته مير فتح عليءَ کي لاهي، معزول ٿيل عبدالنبيءَ جي پٽ غلام حسين کي مسند تي ويهارجي. مير فتح علي خان هڪدم پنهنجا رشتيدار ۽ پوئلڳ گڏ ڪيا ۽ ٻيئي ڌريون ميدان تي نڪري نروار ٿيون. مگر قوم جي زالن همت ڪري پاڻ کي مخالف ڌرين جي تلوارن جي اڳيان اڇلائي، ڪين خانه جنگيءَ کان باز آندو. جيڪڏهن هو ائين نه ڪن ها ته جيڪر خون جون نديون وهي وڃن ها.

جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي ته ٽالپرن جو خاندان ٽن شاخن ۾ ورهايل هو. جي سڀ ساڳيئي ٽُڙ جون ٽاريون هيون. حيدرآباد يا شهدادپور جو خاندان، وچ سنڌ ۾ حڪومت ڪندو هو. ميرپور يا ماڻڪاڻي ميرن جو گهراڻو، جيڪو مير ٺاري جي نسل مان هو، سو حيدرآباد جي اوڀر ۾ ميرپور نالي پرڳڻي تي راڄ ڪندو هو. خيرپور واري يا سهراباڻي شاخ، مير سهراب جي نسل مان هئي، جنهنڪري اها اتر سنڌ جي طرف خيرپور ۾ صاحبي ڪندي هئي. حيدرآباد گهراڻي جي سردار، مير فتح علي، پنهنجي خاندان جي قوت ۽ عظمت اتفاق رستي برقرار رکڻ لاءِ هڪ عجيب رٿ ڳولي ڪڍي، جنهن موجب هن پنهنجي ٽن ننڍن ڀائرن: مير غلام علي، ڪرم علي ۽ مراد علي کي حڪومت ۽ راڄڌانيءَ ۾ شريڪ ۽ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو، ۽ پوءِ چئني ڄڻن گڏجي سنڌ جي امير يا حاڪم جي حيثيت ۾ حڪومت ڪرڻ قبول ڪئي.

هنن جو پاڻ ۾ جيڪو حقيقي يا ظاهري اتفاق ۽ ميل جول هوندو هو، تنهن لاءِ کين ”چئن يارن“ جو خطاب ڏنو ويو آهي. هنن جي ٻڌي، سندن دشمن جي دلين تي سچ پچ هڪ قسم جو لرزو ۽ هراس پيدا ڪندڙ هئي. هنن ڪلهوڙن جي قوم کي وڏي سختيءَ سان نيچو نوايو، ۽ ٻين انهن سيني قومن، جن جي مغز ۾ بغاوت جي هوا هئي. تن کي هيسائي ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو. هنن ڪراچي ۽ عمرڪوٽ، جيڪي شهر عبدالنبيءَ قلات ۽ جوڌپور جي حوالي ڪيا هئا، وري هٿ ڪري، پنهنجي حڪومت جون حدون وڌايون ۽ انتهائي ڪوشش ۽ وڏي جفاڪشيءَ سان افغان بادشاهه جي درٻار ۾ پنهنجو رسوخ قائم ڪيو.

فتح عليءَ خزانو ۽ ملڪ پنهنجن ٽن ڪمزور ڀائرن ۾ اڻپورن ڀاڱن ۾ ورهائي [34]، پنهنجي صغير پٽ صوبدار کي حصي ڏيڻ کان سواءِ، 1801ع ۾ گذاري ويو. هو حڪومت جي خرچ پکي ۽ ڪابل کي باقاعدي خراج پهچائڻ [35]، جو پڻ انتظام ڪري ويو هو. هن واقعي حڪومت جي جاگيرداري سرشتي ۾ ڪجهه ڦيرو آندو هو. حاڪم گڏجي ”ميرن“ جي خطاب سان حڪومت ڪرڻ لڳا، پر ساڳئي وقت هنن ۾ جيڪو وڏو هو، تنهن کي رئيس يا خاندان جو اڳواڻ بڻايو ويو ۽ هن کي ايتري اختياري سونپي ويئي جو حڪومت ”خانداني“ رنگ اختيار ڪيو.

1811ع ۾، رئيس غلام علي شڪار ڪندي مارجي ويو. پويان هڪ پٽ مير محمد نالي ڇڏي ويو، جيڪو ان وقت ارڙهن ورهين جو هو. انهيءَ شهزادي ۽ هن جي سؤٽ صوبدار کي، سندن چاچن حڪومت ۾ شريڪ ٿيڻ نه ڏنو، ۽ پنهنجي باقي زندگيءَ جا ڏينهن گڏجي ملڪ تي راڄ ڪيو. ڪرم علي 1828ع ۾، بنان اولاد وفات ڪري ويو. مراد عليءَ به پٽ



ڇڏيا: هڪڙو مير محمد ۽ ٻيو نصير خان. 1840ع تائين حيدرآباد جي حڪومت مير محمد (رئيس)، هن جي ڀاءُ نصير خان ۽ سندن ٻين سؤٽن صوبدار ۽ مير محمد هلائي. 1839ع ۾ انگريز سرڪار سان جيڪو ميرن جو عهدنامو ٿيو، تنهن گهرو اثر جي جاءِ تي بيروني اثر آڻي ”رئيس“ جي موروثي عهدي کي سخت صدمو پهچايو. ٻه سال پوءِ، جڏهن مير محمد مري ويو، تڏهن هن جي پٽن مير حسين کي سندن چاچي مير نصير خان جي سنڀال هيٺ سندس ملڪيت مان حصو ڏنو ويو. مير نصير خان نالي ۾ ته مکيه امير هو، پر کيس پنهنجن ڀائٽين جي ڪاروبار تي ڪو به ضابطو ڪو نه هوندو هو.

خيرپور ۽ ميرپور جي گهراڻن جي حڪومت يا انتظام ۾ ڪا به اهڙي نمايان ڳالهه نه آئي آهي، جنهن جو ذڪر ڪجي. سواءِ انهيءَ ڳالهه جي ته خيرپور جي خاندان زوريءَ اسان جي هٿ ۾ ملڪ اچلائي ڏنو، جيئن هاڻ ڏيکاريو ويندو ۽ فقط هڪڙي امير، جنهن پنهنجي ٻانهن جي قوت سان اسان جي هٿيارن جو مقابلو ڪيو، سو ميرپور جي خاندان مان هو.

سنڌ ۽ هندستان جي انگريز سرڪار جو ناتو، 1758ع ڌاري شروع ٿيو، جڏهن ”ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ“ کي غلام شاهه ڪلهوڙي کان ٺٽي ۾ ڪارخاني کولڻ ۽ وڪيل رهائڻ جي اجازت ملي. 1775ع تائين ٻنهي حڪومتن جي وچ ۾ نهايت دوستانه سياسي تعلقات ۽ تجارتي اتفاق رهيا، جي سرفراز ڪلهوڙي اوچتو ۽ سواءِ ڪنهن سليقي يا تميز جي ٽوڙي ڇڏيا.

ارڙهينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ مڪاني ۽ گهرو سرڪار پوري سنڌ سان دوستانه وهنوار رکڻ جو فيصلو ڪيو. ظاهري طور ته اهو فيصلو واپار لاءِ هو، پر حقيقت ۾ ميسور جي روز بروز وڌندڙ اثر ۽ ڪابل درٻار جي زوراور

ارادن کي روڪڻ جي مراد سان، وقت جو حاڪم مير فتح علي خان، خوشي سان ڪمپنيءَ جي انهيءَ راءِ ۾ شامل ٿيو. سندن ٺٽي وارو پراڻو ڪارخانو ڪيس واپس ڪيائين ۽ بمبئيءَ جي سول سروس واري وڪيل، مسٽر نائن ڪرو کي نهايت احترام سان پيش آيو. مگر ڏيهي واپارين منصوبا ۽ سازشون شروع ڪري ڏنيون، جن ۾ ٻين مصلحتي سببن ڪري انگريزن جي عيوضين کي بيدخل ٿيڻو پيو. اسان جي اختياريءَ وارن حرڪتي ماڻهن کي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي. ڏٺو ويو هو تہ سنڌ مان ڪو خاص تجارتي فائدو حاصل ڪو نہ ٿي ٿيو ۽ سياسي افق بہ وري روشن ۽ صاف ٿي چڪو هو.

1809ع ۾، نيپولين جون اسان جي هندستاني سلطنت ۾ اکيون هيون، تنهنڪري اسان کي لاچار ايران، ڪابل ۽ سنڌ جي تاجدارن ڏانهن سفارتون موڪلڻيون پيون. سنڌ جي دربار نهايت بي مروتيءَ سان پيش آئي ۽ گهڻين محنتن ۽ ڪشالن کان پوءِ، لارڊ منٽو جي نگرانيءَ هيٺ مسٽر هئنڪي سمٿ جي مدد سان، ڪمپني ۽ ٽالپر اميرن جي وچ ۾ 22 آگسٽ تي عهدنامو دستخط ٿيو. ان جا مکيہ شرط هيءُ هئا: ”دائمي دوستي“، ”هڪٻئي ڏي دوستانہ سفارتون موڪلڻ“ ۽ ” ڌارين، خاص ڪري فرانسيسي لوڪن ۽ آمريڪا وارن کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ.“

ڪجهہ سال دوستيءَ جا بند قائم رهيا، پر 1825ع ۾ اسان جي دوست، ڪڇ جي راجا تي بي سبب حملو ڪيو ويو ۽ ڪوسن ۽ ٻين غارتگر قومن اسان جي حدن اندر بورشون ڪيون، جنهنڪري ميرن کي ڊيڄارڻ لاءِ اسان کي 5000 يا 6000 ماڻهن جو انگريزي لشڪر سنڌ جي سرحد تي جمع ڪرڻو پيو. ان جو اثر اهو ٿيو جو شڪايت جو سبب هڪدم هٽايو ويو.



1830ع ۾، سر اليگزينڊر برنس، جو ان وقت اڃا ليفٽيننٽ هو، سنڌونديءَ جي رستي پاڻيءَ جي اوپاري مسافري ڪري رنجيت سنگهہ جي دربار ۾ پهتو. هن جيڪو سنڌونديءَ جو احوال پيش ڪيو ۽ سنڌونديءَ جي ٻن وارن ۽ پرين ملڪن مان جي فائدا حاصل ٿي سگهيا ٿي، تن جو نقشو چٽي ڏيکاريو. انهن سببن انگريز سرڪار کي سنڌ جي دربار سان وري ٻيهر دوستانہ تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. لارڊ وليم بينٽڪ ۽ خيرپور گهراڻي جي رئيس مير مراد عليءَ جي وچ ۾ بہ عهدناما صحيح ٿيا: هڪڙو 1832ع ۾، ٻيو 1834ع ۾. انهن عهدنامن مطابق انگريز سرڪار جي من جي پراڻي منشا پوري ٿي  ڪين سنڌ مان لنگهڻ جي اجازت ۽ سندن واپارين ۽ سوداگرن کي سنڌوندي ڪم آڻڻ جي موڪل حاصل ٿي. ٻئي طرف حيدرآباد دربار جا هيءَ شرط هئا: (1) تہ ڪي بہ هٿياربند ٻيڙيون سنڌونديءَ ۾ اوپاريون يا لهواريون هلايون نہ وينديون، (2) ملڪ مان ڪنهن بہ جنگي ساز سامان جي آمد و رفت نہ ٿيندي، (3) ڪڇ جي دربار ۾ جيڪو انگريزي سفير هو تنهن جي اجازت نامي کان سواءِ سنڌ ۾ ڪو انگريز نہ رهندو ۽ نہ وري ڪو ڏيهي واپاري ايندو. محصول ۽ ڍلون هميشہ لاءِ مقرر ڪيو ويون. مگر ڳرن محصولن ۽ مسافريءَ جي غير سلامتيءَ ڪري واپار پنپي پوڻ لڳو. انگلنڊ ۾ هڪ انڊس نيويگيشن (سنڌونديءَ جي جهاز رانيءَ جي) ڪمپني ٺاهي ويئي ۽ ماهرن سنڌونديءَ جي ڪناري ۽ وچ جون تفصيلوار ماپون وٺي، نقشا تيار ڪيا، پر تنهن هوندي بہ واپار ترقي ڪا نہ ڪئي.

جون 1838ع ۾ شاهہ شجاع، رنجيت سنگهہ ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ ٽہ - طرفو عهدنامو صحيح ٿيو. افغان بادشاهہ کي وري سنڌس ملڪ تي ٿاڦڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ساڳئي سال جي سرءُ ۾، انگريزن جي هڪ وڏي فوج

اتر سنڌ جي رستي، بولان جي دڙي ڏانهن موڪلي ويئي ۽ ساڳئي وقت سپهه سالار سرجان ڪين جي هٿ هيٺ بمبئيءَ مان سپاهين کي حڪم ڏنو ويو ته سنڌونديءَ جي چوڙ وٽ لهي، درياءَ جو الهندو ڪپ وٺي وڃي مکيه لشڪر سان ڳنڍجن. اسان جي اها چال سنڌ جي ڏيهي حاڪمن لاءِ موتمار هئي. 1838ع جي شروعات ۾، هنن پنجاب جي حاڪم جي دڙڪن کان ڊڄي، انگريزن جي مداخلت جو فائدو ورتو هو ۽ انهيءَ خدمت جي عيوض حيدرآباد ۾ هڪ مختار ڪل جو رهائڻ قبول ڪيو هئائون. ڪرنل پاٽنجر، جنهن کي انهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو ويو هو، تنهن کي گورنر جنرل لارڊ اڪلنڊ هدايت ڪئي ته ميرن کي خبردار ڪري ته عهدنامي جي شرطن خلاف فوجي اسباب ڪٽي وڃڻ لاءِ سنڌوندي ڪم آندي ويندي. هن موقعي تي ڏيهي حاڪمن جي روش بلڪل ايشيائي [36] وضع جي هئي. هنن سڀ وعدا ڏنا، پر پاڙيائون هڪ به نه. پنهنجن وعدن تي عمل ڪرڻ کان نٽائڻ لاءِ هر نموني جا حيلا هلايائون. سياسي عملدارن جي غير معمولي ڪشالن بعد، آخر بمبئيءَ واري فوج لاءِ وهٽ مهيا ڪري ڏنا ويا. گهڻي محنت ۽ تڪليف کان پوءِ لشڪر نٽي پهتو. پوءِ ته سنڌي حاڪمن جي روش اهڙي مخالفت [37] جي صورت اختيار ڪئي، جو بمبئيءَ مان هڪ خاص فوج ڪراچيءَ موڪلي وئي. فوج کي حڪم ڏنو ويو ته بنگال جي لشڪر جي هڪ دستي سان، جيڪو سنڌنديءَ جي رستي حيدرآباد ڏانهن روانو ٿي ويو هو، گڏجي ڪارروائي ڪري. تختگاهه ۾ پهچڻ کان اڳ، سرجان ڪين، ميرن ڏانهن هڪ شڪايتن جي يادداشت موڪلي. ساڳئي وقت کين اهو ٻڌايو ويو ته پنج سؤ انگريزي سپاهي سنڌ ۾ رکيا ويندا، جن لاءِ ٽي مير [38] هڪ لک رپيا ساليانه ڀري ڏين. سرجان ڪين جي وڃڻ کان پوءِ ڪرنل پاٽنجر هڪ ٻيو عهدنامو لارڊ آڪلنڊ جي مهر ۽ صحيح سان آندو، ان ۾ ڏيهي حاڪمن جي



مستقبل جي آزاديءَ جي خاطري انهيءَ شرط تي ڏني وئي هئي ته هو شاهه شجاع جي خراج جي بقايا چڪتو ڪندا. حيدرآباد جي اميرن [39] ان تي صحيح ڪرڻ قبول ڪئي ۽ ساڳئي وقت ان جي خلاف اپيل ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل ڏانهن هڪ وڪيل موڪليائون. دستاويز تي مهر ڪيترن مهينن جي گذرڻ کان پوءِ لڳائي وئي هئي.

افغانستان ۾ انگريزن جي ڪاميابيءَ ۽ ميجر آئوٽرام، جيڪو ڪرنل پاٽنجر جي جاءِ تي حيدرآباد جي دربار ۾ سياسي وڪيل مقرر ٿيو هو، تنهن جي محنت ۽ ڪشالن آخر ميرن ۽ سندن حقن ۾ جيڪي بيجا دخلي ڪئي وئي هئي، تنهن تي راضي رهيا.

1840ع جي پڇاڙيءَ ۾ وري حالتن جي صورت بدلجي وئي، جڏهن مريءَ جي جبلن ۾ اسان شڪستون کاڌيون ۽ شال ۽ قلات ۾ مذهبي جوش جي ڪري هنگاما برپا ٿيا. جن بلوچن جي دل ۾ وري آزاديءَ جو روح اڀاريو. سکر ۾ جيڪي سردار پيش پيا هئا، تن جي اسان جي سياسي وڪيل هتڪ ڪئي هئي، تنهنڪري اتر- سنڌ جي پهاڙي قومن ۾ ڏاڍو تاءُ هو. قومن جي اُٽر عداوت حاصل ڪرڻ کان پوءِ وري انهن جي سردارن کي آزاد ڪيو ويو هو. خانه جنگيءَ به ڏيهي حاڪمن جي دلين ۾ سخت اضطراب پيدا ڪيو. خيرپور خاندان جو رئيس، مير رستم، هڪ عياش ۽ عمر رسيده شخص هو. هو ٻاهتر جي عمر کي پهچي چڪو هو. امڪان هو ته هو ڪنهن به رات مري پوي، انهيءَ واقعي جي انتظار ۾ ٽيئي ڌريون ڪمر ٻڌي، وڙهڻ لاءِ تيار ويٺيون هيون. رئيس جي ننڍي ڀاءُ علي مراد، جيڪو هن وقت تائين انگريزن کان ڪليو ڪلايو پاسو ڪيو ويٺو هو، تنهن هاڻي اڳتي وڌي گهُر ڪئي ته اوهان وچ ۾ پئي، منهنجي ۽ مير وڏي جي وچ ۾ جيڪي اختلاف

آهن. تن جو فيصلو ڪيو. فيصلو نندي مير جي فائدي ۾ ويو. جو هڪ حريف، لالچي ۽ بي اصول شخص هو. جڏهن هن ڏٺو ته اسان کي ڪيترو فائدو ٿيڻ وارو آهي، تڏهن هو اسان جو اوچتو بهترين ۽ نهايت سرگرم دوست ٿي پيو.

ڪابل ۾ جڏهن اسان سان خوفناڪ حادثو ٿيو تڏهن سنڌين ۽ سنڌن حاڪمن اسان جي خلاف ڪو به قدم ڪو نه کنيو. اها ڳالهه عام طرح تسليم ڪئي وئي آهي ته هي ميجر آئوٽرام وڪيل جي شريف ۽ عاقلاڻي رويي جو نتيجو هو.

1842ع جي سرءُ ۾، سرچارلس نيپيئر ڪراچي پهتو. اڳوڻو سارو انتظام رد ڪري، هن کي سنڌونديءَ جي هيٺئين حصي واريءَ ايراضيءَ جي مٿان، سموري فوجي ۽ سياسي اختياري ڏني وئي هئي. نامور سپاهي (نيپيئر) حيدرآباد ۾ ميرن سان ملاقات ڪري سکر ڏانهن روانو ٿيو. ساڳئي وقت هن هڪڙو خط ۽ نئون عهدنامو هڪڙي عملدار هٿان ڏيهي حاڪمن ڏي صحيح لاءِ موڪليو. ميرن کي سنڌن اڳين روش جي سزا ڏيڻ لاءِ، لارڊ ايلنبرو ڪانئن گهُر ڪئي ته ڪراچي، ٺٽو، سکر، بکر ۽ روهڙيءَ جا شهر ۽ درياءَ جي ٻنهي ڪپن سان زمين جا پٽا [40] هميشه لاءِ انگريزن جي حوالي ڪيا وڃن. سنڌ جي سموري علائقي ۾ آمد و رفت تي محصول بند ڪيو وڃي، ۽ روهڙيءَ ڪان اتر واري سموري ايراضي (سبزالڪوٽ تائين) بهاولپور جي نواب کي ڏني وڃي. خيرپور جي خاندان کي اطلاع ڏنو ويو ته وڏي مير رستم کي معزول ڪري، هن جي جاءِ تي سندس نندي ڀاءُ کي ”رئيس“ جو منصب ڏنو ويندو ۽ ان سان گڏ ڪيس پنهنجي ٻيءُ آمدني کان سواءِ اتر سنڌ جي سترهن اميرن جي ملڪيت مان جا پيدائش وصول ٿيندي. تنهن جو



چوٿون حصو به ڏنو ويندو. ميرن به دفعا پنهنجا وڪيل جنرل ڏانهن موڪليا، جن ڪيس سمجهايو ته انهن شرطن قبول ڪرڻ جي ڪري ميرن جي آمدنيءَ ۽ عزت کي نقصان رسندو. سرچارلس نيپيئر ڪين جواب ڏنو ته مون جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو گورنر جنرل جي حڪم پٽاندڙ ڪيو آهي.

سرچارلس نيپيئر، ميرن کي سوچڻ ۽ صلاح ڪرڻ لاءِ وقت ڪو نه ڏنو، هنن کي چتايو ويو ته جيڪڏهن عهدنامي تي صحيح نه وجهندؤ يا گُس - گُساءُ ڪندؤ، ته ٻنهي گادين تي چڙهائي ڪئي ويندي. هڪڙو لشڪر جو دستو اڳيئي روانو ڪيو ويو هو. مير رستم خان، خيرپور مان ريگستان ڏانهن ڀڄي ويو، جتي انگريز سپهه سالار سندس پيڇو ڪيو. انهيءَ وچ ۾ ميجر آئوٽرام، جنهن جو سنڌ ۾ سياسي عهدو ختم ڪيو ويو هو، تنهن کي بمبئيءَ مان وري موٽائي گهرايو ويو ۽ هو اچي سرچارلس نيپيئرسان ڏيجيءَ جي قلعي ۾ گڏيو. فوج جو هڪڙو دستو [42] مير جي پنيان امام ڳڙهه تائين ڪڍيو ويو، جو اوپر طرف ريگستان ۾ هڪ ننڍو ڪوٽ هو. قلعو ويران ڏسي هو ڪيس باروت سان اڏائي، واپس موٽيو. ميجر آئوٽرام اڪيلو مير رستم جي منزل تي ويو ۽ مير جي پٽ ۽ پائٽي کي سپهه سالار اڳيان وٺي آيو. مگر ايندڙ طوفان کي هينئر ڪا به شيءِ روڪي نٿي سگهي.

حڪمن مطابق سرچارلس نيپيئر، 2700 سپاهين جي هڪ مختصر فوج سان، جنهن ۾ سيني قسمن جي هٿيارن وارا سپاهي اچي ٿي ويا، سنڌونديءَ جو اپرندو ڪپ وٺي حيدرآباد تي چڙهائيءَ لاءِ نڪتو. ان جي اڳيان ميجر آئوٽرام، 22 پلٽڻ جي مختصر حفاظت هيٺ تختگاهه طرف روانو ٿيو. 14 فيبروري 1843ع تي اميرن زور جي اڳيان زاري ڪري، بلوچ جاگيردارن جي سخت ناراضپي هوندي به عهدنامي جي مسودي تي پنهنجون

مهرون لڳايون. انهيءَ غلط اميد ۾ تہ هيٺاهين وٺڻ ڪري بالا اختياريءَ وارا مير رستم جي درخواست جو موچارو ويچار ڪندا. جيتوڻيڪ وڪيل ڪين اهڙيءَ خاطريءَ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو هو، تنهن هوندي بہ سرچارلس نيپيئر اڳتي هلندو هليو. آخر بلوچ قوم جا ماڻهو، جي مشوري لاءِ گڏ ٿيا هئا، تن نهايت جوش ۽ غصي جي حالت ۾ ميجر آئوٽرام ۽ سندس ساٿين تي حيدرآباد جي قلعي کان موٽڻ وقت حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ميرن کي انهيءَ منصوبي جي وقتائتي سُڌ پئجي ويئي، تن وڪيل کي پنهنجن مکيہ سردارن جي حفاظت هيٺ سلامتيءَ سان سفارتخاني ۾ پهچايو. مير نصير خان جڏهن ڏٺو تہ سندس جوشيلا پوئلڳ قبضي مان نڪري ويا آهن، تڏهن ميجر آئوٽرام ڏي نياپا ۽ خط موڪلي، ڪيس خطري کان آگاهہ ڪيو ۽ منٿ ڪيائينس تہ حيدرآباد جي پسگردائيءَ مان هڪدم هليو وڃي.

15 فيبروري 1843ع جي بلوچ سوارن ۽ پيادن جي هڪ وڏي ڊنبلي درياءَ جي ايرندي ڪپ تي ميجر آئوٽرام تي سفارتخاني ۾ (جنهن کي هڪ ننديو ڪوٽ ڏنل هو) حملو ڪيو. دشمن جي بيشمار تعداد سان چئن ڪلاڪن جي بهادرانہ مقابلي کان پوءِ، انگريزن جي فوج، فقط بہ ماڻهو وڃائي، ڪئپٽن ڪانوئي جي سرڪردگيءَ هيٺ باترتيب نموني ۾ هٽي، جهازن ۾ سوار ٿي، سنڌونديءَ رستي سالار [43] سان شامل ٿيڻ لاءِ رواني ٿي.

17 تاريخ، مياڻيءَ جي مشهور لڙائي ٿي، جنهن ۾ سرچارلس نيپيئر ۽ هن جي ننڍڙي فوج، ڪمال حرفت ۽ نهايت دليريءَ سان توبن جي سايي ۾ ويٺل دشمن جي مورچہ بند ڪٽڪ تي فيصلہ ڪُن فتح پاتي. حيدرآباد ۽ خيرپور جا مکيہ مير، جنرل جي اڳيان پيش پيا، جو سفارتخاني ۾ ديرو ڪري،



دارالسلطنت ۾ داخل ٿيو ۽ قلعي جي خزاني تي قبضو ڪيو هئائين.

مگر سنڌ ۾ جنگ اڃا ختم ڪا نہ ٿي هئي. ملڪ جي مختلف حصن ۾ اسان جي فوجي دستن تي حملا ڪيا ويا، مگر هر حالت ۾ سپاهين انهن کي بهادريءَ ۽ منتظم نموني ۾ هٽايو. 24 مارچ تي سرچارلس نيپيئر سکر مان ڪمڪ ملڻ کان پوءِ، پنج هزار ماڻهن سان دٻي جي ڳوٺ ۾ ويهہ هزار بلوچن تي حملو ڪيو، جيڪي ميرپور جو والي، شير محمد ساڻ وٺي ميدان ۾ نڪتو هو. دشمنن شڪست فاش کاڌي ۽ سندن سردار ريگستان ۾ ڀڄي ويو، عمرڪوٽ ۽ ميرپور جي قلعن پنهنجا دروازا کوليا ۽ ٽالپر گهراڻي جو اڏوهيءَ کاڌل تخت، هميشہ لاءِ ڪري پيو. فاتح سنڌ کي انهيءَ صوبي جي حڪومت ۽ سالاري سونپي ويئي، جو هن پنهنجي بهادريءَ سان هٿ ڪيو هو. سڄي ملڪ ۾ ڍل جي وصوليءَ ۽ عدل انصاف جي انتظام لاءِ انگريز عملدار مقرر ڪيا ويا.

شڪست خورده امير، يعني حيدرآباد مان نصير خان ۽ هن جا پاٽئتيا، شهداد ۽ حسين علي، مير محمد ۽ صوبدار [44] سميت، ۽ خيرپور وارا مير رستم خان ۽ هن جا پاٽئتيا نصير خان ۽ ولي محمد، ۽ ٻيا نظر بند ڪري، بمبئي موڪليا ويا، جتان 1844ع ۾، کين بنگال موڪليو ويو، جتي انهن مان ڪي اڃا هڪڙي قسم جي شاهي بنديخاني ۾ رهن ٿا. تحقيق هو هينئر ڪِريل عظمت جي هڪ دڪدائڪ تصوير آهن.

باب ٻيو

## سنڌونديءَ جو قديم پيٽ، ڏيهي حاڪمن جي حڪومت ۾ واهن رستي آبادي ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڍلن جو سرشتو

آڳاٽي سمي ۾ سنڌوندي ڪٿان وهندي هئي، تنهن بنسبت ايترو ڪجهه لکيو ويو آهي جو هاڻ باقي اهڙي ڳالهه ڪا نه رهي آهي، جنهن جو هت ذڪر ڪجي. سڪندر جي ڏينهن ۾ ان جو وهڪرو ڪٿان هوندو هو، تنهن بنسبت جيڪي رايا آهن ۽ ان مسئلي جي تائيد ۽ ترديد ۾ جيڪي دليل ڏنا ويا آهن ته سندس پراڻو پيٽ هاڪڙي وهڪري جي اوپر ۾ هوندو هو، تنهن تي اڳيئي گهڻو بحث ٿي چڪو آهي.

سنڌ جي رهاڪن به هاڻي انهيءَ کوجنا ۾ ڪجهه قدر بهرو وٺڻ شروع ڪيو آهي. پر اصل مشرقي ماڻهن جي عادت موافق هو تحقيقات کي غير عقلي، عجيب ۽ منجهائيندڙ ۽ واهيات ڳالهين سان وچڙايو ڇڏين. حيدرآباد ۾ هڪڙي بڍي، جنهن کان ان مسئلي بنسبت پڇا ڪئي وئي، تنهن مون کي خاطري ڏني ته سندس پيءُ جي ڏينهن ۾، جتي هاڻي اسان جي ڪاهي ڏنل ڇانوڻي آهي، اتان درياءُ پار ڪري سامهين ڪپ تي ڪوٽڙيءَ وڃي سگهبو هو. ماڻهو [1] پورالي نديءَ جي ڦيرين گهيرين بنسبت لڪيل ڳالهين، روايتن ڏند ڪٿائن سان پريا پيا آهن. وڏي ڳالهه ته هو ان ڳالهه بابت قياس آرائيءَ کان به ڪم وٺندا آهن. مثلاً ڪي چوندا ته سنڌ جي اوپارينءَ حد تي، جيڪا پراڻي ندي آهي، سا درياءُ جو اصل پيٽ هوندي هئي ۽ انهيءَ قول جي ثابتيءَ ۾ هو ان جو نالو (پراڻ) پيش ڪن ٿا. تنهن کان پوءِ سنڌوندي، رائڻ نالي هڪ شاخ ۾ آئي ۽ اتان ڦري حيدرآباد جي اوپر طرف



هڪ سڪل شاخ ۾ پهتي، جنهن کي هاڻي "ڦٽو" چوندا آهن. پوءِ هو چون ٿا ته ڦليليءَ ۾، جتان ڦري اچي هاڻوڪو دڳ ورتائين.

پهرينءَ اسلامي ڪاهه متعلق، جي بيان آهن، سي خليفي جي ڪمسن سالار، (محمد بن قاسم) جي ديول يا ديبل بندر [2] جي گهيري ۽ فتح جو تفصيلوار احوال ضرور ڏين ٿا. انهن ۾ اها ڳالهه خاص طرح دهرائي وئي آهي، ته اهو بندر، سنڌونديءَ تي هوندو هو. چوڏهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري، مشهور عرب سياح، ابن بطوط اسان جي صوبي ۾ آيو ۽ هو لکي ٿو ته "اچ ۽ بکر[3] بئي خود درياءَ جي ڪناري تي آهن." 1699ع ۾ ڪئپٽن هئملٽن، ٺٽي جي پرسان درياءُ ساڳيءَ جاءِ تي ڏٺو، جتي هينئر آهي. تنهنڪري اها ڳالهه فرض ڪرڻ ضروري نه آهي ته ڪو سنڌو درياءَ رخ بدلايو آهي. مگر اها حقيقت آهي ته ملڪ جو روپ گهڻي قدر ڦري ويو آهي. هاڻوڪين حالتن مان ائين ٿو نظر اچي ته پراڻ نارو، رائڻ، ڦٽو ۽ ڦليلي ڪنهن نه ڪنهن وقت درياءَ جا مکيه ڦاٽ هئا. جڏهن کان وني سنڌ وسائي وئي آهي، تڏهن کان ئي هيءُ ملڪ ندين ۽ واهن جي ڄار سان ڍڪيل هوندو، جن مان ڪي سدا وهندڙ ته ڪي فقط اونهاري ۾ وهندڙ هوندا. جيڪڏهن اهي واهه، درياءَ جا پراڻا پيٽ آهن ته پوءِ ائين چئبو ته سنڌوندي هن واديءَ ۾ هر هنڌ وهندڙ هئي. ڪيترن هنڌ ته ڏينهن جا ڏينهن مسافريءَ کان پوءِ ڪيترن ڦٽلن وڏن واهن جا نشان ڏٺا ويا آهن.

سنڌ جي موجوده حالتن سڌارڻ جي ذريعي ڳولهڻ لاءِ اسان کي ان آبپاشيءَ جي سرشتي تي خيال ڪرڻو پوندو. ڏيهي حاڪمن جي ڏينهن ۾ آباديءَ جي معمولي هئڻ جو مکيه ڪارڻ هو ڪاٽيءَ جو ناقص طريقو. هر حاڪم امير کي پنهنجا الڳ الڳ پرڳڻا هوندا هئا، جن تي هو حاڪم جي

حيثيت ۾ راڄ ڪندو هو. هن وٽ جهڙا تهڙا نقشا ۽ حد جي واهن جون ياد داشتون هونديون هيون، جن سببان ملڪ جي صورتحال کان چڱيءَ طرح واقف هوندو هو. جيئن ڪاٺيءَ جي موسم [4] ويجهي ايندي هئي، تيئن جدا جدا ضلعن جي ڪاردارن يا روينيو عملدارن کي حڪم ڏنو ويندو هو ته پنهنجي گهربل ڪم جي خرچ جو تخمينو موڪلين. اهو ڪم چڱيءَ طرح سرانجام ڏنو ويندو هو. هو گهٽي آزمودي جي وسيلي گهربل ڪاٺيءَ جي (ڊيگهه، عمق ۽ ڪعب) ماپ جي تخميني طور به ڪافي صحيح انداز لڳائي سگهندا هئا. خرچ جو حساب هر هڪ ضلعي جي رپين [5] ۾ ڪيو ويندو هو. ماپ اڪثر ڪري گز يا وال سان ورتي ويندي هئي. اهو گز، هڪ غير يقيني ڪاڇو هوندو هو جو هر هڪ پرڳڻي ۾ نرالي نموني جو ڪم ايندو هو. هڪ رپيي ۾، ڪيترا وال ڪاٺي ڪڄندي هئي، تنهن جو مدار مٽيءَ جي قسم، ڪنارن جي اوچائيءَ مفاصلي ۽ ٻين حالتن تي هوندو هو. ڪاٺيءَ جي ڪم جي ماپ، سٽ جي هڪ رسيءَ سان ڪندا هئا ۽ زمين جو نشيب ۽ فراز نظر جي اندازي سان جاچيندا هئا. ڪامڙين کي مزوريءَ ۾ ماپ مطابق اَن يا روڪ پئسا روزانو ڏيڻ بجاءِ ڪم پوري ٿيڻ تي ملندا هئا. ۽ ڪاٽي ٿيل واهن [6]جي تري ۾، ڊيگهه ۽ عمق جي ماپ جي سهولت لاءِ زمين جا ٽڪر ٽڪر وچ تي ٽاڪين جي صورت ۾ ڇڏيندا هئا. آخر ۾ مير،امينن کي موڪليندا هئا ته ماپ [7] وٺي، چڪاس ڪري، ۽ روبڪاري موڪلين.

انهي طريقي جو عملي نتيجو هيءُ نڪرندو هو، جو رعيت يا ڪڙميءَ کي جدا جدا قسمن جي بالا دستن جا طبقا ٺڳيندا هئا:

پهريون خود مير، جيڪو چاهيندو هو ته ڍل جيتري ٿي سگهي اوتري وڌيڪ وصول ٿي ۽ ڪاٽي گهٽ. جيڪڏهن هن جو خزانو خالي هوندو



هو ۽ عام فائدي جي ڪمن تي پئسي سيڙائڻ جي وٽس طاقت ڪا نه هوندي هئي ته پوءِ هو فصلن لهڻ وقت پنهنجي مقرر رقم، رعيت يا واهن جي عملدارن کان ڪهڙي به طريقي وصول ڪرڻ کان ڪين ٽرندو هو.

ٻيو ڪاردار،جنهن جي مراد اها هوندي هئي ته جيترو ٿي سگهي، اوترو امير کان ڪيجي ۽ رعيت کي گهٽ ڏجي. اهو ئي سبب هو جو واهن جي اونهائي ۽ چوڙائي، آهستي آهستي ايتري قدر گهٽجي ويندي هئي جو ڪيترا ڪڙيا جي اصل ۾ چوگزي ماپ جي نالي سان سڏبا هئا. سي لٽجي وڃي اصلوڪيءَ ماپ جو اڌ يا ٽيون حصو بچندا هئا. مزورن جي مزوري هضم ڪرڻ جوڪي جهڙو ڪم هوندو هو، ان لاءِ هوشياري کپندي هئي. ڪاردارن کي اها مشڪلات هوندي هئي ته حد ڪٽي مقرر ڪجي، جيئن ڪمي گڏجي يڪمشت ٿي سندن خلاف، آسانيءَ سان مير وٽ پهچي شڪايت نه ڪن. شڪايت جي حالت ۾، مير پنهنجي روينيو عملدارن کي پيڙي، منجهانئن پئسي ڪيڻ جو موقعو ڪڏهن به پنهنجي هٿان ڪين وڃائيندو هو. ظاهريءَ طور اهڙي هلت رعيت جي ڀلي لاءِ ڄاڻائي ويندي هئي، پر حقيقت ۾ پنهنجي خزاني کي ڀرڻ ۽ چند هزار رپين جي واڌاري ڪرڻ لاءِ هوندي هئي.

ٽيان امين، جيڪي اڪثر ڪري لبي ٽبي تي گذاريندا هئا ۽ جن کي سرڪار وٽان تمام گهٽ تنخواه ملندي هئي. اهڙيءَ طرح، ڪڙمين کي چيڙ [8] ۾، حاڪم لاءِ بيگر وهڻ کان سواءِ، ڪجهه هڙان به ڏيڻو پوندو هو. مزورن کي پورو اجورو ڪو نه ملندو هو. پر جيڪڏهن ملندو هو ته اهو به سخت ضرورت وقت نه ملندو هون. ڪڙميءَ کي هيٺين ڳالهين مان ڪجهه هٿي ملندي هئي: پهريون ته ملڪ ۾ روز لڙايون ۽ جهڳڙا فساد ٿيندا هئا ۽ لڏپلاڻ

۽ پاڃڙ جي ڪري زمينن کي ساهي ملندي هئي. ٻيو اڪثر ڪري آباديءَ تي ٿورن ماڻهن جو گذران هوندو هو. انهيءَ ڪري سرڪاري محصولن کان جان ڇڏائڻ لاءِ سببن پيش ڪرڻ جو بهانو ملي ويندو هو. جيڪڏهن اهي طريقا ناڪامياب ٿيندا هئا، ته پوءِ هو لڏڻ يا ٻين لفظن ۾ ڀڄڻ شروع ڪندو هو. ڀڄڻ جي هن کي چڱي مشق ٿي ويئي هئي ۽ ان جو اثر به ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته مير هڪ ٻئي سان ضد سببان اها ڳالهه پسند نه ڪندا هئا ته سندن راڄ کين ڇڏي ٻئي مير جي علائقي ۾ هليو وڃي. نَديا ڳوٺ ۽ واهڻ جلدي ۽ آسانيءَ سان ٺهجي سگهندا هئا. انگلينڊ ۾ اها ڳالهه انتهائي وحشتناڪ لڳندي، پر سنڌ ۾ هڪ ڳوٺ انهيءَ ڪري به ڊهرائڻ آسان آهي، ڇاڪاڻ ته ڪڪڙن جي ٻانگن ڏيڻ ڪري [ميرن جي] شڪار گاهن مان جانور ٿهي ٿا وڃن، اهو هڪ اهم عذر ڄاتو ويندو آهي. اڪثر ڳوٺ، في ٻه رپيا ٿهيل گهر جي عيوض ادا ڪرڻ سان، هڪ هفتي ۾ ڊاهي، ٻئي هنڌ ڪٽي ۽ وري اڏي سگهجن ٿا. اڻڄاڻائيءَ ڪري جيڪي خطائون ٿينديون هيون، تن مان به ايترو ئي نقصان ٿيندو هو، جيترو ٺڳيءَ مان. ميرن جي حڪومت ۾ اک کان سواءِ ٻي دوربيني ڪا نه هوندي هئي ۽ رسيءَ کان سواءِ ڪاڇو ڪو نه هوندو هو. انهن ڳالهين جا مکيه نتيجا هي نڪرندا هئا ته درياءَ مان پاڻي گهڻي انداز ۾ ورتو ويندو هو، جو آخر وهي وڃي ڪنهن تلاءَ يا ميجر ۾ پوندو هو، اهڙا پٽ سارين جي آبادي لاءِ ڪم ايندا هئا. مگر جيئن ئي پاڻي آهستي آهستي گهٽبو ويندو، تيئن تري ۾ ڪک پن ۽ گند ڪچري سان گڏيل ڪاري بدبوءَ واري گپ رهجي ويندي هئي، جنهن مان آڪٽوبر ۽ نومبر جي ڇٽ وارن مهينن ۾ زهريلا بخار نڪرندا آهن. تنهن کان سواءِ سنڌ جي زمين کي ٻٽي سلامي [9] آهي. جنهنڪري ڪيترن حالتن ۾ پاڻي غر ۽ ميل ڪان صاف ڪري درياءَ ۾ موٽائي وهائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح، سنڌو نديءَ جون ڪي اوٽايون، مثلاً اٽانگائي ۽ لَٽ پڻ ڪجهه قدر دور ڪري سگهجن ٿيون.



ٻيو، واهن جي ناقص جوڙجڪ ترتيب ۽ جنهن تي سنڌ جا حڪمران ڳنڍ ٻڌي، ڇهٽيا پيا هوندا هئا. واهن جا ڪپر نرم مٽيءَ جا دڙا هوندا هئا ۽ جڏهن انهن کي پاڻي هيٺان ڪائيندو هو تڏهن اهي جهٽ ڪري پوندا هئا. واهن جي ڪاٽيءَ جي مٽي، ڪپرن تي اڇلائيندا ويندا هئا، جتي روز بروز هڪ نئون وڏندڙ ڪپر ٺهي پوندو هو ۽ انهيءَ ڪري ڪاٽيءَ ۾ اٽڪ ٿيندي هئي ۽ مزورن کي به نهايت تڪليف ٿيندي هئي. واهن جي منهن رٽڻ ۾ ڪا خاص ڌاهپ ڪا نه ڏيکاري ويندي هئي ۽ نڪي وري ڪوٺائيءَ وقت واهن ۾ ور وڪڙ قائم نه ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو هو.

ٽيون، خرچ ۽ تڪليف جي ڪري ڦليلي (گوني) ۽ ٻين مکيه ڦاٽن، جيڪي ڦٽل ندين جا پيٽ سمجهيا وڃن ٿا، تن جي ڪاٽي ورلي ڪنئي ويندي هئي. نتيجو اهو نڪرندو هو جو سياري ۾ اُهي دريائي لوڙهه جي واريءَ سان پرجي ويندا هئا ۽ وري جڏهن ٻي لٽ ايندي هئي، تڏهن لٽ جو ٻيو ٿهه چڙهندو ويندو هو. انهيءَ بيپرواهيءَ جو اثر واهن جي پڇڙين تي خاص طرح محسوس ڪيو ويندو هو. ڪن حالتن ۾ جهڙوڪ ريڻ نديءَ جي حالت ۾، انهن جا پيٽ لٽجي وڃي ڪسيون ٿينديون هيون ۽ ٻين حالتن ۾ مثلاً "ڦٽي" جي حالت ۾، اهي صفا برباد ٿي ويا هئا.

چوٿون، ڏيهي حاڪمن جي هٿ هيٺ واهن جي ڪاٽيءَ کي ملڪ ۾ جيڪا عام بدانتظاميءَ واري حالت هوندي هئي، تنهن سببان به گهڻو ڇيهو رسندو هو. رواجي طرح، ٻه- ٻه ۽ ٽي- ٽي وڏا ڪڙيا لڳو لڳ ڇهه- ڇهه، ست-

ست ميل وهندا نظر ايندا آهن. انهيءَ فضول کوٽائيءَ جو سبب فقط اهو هو ته اُتر واري زمين ڪنهن رند جي هوندي ته ڏکڻ واري نظاماڻيءَ [10] جي ۽ پڇاڙيءَ واري ايراضيءَ ۾ هوندي ڪا رعيتي زمين. هٿ ۾ پاڙيوارن جي حسد ڪري، هر ڪو خاندان پنهنجي پاڻيءَ لاءِ پاڻ کوٽائيءَ جو بندوبست ڪندو هو. ڪڙمي سرڪار جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيل هوندا هئا. بعضي بعضي جڏهن پاڻي لهڻ شروع ڪندو هو، تڏهن اثر وارا جاگيردار، خاص ڪري بلوچ، پنهنجي زمين [11] کي ريج ڏيڻ لاءِ واهن کي ڳنڍيو ڏئي ڇڏيندا هئا.

انهيءَ اهم ڪاتي جو ڪاروبار اسان کي ڪهڙي نموني ۾ هلائڻ گهرجي، تنهن بنسبت کي رايا هيٺ ظاهر ڪجن ٿا:

جيتريقدر ٿي سگهي، اوتريقدر ڏيتي ليتي روڪ پئسن ۾ ڪرڻ گهرجي.خرچ جي اضافي کي موڙيءَ جي سيڙپ ڪري سمجهڻ ڪپي، جا اڳتي هلي ضرور وٽ ايندي. سنڌ جون حالتون اسان جي ٻين هندستاني ٻيٽڪن کان نراليون آهن. سنڌ جڏهن اسان جي هٿ ۾ آئي، تڏهن پوين پساهن ۾ هئي. هندستان جي شاهي اپٻيٽ جو آزمودو اسان کي سيکاري ٿو ته ڏيهي حاڪمن کي جيڪا آمدني ٿيندي هئي. تنهن جون ٻه پٽيون ڊل ٻه انگريزن جون رياستون نٿيون وصول ڪري سگهن. مگر هتي گذريل صديءَ ۾ ملڪ درجي بدرجي ويران ٿيندو ويو آهي. ان کي وري سائو ستابو ڪرڻ لاءِ ڪشاده دليءَ سان خرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيتريقدر ٿي سگهي، اوتريقدر جنس بدران روڪ مزوريءَ ڏيڻ ڪري واهن جا ڪامڙيا زياده خوشيءَ سان پنهنجا گهر ڇڏڻ تي راضي ٿيندا ۽ ڪم به زياده ڪندا. سنڌ جو هاڻوڪو ڪاتيءَ جو طريقو نهايت سست ۽ بيڪار آهي. ڪمي، هڪڙي هلڪي ڪوڏر سان درياءَ جي ڇميل لٽ متاچرو ڪوٽي، لئيءَ جي ڇهن مان



ٽاهيل هڪ ڏيڍ فوٽي، تراڪڙيءَ ٽوڪريءَ ۾ وجهي، وجي اپن ۽ اونچن ڪپرن جي مٿان اڇلائيندو آهي. هر هڪ گهمري ڪان پوءِ، هو ڪن ساعت ويهي آرام ڪندو آهي. جيڪڏهن سڀ نه، تڏهن به منجهائن گهڻيون اوڻايون آسان طريقي سان ڪيدي ۽ سڌاري سگهجن ٿيون: مثلاً وڏن واهن ۾ مضبوط چار وجهن، ڪڙين ۾ هر ڪاهرائڻ ۽ اهڙا ٻيا وسيلا جيڪي وڌيڪ مناسب اچن. مڪيه ڳالهه، جيڪا خيال ۾ رکڻ ڪپي، سا هيءَ آهي ته مزورن جي حالت ڪيئن به ڪري سڌارجي. ياد رکڻ ڪپي ته اها ڪاتيءَ جي موسم ئي آهي، جنهن ۾ ڪڙميءَ کي آبڪلاڻي لاءِ پنهنجي زمين ناهڻي پوي ٿي. ڪامڙيا، اڪثر ڪري ڪڙمين جي طبقي جا آهن انهن کي پنهنجيون ٻنيون، اجها ۽ ٻار ٻچا ٻين جي حوالي ڪري، ڪم تي اچڻ لاءِ وزنائتو معاوضو ملڻ ڪپي. ازان سواءِ، روڪ مزوريءَ تي اولهه وارين ٽڪرين ۾ ٿر [12] علائقي جي قومن جا مضبوط ۽ رانوڙ مزورن جا ڪتڪ گهرائي سگهجن ٿا.

وڏن ڦاٽن جي صفائي، مڪيه واهن جي ڪاتي ۽ اهڙا ٻيا ضروري ڪم، يورپين يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙي طبقي جي ماڻهن جي نگرانيءَ هيٺ ٿيڻ ڪپن، جن کي علم ۽ آزمودو هجي. ڦتل واهن کي آهستي آهستي سڌارڻ جو ڪم به انهن کي سونپيو وڃي ته جيئن واهن جي خامين سببان جيڪي دائمي اهنج ۽ خرچ ٿين ٿا، سي دور ٿي وڃن. ڪپرن تي وڻ پوکائڻ ۽ واهن کي انهيءَ طرح نهرائڻ، جيئن ضرورت وقت انهن ۾ ٻيڙيون هلائي سگهجن. اهڙا ٻيا ضروري سڌارا به انهن کي ڪرڻا پوندا. هڪ ملڪ جي سطح ۽ واهن جي ڏس جي پڙتال ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته واهن جو تعداد، جيتري ضرورت آهي، ان کان گهٽ ۾ گهٽ ٽيون حصو وڌيڪ آهي، جنهنڪري مزوري ۽ خرچ ضروري ڪمن بدران فضول ڪمن تي لڳايو وڃي

ٿو ۽ آباديءَ کي نقصان پهچي ٿو.

سمورا ننڍا واهه ۽ ڪڙيا ڪاردارن جي حوالي ٿيڻ ڪپن. جيئن ميرن جي صاحبيءَ ۾ رواج هوندو هو. ساڳئي وقت رعيت کي ٺڳيءَ ڪرڻ ۽ سرڪار کي نقصان کان بچائڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ ڪپن. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته هيءُ مشڪل ڪم آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه تي پورو ڌيان ڏجي ته اسان جا اپاءَ اجايا نه ويندا. مزور ڄاڻي ٿو ته سندس دکن دور ڪرڻ ۾ سرڪار کي فائدو آهي. جيڪڏهن ڪاٽيءَ جي ڪمن جي فقط جزوي ماپ ڪئي وڃي، ته به سرڪار ٺڳيءَ کان بچي سگهي ٿي.

هاڻي سنڌ ۾ سابق حاڪمن جي ڏينهن ۾ خراج بنديءَ جو جيڪو رواج هوندو هو، تنهن جو هينئر مختصر احوال ڏجي ٿو. ان مان اها خبر پوندي ته ڏيهي حاڪمن جي حڪومت ۾ مالي ۽ روينيو دستور ڪهڙي قسم جو هوندو هو.

ٻين اسلامي رياستن وانگر سنڌ ۾ به ميرن کي جيڪا آمدني ٿيندي هئي، سا ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿي.

1. عام ڍلون، جيڪي رياست جي آمدنيءَ جو ذريعو هونديون هيون.

2. خاص محصول، جيڪي حاڪم جو لاڳو ڪري سمجهڻ گهرجن.ڪنهن به جماعت يا رتبي جو ماڻهو، انهن محصولن کان آجو نه هوندو هو. هر ڪنهن شخص کي پنهنجي ڪمائيءَ جو اڌ يا ٽيون حصو، سرڪار جي خرچ لاءِ ڏيڻو پوندو هو، جا ڪين اُجهو ڏيڻ بدران لُٽيندي هئي ۽ هٿ رکڻ جي عيوض ساڻن عداوت ڪندي هئي.

عام ڍلن ۾ هيٺيان ٽي اسم اچي وڃن ٿا:

(1) زمينداري يا زمين جي ڍل. (2) سرشماري يا متگي ۽ (3) سير



راهداري محصول.

1. زمينداري، ٻن قسمن جي هئي، جيڪا "جمع" جي رستي وصول ٿيندي هئي يعني زمين جي ڍل. (2) اها ڍل جيڪا جنس ۾ ورتي ويندي هئي. "جمع"، ڍل واريون زمينون ڏينديون هيون، جن ۾ ڪپهه، تماڪ، پُست، نير، آفيم، ڪمند، گدرا ۽ اهڙيون ٻيون جنسون سواءِ اناج جي، پيدا ٿينديون هيون.

فصل جي جنس ۽ قيمت مطابق، جريب يا ٻيگهي [13] تي 5 کان 80 رپيا ماهوار تائين هوندي هئي. جنس واري ڍل سند يا پٽي مان ايرئي تي اجاريدار کي ڏني ويندي هئي ۽ اها ربيع خريف [14] جي ٻن فصلن لاءِ هوندي هئي. گهڻو ڪري اها ڍل، ڪاردار ان جي صورت ۾ وصول ڪري سرڪاري انباردارن جي حوالي ڪندا هئا. انباردار وري اهو اناج ميرن ڏي موڪليندا هئا يا هندو واپارين کي وڪڻندا. يا وري سرڪاري عملدارن ۽ ٻين نوڪرن چاڪرن کي، ميرن جي حڪم مطابق ڏيندا هئا.

ڪڙميءَ کان ڇا ورتو ويندو هو؟ تنهن جو مدار فصل جي قيمت، زمين جي حالت [15] هوا، پاڻيءَ ۽ اهڙين ٻين ڪيترين ڳالهين تي هوندو هو. ڪن زمينن تي فصل جي چوٿين پتي ڍل ونبي هئي، ۽ ڪن تان ٽي پتي، پنج دوئي (ٻه ڀاڱي پنج) يا اڌو اڌ وصول ڪئي ويندي هئي. حاڪم جو پورو حصو هر ڪنهن فصل تي روبرو ڏسي، اندازي لڳائڻ رستي مقرر ڪيو ويندو هو. ڪاردار ٻين سرڪاري عملدارن سان مقرر وقتن تي گڏجي، (ٻيجي پوکڻ ۽ لاب وقت) پرڳڻي جي پرتال ڪندو هو. تنهن کان پوءِ، مير ڏي اطلاع موڪليو ويندو هو جو لاب وقت ڪاردار کان پنهنجي مقرر رقم هر حالت ۾ وصول ڪندو هو.

پيدائش جو سرڪاري حصو ٽن نمونن ۾ وصول ڪيو ويندو هو. ڪن هنڌن تي ڪوهن تي ڍل هوندي هئي،جنهن کي ”چرخشماري“ چئبو هو. نار يا وڏا ڪوهه سال ۾ چاليهه ڪاسا ۽ هرلا يعني ننڍا ڪوهه چوويهه ڪاسا [16] ڀريندا هئا. بعضي حاڪم ۽ رعيت پاڻ ۾ ٺاهه ڪري ڪو حصو مقرر ڪندا هئا، جنهن جي ڏيڻ جو ذمو ڪڙمي پاڻ تي کڻندو هو. ان کي ”ڏاڻا - بندي“ چوندا هئا. مگر عام رواج بٽئيءَ جو هوندو هو،جنهن ۾ لاب کان پوءِ پيدائش جي باقاعدي ورهاست ٿيندي هئي. ڳوٺن جي پرسان ان جا ڍڳ ڪري رکندا هئا. ۽ سرڪاري عملدار پنهنجو حصو مقرر ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. ان کان پوءِ مير مختلف ابواب ڪاٽيندو هو، جيئن ته ”بستاره“ (ان جي ڪٽائي) جو خرچ، ”کهگل“ يعني ديري کي مٽيءَ سان لنبڻ ۽ ڳوٺ جي فقير، ملان ۽ ٻين پينن جي خيرات ۽ ڪيترن عملدار، ڪوٽوال،ڪارائو(ان جي سنڀال وارا) ۽ ”پيمان ڪش“ يعني ماپواري لاءِ مقرر حصو ورتو ويندو هو. ان کان پوءِ باقي جو ڪجهه بچندو هو، سو بختاور (هاريءَ) لاءِ هوندو هو.

جيڪڏهن زمين زميندار جي ملڪيت هوندي هئي، ته عام طرح هو پنهنجو حصو هاريءَ يا ڪڙميءَ سان ورهائيندو هو. سراسري زميندارکي سموري خرچ لٿي، فصل جو ٽيون حصو بچندو هو. وڏيڪ آباديءَ وارن سالن ۾ آباديءَ مان، سيڙايل موڙيءَ تي، اٽڪل ٽي چار سيڪڙو نفعو حاصل ٿيندو هو. انهيءَ هوندي به زميندار گهڻو ڪري هر هنڌ سُجو هوندو هو. انهيءَ جا مکيه سبب هئا زميندار طبقي جي ماڻهن جون بدخصلتون، بي انتها سستي ۽ جهالت. جيستائين زميندار کي روزاني خوراڪ ۽ پينگ چُڪو ملندو ايندو هو ۽ هو هڪ ٻن زالن ۽ شايد ڪنهن طائفي جي پرورش سان گڏ، تلوار ڪشي گهوڙي تي چڙهي گهمندو هو، تيستائين هو ورلي پنهنجي زمين جي



سنڀال جو اونو يا ڳڻتي ڪندو هو. وڏيڪ شاهوڪار طبقي وارا زميندار، پاڻ وٽ ڪارڪن [17] رکندا هئا ۽ اهي سمورو ليکو چوکو پنهنجي نموني ۾ رکندا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن مالڪ اڪثر لکي پڙهي ڪو نه ڄاڻندا هئا ۽ نه وري حساب ڪتاب سمجهي سگهندا هئا، اهڙين حالتن هيٺ، انهن کي قرض کڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪو نه هوندو هو. هندو واپاري اڪثر هيٺين شرطن تي اوڌر ڏيڻ لاءِ تيار هوندا هئا: سؤ رپئي جي اوڌر لاءِ، حالتن مطابق 125 يا 150 رپين جي رسيد ورتي ويندي هئي ۽ انهيءَ رقم تي وياج اٺ يا ڏهه في سيڪڙو حساب سان هوندو هو. قرض لاهڻ جو وعدو فصل تي هوندو هو. پر اهو شرط ورلي پاڙيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته قرضيءَ وٽ روڪ پئسو ڪو نه هوندو هو ۽ بٽئيءَ وقت هنن کي اٽلو اڳين لهڻيدارن کي راضي ڪرڻ لاءِ زياده موڙيءَ جي ضرورت ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري مجبوراً زميندار کي ساڳئي وقت ڳاٽي پڳي وياج تي قرض کڻڻو پوندو هو. حرفتي واپاري، هن کي پنهنجي ان خريد ڪرڻ کان پوءِ اٽلو مٿس پنهنجو ٽورو مڙهيندو هو. قرضيءَ کي پنهنجي مرتبي ۽ ضرورت آهر ڪشاده دل به ٿيڻو پوندو هو. وڏو ماڻهو جيستائين وياج خور کي ڪو گهوڙو ۽ سوني هٿيي سان تلوار تحفي طور نه ڏيندو هو، تيستائين هن کي قرض به نه ملي سگهندو هو. ڏيهي حاڪمن جي صاحبيءَ ۾، ڪاردار اڪثر ڪري پنهنجن مالڪن سان ٺڳي ڪري، سندن حصي جي پيدائش به ڪائي ويندا هئا. انهيءَ ڪري حاڪم، وقت بوقت مٿن ٺڳيءَ جي تهمت رکي ڪين سزا ڏيندا هئا، ته جيئن آئندي اهڙي ڪُڌي ڪم کان باز اچن. بعضي بعضي ڪاردار کان، جنهن جي پگهار ٻن سوَن کان مٿي نه هوندي هئي، 1200 سؤ رپيا جرمانو، ڀيڙائي ورتو ويندو هو. اهي موتمار ڏنڊ هڪدم ڀرايا ويندا هئا ته جيئن ٻيهر اهڙيءَ

بي ايمانيءَ ڪرڻ جي ڪنهن کي جرات نہ ٿئي.

”سرشماري“ يا ”مٿگي“ جدا جدا ضلعن ۾ اجاريدارن يا تحويلدارن کي ايرپي تي ڏيندا هئا، جيڪي اها مقرر رقم وصول ڪري خزاني ۾ پياريندا هئا. اها ڍل فقط سنڌي ماڻهن ۽ جت قومن سان لاڳو هوندي هئي. بلوچ هميشہ ائين سمجهندا هئا تہ اسان قومي سردارن جي نوڪري ڏيون ٿا، تنهنڪري محصول کان آجا آهيون. وڏن جاگيردارن ۽ سردارن کي اڪثر آبادگارن کان، ”سرشماري“ خواه زمينداري ۽ ٻين محصول وصول ڪرڻ جو سندن ڪن شرطن مطابق پروانو ڏنو ويندو هو. انهيءَ حالت ۾ هو سرڪار کي ڪجهہ بہ نہ ڏيندا هئا. زميندارن، سرڪاري ڪامورن ۽عملدارن، فوجي سپاهين خواه مذهبي پيشوائن، جهڙوڪ، قاضين، پيرن، سيدن ۽ ٻين کي محصول معاف هوندو هو.

”سرشماريءَ“ جو انتظام هن ريت هوندو هو: مرد، زالون ۽ ٻار (سواءِ معصومن جي) سڀ ڍل ڀريندا هئا. سيني [18] جو ذمو گهر جي وڏي تي هوندو هو. تنهن کان سواءِ، هر هڪ ڀاتي، پنهنجي ٻئي ڀاتيءَ جو ضامن هوندو هو. پٽ پيءُ جو، چاچو ڀائٽي جو. اهڙي طرح ٻيا رشتيدار. مثلاً جيڪڏهن شروعات ۾ ڪنهن گهر ۾ ويهہ ڀاتي هوندا هئا ۽ انهن مان پنج يا ڇهہ مري يا لڏي ويندا هئا تہ حاڪم هميشہ اصلي مقرر ڪيل رقم جي طلب ڪندو هو. ان کان سواءِ جيڪي غير حاضر هوندا هئا، انهن ڏي بہ سندن حصي [19] لاءِ ماڻهو موڪليو ويندو هو. ”مٿگي“ هر هڪ ماڻهوءَ تي، هر فصل تي، فصل لهڻ وقت اٺ آنا ۽ سال لاءِ هڪ رپيو هوندي هئي، جيڪا هميشہ روڪ ورتي ويندي هئي. سرچارلس نيپيئر انهيءَ ڍل کي ماڻهن لاءِ آزار سمجهي رد ڪري ڇڏيو. مگر مشرقي دنيا جي هن حصي ۾، انهيءَ



محصول جو عام رواج آهي. اهو محصول افغانستان، ملتان، بهاولپور، جيسلمير، پنجاب ۽ ايران جي ڪيترن ڀاڱن ۾ رائج آهي. ان جي مکيہ خامي اها آهي جو ان جو غبن ٿيڻ جو گهڻو امڪان هوندو آهي.

سنڌ جا هندو، جيڪي اڪثر واپاري ۽ سوداگر هوندا هئا، سي باقاعدي ”مٿگي“ ڪو نہ ڏيندا هئا. انهن مان جيڪي ميرن جي نوڪريءَ ۾ عامل هوندا هئا، سي تہ سرڪار کي سواءِ ڪنهن اتفاقي ڏنڊ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڏيندا هئا.

”سير“ يعني وکر جي روانگيءَ تي محصول،سو ٽڏي تي وصول ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن مال پاڻيءَ رستي ايندو هو تہ ان جي لاهڻ وقت هڪ مقرر رقم، جيڪا اڪثر ڪري ڇهہ في سيڪڙو جي حساب سان هوندي هئي،ورتي ويندي هئي.جيڪڏهن مال خشڪيءَ رستي ايندو هو تہ محصول سرحد تي ورتو ويندو هو. تنهن کان پوءِ بنان ڪنهن رنڊ روڪ جي انهيءَ شهر ۾ پهچي ويندو هو، جتي وکرو ٿيڻو هوندو هو. اتي هڪ ٻي ڳري رقم بہ مال کولڻ کان اڳ مقرر نرخ تي هر هڪ اُٺ مٿان ورتي ويندي هئي، جا اٽڪل مڻ تي پنج آنا اچي بيهندي هئي. هر هڪ گهوڙي تي ٽي يا ساڍا ٽي رپيا ڏيڻا پوندا هئا. اهي ٻيا محصول انهن سوداگرن کان بہ گهريا ويندا هئا. مثلاً جڏهن ڪو افغانستان جو قافلو، ڪراچيءَ کان بمبئيءَ وڃڻ لاءِ سنڌ جي حد اندر داخل ٿيندو هو، (ڪن حالتن ۾ جيڪڏهن وکرو ٿيندو هو)، تڏهن ” سير“ وصول ڪيو ويندو هو. خاص جڏهن ان ۾ گيهہ هڪ شهر کان ٻئي شهر موڪليا ويندا هئا.

ڪن هنڌين ”سير“ اماني [20] طور وصول ٿيندو هو تہ ڪن هنڌين اجاريدارن کي ٺيڪي تي ڏنو ويندو هو. وڏن سيٺين يا واپارين سان خاص

رعايتون ڏينديون هيون. انهن مان هڪ اها به هوندي هئي ته جتي غريب واپاري پنج يا ڇهه سيڪڙو محصول ڏيندو هو، يا جيڪي انهن جا وقتي خانگي ڪم ڪاريون ڪندا هئا،تن کي ”سير“ ڏيڻ کان سواءِ مال وڪڻڻ جي اجازت هوندي هئي. ڪن تي جيڪڏهن ڪا خاص مهرباني ٿيندي هئي ته ڪين محصول جو پنجون بلڪ چوٿون حصو به معاف ڪيو ويندو هو. اها رعايت، عام ڪئي ويندي هئي، ڇاڪاڻ ته پئسا اجاريدار جي ڪيسي مان نڪرندا هئا.

ڪيترا سردار، ” سير“ کان سواءِ راهداري وٺندا هئا، جيڪو سچ پچ هڪ قسم جو ڀونگو هوندو هو. مثلاً جوکيا قوم، پنهنجي علائقي مان لنگهندڙ هر هڪ اُٺ تي ” نٽ“ (مهار) جي نالي ۾ آنو، ٻه آنا يا ٽي آنا وصول ڪندا هئا.

ٻيا به ڪيترائي خاص محصول هوندا هئا. انهن مان ڪي ته بنهه معمولي هوندا هئا. ان قسم جي مکيه محصولن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي. انهن مان جيڪڏهن ڏيهي حڪومت جي قابليت ثابت ٿئي ٿي، ته به اهو روشن ٿئي ٿو ته ڪين خراج جي مختلف نمونن کي عمل ۾ آڻڻ جو اونو هوندو هو.

1. ”پيشڪش“ مهاجن: سنڌ ۾ هندن جي قوم ايتري گهٽائيءَ ۾ هئي جو متن، انهن تي جزية الهنود [21] مڙهڻ آسان نه هو، جيتوڻيڪ قرآن جي حڪم مطابق اهو محصول انهن غير مسلم قومن کي ڀرڻو آهي، جيڪي اسلام جي سايي ۾ رهن ٿيون. بخارا جهڙيون اسلامي حڪومتون اڃا اهو محصول وٺنديون آهن. ان جي بدران ننڍڙا هندو دڪاندار پنج جا ڏهه رپيا ساليانو ”پيشڪش“ ڏيڻ پسند ڪندا هئا ۽ اها ڍل به فقط مرد ڀريندا



هئا. وڏا واپاري ۽ سرڪاري ڪامورا [22] انهيءَ خراج کان آجا هئا.

2. ”سرشماري اضافگران“:هي جدا جدا قسمن جي ڪاسبين مثلاً رنگريزن، واڍن، لوهارن، رازن ۽ ٻين کان هڪڙي قسم جي ڍل ورتي ويندي هئي، هر هڪ بالغ مرد،جنهن تي هيءُ ڍل لازمي هوندي هئي، سو سراسري ٽي رپيا سال ۾ ڀريندو هو.

3. ”دلالي“، يعني دلالن تي ڍل: هر هڪ دلال، مير کي قافلن ۽ واپارين سان وهنوار ڪرڻ جي اجازت جي عيوض هڪ ننڍي رقم ماهوار ڏيندو هو. انهيءَ ڪري واپارين جي، دلال کان سواءِ سري نه سگهندي هئي. جيڪڏهن هو دلالن جي مدد کان سواءِ مال نيڪال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ته ڪين ڪامياب ٿيڻ جي اميد گهٽ نظر ايندي، انهيءَ ڪري مجبوراً دلالي ڏيڻي پوندي هين.

4. ”هوائي“: جيڪي جهاز پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندا هئا، يا ڀڄي پوندا هئا، تن جو مال شاهي خزاني ۾ جمع ٿيندو هو.

5. ”فروعي“: اُٺ، ٻڪريون يا ٻيو چوپايو مال، جيڪو ڪنهن آباد ۽ ڍل بسته ٻنيءَ ۾ پوندو هو، ته ڏڻ جو ڏڻ وڪڻي ڇڏيندا هئا ۽ ان جا پئسا سرڪار جي حوالي ٿيندا هئا. وڏي ڳالهه ته مال جي ڌڻيءَ ۽ زمين جي مالڪ کي ڪو به عيوضو ڪو نه ملندو هو. رولو مال جي جيڪڏهن هڪدم مالڪي نه ڪئي ويندي هئي، ته اهو ضبط ڪيو ويندو هو.

6. ”چرخي“: نارن تي آباد ڪيل باغن ۽ زمينن تي هڪ قسم جي ڍل هوندي هئي. اها هر ڪنهن ضلعي ۾ نرالي هوندي هئي. ان جو مدار چرخي [23] جي ماپ تي هوندو هو.

7. ”حقابو“: هي پاڻيءَ جي قيمت هوندي هئي، جيڪا ڪن خاص

زميندارن کان ورتي ويندي هئي. ڏيهي حڪومت ۾ ان محصول جو عام رواج ڪو نہ هوندو هو.

8. "اجاره ڪولابہ": ڪولاب، يعني ٻوڏ هيٺ آيل زمينون ۽ ڍنڍون، جيئن تہ منڇر مڇر وغيره اهي زمينون سرڪاري ڪامورن کي ٺيڪي تي ڏنيون وينديون هيون. جيڪي پڪين، پٻڻ [24]، اَن ۽ ڪانن جي پيدائش مان ٽيون حصو يا نفعي جو اڌ ڏيندا هئا.

9. "اجاره پتڻ": دريائي پتڻ، اجاريدارن کي ٺيڪي تي ڏيندا هئا، ۽ اهي وري مسافرن کان پئسو يا ٻہ پئسا في پُور جي حساب سان وٺندا هئا.

10. شڪار ماهي: سرشماري کان سواءِ، سرڪار، مهاڻن کان ٽيون حصو يا اڌ شڪار جو وٺندي هئي، خاص ڪري انهن کان، جن جو گذران پَلن ڦاسائڻ يا مارڻ تي هوندو هو.

11. سر درختي يا زير درختي: زمينن ۽ باغات جي ڍلن کان سواءِ انبن، ڪجور ۽ ٻين اهڙن ميون جي وڻن تي ٿورڙو محصول مقرر هوندو هو. ميوي پڄڻ کان اڳ، ڪاردار جو ماڻهو اچي وڻ ڏسندو هو ۽ هر هڪ وڻ تي هڪ آنو وصول ڪندو هو.جنهن کي "سردرختي" چوندا هئا. پٽيل، ميوي جي حصي کي زيردرختي چوندا هئا. سرڪاري حصو اڌ ٻہ هوندو هو تہ ٽي حصا ٻہ.

12. ترازو: جڏهن ان، ميوو ۽ ڪاڌي جون ٻيون شيون بزار ۾ وڪري لاءِ رکندا هئا، تڏهن انهن تي محصول ورتو ويندو هو. اهو محصول روڪ پئسن ۾ ورتو ويندو هو ۽ سراسري پنجن سيرن [25] تي هڪ پئسي جي حساب سان ڏنو ويندو هو. سنڌ جي ڪن حصن جي شهرن ۾، جيڪڏهن وڪري لاءِ ڪير ايندو هو تہ ان تي محصول وٺندا هئا. ڪيترن جاين تي "اجاره



جغرات" ڏيڻ کان سواءِ پنهنجي چوپائي مال ڌڻ جي ٻہ اجازت نہ هوندي هئي.

13. سلامتي ڪشتي: جڏهن ڪو جهاز يا ٻيڙي، مال يا مسافرن سان پُرجي بندر تي پهچندا هئا، تہ اجاريدار ان جي سلامت پهچڻ جي عيوض پنج آنا محصول وٺندو هو. وري جڏهن لنگر هٽندا هئا تہ ڇهہ آنا ٻيا "ٺٽ" [26] طور وصول ڪندا هئا. گهوڙن جي آمدنيءَ تي اُٺ آنا في ڪن "سلامتي" محصول هوندو هو.

14. مويشي: گهوڙي، خچر، گڏه، اُٺ ۽ ڍڳئونءَ جي وڪري تي جيڪو محصول هوندو هو، اهو سرڪاري خسري ۾ "ماويسي"جي نالي لکبو آهي، حاڪم جو لوازمو رپئي تي آنو هوندو هو.

15. ريزڪي: سڀ خريدار سرڪار کي رپئي تي آنو محصول ڏيندا هئا. پر جيڪڏهن سودو سؤ رپين کان وڌيڪ هوندو هو تہ ان تي پنج سيڪڙو محصول ڏيندا هئا. شاهوڪارن ۽ دولتمند واپارين کان چار سيڪڙو محصول ورتو ويندو هو.

16. پنچري: سرڪاري زمين ۾ مال جي چارڻ تي محصول هوندو هو. اهو هر اُٺ تي آڌي، مينهن تي چار آنا، ڍڳئونءَ تي ٻہ آنا ۽ هر هڪ رڍ ۽ ٻڪريءَ تي هڪ آنو، مهيني جي حساب سان ڏنو ويندو هو. هي محصول گهٽو ڪري اجاريدارن کي ٺيڪي تي ڏنو ويندو هو.

17. گُتو يا اجاره شراب: شراب جي هر هڪ ڀٺيءَ وارو، پنهنجي ڌنڌي جي نفعي مان ڪجهہ رقم ساليانو ڏيندو هو. اها رقم ڄاڻي ٻجهي مقرر نہ ڪئي وئي هئي.

18. اميني: جڏهن ٻن زميندارن جي وچ ۾ اٽڪٽ ٿيندي هئي، تہ

سرڪار انهن جي فيصلي ڪرڻ لاءِ ڪو امين موڪليندي هئي. امين جو مرتبو ڌرين جي حيثيت مطابق هوندو هو. سنڌي ماڻهو زمين جي معاملي ۾ تمام ڦڏائي آهن. انهيءَ ڪري ڏيهي حڪومت ۾ اهڙا معاملا روز پيا ٿيندا هئا. ڪن حالتن ۾ ته لڙايون پڻ ٿينديون هيون ۽ حياتيون ورتيون وينديون هيون. زميندار پنهنجي حق جي بچاءَ ۾، هٿيارن استعمال ڪرڻ کان ڪين ٽرندا هئا. اهو، پنهنجو مقرر لوازمو، رشوت ۽ خرچيءَ کان سواءِ مهماني به ڪيندو هو ۽ پنهنجي عملي سميت ڌرين جي خرچ تي رهندو هو. جڏهن تڪرار جو نبيرو ٿيندو هو، تڏهن ٻيئي ڌريون ان ۽ مال جي نذراني کان سواءِ هڪ مقرر رقم پڻ ڏينديون هيون. اها رقم حاڪم جي نالي ۾ ڏني ويندي هئي، پر ڪٺندو عملدار هو. ماڻهن کي رشوت ۽ حرامخوريءَ جي سُتي پيل هئي، تنهنڪري هو انصاف خريد ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا هئا. جيڪڏهن امين ايمانداري ڪري، نذراني وٺڻ کان انڪار ڪندو هو ته آچيندڙ ائين سمجهندو هو ته مخالف ڌر مون کان وڌيڪ امين کي فراخدليءَ سان لبڻ جو ڪم ورتو آهي. معاملي جو نبيرو ڪنهن به ڌر جي فائدي ۾ ڪرڻ امين جي وس ۾ هوندو هو. جيڪڏهن هن جو فيصلو ظاهر ظهور انصاف جي خلاف هوندو هو، ته مظلوم ڌر کي چوندو هو ته 'ٻرندڙ باهه [28] مان لنگهي يا پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏئي يا ڪنهن ٻئي نموني ۾ پنهنجي بيقصوريءَ جي ثابتي ڏي.' سڀ کان ڪامياب امين اهي سمجهيا ويندا هئا، جيڪي پنهنجو ۽ پنهنجن مالڪن جو پيٽ چڱيءَ طرح ڀري سگهندا هئا.

19. <u>جرمانو يا ڏنڊ:</u> ڏيهي حاڪم، ڏوهارين لاءِ ڏنڊ جي سزا ڏيڻ وڌيڪ پسند ڪندا هئا، يعني مارڻ کان سندن رت - ست ڏُهڻ وڌيڪ ۽ مفيد ۽ اثرائتو ڄاتو ويندو هو. اڪثر ڪري جسماني سزائون بدلائي انهن جي عيوض ڏنڊ وصول ڪيو ويندو هو. زنا لاءِ ڪاردار ڦٽڪا هڻائيندو هو، پر تنهن کان پوءِ به سنڌي ڏوهاريءَ کي ڏنڊ به ڀرڻو پوندو هو. چوري، ڦر ۽ خون جو فيصلو به ساڳيءَ ريت ڪيو ويندو هو. انهيءَ آمدنيءَ مان حاڪم کي گهڻو فائدو ڪو نه ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته ان جو گهڻو حصو ڪاردار ۽ ٻيا عملدار کائي ويندا هئا.



مٿين ذڪر ڪيل ملڪي ڍلن ۽ محصولن مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته سنڌ ۾ ڪڙميءَ ۽ واپاريءَ تي ڍلن جي ڇٽي هلڪي ڪا نه هوندي هئي. اسان جي حڪومت ۾ اهو طريقو بدلائي، هندستان جي ٻين پرڳڻن جهڙو ڪيو ويو آهي. اها تبديلي ماڻهن ۾ اڃا مقبول ڪا نه ٿي آهي. هنن ئي اهو اثر ويٺل آهي ته اسان جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مفلسيءَ جو ڪارڻ اسان جو ڍلن وارو نئون سسٽم آهي.

باب ٽيون

## سنڌي لوڪ قصن جي فهرست

### صوبي جون زبانون ۽ هر هڪ زبان جو مختصر بيان

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي تصنيفون آهن، تن مان سڀ کان وڌيڪ مقبول اهي آهن جن ۾ سنڌ جي فتح وقت مسلمانن بهادرن ڪافر راجائن جو مقابلو ڪيو هو. سنڌ جا ڪافي قصا ۽ ڪهاڻيون انهيءَ نڪتي تي ٻڌل آهن. سنڌ ۾ انهن تحريرن جو ٻه وڏو تعداد آهي، پر انهن ڪان ٻه زياده تعداد ڏند ڪٿائن ۽ افسانن جو آهي ۽ اهي ڀٽن ۽ چارڻن گڏ ڪري، هيٺئين طبقي جي ماڻهن ۾ ڦهلايا آهن. جهڙيءَ طرح هڪ اڻ سڌريل ۽ دهقاني قوم ۾ ٿيندو آهي، تيئن هت ٻه هر هڪ ڦٽل ڪوٽ ۽ شهر جي يادگيري ماڻهن جي دلين ۾ سانديل رهي ٿي. خاص ڪري انهن ماڻهن جي دلين ۾، جيڪي انهن جاين جي ويجهو رهن ٿا. قصي جي هر هڪ لاهيءَ چاڙهيءَ کي ڪنهن نمايان واقعي سان تعلق هئڻ جو شرف حاصل آهي ۽ هر قبرستان کي پنهنجا مشهور اولياءَ ۽ درويش آهن.

سڀني مشهور سنڌي افسانن جي مختصر فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

1. سسئي پنهون: هيءُ عشق ۽ محبت وارين ٻن دلين جي ڪهاڻي آهي. اهي 900 ورهيه اڳي يا سنڌ ۾ اسلام اچڻ وقت رهندا هئا. اها ڳالهه قابل توجهه آهي ته هي قصو ان ساري وسيع ايراضيءَ ۾ مشهور آهي. جيڪا مڪران ۽ افغانستان، جيسلمير ۽ مشرقي ايران جي سرحدن ۾ اچي وڃي ٿي. اهو قصو فارسي، جتڪي ۽ بلوچي ٻولين ۾ ٻه لکيل آهي. مسٽر ڪرو



(Crow)، شايد انهيءَ قصي ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته ”مير فتح علي خان، بلوچ عاشقن جي ڪهاڻيءَ کي مولانا جاميءَ واري ”يوسف زليخا“ جي قصي جي طرز تي فارسي شعر ۾ ترجمو ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو، ته جيئن انهيءَ نظم جي اشاعت وسيلي سنڌ جو نالو ادبي دنيا ۾ ڦهلائي ان کي اهڙيءَ طرح مشهور ڪري، جهڙيءَ طرح سنڌ جو نالو جنگ جي فن ۾ مشهور هو. هاڻي اهي عاشق پهتلن جي قطار ۾ شمار ڪيا ويندا آهن ۽ ائين سمجهيو ويندو آهي ته هو اڃا زنده آهن. انهن جي قبرن تي گهڻا ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن. چون ٿا ته ڪيترا ماڻهو يقين ڪري آستاني [1] تي ويا آهن، ته هنن مائي سسئيءَ کي اکين سان ڏٺو آهي. اهو قصو هندن وٽ ٻه پنجابيءَ ۽ ٻين ڀاشائن ۾ آهي. هو اڪثر گرمڪي اکرن ۾ لکندا آهن. سسئيءَ کي عام طرح ”رل مئي“ چوندا آهن. سنڌ جي اتهاس ۾ ٻي ناميار عورت، سهڻي هئي، جيڪا سنڌونديءَ ۾ ٻڏي،غرق ٿي ويئي هئي ۽ انهيءَ سبب هوءَ ”ٻُڏمئي“ سڏبي آهي. شاهه عبداللطيف انهيءَ قصي تي جيڪي بيت چيا آهن، تن انهيءَ قصي لاءِ سنڌ جي اوچي طبقي جي ماڻهن ۾ ڏاڍو چاهه پيدا ڪيو آهي. انهيءَ طبقي ۾ ڪي ٿورا اهڙا ماڻهو هوندا جن کي پنهنجي بزرگ هم وطني شاعر جو ڪلام ياد نه هوندو. سنڌ ۽ بلوچستان جي صحرائي قومن ۾ ڪي ورلي اهڙيون قومون هونديون، جيڪي انهيءَ قصي ڪان اڻ واقف هجن. اوٺي مسافريءَ تي، ڌنار مال سان ۽ ڪڙمي پنهنجيءَ ڪرت ۾ سسئي پنهونءَ جي ڪشالن جي ڪهاڻي پنهنجي سادي سودي ۽ ڪَچي پڪي شعر ۾ ڳائي، پاڻ کي وندرائيندا آهن. اهڙيءَ ريت، ٻيا هيٺيان قصا عام مشهور آهن.

2. راڻي ۽ مومل جي ڪهاڻي: هي راجپوت نسل جا عاشق ۽

معشوق هئا. 3. هير ۽ رانجهي جي محبت جو قصو، 4. مارئيءَ ۽ عمر سومري جي ڳالهه، 5. مل محمود جي لڙائي ۽ موت، 6. دولهه دريا خان جون سوڀون، 7. سهڻي ۽ ميهار جي عشق جو افسانو، 8. دودي ۽ چنيسر جون لڙايون، 9. سامئيءَ [ماموئي] يا هفت تن جون پيشنگويون، 10. ليلان چنيسر جو قصو، 11. نانگ جي ڏند ڪٿا، 12. گهانو مهاڻي جو قصو، 13. عبدالله بروهيءَ جون لڙائيون، 14. صبح چانديي جا جهڳڙا ۽ 15. جام هالي ۽ جام ڪيهر[2] جا جهڳڙا.

پڙهيل مسلمان، عربي ڄاڻندا آهن ۽ هندو سنسڪرت، مگر اهي ٻئي ٻوليون عام جام ڪو نه ڳالهايون وينديون آهن. ٿورڙا افغان زميندار، جيڪي صوبي جي اتر ۾ رهن ٿا، سي پنهنجي اباڻي ٻولي يعني پشتو ڳالهائيندا آهن. مگر اها ٻولي ماڻهن ۾ ايتري پکڙيل نه آهي، جو ان کي سنڌ جي ٻولين ۾ شمار ڪجي. پنجابي ٻوليءَ جي به ساڳي حالت آهي. اها فقط ٿورڙا سک استعمال ڪندا آهن، جيڪي جدا جدا شهرن ۽ ننگر ۾ رهن ٿا. سنڌ جون عام مروج ٻوليون هي آهن:

1. بلوچي، 2. جتڪي، 3. فارسي ۽ 4. سنڌي.

بلوچي هڪ دهقاني پهاڙي ٻولي آهي، جا بلوچستان جي سموري علائقي ۾ ڳالهائي ويندي آهي. پهاڙي قومون جيڪي سنڌ جا پٽ وسائي ويٺيون آهن، سي به اڪثر اها ٻولي ڳالهائينديون آهن. بلوچڪي ٻولي هندستاني- فارسي [3] ٻولين جي قطار ۾ شمار ڪئي ويندي آهي. جيتوڻيڪ اها اهڙي مهذب زبان نه آهي، پر تنهن هوندي به تمام جهوني سمجهي وڃي ٿي. اها جديد فارسيءَ سان گهڻي مشابهت رکي ٿي. ان جا اڌ لفظ نه فقط فارسي زبان جون بگڙيل يا ميٽيل صورتون آهن. ٻين هم قسم



ٻولين، جهڙوڪ بروهڪي ۽ پشتو وانگر هن ٻوليءَ جي لغت ۾ به ڪيترا سنسڪرت ۽ عربي ۽ ٻيا دهقاني الفاظ شامل ٿيل آهن. مگر اهي لفظ ڪنهن قديم ٻوليءَ جا رهجي ويل لفظ نٿا لڳن. جيڪڏهن ائين هجي ته انهن ۾ فقط سادا خيال سمايل هجن. اهي لفظ شايد ڪي نوان عناصر آهن، جي بلوچڪيءَ ۾ ان ڪري داخل ٿي ويا آهن، جو بلوچڪيءَ جو ٻين ٻولين سان گهٽ وهنوار آهي ۽ پاڻ هڪ خام زبان آهي. بلوچ ڪيترن پاڙن ۾ ورهايل آهن. جي هڪ ٻئي کان گهڻو الڳ آهن. تنهنڪري سياويڪ آهي ته انهن جي زبان ۾ جدا جدا نمونن جا لفظ ۽ اصطلاح هجن. اها ٻولي، ايتري شاهوڪار نه آهي، تنهنڪري ٻيءِ وارين زبانن مان اڌارا لفظ وٺڻ ضروري ٿيا ويا هجن. بلوچڪي اتهاس ۾ ڪجهه ڪهاڻيون، افسانا، رزمي، گيت، راڳ ۽ ٻيَن ۽ چارڻن جون تصنيفون پڻ آهن. ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته تمام ٿورن يورپي ماڻهن [4] بلوچي ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته اها سنڌي ۽ فارسي ٻولين جي ڄاڻن لاءِ سکڻ بلڪل آسان آهي. انهي ٻوليءَ جو اونهون اڀياس قديم ايراني ٻولين جهڙوڪ زند، پهلوي، دري ۽ دساتير جي ڀاشائن جي وديارٿين کي تمام ڪارائتو ٿيندو.

هن وقت اسان کي انهن ٻولين جي نالن کان سواءِ ٻي ڪا به خبر نه آهي. پارسين جي مقدس ڪتابن لاءِ چيو ويو آهي ته انهن ۾ ڪو به اهڙو بنيادي لفظ نه آهي، جو ڪنهن نه ڪنهن زندهه فارسي ڀاشا جي ڪنهن ٻئي لفظ، سان ملي نه اچي. بلوچين، بروهين ۽ افغانن جون پهاڙي ٻوليون ڪيترن لفظن جي بنيادن تي روشني وجهي سگهن ٿيون، جن جو هينئر اسان کي ڪو به پتو ڪو نه ٿو پوي[5].

سنڌ ۾ هيٺيون وڏيون قومون پهاڙي ٻولي (بلوچڪي) اڃا استعمال

کن ٿيون: رند، ٽالپر، مري، چانڊيا، جمالي ۽ لغاري.

جتڪيءَ [6] کي سرائيڪي بہ چوندا آهن ۽ بلوچي بہ. سرائيڪي انهي ڪري تہ اها سري يا اتر سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي آهي ۽ بلوچي، ڇاڪاڻ تہ ڪيترين بلوچ قومون جي سنڌ ۾ رهن ٿيون، سي ڳالهائينديون آهن. پر اها ملتانيءَ جي بگڙيل صورت آهي، جا خود گريل پنجابي ٻولي آهي. اها سنڌ ۾ گهٽي قدر استعمال ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهن جو غالباً چوٿون حصو اها ٻولي ڪم آڻيندو آهي. ان جون ڪيتريون مقامي صورتون آهن. ان ۾ سواءِ ٿورڙن شعرن ۽ مذهبي رسالن جي ٻيو ڪو ٿورو اتهاس آهي. ڏسجي ٿو تہ پَٽ ۽ چارڻ انهيءَ کي پنهنجي ٻوليءَ کان وڌيڪ معتبر ڪري سمجهندا آهن. گهڻن تعليم يافتہ ماڻهن ان جو اونهو اڀياس ڪيو آهي ۽ ان ۾ تصنيفون جوڙيون اٿائون. جتڪي زبان ۾ جيڪي سڀ کان مشهور افسانہ ۽ قصا آهن، تن جي مختصر فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

1. سسئي پنهونءَ واري سنڌي ڪهاڻي.
2. هير رانجهو.
3. يوسف زليخا، جيڪو مسلمانن ۾ هڪ تمام مقبول قصو آهي. جتڪيءَ ۾ انهيءَ نالي سان ٽي چار نظمون آهن.
4. سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال پري. اهو اصل مشهور عربي يا مصري قصي جو هڪ ناقص نقل آهي.
5. ليليٰ مجنون، مشهور عربي عاشقن جي قصي جو سنڌي ۾ بہ ترجمو آهي.
6. مرزان صاحبان، هندستاني قصي جو ترجمو آهي.
7. شيخ علي فقير ۽ لوهار جي حسين ڌيءَ جلاليءَ جي عشق جو



افسانو ملتان جي پرسان جهنگ سيال نالي هڪ علائقي جي ڪهاڻي آهي. جو فقيرن ۽ عشاقن کان مشهور آهي.

جتڪي ٻوليءَ ۾ اهي آهن سڀ کان وڌيڪ مقبول ڪهاڻيون ۽ افسانا. اهي افسانا ۽ ڪهاڻيون سڀ نظم ۾ آهن. نثر کي ٿورا پڙهندا آهن. انهن کان سواءِ مسلمانن وٽ ڪي مذهبي رسالا [ڪتاب] بہ آهن. انهن مان ڪي رسالا زالون ۽ ٻار وغيره بر زبان ياد ڪندا آهن. مثلاً "احڪام الصلاة." جو اسلام جي عقيدن ۽ احڪامن تي هڪ مختصر رسالو آهي. لوهارن، واڍن ۽ ٻين پيشن وارن ماڻهن کي پنهنجا ڪسب نامہ يا شڪستہ بيتن جا انتخاب پڻ آهن، جن ۾ سندن پيشي جي تاريخ، اوزارن جي ايجاد، مربي وليءَ جو نالو ۽ ٻي اهڙي ڪارائتي معلومات ڏنل هوندي آهي. جيڪڏهن اها ڄاڻ ڪنهن ڪاسبيءَ کي نہ هجي تہ جيڪر هميشہ ماڻهن وٽ سندس قابليت نہ ڄاتي وڃي. مشهور سرياني دعا جيڪا حضرت عليءَ رضہ يا جيئن ڪن جو خيال آهي تہ ابن عباس رضہ سرياني ٻوليءَ مان ورتي هئي. تنهن جو پڻ جتڪيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. اها دعا، اڪثر ماڻهو پنهنجن ڏکن ۽ مصيبتن کي ٽارڻ لاءِ ياد ڪندا آهن، هڪ مختصر لغت پڻ مروج آهي، جنهن کي "خالق باري" چوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اها " خالق، باري سرجڻهار" جي لفظن سان شروع ٿئي ٿي.

گيت،غزل ۽ ٻيو متفرق شعر هيٺين عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. ريختہ، هندستانيءَ شعر جهڙو.
2. غزل،ديوان حافظ جو جتڪيءَ ۾ ترجمو، جو هن قسم جي تصنيف جي طرز جو هڪ سهڻو مثال آهي.
3. دهرا، جي گهڻو ڪري ڳايا ويندا آهن.

4. ٽپو، هي ٽن، چئن يا پنجن بيتن جو هڪ مختصر شعر آهي. ان جو مضمون گهڻو ڪري عشقيه هوندو آهي.ان کي گهڻو ڪري ميراسي پسند ڪندا ۽ ڳائيندا آهن.

5. بيت، هن ۾ مصرعن جو تعداد مقرر ٿيل نه هوندو آهي. گهڻو ڪري هر ڪا سٽ الف - بي جي اکرن سان باقاعدي هڪ ٻئي پٺيان شروع ٿيندي آهي. تصنيف جي اها طرز، ماڻهن وٽ نهايت مقبول آهي. شايد ان ڪري جو ان جا مضمون اڪثر نفس پرستيءَ سان تعلق رکندڙ هوندا آهن.

جتڪي ٻولي گهڻو ڪري نستعليق خط ۾ لکي ويندي آهي، پر بعضي نشڪي خط ۾ لکي ويندي آهي. تارونءَ مان نڪتل ۽ ٻين غير عربي اکرن جي لکڻ جو ساڳيو ئي طريقو آهي جو اردوءَ ۾ آهي. تفاوت فقط هيءُ آهي ته هندستانيءَ ۾ 'ر' سان ڪو لفظ شروع نه ٿيندو آهي، مگر جتڪيءَ ۾ اهڙا گهڻا لفظ آهن، جن جو پهريون اکر 'ر' آهي. مثلاً "روڻ" يعني زمين تي ليٽڙڻ يا روئڻ. جڏهن سنڌي نسخي اکر لکندا آهن، تڏهن انهن تي بيهڪ جون نشانيون گهڻو ڪري صحيح نه هونديون آهن. پر جتڪيءَ ۾ اوترائي اکر آهن، جيترا اردو الف - ب ۾. سنڌيءَ ۾ جيڪي خاص پنج آواز آهن، سي ان ۾ ورلي ڪم ايندا آهن. ان ڪري هڪ اورچ ماڻهو، اهي اکر جلد سکي سگهي ٿو. هندو گهڻو ڪري گرمکي ڪم آڻيندا آهن. جا ديوان گريءَ جي هڪ سڌريل ۽ سولي صورت آهي. نانڪ شاهه جا پوئلڳ، گرمکيءَ جي ڏاڍي عزت ڪندا آهن، چاڪاڻ ته اها سندن گُرن جي خاص مقبول ۽ پياري زبان آهي. واپاري ماڻهو گهڻن ئي نمونن جا اکر ڪم آڻيندا آهن. پنجاب طرف "لُنڊا اکر"ڪم آڻيندا آهن، جي هڪ قسم جا گرمکيءَ مان نڪتل چالو اکر آهن. اهي ملتان جي ايراضيءَ ۾ پنهنجو



روپ ۽ نالو بدلائي، 'اچڪي' آئيوٽا سڏجن ٿا.

انهن مان وري ٻيا منجهيل ۽ غير ترقي يافته نمونا نڪرن ٿا، جي سنڌ ۽ ڪڇ جي هندن ۾ رائج آهن.

سنڌي هندستاني ٻول چال آسانيءَ سان سکي ويندا آهن. انهيءَ جو سبب شايد اهو آهي جو جتڪي ٻولي، سڄي صوبي ۾ پکڙيل آهي. بلوچن ۾ اها ٻولي، نظاماڻين ۽ لاشارين جا ٻه وڏا قبيلا ڳالهائيندا آهن. يورپي لوڪ، جتڪي ٻولي آسانيءَ سان سکي سگهن ٿا. ملتان ۽ پنجاب ۾ جيڪي تازا واقعا ٿيا آهن، انهن جي ڪري انهي ٻوليءَ جي ڄاڻ اڳتي هلي ڪارائتي ثابت ٿيندي.

سنڌ ۾ فارسي ٻولي، ادب، نشست برخاست، دفتر ۽ خط و ڪتابت جي ٻولي آهي. ڏيهي ماڻهو اها ٻولي عام ٻول چال ۾ ورلي ڪم آڻيندا آهن، سواءِ ڪن خاص موقعن جي ، يا جڏهن ڪنهن کي پنهنجي علم جو مظاهرو ڪرڻو هوندو آهي. سنڌ جي فارسي اچارن، محاورن ۽ لفظن جي ترتيب شيراز ۽ اصفهان جي چالو زبان کان ايترو ته مختلف آهي، جيترو اُتر اٽليءَ جون پاشائون روم ۽ ٽسڪنيءَ جي شاهي ٻوليءَ کان نراليون آهن. سنڌي لفظن جي ملاوٽ ڪري فارسي زبان گهٽي پاڳي بگڙي چڪي آهي. هن مضمون تي تفصيلوار روشني وجهڻ، بحث ڪرڻ وديارٿين لاءِ دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. هندستان جا ماڻهو، جيڪي سنسڪرت مان ورتل پاشائون ڳالهائين ٿا، تن به فارسيءَ جي صورت ساڳئي نموني بگيڙي ڇڏي آهي.

سنڌين [8] جو فارسي زبان سان بگاڙو چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: بيجان اُچار، لفظن جو ناقص انتخاب، وياڪرڻ جون غلطيون ۽

ردي محاورا. دراصل سنڌين، فارسيءَ جي وسيع، گونا گون ۽ شيرين زبان کي اهڙيءَ طرح بگيڙي چُون چُون جو مربو بڻايو آهي، جو اها سکڻ بہ مشڪل ٿيو پوي پر جيڪا سکي وجي ٿي، بلڪل اڌوري ۽ بگڙيل. سنڌ جي فارسي، وچ ايشيا جي تعليم يافتہ ماڻهن جي سمجهہ کان هر طرح ٻاهر هوندي آهي.

سنڌي ماڻهو، فارسيءَ جا اچار پنهنجي مادري ٻوليءَ وانگي ڪندا آهن. هو حروف علت (اعرابن) مان (-) جو اچار اسان جي (U in Bit) وانگر ڪندا آهن، پر شيراز ۽ اصفهان ۾ انهيءَ نشاني جا گهٽائي اچار [9] هوندا آهن جن جو مدار لفظ جي پوئين حرف صحيح تي هوندو آهي. اهڙيءَ طرح هتي، پيش (ُ) بہ اسان جي (U in Bit) وانگر اچاريو ويندو آهي: مگر فارسيءَ ۾ پيش جا ٻہ اُچار هوندا آهن: هڪڙو (4) وانگي ۽ ٻيو (Oin Dkey) وانگي، سنڌيءَ زير ( ـِ ) جو اُچار (in Bit) وانگي آهي، مگر فارسيءَ ۾ ان جو اُچار پوئين حرف تي مدار رکندو آهي ۽ اڪثر فرينچ ٻوليءَ ( E in relationior relias) وانگر پڙهيو ويندو آهي. مضمون جو ارٿ بيان ڪرڻ آسان نہ آهي، چاڪاڻ تہ اچارن جو فرق تمام اڻ لکو هوندو آهي. مگر هڪ آزمودگار ماڻهو، فارسي ۽ سنڌي اچارن جو تفاوت هڪدم معلوم ڪري سگهي ٿو.

ڊگهن حروف علت ۾ بہ ساڳيون غلطيون ڪيون وينديون آهن. فارسي ماڻهو الف جو اسان جي ("a" in ball or gall) وانگر اچار ڪندا آهن. ڪن حالتن ۾ اهو اسان جي ("oo" in ooze) جي صورت اختيار ڪندو آهي، مثلاً آمدن کي هو اومدن ۽ ايران کي ايرون پڙهندا آهن. سنڌين کي اهي اچار ڏانءُ ڪو نہ ايندا آهن. هو الف (1) جو عربي، سنسڪرت ۽ انگريزيءَ (Fatlex) وانگر ڊگهو اچار ڪندا آهن، يي (ي) ۽ واءُ (و) هو هندستانين کان مجهول ۽ معروف جو امتياز ڪرڻ سکيا آهن جيتوڻيڪ اُهي اصطلاح ۽ انهن جا اچار



فارسيءَ ۾ ڪو نہ آهن. هو"ي" جو اُچار فرانسين(E in peri) وانگر ڪندا آهن. مثلاً شيرازي چون "مي روم" تہ هو ان کي پڙهن "مي روم".

حروف صحيح ۾ هو اها غلطي ڪندا آهن تہ نَون (9) خاص عربي حرفن جو اُچار انهن سان مشاهبت رکندڙ فارسي حرفن جهڙو ڪندا آهن، مثلاً عين( ع) جو الف (1) وانگي، طوئي (ط) جو تي (ت) وانگي وغيره وغيره. شيرازي، جن جو تلفظ عربن وانگي ترش نہ آهي، سي انهن اکرن کي سندن اصلي صورت موجب حلق مان ڪڍندا آهن. سنڌي هندو خواه مسلمان "ژ" جهڙي آسان فارسي اکر جو اُچار بہ بلڪل ڪو نہ ڪڍي سگهندا آهن. تنهنڪري هو ان کي بگيڙي (Y- ي) وانگر اچاريندا آهن. "ژوليده" (پڪڙيل وار) کي هو چون "يوليده" هو عربي الف بي جو چويهون اکر واءُ (و) ترش نموني ۾ اسان جي w in wand وانگر اچاريندا آهن، مگر شيرازي اهو اکر مٺي آواز ۾ چوندا آهن.

اهي آهن سنڌين جي تلفظ جون ڏنيون وائنيون مکيہ غلطيون. فارس جي سيم تن رهاڪن جي شيرين آواز ٻڌڻ کان پوءِ، سنڌين جي بيدولي ۽ بگڙيل زبان جو تلفظ ڪن تي ڪهڙو اثر وجهي ٿو، تنهن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

سنڌي ماڻهو، فارسي زبان پنهنجن هموطنين کان سکندا آهن، تنهنڪري هو ان ۾ ڀانت ڀانت جا ناموافق پراڻا ۽ وساريل، علمي ۽ اصطلاحي نيچ ۽ بازاري. ڏاريا ۽ دهقاني لفظ ڪم آڻيندا آهن. مثلاً هو ٽنڊڻ کي چون خبزدوڪ. ڪڪر کي سحاب ۽ رڌڻي کي باورچيخانہ. جيڪڏهن ڪو موزون فارسي لفظ نہ ملندن، تہ تقرير خواه تحرير ۾ هڪدم سنڌيءَ جو ڪو لفظ ڳولهي اٽڪائي ڇڏيندس. هو "گِل = ڀَنجُو" "بمردم-ڪامريہ" ۽

اهڙا ٻيا عجيب لفظ ڪم آڻيندا آهن، جي اصل ٺيٺ سنڌي آهن. پر آخري حرف ڦيرائڻ سان فارسي صورت اختيار ڪئي اٿن. مرڪب لفظن ٺاهڻ ۾ به زبان تي ساڳئي قسم جو جبر ڪيو ويندو آهي. جيئن ته سنڌي ماڻهو فارسي زبان ڪتابن وسيلي يا انهن استادن کان سکندا آهن. جن بخود ڪتابن مان علم پرايو هوندو آهي، تنهنڪري هو لکيل ۽ زباني فارسيءَ جي وچ ۾ تفاوت ڪو نه ڪري سگهندا آهن. اهڙيون ڪي ٿوريون جديد زبانون آهن. جن ۾ فارسي زبان جيترا مڪاني اصطلاح ۽ محاورا هجن. فارسيءَ ۾ ايترا ته اصطلاح ۽ محاورا آهن. جو انهن مان انهن الفاظن جي هڪ لغت ٺهي سگهي ٿي. فارسيءَ ۾ گهڻا گونا گون ۽ پُر معنيٰ بازاري لفظ به آهن. فاحش لفظن ۾ ته هوءَ اسان جي ٻوليءَ کان به گوءِ کڻي ٿي وڃي.

سنڌيءَ جون نحوي غلطيون نهايت ناگوار آهن. هو لطافت جي پرواهه ئي ڪو نه ڪندا آهن. هو پاڻ کي ضمير متڪلم جمع ۾ ”ما“ ڪوٺيندا آهن ۽ پنهنجن ثانين کي حاضر واحد ۾. اها غلطي افغانن، بروهين، بلوچن ۽ ٻين پهاڙي قومن ۾ به آهي. مگر ايران ۾ ان جو نالو نشان به نه آهي. سنڌي صيغي (زمان) جمع ۽ واحد کان به اڻڄاڻ هوندا آهن. هو بيقاعدي فعلن کي ڦيرائي باقاعده فعلن وانگر مضارع ڪندا آهن. مثلاً يافتن مان ”يابد“ جي بدران چون ”يافد“. ساڳين اصولن مطابق هو پنهنجي ٻوليءَ وانگي هڪ ئي مصدر مان ٻه يا ٽي مسبب فعل ٺاهيندا آهن. هنن فارسيءَ ۾ بگڙيل محاورا، جهڙوڪ ”گويانيدن يعني چوائڻ، ”ڪنانيدن“ ۽ .ڪرائيدن“[10] يعني ڪرائڻ ٺاهيا آهن ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڦيريون گهيريون فارسيءَ ۾ ڪيون آهن. جي ڪو به علمي ماڻهو ٻڌي، عجب ۾ پئجي ويندو. ڌارين ماڻهن کي، پوءِ هو ڪهڙين به موافق



حالتن هيٺ فارسيءَ جي تحصيل ڪن، محاورا هميشہ ڏکيا لڳندا. انهيءَ جو هڪ سبب هيءُ آهي ته فارسيءَ ۾ تمام گهڻا ۽ عجيب اصطلاح آهن. ٻيو مکيہ ڪارڻ هيءُ آهي ته فارسيءَ وارن کي عربي لفظن وٺڻ جي عادت هوندي آهي. هڪ فارسي فعل کي عربي اسم لڳائڻ سان، ڪيترا محاورا ٺهي سگهن ٿا. انهي حالت ۾، اصلي فعل معلوم ڪرڻ لاءِ به مشڪل ٿيو پوي. سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي اصطلاحن جو فارسيءَ ۾ لفظي ترجمو ڪندا آهن. تنهنڪري هنن وٽ عجيب عجيب اصطلاح آهن. مثلاً ”حڪم دادن“، (”ڪردن“بدران) ”سوال پرسيدن“ يعني سوال پڇڻ ۽ اهڙي قسم جون ٻيون غلطيون. ان جو نتيجو بعضي بعضي اهو ٿيندو آهي ته معنيٰ، مطلب جي ئي خلاف نڪرندي آهي. اهي آهن ڪجهه سنڌين جي ٻول چال جون مکيہ سهوون. سنڌين جي لکڻ جي طرز، ”بهار دانش، جي طرز تي ٻڌل هوندي آهي. ان ۾ ڪجهه سعديءَ ۽ نظاميءَ جا اصطلاح هوندا آهن. ۽ ڪجهه حافظ جا نقل ۽ محاوره. مطلب ته اها طرز هڪ عجيب چون چون جو مربو آهي. ان سان گڏ وري نيمخواندن جي علمي نمائش. عام ماڻهن جي پست خيالي ۽ هڪ ڌاريءَ زبان ۾ لکڻ جي دقت خيال ۾ آڻيو ته توهان سمجهي سگهندؤ ته سنڌين جو لکيل فارسي ڪتاب، ڪهڙي شئي ٿيندي آهي. خوش قسمتي سان اهڙا ڪتاب عام لکيا ۽ پڙهيا نه ويندا آهن. سنڌ ۾ اهڙا ٿورا عالم آهن، جن کي فارسي تصنيفن جي لکڻ جي همت ٿيندي، سواءِ چند صوفين جي، جن ڌارين ملڪن ۾ سفر ڪري علمي مايو وڏايو آهي.

سنڌي پنهنجو فارسي علم گهڻو ڪري انشا ۽ سرڪاري لکپڙهن ۾ ڪم آڻيندا آهن. گهڻا لکندڙ ”انشاي مرڪزن“ [12] مان لکڻ جي طرز

سکي، پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري ڏيندا آهن. ٻيا وري ڪو ڪتاب ئي ڪو نہ پڙهن ۽ دفترن ۾ وڃي خطن جا خط برزبان ياد ڪري ڇڏين.انهيءَ بيعلميءَ جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو انهن جي لکڻ جي طرز منجهيل ۽ بي معنيٰ هوندي آهي ۽ ان ۾ لفظ غلط استعمال ٿيل هوندا آهن ۽ آدابِ تهذيب جا اصول بلڪل نظر انداز ڪيا ويندا آهن. ايران ۾ مرزائون ننڍي هوندي کان وٺي باقاعدي لکڻ جو ڍنگ ۽ تعظيم و تڪريم جا اصول سکندا آهن. هو ڪيترن ورهين جي محنت ۽ ڪشالي کان پوءِ مس پنهنجي پيشي جي لائق سمجهيا ويندا آهن. سنڌي ماڻهو فارسي اکر بہ پوريءَ طرح لکڻ نہ سکندا آهن. سنڌين جا اکر پيچيده، هِجي غلط [13] ۽ ٻولي منجهيل هوندي آهي، جنهنڪري هنن جي تحرير واچڻ بہ مشڪل هوندي آهي، سنڌي پنهنجي ڪاروبار هلائڻ ۾ سچ پچ پڙ ٿين، تنهن کان اڳ هنن جي ڏاڙهي اڇي ٿي ويندي آهي. هڪڙي ايراني يا افغان منشيءَ کي پنج ڇهہ سال لڳاتار جفاڪشي ڪڍڻي پوندي آهي، تڏهن وڃي سندون ۽ ٻيا منجهيل خطوط سمجهي سگهندو آهي. سنڌ اهڙن سَندن ۽ خطن سان ڀري پئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اهليت جو هن وقت پتو ڪو نہ ٿو پئجي سگهي، مگر انهيءَ وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهن، تہ هوءَ هندستان جي هاڻوڪين عام ٻولين جهڙي قديم [14] آهي.اها هندستاني ٻولين سان تعلق رکي ٿي ۽ سنسڪرت مان نڪتل آهي. سنڌي هڪ خاص جدا زبان آهي ۽ اها ڳالهہ صحيح نہ آهي تہ اها ڪنهن هندستاني ٻوليءَ [15] جي هڪ بگڙيل صورت آهي. سنڌي ٻولي، ڪاٺياواڙ جي حدن کان بهاولپور تائين ۽ بروهين جي پهاڙن کان وٺي هندستان جي اولهہ ريگستان تائين ڳالهائي ويندي آهي. سنڌ جون اهي حدون مسلمان مورخن، راءِ گهراڻي جي هندو راجائن جي بادشاهيءَ



جي ايراضي ڄاڻائي آهي، ان سان ٺهڪي اچن ٿيون. مهذب يا علمي زبان، لاڙ جي آهي. ٻيون مکيہ زبانون هيٺيون آهن:

1. سرائڪي يا سري يعني اتر سنڌ جي زبان. ان ۾ جتڪي ۽ بلوچي لفظن جي ملاوٽ آهي.

2. ڪڇي، جا ڪڇ ۾ ڳالهائي ويندي آهي، اها گجراتيءَ سان گهڻو ملي ٿي.

3. ٿريلي يا جيسلميري، جا عمرڪوٽ، ٿر ۽ جسلمير جي طرف ڪم ايندي آهي. شڪاري، ڍيڍ ۽ سنڌ جون ٻيون اڇوت قومون پڻ اها زبان ڳالهائينديون آهن. ان ۾ مارواڙيءَ جي گهڻي ملاوٽ آهي ۽ ان کي پنهنجا اکر [16] ۽ ڌرمي پستڪ پڻ آهن.

4. تڪراڻي جي ٻولي. سنڌ جي اولهہ ۾ جيڪي ڪوهستاني ماڻهو رهن ٿا، انهن جي زبان آهي. ان ۾ بروهي ۽ بلوچي لفظن جي ملاوٽ آهي ۽ ٻين ڪيترن شين جا نالا ۽ اصطلاح پڻ آهن، جي سنڌ جي پٽن ۾ رهندڙ ماڻهن جي سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندا آهن.

ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڳوڙهي اڀياس ڪري پنجابي، جتڪي، پشتو، بلوچي، بروهي ۽ ٻين همجنس زبانن سان، جيڪي سنڌونديءَ جي اولهہ طرف ڳالهايون وڃن ٿيون. واقفيت ٿئي ٿي. هڪ ڏيهي ماڻهوءَ جي جوڙيل لغت ۾ مون ڏٺو تہ ڇئن سوَن اسمن مان ٻہ سئو پشتو ۽ ڏيڍ سئو بلوچي لفظ سنڌي لفظن جهڙا هئا. ان لاءِ ٻہ سبب ٿي سگهن ٿا: پهريون تہ اهي سڀ ٻوليون ڪنهن پراڻيءَ گمنام زبان مان نڪتل آهن، جنهن جي جاءِ پوءِ سنسڪرت ورتي، يا جيڪا سنسڪرت سان ملي هڪ ٿي ويئي. ٻيو تہ اهي سنسڪرت جي ڪنهن قديم بگڙيل صورت جا نمونا

آهن. جنهن مان وچ ايشا جون زبانون پيدا ٿيون ۽ جا پيلاسجي قوم جا ماڻهو مغرب طرف ڪٽي ويا. انهيءَ قياس جي بنياد تي اها ڳالهه سمجهڻ سولي ٿئي ٿي ته سنڌيءَ ۽ هندستان جي ٻين همجنس ٻولين ۾ چو روزمره جا لفظ جهڙوڪ پُٽ، ڌيءُ، ڳانءِ ۽ گهوڙو سنسڪرت نسل جا آهن. پر جيڪڏهن سنسڪرت کنهن پراڻيءَ ٻوليءَ تي پيوند ٿيل هجي ها، ته شين جا عام نالا ۽ سليس خيالن وارا لفظ جيڪر انهي پراڻيءَ ٻوليءَ ۾ هجن ها.

سنڌيءَ ٻولي جون خصوصيتون هي آهن: ان ۾ سنسڪرت ۽ عربي لفظن جي ملاوٽ آهي ۽ ان جي نحوي بناوٽ مختلف عناصرن مان ٺهيل آهي. ان ۾ ڪيترائي نج خواه بگڙيل لفظ نظر اچن ٿا، جي مغربي هندستان جي اڻپڙهيل ماڻهن جي سمجهه ۾ نه ايندا. ان ڳالهه جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| اچڻ، (س، جڙ: اچا) | جس = فتح (س. يا س - شهرت |
| آڪاس = آسمان | جوءِ = زال (س . جايا) |
| اڇو = سفيد ( س. اڇا) | ڪُڪُڙ |
| اڪڻ = چوڻ ( س. اڪيا) | سٻر، زور وارو (سا = ساڻ، ٻل = زور) |
| اپار = بي انت | سائين = صاحب (س. سوامي) |
| ڏاتار = خدا | |

هندستاني ٻولين جي اصولن خلاف، سنڌي ٻوليءَ ۾ بعضي بعضي عربي ٻوليءَ جا لفظ علمي نالن لاءِ نه، پر عام نالن لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. هن خصوصيت جا ڪي مثال هي آهن:

| | |
|---|---|
| ابو، پيءُ | ڪل، سڀ |
| بصر | خطاب،اسڪول(هندستان ۽ ايران |
| جبل، ٽڪر | ۾ گهڻو ڪري مڪتب چوندا آهن) |



| | |
|---|---|
| ڪاڏاهو، پيالو | محڪم، مضبوط |
| ڪاسو، ٿانو( ع.ڪؤس) | مصحف، قرآن |
| خاص، چڱو | معمور، آباد |
| خيمه، تنبو | ميت، لاشو |
| مقام قبرستان | طعام، ڪاڌو |
| پرچ، تڏو( ع. فرش) | ٿوم ( ع. قوم) |
| رڪابي، ٿالهي | طهر، ( ع. پاڪائي) |
| شيءِ، چيز | |

عربي لفظن جي انهيءَ عجيب استعمال جو هيءُ سبب ٿي سگهي ٿو ته عيسائيت ۽ اسلام جي نمود تي وچ ۾، جنهن کي جهالت جو زمانو چيو وڃي ٿو، شاهي پيماني تي عربستان مان سنڌ طرف لڏ پلاڻ ٿي هئي. هن معاملي ۾ صوبي(سنڌ) جون روايتون ايران، ڪردستان ۽ افغانستان جي روايتن سان ٺهڪي اچن ٿيون. سڀ روايتون انهيءَ ڳالهه تي اتفاق راءِ آهن ته انهن ملڪن کي صحرائي ماڻهن جي نسل وارن ڪاهه ڪري فتح ڪيو هو. مورخ لکن ٿا ته اسلام جي شروعات ۾ جن فوجن بلخ ۽ بخارا فتح ڪيا هئا، تن کي پراڻن اکرن ۾ لکيل ڪتبا مليا هئا، جن ۾ اڳين صحرائي عربن جي حملن جو ذڪر ٿيل هو.

پارسين جي مذهبي ڪتابن ۾ گهڻا عربي الفاظ آهن، تنهن لاءِ به اهو ئي سبب ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ ڪن انگريز عالمن انهيءَ ڳالهه کي انهن جي سچائيءَ ۾ شڪ رکڻ جو دليل بڻايو آهي. قديم خواه جديد فارسي زبان پشتو ۽ سنڌيءَ سان ان ڳالهه ۾ مشابهت رکي ٿي ته انهن جا گهڻا لفظ، آواز ۽ هِجي ۾ سامي ٻوليءَ جي هم معنيٰ بنيادي لفظن جهڙا آهن.

سنڌيءَ نحو، اولهه هندستان جي هاڻوڪين ٻولين جي وياڪرڻ کان وڌيڪ مُنجهيل آهي. پهريون ته ان ۾ پنج خاص آواز آهن، جي ٻين همجنس ٻولين ۾ نٿا ٿين، مثلاً 'ٻ'، هڪ شفوي حرف آهي جو چپن کي ڀِڪوڙڻ سان نڪرندو آهي.

'ڳهه'، G يا گ جهڙو حرف، جو نڙ گهٽ مان اندران نڪري ٿو.

'ڄ'، ڏندن ۽ تارونءَ مان نڪرندڙ آواز.

'ڏ'، جنهن ۾ د ۽ ر ملي هڪ ٿي ٿا وڃن.

'ٽ' ڊ جهڙو مغز مان نڪتل پاڙياٺو آواز.

انهن کان سواءِ 'ڙ' به آهي، جا جتڪيءَ ٻوليءَ وانگر لفظ جي منڍ، وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ايندي آهي.

نحو جي ناموافق بناوت به ڌيان جوڳي آهي. اسمن ۽ صفتن جون پڇاڙيون، ضمير ۽ انهن مان ٺهيل صفتون، فعلن ۾ مصدر جو گردان، مستقبل جون صورتون ۽ ماضي، وصلي فاعل، اهي سڀ هندستاني زبانن جهڙا آهن. هيٺين ڳالهين ۾ سنڌي، فارسي ۽ هندستانيءَ کان بهتر آهي:

1. اسمي خواه صفاتي نالن ۽ لفظن جي جڙن ۽ مصدرن جي پڇاڙيءَ ۾ ننڍو يا ڊگهو حرف علت [17] هوندو آهي. انهن مان حالتون لفظ جي منحرف صورت ۾، انهيءَ حرف علت ڦيرڻ سان ٺهنديون آهن. پر هندستانيءَ ۽ مغربي هندستان جي زبانن ۾ اسم جو پويون حرف صحيح، سمورن گردانن ۾ ساڪن هوندو آهي. مثلاً

سنڌيءَ ۾

| واحد | جمع |
|---|---|
| حالت فاعلي: مڙسَ | مڙسَ |
| حالت اضافت: مڙس جو | مڙسن جو |



هندستانيءَ ۾

| واحد | جمع |
|---|---|
| حالت فاعلي: مرد | مرد |
| حالت اضافت: مرد جو | مردن جو |

2. سنڌيءَ ۾ ڪيترا ضمير حالتن، عدد ۽ جنس ڦيرائڻ لاءِ پڇاڙيءَ وارو حرف بدلائيندا آهن. ضمير موصوف " جو" ۾ به ائين ٿيندو آهي.

واحد

حالت فاعلي : جو، مونث جا

حالت اضافت: جنهن جو، ٻنهي جنسن لاءِ

جمع

حالت فاعلي : جي

حالت اضافت: جن جو ٻنهي جنسن لاءِ

3. زمان حال ٺاهڻ لاءِ مضارع سان جي خفيف جزا ملائبا آهن، سي هميشه فارسيءَ وانگر ساڳيا نه هوندا آهن. پر اهي عدد ۽ جنس سان ڦرندا آهن. فعل، هندستانيءَ کان وڌيڪ ڊولائتو آهي. متعديءَ جي جڙ سان "جڻ" ڳنڍڻ سان مفعول ٺهندو آهي. مثلاً "مار"، "مارجڻ"، هن نئين فعل مان اصلي فعل وانگي باقاعدي ڪيترائي زمان ٺهي سگهندا آهن. مشابه سبب فعلن ٺاهڻ جو طريقو وڌيڪ مڪمل ۽ پيچيدو آهي.

4. سنڌي زبان لطافت ۽ ظرافت جي نقطئہ نگاهه کان ڪيترن

دقيق ڳالهين ۾ اولهه هندستان جي ٻين ٻولين کان بهتر آهي. مثلاً شعر ۾ لفظن جي پڇاڙين ڦيرائڻ جي اجازت هوندي آهي. قافيي جي لاءِ لفظن جا پڇاڙيءَ وارا حرف مٿنيُ يعني ٻٽا ڪري سگهبا آهن. ۽ اهڙي قسم جون ٻيون سهولتون پڻ آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ٻي هڪ خصوصيت هيءَ آهي، جو ان ۾ ٻي انتها ۽ گونا گون لفظ آهن. بعضي بعضي ته ائين پيو معلوم ٿيندو آهي ته لفظن جي فضول زيادتي آهي ۽ خواهه مخواهه هم معنيٰ لفظ ڪثرت سان آيل آهن. صوبي ۾ اهڙي ڪا شئي نه آهي، جنهن جي لاءِ ڏيهي زبان ۾ نالو نه هجي. مگر دهقاني سنڌي- فارسيءَ ۾ ائين نه آهي. عام ظاهري شين مثلاً: اُٺ لاءِ اڪثر ڏهه- ٻارهن لفظ آهن. جن مان ڪي هم معنيٰ هوندا، مگر گهڻن جي معنيٰ ۾ باريڪ تفاوت هوندو آهي. خيالن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏکيا لفظ عربي، سنسڪرت ۽ فارسيءَ مان بنان ڪنهن حجاب جي ورتا ويندا آهن. جنهنڪري سنڌيءَ کي تمام وسيع لغت آهي. جنهن جا مثال ضميمي ۾ ڏنل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ادب بنسبت خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو، ته جڏهن اسان سنڌ ملڪ فتح ڪيو، تڏهن ڪا به اهڙي ڏيهي زبان ڪا نه هئي، جنهن ۾ سنڌيءَ کان گهٽيون يا وڌيڪ ڪارآمد تصنيفون هجن. ان جو گهڻو حصو خاص ڪري عربيءَ مان ڪيل ترجما، ۽ مذهبي تصنيفون آهن. سنڌ ۾ ڪيترا ڪتاب ملندا، تنهن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. پر ٻن ٽن سون کان گهٽ هت ڪو نه ايندا.

نثر ۾ انهاسن جا ترجما، گهڻو ڪري سڀ اسلامي مذهبي علوم، ۽ بعضي دنيوي، پر اڪثر مذهبي تواريخ [19] تان ورتل قصا ملن ٿا. ٻارن کي



عربي ۽ فارسي زبانن سيکارڻ لاءِ لغتون [20]، انشا جا ڪتاب، طب ۽ ٻين علمن [21] تي تصنيفون پڻ آهن.

لکڻ جي طرز جا ٻه نمونا: پهريون علمي، جنهن ۾ جديد عربي ۽ فارسي جا با وزن جملا ۽ بلاغت جون زيادتون نقل ڪيون وڃن ٿيون. اها طرز هندستاني زبانن جي طبع جي خلاف آهي، پر شايد انهيءَ ڪري عام ٿي ويئي آهي، جو ڌارين ٻولين مان ترجمي ڪرڻ جو گهڻو رواج آهي. سنڌي فقط طرز نقل ڪرڻ تي راضي ڪو نه رهندا آهن، پر اصل مضمون جو مواد به ڪم آٽي ڇڏيندا آهن. لفظ به جيڪي وٺندن سي استعمال ڪن. نقل ايتريءَ حد تائين نه ڪيو ويندو آهي، جو ڪن ڪتابن ۾ مضمون جو فقط ٻاهريون خاڪو يعني معاون فعل، ظرف، حرف جر، حالتن جون نشانيون ۽ عطف ، ڏيهي ٻوليءَ تان ورتل هوندا آهن. باقي سمورو عربيءَ ۽ فارسيءَ جو مجموعو هوندو آهي. ٻي طرز عام آهي، جا ماڻهن جي ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي نموني هوندي آهي اها نج سنڌيءَ ۾ يا ڌارين لفظن جي ڪجهه ملاوٽ سان لکي ويندي آهي. علمي طرز غالباً وڌيڪ عام آهي ۽ زياده پسند ڪئي ويندي آهي. علم اجا تائين عالمن ۽ فاضلن جي حجرن مان پنهنجو آستانو ڪو نه مٽايو آهي.

سنڌ جو نظماڻون ادب زياده گونا گون ۽ قيمتي آهي. اهو مرهٽي يا هندي ۽ برج زبانن ۾ جيڪي تصنيفون آهن، تن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ حيثيت نٿو رکي. سنڌيءَ ۾ عربي ۽ فارسي شعر جا پُرتڪلف وزن ۽ بحر ڪو نه ڪم آندا ويندا آهن. سواءِ انهن حالتن جي جتي انهن ٻولين جي شعر جي طرز جو نقل ڪرڻو هوندو آهي. سنڌين کي هڪڙي خاص قسم جو بحر [22] آهي. پشتو سميت ٻيون سڀ پاڙي واريون زبانون اڏارن وزنن مان

ڪم ڪينديون آهن. سنڌي شعر خوبين کان خالي نہ آهي. گونا گون محاورن کان سواءِ ان ۾ لطافت، تازگي، بلند خيالي ۽ فصاحت پڻ موجود آهي، سنڌيءَ جون گهڻيون ئي مڪاني صورتون آهن، جنهنڪري وڏي پايي جا مصنف چيا ڪندا آهن جو جنهن ايراضيءَ جو قصو يا ڪهاڻي هوندي آهي، اتان جا مڪاني لفظ ۽ محاورا ڪم آڻي، پنهنجي مضمون ۾ گونا گون رنگ ڀريندا آهن. تجنيس [23] زياده پسند ڪئي ويندي آهي. تجنيس سان گڏ حالتن جون نشانيون بہ ڪيرايون وينديون آهن. اهي ڳالهيون بين ادبي آرائشن سان گڏجي نثر ۾ هڪ قسم جو سرود پيدا ڪنديون آهن. سنڌين تي، سندن قومي شعر جو تمام گهَرو اثر پوندو آهي، جنهن مان ثابت آهي تہ هنن جي شعر ۾ فصاحت ۽ بلاغت ڀيئي موجود آهن. وڏا وڏا صوفي عالم بہ پنهنجي عربي ۽ فارسي تصنيفن ۾، ڪڏهن ڪڏهن سنڌي مصراعون ڪم آڻڻ کان عار نہ ڪندا آهن. سنڌ ۾ جن قسمن جو شعر لکيو ويندو آهي، سي هيٺ ڏجن ٿا:

1. مدح: هن قسم جي تصنيف کي مسلمان گهڻو پسند ڪندا آهن. ان صنف جو نالو ڏيکاري ٿو تہ ان جو مضمون خدا، رسول ۽ ولين جي ساراهہ ۽ مذهبي ڳالهين سان تعلق رکندو آهي.

2. مناجات: هي بہ مدح وانگر آهي، پر اها مسلمانن کان سواءِ ٻين مذهبن وارا بہ ڪم آڻيندا آهن. اها عيسائين جي گيتن سان مشابهت رکي ٿي. عام ماڻهو ڏيهي زبان ۾ لکيل مناجاتون پڙهندا آهن، پر عالم عربي زبان ۾ زياده پسند ڪندا آهن.

3. مرثيہ: گهڻو ڪري امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام جي شهادت تي لکيل هوندا آهن. سڀ مسلمان، سُني خواهہ شيعا، انهن کي پسندا ڪندا آهن. سُني عالم، مذهبي نقطئہ نگاهہ کان انهن تي اعتراض ڪندا آهن، تنهنڪري هو امام حسين عليه السلام جي دردناڪ شهادت تي ساليانو ماتم ڪرڻ جي رواج کي ننديندا آهن ۽ ٻين کي بہ ان کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪندا آهن.



4. ڪُوار يا لعنت: عربي ۽ فارسي جي هجو جهڙو مضمون آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي نندا ڪيل هوندي آهي. فارسي هجو وانگر سنڌي هجو جا ٻہ نمونا هوندا آهن: هڪڙو مليح يا خليق هجو ۽ ٻي قبيح يعني فاحش، جنهن ۾ ذاتي گاريون ڏنل هونديون آهن. انهن تصنيفن جي خوبين جو اندازو جيڪڏهن سندن تاثر مان ڪجي تہ اسان کي اها ڳالهہ تسليم ڪرڻي پوندي تہ اهي تصنيفون سچ پچ اعليٰ درجي جون آهن. پر انهيءَ جي تاثر جو مکيہ مدار شايد انهن جي مضمون تي ئي هوندو آهي. مشرقي ماڻهن ۾ هجو جا مکيہ موضوع هوندا آهن: مرد جي بزدلي ۽ بخل ۽ عورت جي بي عصمتي ۽ قبيح صورت. انهي ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌي هجو ۾ اهي مضمون ڪاميابيءَ سان نباهيا وڃن ٿا. شاعر جيڪي هجو لکڻ جو خطرناڪ پيشو اختيار ڪندا آهن، سي گهڻو ڪري وڏيءَ عمر کي ڪو نہ رسندا آهن، پر اُنهن جي دل کي اها تسڪين هوندي آهي تہ سندن لعنت جو نشانو، عام ماڻهن جي نظر ۾ هميشہ لاءِ حقير ٿي چڪو آهي.

هجو جا اهي چار نمونا پراڻن علمي ٻولين مان ورتل آهن ۽ انهن جو رواج سڄي اسلامي دنيا ۾ آهي. هيٺيان چار نمونا خاص سنڌ ۾ مروج آهن:

1. فتحنامو يا لڙائيءَ جا گيت [24]: اهي گيت ڪنهن لڙائيءَ جي يادگيريءَ ۾، هار کي جيت جي رنگ ڏيڻ لاءِ ڀَٽ ۽ چارڻ فقير ڳاهيندا آهن. انهن جي طرز ۽ مضمون، قديم عرب شاعرن جي جوشيلي تصنيفن سان

گهڻي مشابهت رکي ٿو.

2. ڪافي يا وائي: هن صنف جو گهڻو ڪري عشقيه مضمون هوندو آهي، ان ۾ اٺن کان ٻارهن تائين مصراعون ٿين ٿيون، جتڪي ۾ انهيءَ قسم جي ڪلام کي "ٽپو" يا "خيال" چوندا آهن. اهو اڪثر ساز سان ڳائيندا آهن ۽ ماڻهو ان کي گهڻو پسند [25] ڪندا آهن. شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ ان جا نهايت سهڻا مثال ڏنل آهن.

3. بيت [26]: انهن ۾ بعضي ٻه، پر گهڻو ڪري ٽي مصراعون هونديون آهن. پهرينءَ مصرع جو قافيو ٻيءَ مصرع سان ۽ ٽينءَ مصرع جي بند سان ملندو آهي. ٽينءَ مصرع جي پوئين بند ۾ قافيو ڪو نه هوندو آهي، هي وزن، خاص سنڌ ۾ ڪم ايندو آهي ۽ هر طبقي جا ماڻهو ان کي پسند ڪندا آهن. بيت، طنبوري تي ڳايا ويندا آهن. ڏوهيڙو پڻ ساڳئي قسم جو ڪلام آهي، فقط نالو ٻيو اٿس. مگر ان جو سر نرالو هوندو آهي ۽ دهل تي ڳائبو آهي.

4. سنيارو: جنهن جي لفظي معنيٰ آهي نياپو. نالي مان ظاهر آهي ته هي عشقي ڪلام آهي، جڻ عاشق معشوق کي هڪ خيالي چٺي ٿو موڪلي. اهو ڪلام هڪ خاص سُر ۾ ڳائيندا آهن ۽ ان سان گڏ بانسري به وڄائبي آهي. ڳوٺاڻا ماڻهو، سنيارو ٻين سيني راڳن کان وڌيڪ پسند ڪندا آهن.

انهن ڪلامن کان سواءِ، ماڻهن وٽ ڪيترن قسمن جون ڳجهاريون ۽ پروليون پڻ آهن، جي عربستان ۽ ايران جي "لغز"، "معميٰ" ۽ "چيستان" سان ملي اچن ٿيون ۽ اسا جن ڏسڻين جهڙيون آهن. انهن ۾ ڪيتريون خوبيون ٿين ٿيون ۽ منجهن نهايت شستگي ۽ لطافت هوندي آهي. ٻين نيم مهذب قومن وانگر سنڌ ۾ به



تمام گهڻو شعر پکڙيل آهي، جو شايد ڪڏهن به ڪٺو نه ڪيو ويندو. ان مان گهڻو حصو سنڌي عالمن جي ڌيان جي لائق آهي ۽ ڪجهه مشرقي علم جي ماهرن لاءِ دلچسپ ٿيندو. هندستان وانگر هن صوبي ۾ به شاعراڻو ڪلام تازه، اصطلاحي، غير مصنوعي، ججهو ۽ گوناگون لفظن سان ڀرپور، سادو ۽ صاف آهي. اسان جي تعليمي سرشتي ۾، ليکڪن جي طرز مصنوعي ٿيو پوي ۽ هو علمي ٻولين مان نقل ڪرڻ جي زياده ڪوشش ڪن ٿا. اهو طريقو شايد نثر ۾ ڪامياب ٿئي، پر شعر نٿو پيدا ڪري سگهي. انهيءَ ڳالهه جي ثابتيءَ لاءِ مرهٽي ٻوليءَ جا پراڻا ڌرمي گيت گڏريل ويهن سالن جي ڪلام سان ڀيٽي ڏسو.

## باب چوٿون

### سنڌ جي ٽن سڀ کان زياده مشهور مصنفن جي حياتي
### هجوَ جا مثال - ساموئيءَ جون پيشنگويون
### سسئي ۽ پنهون ۽ مارئي سومري
### جي ڪهاڻين مان انتخاب

پڙهندڙن جي اڳيان سنڌي ادب جي انتخاب پيش ڪرڻ کان اڳ، واجب آهي تہ سنڌي زبان جي ٽن سڀ کان مشهور مصنفن، مخدوم هاشم، مخدوم عبدالله ۽ سيد عبداللطيف جو ڪجھ احوال ڏجي.

پهريون بزرگ پنوهر قوم جو سنڌي هو. ٺٽي ۾ ڄائو هو ۽ وفات بہ اتي ڪيائين. هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ رهندو هو. هن جا پوياں جي اڃان آسودا ۽ رسوخ وارا آهن. سي عالم جي ڪوٽ ۾ رهن ٿا. هن هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو هو ۽ عربي ۽ فارسي ٻوليون ۽ فقھ چڱيءَ طرح سکيو هو. چون ٿا تہ مسافريءَ جي دوران ۾ هن عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا ۽ سندن مذهب جي خلاف رسالا لکيا. پنهنجي وطن موٽي اچڻ کان پوءِ هن کي ٺٽي جو قاضي مقرر ڪيو ويو. هن کي سندس علميت ۽ فضيلت جي ڪري وقت جا حاڪم چڱو مان ڏيندا هئا. هو هينئر هڪ وليءَ ڪري ليکيو وڃي ٿو. هن جو مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي جو مقبرو آهي ۽ پنهنجي هم وطنين لاءِ هڪ زيارت جي جاءِ آهي. هن جون مکيہ عربي تصنيفون هي آهن:



1. اشباه، 2. فاڪهة البستان ۽ 3. بياض هاشمي

هن جي خاص شهرت هيٺين ڪتابن تي ٻڌل آهي، جي هن عالمن لاءِ عربيءَ زبان ۾ لکيا هئا ۽ انهن جو عام ماڻهن جي سهولت لاءِ سنڌي ترجمو ڪيو هئائين:

1. عقائد، 2. فرائض، 3. ذبح شڪار، 4. اغثني، 5. ذڪر خلفاءِ راشدين، 6. ذڪر قيامت، 7. بدرالمنير ۽ 8. مولود.

هن قرآن جي ڪن پارن جو ترجمو پڻ سليس سنڌيءَ ۾ ڪيو هو. سندس ترجمي ڪيل مصحف جو پويون پارو، پارن ڪي، جڏهن هو مڪتب ۾ داخل ٿيندا آهن، تڏهن ڏنو ويندو آهي. اهو سليس، آسان ۽ معنيٰ سمجهائڻ لاءِ هڪ تمام ڪارائتو ڪتاب آهي. ترجمي جي لياقت ٻين علمي ٻولين ۾ جيڪي مشهور تفسير آهن، تن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ آهي. هن جون ٻيون تصنيفون گهڻو ڪري حنفي فرقي وارا پڙهندا آهن. هو پاڻ بہ ان فرقي جو فرد هو.

مخدوم محمد هاشم کان پوءِ ٻيو سنڌيءَ جو مشهور نثر نگار، مخدوم عبدالله ناڙيءَ وارو هو. هو ڀُڄ جي پرسان ناڙيءَ (ڪڇ) ۾ تولد ٿيو هو ۽ ميندرن جي سنڌي قوم مان هو. هو اٽڪل ٽيھ سال ٿيا تہ سٽڙيءَ ۾ گذاري ويو. ڪڇ جو هندو واءُ سندس مريد هو ۽ ڪيس ساليانو وظيفو ڏيندو هو. هن جي ڪتابن جي مختصر فهرست هيٺ ڏجي ٿي. چون ٿا تہ هن عربيءَ يا فارسيءَ ۾ ڪجھ بہ ڪو نہ لکيو هو.

1. ڪنزالعبرت، 2. قصص الانبياءِ 3. خزانة الابرار، 4. خزانة الاعظم، 5. خزانة الروايت، 6. تنبيہ الغافلين، "معيار سالڪان طريقت"، جو فارسي زبان ۾ هڪ تذڪره آهي ۽ اسلام جي ولين جي زندگيءَ جي احوال سان گڏوگڏ

سيد عبداللطيف تارڪ [1] جو هيٺيون احوال پڻ ڏنل آهي:

”هي ولي، سيد حبيب شاهه جو پٽ هو ۽ ٻارهين صديءَ هجريءَ جي اول ۾ (1689) پيدا ٿيو هو. هو رياضت لاءِ مشهور هو ۽ مجذوب عاشق هو ۽ آخر وڃي مشائخ جي درجي کي پهتو هو. هن جيتوڻيڪ تعليم [2 ]ڪڏهن ڪا نه ورتي هئي، ته به هو سيني علمن ۽ فنن جو مالڪ هو. هن جا بيشمار مريد [3] هئا ۽ انهن مان ڪيترن جي ساڻس ايتري ته محبت هوندي هئي جو هو سندس وفات تي انهيءَ ڏک ۾ مري ويا. انهن مان ڪيترا مشهور ولي ٿي ويا. شاهه عبداللطيف هن جهان مان 1161 هه ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. هن کان پوءِ سيد جمال شاهه سندس گاديءَ تي ويٺو. هن جو مقبرو ڀٽ [4] تي آهي، ۽ هڪ مقدس جڳهه سمجهيو وڃي ٿو.“

اڪثر مؤرخ ايترو ئي لکن ٿا، پر ماڻهن وٽ دستور مطابق سندس معجزن جي هڪ ڊگهي فهرست موجود آهي ۽ هو هن جي سير ۽ رياضت جون عجيب ڳالهيون ٻڌائيندا آهن. مقبري تي گهڻا ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن ۽ اتي ماه صفر ۾ ساليانو ميلو لڳندو آهي. هن جي پوين کي سندن پارسائي جي ڪري عزت ڏني ويندي آهي ۽ هو ڪافي دولت وارا [5] آهن.

سيد عبداللطيف جي شاعراڻي شهرت سندس مشهور ڪلام ”شاهه جو رسالو“ [6] تي ٻڌل آهي. هن جا هموطني کيس سنڌ جو ”حافظ“ ڪري ليکيندا آهن. انهن ۾ ڪي اهڙا ٿورا هوندا. پڙهيل خواهه اڻپڙهيل جن سندس درد ڀريو داستان پڙهيو يا ٻڌو نه هوندو. هو هن جي سرن جي ساراهه ۾ خود سندس چوڻيءَ جو حوالو ڏيندا آهن:

”بيت مَ ڀانئيجا ماڙ هوئا، هي (مڙيوئي) آيتون آهين،
پريان سندي پار ڏي نيو لنؤ لائين.“



هجوَ جي ڪلام جو هڪڙو مختصر مثال هيٺ ڏجي ٿو. اها مهرو نالي، هڪ مڱڻهار جي چيل آهي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڀٽ شاعر ڳائيندا آهن. ان ۾ محمد خان ٺوڙهي ڪوڙي ناريجي ۽ ٻين ديش دروهين جي خلاف عام ماڻهن جي غصي جو اظهار ڪيل آهي:

”ڪل نه پيئي مير کي قيد، ڇي ڏايو رب ستار،
لکيا خط خريب جا سڙيل صوبدار،
ڪنڌ ڀڳو ڪوڙي جو، پيئي منشيءَ کي مار،
ڪهنبڙيا وارو خراب ٿيو، جنهن کي لعنت جي لغار،
لک لعنت صوبدار کي، جنهن لاٿي باهه هنيار،
ٺوڙهو ڀڳو ٺاهه سي، سڻ [9] گانڊوءَ جا
پار،
لک لعنت ٺوڙهي کي، جنهن لهرائي داروءَ کي باهه:
ڪلڪتي کان ڪوناياڻين ”آچي چاچا پڳ ٻڌاءِ،
ڪنجون وٺو ڪوٽ جون، ويهي سنڌ هلاءِ،
”مهرو“ مڱڻهار چوي،
سگهون وڃهي تو شير ۾، اوانجي والي واڳ ورائي،

شاعر مير نصير خان جي حماقت تي افسوس ٿو ڪري، جو هن انگريزن تي ڀروسو ڪيو هو ۽ مير صوبدار تي لعنت ٿو ڪري، جو هن سرچارلس نيپيئر کي پڳ بنسبت خط لکيو هو ۽ هٿياربند ڪوهستاني قومن کي فاتح سنڌ تي حملي ڪرڻ کان روڪيو هو. هلندي هلندي هو ڪوڙي ناريجي نالي هڪ عملدار ۽ آوتراءِ منشيءَ کي سندن لياقت آهر ڪينڪر ڪري ٿو، جو انهن نصير خان جي فوج کي جنگ جي ميدان ۾

ڏوڪو ڏنو هو. پوءِ زوردار لفظن ۾ محمد خان نوڙهي [7] تي ڦٽڪار ڪئي وجي ٿي، جو هن شخص سنڌين جي چوڻ موجب دبي [8] جي لڙائي ۾ انگريزن سان منصوبو ڪري شير محمد جي داروءَ ڪي باهه ڏيئي اڏايو هو. تنهن کان پوءِ، شاعر، ميرن جي حماقت تي ٺٺولي ڪري ٿو، جو هنن گهرو معاملن جي فيصلي ڪرڻ لاءِ اجنبي ماڻهن ڪي دعوت ڏيئي گهرايو هو. آخر ۾ هو پنهنجي پاران شير محمد ڪي دعا ڪري ٿو ته هو شل موٽي پنهنجا ماڳ ماڻي.

هن شعر جي طرز ٿلهي- موٽي ۽ سادي آهي، پر اها ڳالهه يورپي مطالعي ڪندڙن ڪي به قبول ڪرڻي پوندي ته ان جا جذبا حب الوطنيءَ ۽ بلند خيالن کان خالي نه آهن ۽ "مهرو" بيشڪ جس جو حقدار آهي.

ڪن پيشنگوين بنسبت روايت هن ريت آهي: هڪ لڱا ملتان جو مشهور ولي مخدوم بهاؤالدين ذڪريا، جنهن ڪي عام طرح بهاو الحق چوندا آهن، سو پنهنجن مريدن سان ملاقات ڪرڻ نٿي آيو. مريدن هن جي دائمي حضوريءَ [11] جي نعمت حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪيس مارڻ جو منصوبو ڪيو. پر شيخ جيئي نالي، هڪ مريد وجي هن ڪي سازش جي سموري خبر ٻڌائي. پاڻ ۾ صلاح ڪري شيخ، مرشد جي جاءِ تي سمهي پيو ۽ انهيءَ ئي رات هن ڪي ننڊ ۾ شهيد ڪيو ويو. ذليل مريدن اڃي لاش ڪنيو ته رڌي پچائي ڪائون[12]. مگر چاڙهڻ کان پوءِ هو پشيمان ٿيا ۽ گوشت ڪني ۾ وجهي، ڍڪڻ ڏيئي، درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيائون. قضا سان اهو ڪنو ستن مهاڻن جي ور چڙهي ويو. هنن ڪي به حقيقت جي ڪل ڪا نه هئي، سو اهو ڪائي ڍؤ ڪيائون. پوءِ ته هو گوشت ڪائڻ سان ئي وليءَ ٿي پيا ۽ اڃا تائين ساموئي يا ماموئي يا "هفت تن [13]" جي نالي سان مشهور آهن. هو پوءِ غيب جي



اشاري تي، سنڌ نٿي ڏي ڄام تماچي [14] جي درٻار ۾ ويا ۽ هن ڪي چيائون ته تنهنجي تخت جي هيٺان هڪ نانگ جي ڦڻ آهي. جنهن جو پڇ دهليءَ [15] ۾ آهي. جيستائين نانگ انهيءَ جاءِ تي آهي، تيستائين سنڌ ڪي هندستان جي والين مان خطرو نه آهي. آخر هنن، ڄام جي چوڻ تي زمين ۾ ڪلو ڪوڙي، نانگ جو سر قابو ڪيو. پر نٿي جي ماڻهن ڪي ان ڳالهه تي ويساهه نه آيو ۽ بادشاهه ۽ هنن ٻاهران آيل پارسا صلاحڪارن تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا، چي، جيستائين پاڻ ڪلو ڪڍي رت نه ڏسنداسين، تيستائين اسان ڪي اعتبار نه ايندو. بدقسمتيءَ سان ڄام تماچيءَ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ساموئين جو چوڻ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڪلي پٽڻ جي اجازت ڏني. جڏهن هنن ڪلي جي ڇهنب مان رت ٽمندي ڏٺي، تڏهن سيني ڪي دهشت وٺي ويئي ۽ انهيءَ پيشنگوئيءَ تي يقين آين. ان کان پوءِ جو آڦي باقي فقيرن ٻڌاين ته نانگ ڦيرو ڪاڌو آهي ۽ سنڌ تي جيڪو مند چڙهيل هو، سو لهي ويو. تڏهن هنن جي خوف جي حد ئي نه رهي.

ڄام تماچيءَ غصي ۾ اچي حڪم ڏنو ته ساموئين جا سر ڌڙن کان ڌار ڪيا وڃن. پر تڏهن خبر پيئي جو هڪ هڪ ڌڙ پنهنجو سر هٿن ۾ کڻي، اوپر طرف هلڻ لڳو، ۽ هلندا هلندا اچي آمريءَ (لڳ ٽنڊو جان محمد) ۾ پراڻ نديءَ جي ڪناري تي پهتا. اتي هنن جي حياتي پوري ٿي ۽ حرڪت بند ٿي وين ۽ هو زمين تي ڪري پيا. آسپاس جا ماڻهو هنن ڪي ڏسڻ لاءِ اتي اچي ڪٺا ٿيا، تن هنن ڪي دفن ڪيو ۽ اهي مقبرا اڃا تائين آمريءَ ۾ موجود آهن.

پيشنگوين ستن شهرن ۾ آهن. چون ٿا ته جيئن هڪ هڪ وليءَ جو ڌڙ پنهنجو سر کڻي اٿندو ويو، تيئن ڄام تماچيءَ ڪي سنڌ جي مستقبل

متعلق هڪ هڪ پيشنگوئي ٻڌائيندو ويو. تعجب آهي ته جڏهن انهن پيشنگوين جو ڄام تماچي يا سندس زماني سان واسطو ئي نه آهي، تڏهن انهن تي هرڪو ويساهه ڪرڻ ضروري ڪينهي. پر انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته بيت تمام پراڻا آهن. چاڪاڻ ته اهي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ [16] ۾ پکڙيل آهن.

يورپ جي رائيمبر، بيد ۽ مرلن جي اڳڪٿين وانگر [11]، ماڻهو انهن پيشنگوين ۾ سورهن آنا يقين رکندا آهن. اهي بيت مبهم ۽ ذومعنيٰ اصطلاحن ۽ شعبده بازيءَ ۾ اسان جي شاعر "ارڪلڊون" ۽ ٻين قديم غيبدان شاعرن جي ڪلام سان مشاهبت رکن ٿا. منهنجي خيال ۾ انهن بيتن جو اصل وڏو تعداد هوندو. انهن بيتن جو گهڻو حصو گم ٿي ويل آهي، جيئن عام طور قديمي چيزن سان ٿيندو آهي ۽ باقي جيڪي بچيا آهن، سي ڦٽل شعر وڃي رهيا آهن.

هاڻي اچو ته ڏسون ته پهرين لاش پنهنجي سر ڪٽڻ وقت ڪهڙو شعر چيو:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڃندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه مڇي ۽ لوڙهه، ويندي سمي سوڪڙي. [17].

اها پيشنگوئي اڃا پوري ڪا نه ٿي آهي، چاڪاڻ ته اروڙ جي ٻنڌ [18] اڃا ڪا نه ڀڳي آهي ۽ 'هاڪڙي' ۾، جيڪو عمرڪوٽ جي پرسان هڪ ڦٽل درياءُ آهي، پاڻي ڪو نه آيو آهي. شعر جي ٻي مصرع ۾ پهرئين مصرع جي شرح ٿيل آهي. ان جي لفظي معنيٰ آهي ته ٻيڻ جا نڙ يعني ٻهه، مڇي ۽ ٻيڻ جون سپگارن جهڙون پاڙون يعني لوڙهه. جيڪي منڇر ۽ ٻين ڍنڍن ۾ ٿين ٿا، سي جيلسمير، ڪڇ ۽ ٻين اندرين ايراضين ۾ وڃي پهچندا،



جتي هن وقت سمي قوم جا ماڻهو رهن ٿا. هيءَ پيشنگوئي اسان جي شاعر جي هيٺئين بيت جي هڪ يادگيري ڏياري ٿي:

"ايلڊن جي وڻ وٽ، جي تون زنده آهين،
ته ٽويڊ نديءَ جي مٿان پل ڏسندين."

هڪڙي زرخيز ملڪ لاءِ اهڙي پيشنگوئي ڪرڻ ته ان ۾ ڪنهن وقت نهرون ڪوٽبيون ۽ پليون ٺهنديون، اهڙي آسان ڳالهه آهي جهڙو چوڻ ته عربستان جي بيابان ۾ اهي ڳالهيون نه ٿينديون.[ 19] بئي. لاش چيو:

"وسي وسي آر، جڏهن وڃي ڦٽندو،
تڏهن ٻاروچاڻو ٻار، پنجين درمين وڪبو."

سنڌين جو چوڻ آهي ته هيءَ اڳڪٿي آهستي آهستي پوري ٿيندي ٿي وڃي. آڙ ۽ آواڙ، بگهاڙ جا ٻيا نالا آهن. جو هاڻي ڏينهون ڏينهن تانگهو ٿيندو ٿو وڃي. ۽ بلوچ، جيڪي اڳي ملڪ جا والي هوندا هئا، تن کي هاڻي انگريز، سنڌين، جٽن ۽ ٻين رعيتي قبيلن کان وڌيڪ مان نٿا ڏين. هن پيشنگوئيءَ جي لفظن جو مطلب آهي ته آخر ٻروچن جا ٻار، پنجين درمين [20] يعني ٿوريءَ قيمت تي وڪامندا. ان کان پوءِ ٽئين سر آلاپيو:

"ڪاري ڪاٻاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مرمڇي ماري، سڪ وسندي سنڌڙي."

ماڻهو چون ٿا ته هن شعر ۾ مير شير محمد جي لڙاين ڏانهن اشارو ڪيل آهي. جنهن سر چارلس نيپئر جي هٿان شڪست کاڌي هئي. حقيقت ڪي جاڻندڙ اهڙين خسيس ڳالهين تي ڪو به ڌيان ڪو نه ٿا ڏين. چاڪاڻ ته اها لڙائي ڇهه پهر ڪا نه هلي هئي ۽ نه ڪي وري ڪاري ڪاٻاري وٽ ٿي

هئي. هن ڪهني بيت ۾، ”مرمچي“ جي ڪنهن به اجا خاطريءَ جهڙي سمجهاڻي ڪا نه ڏني آهي. جڏهن ٽالپر سنڌ جا والي ٿيا هئا، تڏهن ائين سمجهيو ويو هو ته ڪلهوڙن ڏي اشارو آهي. ان بعد شايد چوٿين ڏڻ ائين سمجهيو هجي ته اهڙي مبهم لفظ جي ڪري مونجهاري ٿيڻ جو امڪان آهي، تنهنڪري هڪدم سوال جواب شروع ڪيائين:

”مر مچي ماري، مرمچيءَ ڪهڙا پار،
هيٺن ڪاريون پوتيون، مٿن ڪارا وار.“

هي بيت ڪجهه زياده واضح آهي، پر ساڳئي وقت مبهم به آهي. بلوچ نيرا يا ڪارا پوتڙا چيلهه سان ٻڌندا آهن. پر ڪيترين ٻين قومون به ائين ڪنديون آهن. ڪي وري انهيءَ بيت جي ٻي مصرع هن ريت چوندا آهن:

”زالن مٿي به چوٽا، مڙسن مٿي وار.“

پنجين ڏڻ پنهنجي بيت ۾ آئيندي جو احوال هيٺين لفظن ۾ ڏنو آهي:

”لڱندي لاڙان، سونڪو ٿيندو سري ۾،
جڏهن تڏهن سنڌڙي، اڳوٽان وٺاه [قنڌارن جوڪو].“

هيءَ هڪ مشهور پيشنگوئي آهي، جنهن سنڌ کي 1839ع کان 1843ع تائين پريشان ڪيو هو ۽ آخر هڪ عجيب نموني ۾ پوري ٿي [21] هئي. ”مياڻي“ ۽ ”دبو“، جتي لڙايون لڳيون هيون. سي لاڙ ۾ آهن. انگريزن جي فوج ڏکڻ کان ڪا نه موڪلي ويئي هئي، جيئن ٿيڻ کپندو هو. پر ميرن کي هيسائڻ لاءِ سکر کان رواني ٿي هئي. ڏکڻ اوپر بمبئي جي ڏس ڏيکاري ٿو.



ڇهين ڏڻ جي پيشنگوئي صاف به آهي ته منجهائيندڙ به جيڪا هيٺينءَ ريت آهي:

”نيرا گهوڙا ڏيرا، اُتر ڪئون ايندا،
گگهيون گسن تي ورهائي ويندا،
تهان پوءِ ٿيندا، طبل تاجاڻين جا.“

پهرين ٻه مصرعون عجيب آهن. ڏيهي ماڻهو چوندا آهن ته انگريزن کي نُقرن گهوڙن جو شوق آهي، اهو اشارو انهن ڏانهن آهي. پر 1843ع ۾ انگريزن جي فوج جا گهوڙا نُقري رنگ جا ڪو نه هئا. ماڳين ماڻهن جو چوڻ آهي ته ٻيءَ مصرع ۾، ٻروچن جي زالن جو ذڪر ڪيل آهي. وڏن گهرن جون زالون پنهنجو بدن چيلهه کان وٺي پيرن تائين، گگهن سان ڍڪينديون آهن. گگها ستر جي نشاني آهن ۽ ٻين ذاتين وارا ماڻهو ڪو نه واپرائيندا آهن. هو سوڙهن پانچن وارين سٿڻن تي قناعت ڪندا آهن.

سنڌ جي فتح وقت، زالن جيڪا روش اختيار ڪئي هئي، سا هن شعر ۾، تمام موزون لفظن ۾ بيان ٿيل آهي.ميرن جي ڏينهن ۾، ڪنهن ٻروچاڻيءَ جي عصمت سان هٿ چراند ڪرڻ ڪي موت جي برابر سمجهيو ويندو هو. تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ٻروچن جي عورتن لاءِ هيءَ عام چوٽي هوندي هئي، ته ”ماين جي گگهي هيٺان، تلوار ٻڌل آهي.“ ان کان پوءِ سماج جي حالت ۾ ڪهڙو نه عجيب ڦيرو اچي ويو آهي!

آخر ۾ ستين لاش هيٺيون عجيب بيت چئي، پيشنگوئيءَ جو خاتمو ڪيو آهي:

”اچي ويهجا ماڙهوئا، ننگر جي آڏار،
پراڻا پرار، نوان م اڏجا نجهرا.“

ننگر يعني شهر، عام طرح ٺٽي کي چوندا آهن، چاڪاڻ ته جڏهن سنڌ اوج ۾ هئي، تڏهن ٺٽو سندس بهترين شهر هو. سمجهيو وڃي ٿو ته هيءَ پيشنگوئي تڏهن پوري ٿي، جڏهن اسان ميرن جي گادي، حيدرآباد ڇڏي، اچي ڪراچيءَ کي حڪومت جو صدر مقام بڻايو هو.

آخر ۾، ايترو چوڻ واجب آهي ته سمجهه وارن پڙهندڙن کي اهو ٻڌي تعجب به ٿيندو ته انهن ۾ واهيات بيتن جو سنڌ جي تقدير [22] تي نهايت گهَرو اثر پيو آهي. سنڌ جي ماڻهن کي اها خاطري ٿي ويئي هئي ته هن سرزمين جي قسمت جو اهو فيصلو ٿيل آهي ته انگريز کين جيتي، مٿانئن حڪومت ڪندا. رياست پرتپور جي ماڻهن کي به اهڙو اثر ويٺل هو، جڏهن لارڊ ڪمبر ميئر [23] مٿن حملو ڪيو هو.

سنڌ جي ماڻهن کي جيڪي ڪهاڻيون ۽ گيت پسند آهن، تن جو هاڻي مختصر ترجمو [24] نموني طور ڏجي ٿو. پهريان سسئيءَ ۽ پنهون جو مشهور قصو ٻڌائجي ٿو. هن ملڪ جو رواج آهي ته شاعر اڪثر ڪري منڍ کان قصي شروع ڪرڻ بدران وچ مان ڪٽندو آهي. تنهنڪري اول قصي جا شروع وارا واقعا ڏيڻ ضروري آهن.

چون ٿا ته جڏهن اسلام، سنڌ ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن ۾ اڃا پورو نه پکڙيو هو، تڏهن ڀنڀور کان پري هڪ برهمڻ کي ڌيءَ ڄائي، جنهن لاءِ پيشنگوئي ڪئي ويئي هئي ته هوءَ وڏي ٿي مسلمان ٿيندي ۽ پنهنجي ڪٽنب کي ٽِڪو لائيندي. پيءَ جي مرضي هئي ته اهڙي ٻار کي ڄمندي ئي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ڇڏجي، پر ڪيس انهيءَ ڳالهه کان باز آندو ويو ۽ پنهنجي زال جي چوڻ تي ٻار کي هڪ پيٽيءَ ۾ وجهي. سرن درياءَ ڪري ڇڏيو. ڪن ڏينهن کان پوءِ اها پيٽي ڀنڀور [25] جي محمود نالي هڪ ڌوٻيءَ کي هٿ



آئي. هن کي پنهنجو ٻار ڪو نه هو، تنهنڪري نينگر کي گود ۾ ورتائين. سنڌي چون ٿا ته جڏهن اها ڇوڪري وڏي ٿي، تڏهن هن جي حُسن ۽ فضيلت ڪلور ڪري ڇڏيا. هاڻي شاعر پنهنجو قصو شروع ڪري ٿو:

”ٻاڀيهي نالي هڪڙو هندو واپاري، اتفاق سان ڪيچ مڪران جي حاڪم، آري ڄام، جو وڪر جا اٺ ڪاهي، ڀنڀور آيو. هڪڙي ڏينهن هو هڪ گهر جي آتڻ وٽان اچي لنگهيو. سسئي ۽ سندس سهيليون جي اتي ويٺيون هيون، تن ڪيس سڏي، ڪانئس وڪر بنسبت پڇا ڳاڇا ڪئي. هن وراڻي ڏني:

”چوٽا، چندن، ڪيوڙا [26] ، مون سان وکر جون ويهون،
مُل مهانگي آءٌ ڏيان، ٻيو وڻج گٿيي ٻيٺون.“

انهيءَ جواب تي مايون چونس ٿيون، ته تو کي زالن سان ڪجهه مروت ڪرڻ کپي.

”اسان جي آتڻ ۾ ويهي تو کي ڪتيو ڪائڻ نه کپي پنهنجو مشڪ ڪڍ، اتي، حاضرينن کي مڪ.

واڻيو، انهيءَ جو، واپارين وانگي جواب ڏئي ٿو ته.

”مان ڌاريو ۽ مسافر آهيان، ڇو ڪڍان. زالون ڀنڀور [27] ۾ اهڙا ظلم ڪو نه ڪنديون آهن.“

اتي سسئي پنهنجي نيڪي ظاهر ڪري ٿي.

”واڻيا، اڄ ۽ ڏج نه پنهنجو وکر ڪڍ، مان تو کي روڪ ڏيندس، هڪ خدا ڄاڻي ٿو.“

واڻيو وکر ڪڍي ٿو ته مائي سهيلين کي مخاطب ٿي چوي ٿي ته:

”واپاري واڻيو گهمندو گهمندو اسان جي ملڪ ۾ پهتو آهي، هن جي سونهن ڏسو . سهيليون! هو ڪهڙو نه حسين آهي!“ هندو خاڪساريءَ

مان ڪم وٺي چوي ٿو ته انهيءَ تعريف جي لائق مان نه پر منهنجي مالڪ جو پٽ، پنهون آهي:

”آءُ ڪڄاڙو آهيان جي ڏسو مون پيي ڏٺيوم[28] ،

تهين جي سونهن جو مون کي چاليهون واڱوم.“

سسئي ۽ سندس سهيليون اها ڳالهه ٻڌي، تڪڙو تڪڙو پڇن ٿيون ته:

”واڻيا، تنهنجي ماءُ - پيءُ تو تي ڪهڙو نالو رکيو هو ۽ اهو جوان ڪير آهي، جنهن جي سونهن جي تون تعريف ڪرين ٿو.“

هندو جواب ٿو ڏئي ته:

”منهنجا ماءُ پيءُ مون کي ٻاٻيهل [29] جي نالي سان سڏيندا آهن ۽ انهيءَ جوان کي پنهل خان بلوچ سڏيندا آهن، جنهن جي مون واڪاڻ ڪئي آهي.“

مائي نهايت اُتسهائيندڙ بيتابيءَ سان منٿ ڪري ٿي ته:

”منهنجا ننڍڙا ٻاٻيهل، بلوچ کي ڪوٺي اچي ته مان ڪيس ڏسان.“

ٻاٻيهو پهريائين قاصد ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ طرحين طرحين جا اعتراض اٿاري ٿو، جيئن ته:

”هن کي ماڻس شڪار جي اجازت به نه ڏيندي آهي، بلوچ تي سخت چوڪسي آهي، مان هن کي ڪين آڻي سگهندس.“

مائي انهيءَ ڳالهه کي گهڻو وزن ڪونه ٿي ڏئي:

”سوين قافلا ۽ لکين ماڻهو اچن وڃن ٿا، بلوچ کي اچڻ ۾ ڪهڙي مشڪلات آهي؟“

جڏهن ٻاٻيهو ڏسي ٿو ته خوبصورت مائي مڃڻ جي نه آهي، تڏهن



پنهنجو آخري داءُ ڪيڏي ٿو:

”پنهون، پرٿ سهڻو، واڏو جنهن جا وار،

ٻه ڪنواريون تنهن جون، ڪوئل [30] جهڙي ڪار.“

سسئي انهيءَ ڳالهه جي به پرواهه نه ڪري، چوي ٿي ته:

”مان به ڪنواري، پنپور جو نڪ آهيان، منهنجو آواز به ڪوئل جي ڪوڪ کان گهٽ مٺو نه آهي.“

اهڙين حالتن هيٺ انسان ويچارو ڇا ڪري سگهي ٿو ٻاٻيهي کي ترس پوي ٿو ۽ هو چوي ٿو ته:

آءُ پڻ هليس ڪيچ ڏي، ٻائي، الاهي توهار،

ڪيڙم ٻول ٻروچ جو، لڳ ڏٺيءَ آڌار.“

سسئي گد گد ٿي چوي ٿي ته:

ٻاٻيهل بلوچ کي منهنجا سلام ڏيج،

ڄام، مان تو کي اُڇا اُڇا ڪپڙا سوکڙيءَ طور موڪليان ٿي.“

قصي جو پهريون حصو اتي ختم ٿيو. هندو موٽي پنهنجي مالڪ ڏي وڃي ٿو ۽ کيس وڻج واپارجو سمورو احوال ٻڌائي ٿو. موقعي ملڻ تي هو گهر جي لاڏلي پنهونءَ کي پاسي ڪري، وڏيءَ شدمد سان کيس احوال کان واقف ڪري ٿو ۽ ناريءَ جو نياپو ۽ تحفا ڏئيس ٿو. اها ڳالهه ٻڌي پنهونءَ[31] جي دل ۾ محبت جو مچ پڙڪاٽ کائي ٿو ۽ هو پنپور هلڻ جي تياري ڪري ٿو ۽ ٻاٻيهي جي اڳيان هيئنين دل پڄائيندڙ لفظن ۾ پنهنجي انتظار ۽ محبت جو اظهار ڪري ٿو.

”دوس، دمامان [32] دائرا مون کي ويهڻ وهه ٿيا،

توڄي بابو موڪل نه ڏي، آءُ پيي هلندس تونسان.“

ٻاپيهو بيزاري ڪري چوبس ٿو ته دل قابو رک تحمل سان آخر ڪاميابي حاصل ٿيندي. پيرسن ڄام وري جڏهن وڃ واپار لاءِ ٻئي قافلي تيار ٿيڻ جو حڪم ڏئي ٿو ته چالاڪ گماشتو چئيس ٿو ته جيستائين پنهونءَ کي هلڻ جي اجازت نه ملندي تيستائين اسان مان ڪو به ڪو نه ويندو. ٻيڙو وراڻي ڏئي ٿو ته:

”هو تو، نو تو، جڪرو، نيو ٻير ٻانهو ساڻ.“

انهيءَ تي ٻاپيهو ورندي ڏئي ٿو ته:

”هت هوتي، نوتي ۽ ٻير ٻانهي جي ڪانهي ڪاڻ،

اسان کي پنهون ڏي ته هلي حاڪمن سان گڏجي“

آري ڄام پهريائين ته پڙ ڪڍي بيهي ٿو، پر پوءِ جڏهن ڏسي ٿو ته اوٺي ضد ڪيو بيٺا آهن، تڏهن پٽ کي وڃڻ جي اجازت انهيءَ شرط تي ڏئي ٿو ته هو پنهنجي ماءُ کان موڪل وٺندو.

”ته پي پر توءِ رب کي جان موڪل ڏيئي ماءُ“

قافلي وارن تي انهيءَ جواب جو بجليءَ جهڙو اثر ٿئي ٿو. ”قافلي وارا خوشيون منائن ٿا ۽ ڪل ۾ سندن وات مان گل پيا ٽڙن“

ٻيو ڄام پوءِ شهر ۾ هڪ ٻيءِ موڪلي ماڻهن کي پٽ جي اُسهڻ جي خبر ڏئي ٿو ۽ هن جي هڪجيڏن دوستن کي گهرائي ٿو. آخر جڏهن سڀ تيار ٿين ٿا ۽ پنهون پنهنجي دل گهرئي اٺ تي چڙهي، هٿيار ٻڌي، روانو ٿئي ٿو، تڏهن سندس ٻڍي ماءُ رڙ ڪري چوي ٿي ته:

اي جوانو، منهنجو پنهون پرتو اٿو.

اهي لفظ ٻڌي ٻاجوڪڙ جوان جي ننڍي زال، عائشه، گهر کان ٻاهر نڪري، اٺ کي مهار کان جهلي، چوي ٿي ته:



ڀتار، مون کي اڪيلو نه ڇڏ. نالي الله جي هيءَ رات مون سان گهار يا مون کي پيڪي موڪل.“

وڏي زال جنهن کي انهن ڳالهين جو زياده آزمودو آهي، سا ننڍيءَ کي باز آڻيندي ٻڌائيس ٿي ته ڀتار جي دل تي ڪنهن ٻيءَ جو قبضو ٿي چڪو آهي.

پنهون خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ نٿو ماپي ۽ سڄي وات قافلي وارن کي سٺين مٺين ڳالهين سان وندرائيندو هلي ٿو. ڪتاب ۾ هڪڙو بيو [33] سنڌي ماڻهن جي سوڻن ڏي اشارو ڪري ٿو:

ڏاٽو تتر جي لنئي ساڄو سراءُ،

هڪ ڪاٽائو سٺ جو ٻيو پرين ميڙاءُ

رستي تي هو هڪڙي شهر مان لنگهن ٿا. اتي هڪ مائي رهندي هئي جا پاڪدامنيءَ جي ڪري نه پر پنهنجي حسن سبباں گهڻو مشهور هئي. البيلي مائي، جنهن جو نالو هو سهڄڻ، تنهن جڏهن پنهونءَ کي هسوار ڏٺو، تڏهن مٿس اکن ڇڪن ٿي پئي. دل ۾ فيصلو ڪيائين ته پنهونءَ سان ڪيئن به ڪري ملاقات ڪنديس. تنهنڪري مرداڻو ويس ڪري، لوءِ جي مڪان وٽ قافلي سان اچي گڏي. اتي اوٺي، ڪجين هيٺان آرام ڪري رهيا هئا ۽ پنهون پنهنجي راز محرم دوست، ٻاپيهي سان شطرنج راند وٺي ڪيڏي. پنهون هڪدم راز سهي ڪري ويو. نازڪ ناريءَ جي سوپيا ڪيس موهي وڌو. پنهونءَ سندس دعوت قبول ڪئي ۽ هن جي صحبت ماڻڻ لاءِ قافلو ٽي ڏينهن ترسايو ويو.

هوڏانهن سسئي پنهنجي عاشق کي ڏسڻ لاءِ منتظر هئي، سو ويئي منشي آخود لعل جي گهر. ان کي نيزاري ڪري چيائين ته ”هر جائي

جوان لاءِ هڪ درد ڀريو خط لکي[34] ڏينم.” اهو عالم بہ ڪو مائيءَ تي گهڻي وقت کان مفتون هو ۽ هن جي عشق ۾ روئي روئي انڌو ٿي پيو هو، سو چيائين تہ ”اکين سان [35].” قدرت سان ائين چوندي هن جون اکيون سڄيون ٿي پيون. سسئيءَ قاصد هٿان چٺي موڪلي، جنهن ”لوءِ“ ۾ پهچي، پنهونءَ جي حوالي ڪئي. هوڏانهن سندر جوان سهڄڻ جي نرم دل تي اهڙو جادو ڪيو، جو هوءَ وڃڻ جي اجازت ڏئيس ئي نہ. آخر لاچار ٿي پنهونءَ هن جي پيالي ۾ آفيم وڌو. ڀاڀيهي کي پنتي ڇڏيائين تہ جڏهن ڦندي ۾ ڦاٿل دلربا اٿي تہ کانئس معافي وٺي. جڏهن رازدار، مائيءَ کي حقيقت کان آگاهہ ڪيو تڏهن هن جي غصي جي حد ئي نہ رهي. ڀاڀيهي کي اڦٽ ماري وجهي ها پر هن چالاڪي ڪري ٺاهہ ٺاهي چيس تہ ”قاصد خبر آندي هئي تہ پنهونءَ جي ماءُ گذاري وئي آهي. انهيءَ جواب ٻڌڻ تي سهڄڻ روئي سڏڪا ڀري، سهيلين کي چيو تہ:

”هلو هلو، جيڏيون، هلي پسو لال لوءِ،
اوطاق پنهل جي، هلي چشمن ساڻ چمو.“

ڀاڀيهي کي ٻائيءَ سوغاتون ڏئي روانو ڪيو ۽ هو جلد وڃي پنهنجي مالڪ سان گڏيو.

جڏهن قافلو منزل کي ويجهو پهتو تڏهن حرفتي ڀاڀيهي، هر هڪ اٺ جي وات ۾ مشڪ [36] جو ذرو وجهي، سندن ٻوٽ ايستائين ٻڌي ڇڏيائين. جيسين وڃي ڀنڀور پهتا. هنن جي سواري ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا هشام اچي ڪٺا ٿيا. اٺن ۽ انهن جي پاڪڙن جي تعريف مان ڍاپن ئي ڪين. آخر قافلي اچي سسئيءَ جي باغ ۾ منزل ڪئي. پر سسئيءَ کي شرم وچان يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري همت نہ ٿي جو عاشق کي گهرائي، ساڻس



ملاقات ڪري. پنهونءَ ڏاڍا وس ڪيا، آخر ڏٺائين تہ هڪ ڪبوتر انب جي وڻ تي ويٺو آهي، سو ڪمان ڪڍي شست وٺي، اهڙي اٽڪل سان تير هنيائين جو وڃي ڪبوتر کي لڳو ۽ ڪبوتر سسئيءَ جي پڦيءَ جي هنج ۾ اچي ڪريو.

ٻڍيءَ غصي ۾ اچي چيو تہ:

”خوني ٻچي خچرو تو خونيءَ خون ڪيو،
پکي ماري اسان جو تنهنجو کهڙو ڪاڄ سريو؟“

پنهون جواب ڏئي ٿو تہ:

”مان خوني آهيان، ۽ خوني ڪم ڪيو اٿم، پر مون کي ان پکيءَ کي مارڻو هو، جنهن مون کي پنهنجي گهران، ڪيچ مان گهرايو آهي.“

سسئي اها ڳالهہ ٻڌي وٺي ٿي ۽ تير ڪڍي وڃي پنهونءَ کي ڏئي ٿي. پنهون کي هاڻي ترسڻ لاءِ ڪو بهانو ڪو نہ آهي، پر تنهن هوندي بہ در وٽ بيهي رهي ٿو ۽ تند مزاج ٻڍي وري اچي مٿجيس ٿي:

”ٿلين ويڙهن وچ ۾، تون ڪنهن جو مور،
ڪ تون کاٽ هڻندڙ ڪ تون ڪپڙ چور [37]؟“

پنهون انهن تهمتن کان هيٺينءَ ريت انڪار ڪري ٿو:

”ٿلان ويڙهن وچ ۾، دوستن جو مور،
نہ آهيان کاٽ هڻندڙ نڪي ڪپڙ چور.“

آخر سسئيءَ کي جوان تي رحم آيو ۽ هن سان ملاقات ڪرڻ قبول ڪيائين. سندس آزمائش وٺڻ لاءِ چيائنس تہ جيڪڏهن منهنجي ٻانهن کپئي تہ منهنجي پيءُ وٽ اچي ڌوٻيءَ جو ڪم ڪر. پنهونءَ اها ڳالهہ قبول ڪئي، پر پنهونءَ جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ عاشق معشوق جي ملاقاتن ۽ ٻين

عجيب واقعن مان گهڻا گل نڪرن ٿا. قصو ڪوتاهه، آخر پنهون ڀاڀيهي سان جهيڙو ڪري ٿو ۽ سسئيءَ سان سندس شادي ٿئي ٿي.

پر هنن جي سک گهڻو جٽاءُ ڪو نه ڪيو. مائي پنهنجي هرجائي مڙس کان وچن گهريو ته ڀنڀور شهر جي هڪ گهٽيءَ ڏي نه ويندين. هن چڱي مڙس واعدو ڪيو ته مان ان جي ويجهو به نه ويندس. مگر انجام ڪندي ئي انهيءَ گهٽيءَ جي ڳولا شروع ڪري ڏنائين. آخر سندس نظر وڃي هڪ سوناري [38] جي خوبصورت زال، ياڳل تي پيئي. مائيءَ کي به بلوچ جوان جي صورت وڻي ۽ هن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڏاڍيان چيائين ته ”خدا شل ميڙو ملائي.“ اهي لفظ ٻڌي پنهون گهر ويو ۽ اتان ترار جو مياڻ ڪٽي مرمت ڪرائڻ جي بهاني سوناري وٽ آيو. سسئيءَ سهي ڪيو ته ڪو مڙيوئي فريب آهي. تنهنڪري پنهنجين سهيلين کي چيائين ته:

”ته پنهل هليم تيوري پيچي تيک مياڻ،
جيڪس سوناريءَ سهتيوئين ياڳل هنيس ٻاڻ.“

ياڳل هڪ نهايت بدڪار عورت هئي. پنهون کي ريبي هن جي دل تي انهيءَ اثر ويهارڻ جي ڪوشش ڪيائين ته سندس زال سسئي ساڻس وفادار نه آهي. جڏهن سسئي بيوفا مڙس کي وٺڻ آئي ته سندس رقيب خوب ڳالهايس.

”موهت متيئي سپ واٽيا، آڏاٽي ڪوري [39]
ڪو نه ڇڏيئي ڪو ٻيو، هوئي جو ٽرن ۾ توري.“

سسئيءَ کي اهي تهمتون ٻڌي ڏاڍو غصو آيو ۽ رقيب کي چيائين ته انهيءَ ڳالهه جو فيصلو باهه جي آزمائش سان ڪنديونسين. ملڪ ۾ چوڌاري واه واه ٿي ويئي ۽ تماشي ڏسڻ لاءِ جتان ڪتان ماڻهو اچي گڏ ٿيا.



ماڻن جي آزمائش لاءِ ٽي - چار مڻ ڪپهه، تيل ۽ گيهه ۾ ٻوڙي آڻي گڏ ڪيائون. اهو نظارو ڏسي، بدبخت ياڳل جي منهن جو پنو ئي لهي ويو ۽ وٺي ڀڄي. پر سسئيءَ ڪنن ڪان جهلي زوريءَ باهه ۾ ڌڪيس. ست جي آخر ستيا ٿي، سوناري جي زال سڙي ڀسم ٿي ويئي. فقط ڪن بچيس جن کي سندس پاڪدامن رقيبه جا هٿ لڳا هئا. پنهون [40] پنهنجي زال جي وفاداري ڏسي خوش ٿيو ۽ ساڻس گڏجي ساهري گهر آيو.

هن واقعي پوري ڪرڻ کان پوءِ شاعر پنهنجي اصلي مقصد تي اچي ٿو. ڀاڀيهي واڻيي غصي ۾ ڀنڀور ڇڏي وڃي سموري حقيقت آريءَ جام کي ٻڌائي. ٻڌي کي جو لڳي منيان سو پنهنجن ڇهن جوان پٽن کي موڪليائين ته وڃي ڪيئن به ڪري باغيءَ کي وٺي اچو. هنن جي سفر جو ڏگهو قصو آهي. مطلب ڳالهه جو ته رواج مطابق هو پنهونءَ ۽ سندس ڪنوار کي نشو ڏيئي، اڌ رات جو فقط پنهونءَ کي اُٺ تي ٻڌي، ڪٽي ويا. سسئي جڏهن هوش ۾ اچي ٿي ۽ ماجرا جي حقيقت پويس ٿي، تڏهن واويلا مچائي ٿي. شاعر انهيءَ واقعي جو ڏاڍو درد ڀريو بيان ڪري ٿو:

”سا گهر نهاري سسئي، ته محبت نه مهاڙي،
ڏنائين ڏيرن جا، اُٺ نه اوتاري،
نيو نهاري، ٽي سجر پير پنهونءَ جا.

رويو رت ڦڙا، ڪر ٽي چپر چاٽاري،
شيشا لعل گلال [41] جا، هڻ هڻ ڪيو هاري،
سا گهايل ڪيئن گهاري، جنهن جو جانب جت وٺي ويا.

پوءِ سندس سهيليون اچي ٿيون ڪيس آٿت ڏين. ماڻس ياد ڏياريس

ٿي ته گهر جو ڪم رهيو پيو آهي ۽ سهيليون انتظار ڪري رهيون آهن. گهڻو ڏک ڪرڻ چڱو نه آهي. ٻائي جواب ڏئي ٿي ته:

”منهنجو پيتار ويو آهي ته مون کي هاڻي چرخو منو نٿو لڳي ۽ نکي مون کي سهيلين جي ڳالهه مان ڪو مزو ٿو اچي. منهنجو ساهه جبلن ۾ آهي، جتي بلوچ اُٺ ٿا ڪاهين.“

سسئيءَ کي ڪنهن به ڳالهه مان ڌِ نٿو اچي. هوءَ آخر سهيلين کي چوي ٿي ته مون پيتار جي پيڇي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، سڀ ڪيس انهيءَ ڳالهه کان باز آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ رستي تي جي ڏک ڏاکڙا آهن، تن جي ڪيس چٽيءَ طرح تصوير ڪڍي ٻڌائين ٿيون:

”سج وج نه سسئي، ٿا نئي ۾ نانگ سجهن،
گدڙ، بگهڙ، پولڙا، ٿا رڃ راڙيون ڪن،
ڪارا نانگ نين [42] ۾، اڳيان واڪا ڪيو ورن،
ڏاڍا ڏينيو ڏونگرين، ڪوراڙيون [43] ڪرڪن،
وحهيو ور وڻن ۾، لوهاريون لڏن،
تتهن ڪان پوءِ سُجن، پڪا پنهونءَ چام جا،

پر سسئي پنهنجي ارادي کان نٽي هٽيءَ سهيلين کي ساڻ گڏجي هلڻ ڪان هيٺين لفظن ۾ منع ڪندي چوي ٿي ته:

”وريتيون ورو، آءٌ نه ورندي ور وري،
متان اُج مرو، منهنجي پنهونءَ [44] کي پاراتو ڏيو“

پوءِ سسئي رواني ٿئي ٿي ۽ ٽڪرن ڏي منهن ڪري چوي ٿي ته:

”اي ڏونگرو، مون کي محبوب جو ڏس چو نٿا ڏيو؟ ڪالهه ته انن جي قطار هتان لنگهي آهي. منهنجو دوست دلدار قافلي ۾ نه هو ڇا؟“



هتي شاعر رستي جي ڏکن ڏاکڙن گرميءَ، مائيءَ جي دل جي امنگن ۽ اورچائيءَ جو نهايت صاف ۽ چٽو نقشوچٽي ٿو، ۽ ڏيکاري ٿو ته هوءَ ڪيئن گرميءَ، سرديءَ، هوا ۽ لک وغيره جي پرواهه نه ڪندي، ڦٽيل پيرن سان هلندي هلي ٿي. آخر ڪيس هڪڙو ٻڪرار گڏجي ٿو، جنهن کي چوي ٿي ته:

” او ادا ٻڪرار، شل ڏٽي تنهنجي ٻڪرين ۾ برڪت وجهي، شل تون هر تڙ تي مشهور هجين! نالي خدا جي، ٻڪرار مون کي ڏيرن جو رستو ڏيکار!“ پر هي بدبخت، انسان نه هو، بلڪ هڪ بدصورت بڇڙو پوت هو. هن کي سندس ڪراڙي ڏائڻ ماءُ چيو هو ته تو کي جهنگ ۾ هيرن جواهرن ۽ پٽ پٽيهر سان لال ڪنوار ملندي سسئيءَ کي ڏسي، سمجهيائين ته منهنجي لال ڪنوار اها آهي. سو نهايت اڍنگي ۽ اُٽسهائيندڙ روش اختيار ڪيائين، ۽ فضيلت جي ليڪي ڪان لنگهڻ لڳو. مائي اُڃ جو بهانو ڪري پيانڪ بدوءَ کي عرض ڪيو ته ” مون کي اُڃ لڳي آهي، ٻڪري ڏُهي پيار.“ هن چيو ته مون وٽ ٿانو ڪو نه آهي.“ ان تي حسين خاتونءَ پنهنجو لوٽو ڪڍي ڏنس. هو ٻڪري وٺي اچڻ لاءِ ويو ته مائي پٿر ڪٽي لوٽي جي تري ۾ ٽُنگ ڪري ڇڏيو. بدوءَ جون اکيون، مائيءَ جو حسن ڏسي، اهڙيون انڌيون ٿيون ۽ هن جا حواس ايترو خراب ٿي ويا، جو اها ڪل ئي نه پيس ته لوٽو ڇو نٿو پرجي. سسئي لاچار ٻيو چارو نه ڏسي، ٻاڏايو ته ”اي ڏٽي، ست رک، زمين ڦاٽي پوي ته مان هن ۾ غرق ٿي وڃان.“ نيٺ ڏٽيءَ هن جو عرض اونايو ۽ زمين ڪيس اوچتو ڳهي ويئي. بدبخت ٻڪرار، پنهنجي خطا محسوس ڪئي، پر ”ڏڌو ڪير ٽٽن نه پوي“ سو نازنين جي يادگيريءَ ۾ ان جاءِ تي لوڙهه ۽ منهن [45] ٺاهي ڇڏيائين.

هوڏانهن قصن جي دستور مطابق، پنهون، پائرن کان جند ڇڏائي، لالوءَ نالي هڪ ٻانهو ساڻ ڪري، تڪڙو تڪڙو پنيور ڏانهن پئي آيو، سو اچي اتان لنگهيو. لوڙهه ڏسي وڏي اوڏي ويو. اچا ويهڻ تي هو ته سندس ڪنوار، قبر مان پڪاري چيو ته:

”پنهون آءٌ پيهي، سوڙهي پانءِ مَ منهي،
اندر باغ بهاريا، ميوا منجهيئي.“

پنهونءَ لالو غلام کي سڏي، اُٺ جي مهار هٿ ۾ ڏيئي چيو ته وڃي منهنجي قسمت جو سمورو قصو منهنجي پيءُ ۽ احبابن کي ٻڌاءِ. پوءِ ڏٽيءَ در ٻاڏايائين ته ”يا الله، مون کي سسئيءَ سان ملاءِ“ قدرت مالڪ جي زمين ڦاٽي پئي ۽ عاشق اندر هليو ويو. آخر لالو، ٻڍي ڄام کي پنهونءَ جي آخري گهڙيءَ جو احوال ٻڌائي ٿو ۽ قصو ختم ٿئي ٿو:

”ويو وڇوڙو، پرين گڏيا پاڻ ۾،
عاشقن روح رتا، گل ويو گلزار ۾.“

هيءُ واقعو، اهڙيءَ ريت هڪ ڏندڪٿا پيو لڳي. ليڪن اها به حقيقت آهي ته ڪيترا سنڌي ان قسم جي ڪرامتن ۾ اعتبار ڪو نه ٿا ڪن. اهڙن ماڻهن وٽ وري هڪ ٻي روايت مشهور آهي ته پنهونءَ کي لالو بدمعاش ماريو هو، جو پنهونءَ هن کي پنهنجيءَ ڪنوار سان ڏسي ورتو هو. بلڪ هو ائين به چون ٿا ته لالو، پنهونءَ کي مارڻ کان پوءِ، هڪ هفتو سسئيءَ سان رهيو هو. ان بعد معاملو لئي مٿي ڪرڻ لاءِ سسئيءَ کي به ماري ڇڏيائين ۽ پوءِ ٻڍي ڄام ۽ سندس رشتيدارن کي مٿين ڳالهه ٺاهي وڃي ٻڌايائين. اهڙن شخصن کي يورپ جي انهن آزاد خيال ماڻهن مان شمار ڪرڻ گهرجي، جي ”ٽراءِ“ جي گهيري ۽ ”اينيس“ جي سفر کي ڏند ڪٿائون ڪري



سمجهن ٿا.

منهنجي مختصر داستان ۾ جيڪو ٻيو قصو ايندو، سو آهي عمر سومري ۽ مائي سانگياڻيءَ [47] جو. اهو قصو پالڻي جي ڪهاڻيءَ سان شروع ٿئي ٿو، جو هڪ روايت موجب مارئيءَ جي ماءُ، مهراڏا کي سندس مڙس، ڦلا لاکي جي گهران پڄائي ويو هو:

”خدا جي امر سان مهراڏا ٺٺولين جو شڪار ٿي، پر هوءَ ڄاول يا خريد ٿيل ٻانهي نه هئي. هوءَ هڪ ماروءَ تي عاشق ٿي ۽ پالڻي سان پڄي وئي، پر قادر جي قدرت سان وڃي ٿر نڪتي“

ان کان پوءِ، جلد ئي ڳوري ٿي پئي. ٿنهنڪري هن جو نڪاح تيستائين ڪو نه پئجي سگهيو، جيستائين مهراڏا پير لڌا. شاعر انهيءَ ڳالهه جو تفصيل سان بيان ڪري ٿو. هڪ نجومي هيٺين اڳڪٿي ڪئي هئي ته ڇوڪر کي سندس حياتيءَ ۾ عجيب غريب واقعا پيش ايندا:

”ڇهين ڏينهن يعني ستينءَ رات ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ [48] هن پيشنگوئي ڪئي ته تنهنجي ڌيءَ جي قسمت اهڙي ٿيندي جو توهان جي در عمر لنگهي ايندو.“

ماءُ انهيءَ پيشنگوئيءَ جو جواب ڏئي ٿي ته:

”پلي اچي، هن کي هيءَ ڦل جي ڌيءَ ملندي، ساهر جي پوٽي، مهراڏا جي ڌيءَ، جا پالڻيءَ جي سام آهي، جو ٿر ۾ رهي ٿو.“

اتهاسن ۾ وڏيڪ ڄاڻايل آهي ته ڪيئن اها ڇوڪري، جنهن جي قسمت جو فيصلو اڳيئي ٿي چڪو هو، وڏي جوان ٿي ۽ حسن ڪديائين ۽ ڪيترن جوانن کي مست ڪيائين. هن جي حسن جو پهريون شڪار هو

ڦوڳ، جو پالڻيءَ جون ريڍون چاريندو هو. جڏهن هن کي ڪا اميد نظر نه آئي تڏهن مالڪ کي چيائين ته مون کان هاڻي نوڪري ڪا نه ٿي پڄي. پالڻيءَ جي مرضي نه هئي ته هو ڪو اهڙو ڪارائتو ٻيلي وٺائنس نڪري وڃي. هو سندس ناراضپي جو راز سمجهي ويو ۽ ڏيءُ جي سگ ڏيڻ جو انجام ڪيائينس. ڦوڳ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجو روزانو ڪم وڏي چاهه سان ڪرڻ لڳو. شاعر چوي ٿو ته:

”من ۾ متارو ٿيو، سيڻن جي سهاڳ،
هٿ ڍيري، ٻانهه ويڙهي، ٿو ڪتي اُن آجهاڳ،
چاري منجهان چاڳ، ٿو ڀهون پاڻ مهاڙيون. [49]

ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن ريڍار ڏٺو ته ڪاج سڌ ٿيڻ جي اميد خير کي آهي، تڏهن مالڪ کي وڃي ڏڙڪو ڏنائين ته وڃي ٿو حاڪم کي دانهن ڏيان ته تو مون سان ڌوهه ڪيو آهي. دغاباز پالڻي چويس ٿو ته:

”عمر عادل بادشاهه ڏور آهي. هو وٺج وهائن سان دست اندازي ڪا نه ڪندو. او ڦوڳ ، تون پاڻ کي اجايو نقصان پهچائيندين.“

انهيءَ جواب تي ڦوڳ غصي ۾ ٽر کان عمرڪوٽ تائين ڏکهي مسافري ڪري وڃي بادشاهه کي دانهن ڏئي ٿو ته:

ڀهچ تون ڀهنوارن کي، اي بادشاهه دوداڻي [50] ڏس
وهه ڏيئي واڏاندڙو مون کي چار چڪايائون چس،
مون تان مارئيءَ بس، سير تو کي سومرا [51]

عمر چيو ته ” واهه. هيءَ ته واعدي شڪنيءَ جي عجيب سزا آهي.“ ڦوڳ کي حسن جي پرک جي ڄاڻ هئي يا نه تنهنڪري سندس امتحان وٺڻ لاءِ هو ڪيس پنهنجي حرمسراءِ ۾ وٺي ويو. پر تنهن کان اڳ هن



پنهنجين راڻين کي خوب هار سينگار ڪرائي ويهاريو. ريڍار جي جڏهن راڻين تي نظر پيئي تڏهن عرض ڪيائين ته ”قبلا، وڏ گهراڻين ۾ هڪ به اهڙي نه آهي، جا ٽريچڻ جو مٽ ٿي سگهي.“ آخر شاعراڻي انداز ۾ چوي ٿو ته:

”او عمر سومرا، تنهنجي پيڻ جي شڪل ڪجهه مارئيءَ جي شڪل سان ملي ٿي، پر اها به هن جي مٽ نه آهي. هن جو نيلوفر جهڙو نڪ [52] ، هن جو ڳل جيئن عنبر تي اجالو، هن جي مٿي جا ڪارا وار ۽ چيلهه جيڏا چوٽا، ڏسڻ سان تعلق رکن ٿا. مون تي ويساهه ڪر، او عمر سومرا!“

آخر عمر ريڍار جي راءِ سان متفق ٿي هلڻ لاءِ تيار ٿيو. شاعر هنن جي سفر جو بيان هن ريت ڪري ٿو:

”جڏهن سومرو، جبرو حاڪم روانو ٿيو، تڏهن ڦوڳ پنيان پيادو ۽ عمر پنهنجي اُٺ تي سوار. آخر ٻيئي ماڳ پهتا ۽ سهڻي شهر ملير [53] جا وڻ ڏٺائون.“

ڀهريان ڀهريان، هنن جي نظر ٻن ماين تي پئي جي هڪ کوهه تي ٻيٺيون هيون، جن جو تعارف شاعراڻي ڍنگ ۾ هن طرح ڪرايو ويو آهي:

”جيئن ڪنورن ۾ ڪنگو [54]،
تيئن مهراڏي سين مارئي.“

اجنبين کي ڏسي مارئي چوي ٿي ته:

اما [55]، عمر آيو، سومري جو سوار،
قادر لهي قرار، پر سنڌي پايان سومرو.“

اجنبيءَ اُٺ ٻيهاريو ۽ ڳالهه ڇيڙڻ جي ارادي سان اُڃ جو بهانو ڪري مهراڏا کي چيائين ته اڃ لڳي آهي، ٿورو پاڻي ڪيڏي ڏي ته پيان.

حسين مهراڻا هن جي ويس وڳي جي پرواهه نه ڪري، هڪدم ڦهڪائي ڏنائينس ته:

"اي مسافر، تو ڪي پاڻي ڪپي، سچ چئُ
تون ڄاڃي[56] آهين يا خود عمر."

عمر جواب ڏنو ته " نه مان ڄاڃي آهيان نه عمر، پر پياسي ضرور آهيان." تنهن تي شاعر چوي ٿو ته:

"تڏهن مارئي ماڳهين ڪڍيو، آب اڃو ڪر ڪير،
انگڙيان ويچو ڪريو، لاهيو وجهي نير،
منجهان حب همير، تو گهُورون وجهي گهوٽيو." [57]

ڳچ مهل ڪان پوءِ عمر ٽپ ڏئي اُٺ تان هيٺ لهي پيو ۽ البيليءَ کي ٻڪ وجهي، چاڙهي عمرڪوٽ ڪٽي ويو. ويچاريءَ گهٽيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون، پر وريس ڪي به ڪين. مارئيءَ چڱو تي پاڻي پيياريو! ڪاڏي پيتي ڪي هٿ ئي نه لائي ۽ نه سوال جواب ڪري. پر شاعر چوي ٿو ته ٻک بجڙي بلا آهي. پيٽ جون علامتون دفع ٿيون ته ننر عمر، حسينه جي خاموشيءَ جو علاج ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڏينهن جو روز هن ڪي بيڙيون وجهي، زنجيرن سان جڪڙي ڇڏيندا هئا. جڏهن رات ٿيندي هئي ته هن ڪي عمر جي ڇپر تي نيندا هئا. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ سوني ڪٽاري رکي هوندي هئي. هي ماجرا ڪجهه وقت هلي، مارئيءَ چيو:

" او سومرا، هي شاديءَ جي ناتي ڳنڍڻ جو رستو نه آهي. تون جنهن سان محبت ڪرين ٿو، ان کي ٻڌين ٿو. هي محبت ڏيکارڻ جو عجيب طريقو آهي! افسوس، مان تر ڏسڻ لاءِ مران ٿي."

پهنوارن جا پڪ پير [58]، شل مان ماروئڙا ڏسان. شاعر مارئيءَ کي



هيٺين لفظن ۾ آتت ڏئي ٿو:

"ماندي ٿي مَ مارئي، هنجون هڏ مَر ــَ هار،
ڏکن پنيان سکڙا، سِگها ٿين سڪار،
پيچي زيرين ٻار، توتان بند بدا ٿيو."

اهڙيءَ طرح، مارئيءَ پهرين بازي کٽي. عمر قيديءَ کي آزاد ڪيو ۽ ڪيس محل جي ٻين زالن سان رهڻ جي اجازت ڏني. موقعي ملڻ تي مارئي پنهنجي سوٽ، ماروءَ کي نياپو موڪليو ته اچي بند مان آزاد ڪر. مارو اُٺ تي چڙهي، راتو واهه عمرڪوٽ آيو ۽ اچي هڪ پير جي خانقاه ۾ لٿو. اُٺ، پير جي حوالي ڪري محل جون پٺيون ٽپي اچي انهيءَ ڪمري ۾ داخل ٿيو، جتي عمر ۽ مارئي ستل هئا. مارئي جاڳي، ماروءَ جي مرضي هئي ته عمر کي پورو ڪري ڇڏي، پر مارئيءَ ڪيس انهيءَ ڳالهه کان باز آندو. آخر صلاح مصلحت ڪان پوءِ، فيصلو ٿيو ته سوني ڪٽاري ڪڍي ان جي جاءِ تي چانديءَ جي ڪٽاري رکجي. ان ڪان پوءِ مارو مجاور [60] جو ويس ڪري وڃي خانقاه ۾ آرامي ٿيو. صبح جو عمر ڪٽاري ڏٺي. مارئي ڪان پڇيائين ته هي ڇاهي؟ مگر هن سموري حقيقت ڪان اڻڄاڻائي ڏيکاري. پنجن - ڇهن ڏينهن ڪان پوءِ، مارئيءَ خانقاه تي زيارت لاءِ وڃڻ جي اجازت ورتي، جو چيائين ته ڪا باس ڏيڻي اٿم. عمر کي ڏٽو ڏنائين ته زيارت ڪري اچان ته پوءِ جيئن تنهنجي مرضي هوندي ائين ڪنديس. عمر خوش ٿي پنهنجي پيڻ ۾ هڪ ٻانهيءَ کي مارئيءَ سان گڏ موڪليو. ممڪن آهي ته هن ڪين مارئيءَ تي نظر رکڻ جي ارادي سان موڪليو هجي. مارئيءَ مقبري تي زيارت ڪري دعا گهري، پنهنجي سوٽ ڏي اشارو ڪري، ماين ڪان پڇيو ته توهان منهنجي پاءُ فقير [61] سان گهمڻ ويندين؟

عمر جي پيڻ چرچو ڪري چيو:

”مارو چڙدي ملير ۾ ٻيو مون پاءُ هٿ ڪيو،
اهڙي نواڙي تو، وڃ هلي ٻئي سين“[62].

مارئيءَ انهن لفظن مان ستو سوڻ ڪڍيو. جلد ئي سهيلين کان جدا ٿيڻ جو موقعو مليس ۽ ماروءَ سان گڏ اُٺ تي چڙهي سڌو ملير جو رخ ڪائين.

عمر کي اها خبر پئي، پر عزيزن ۽ دوستن جي چوڻ تي مارئيءَ سان شادي ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيائين. پوءِ پاڻ ملير وڃي ڪيس چيائين ته اڄ کان وٺي تون منهنجي ڀيڻ لڳين. هن کي اهو فيصلو ٻڌائي، ملير مان موٽي آيو. پر هن جي عشق جي آگ اڃا ڪا نه اجهاڻي هئي ۽ وڃي بستري داخل ٿيو. ڀيڻ بيماريءَ ۾ پڇڻ ايندي هيس، پر هن جو حال ويو هيٺو ٿيندو. آخر هڪ ڏينهن، مارئي، عمر ڏي وڃڻ لاءِ تياري ڪري رهي هئي ته ڪيس ڪنهن اچي ڪوڙي خبر ٻڌائي ته عمر گذاري ويو. هن کي هن ڳالهه تي ايترو ته صدمو پهتو جو سندس روح خاڪي پڃري [63] مان پرواز ڪري ويو. عمر کي جڏهن مارئيءَ جي مرڻ جي خبر پهتي ته هو به بنان هڇڪيءَ جي حياتي کي خيرباد چئي ويو.

مصنف، ٿر جو هي قصو، قديم دستور موجب، قرآن شريف جي انهيءَ آية سان ختم ڪري ٿو:

اِنا لله وِاِنا اليه راجعون

## باب پنجون

### مومل ۽ راڻو- سهڻي ۽ ميهار- دودو ۽ چنيسر
### هير ۽ رانجهو- دولهه دريا خان ۽ مل محمود جا قصا

اڳئين باب ۾ جيڪو مختصر انتخاب ڏنو ويو آهي، سو ڏيکاري ٿو ته سنڌي ادب جو اخلاقي معيار ڪافي بلند آهي. پر مومل ۽ راڻي جو قصو جو البت اعتراض جوڳو آهي. عاشق خود شڪي چال جو ماڻهو آهي، ۽ معشوق هڪ ڪسبياڻي بيان ڪئي ويئي آهي، جا ڪاڪ محل ۾ شوقينن کي، شرط پوري ڪرڻ تي، ملڻ لاءِ ويٺل هئي. پر يورپ وارن کي ائين نه سمجهڻ گهرجي ته هتان جون ڪسبياڻيون ڪي اسان جي ملڪ جي انهن ڏُکي عورتن جهڙيون آهن، جي احتياج يا شوق خاطر انساني خواه الهامي [1] احڪامن جي ڀڃڪڙي ڪنديون آهن.

قصو هن ريت شروع ٿئي ٿو: همير سومرو جو ان وقت سنڌ جو حاڪم هوندو هو، تنهن هڪڙي ڏينهن پنهنجن لنگوٽين دوستن ڏوئر پوٺاڻي (پٽي؟) سنهڙي راڄاڻي ۽ سندس سالي مينڌري کي سڏي چيو ته ”هلو ته جيسلمير جي پرسان ڪاڪ جي ڪناري تي مشهور معشوقہ مومل راٺورياڻيءَ [2]، وٽ هلي دل وندرايون. رستي تي دوستن کي فقيراڻي ويس ۾ هڪ شخص گڏيو، شاعر انهيءَ واقعي جو بيان هن ريت ٿو ڪري:

”بابو [3] گڏيو بر ۾، جان پهر سج کان پوءِ،
قصا ڪريو ڪاڪ [4] جا، رت ورنو روءِ،

ڪاڪ نہ وڃي ڪوءِ، متان مان جيئن مُنو ٿئي.“

دوست ڪيس چون ٿا تہ:

”بابو بر جا، تو کي ڪاڪ جي ڪهڙي شڪايت آهي؟“

فقير جواب ڏئي ٿو:

”جوانو، وڻ بہ توهان لاءِ ارمان ڪندا. پٿر دانهون ڪندا ۽ پاڻي بہ اوهان لاءِ ڳوڙها ڳاڙيندا. جادوءَ جا پردا وڃ وانگي توهان کي انڌو ڪندا. چوي ٿو تہ اي! مير [5] مومل کي ڏسڻ جي ڪنهن کي مجال! سواءِ ڦرڻ جي، ٻيو ڪجهہ حاصل ٿيڻو نہ آهي.“

اها ڳالهہ ٻڌي، دوست سوچ ۾ پئجي وڃن ٿا. شاعر انهن جي ٻُڌ تَر هن طرح بيان ڪري ٿو:

”تڏهن همير نهاري راڻي ڏانهن، راڻو ڏانهن همير.“

راڻو، فقير کان فضيلت ۽ نهٺائيءَ سان پڇي ٿو:

”بابو بر جا، تون اڄ پلي آئين. سامي تنهنجي ڳلي ۾ ٽا چمڪن سونا مڻيا [6]. انهن کي ڇا سان رڱيو اٿيئي جو اهڙا سهڻا لڳن ٿا. اي اڪابر جوڳي، اسان کي ڪاڪ جي ڪل ڏي؟“

تنهن تي، شاعر چوي ٿو تہ:

”تڏهن ڏسڪي ۽ ڏس ڏي، ٿو روئي رتو آب،
تہ آيس لباڻي ڪئون، عاقل، سان اسباب،
آءٌ نانگو، هوس نواب، پر ڪاڪا ماري ڪيس ڪاپڙي[8]“

(شاهہ)

راڻو اڳتي هلي چوي ٿو:

”تون ڪشمير [8] جو فقير آهين،



ڪين ڪاهو پٽ جرار جو ؟“

فقير جواب ڏئي ٿو:

”مينڌرا، منهنجي پويان پنج هزار جوڌا هئا. سوڍا، انهن مان هر هڪ ڳوٺ ڳوٺ جو مالڪ هو، هر هڪ ڍال، ڪٽاري ۽ ترار سان پنهنجي گهوڙي تي سوار هو، پر ڏائڻ جادوءَ جي هڪ نظر سان سڀني کي پورو ڪري ڇڏيو! هن سڀني کي برباد ڪري ڇڏيو، دوست، مان هاڻي اڪيلو آهيان. مينڌرا، ڪاڪ جي واٽ کان تون پاسو ڪر ۽ جنهن ڪڏ ۾ مان ڪريس، تنهن کان پري رهہ [9].“

لاشڪ دوستن کي اها صلاح پسند نہ آئي، ۽ هو هڪدم ڪاڪ لاءِ روانا ٿيا. هو تيستائين هلندا هليا، جيستائين ڪاڪ جي پاڻيءَ کي نہ پهتا. اتي هڪ کوهہ جي چوڌاري ٻانهين جو ٽولو بيٺو هو. هنن جي ويجهو وڃي ڪانئن نهر ۽ شهر جو نالو وغيره پڇيائون. سهيلين جي اڳواڻ جو نالو هو ناتر، جا مومل جي ڪنيز هئي. هن کي مسافرن جي ٻوجهائپ تي غصو آيو، ۽ سندن جواب ۾ چيائين تہ:

”ڪاڪ، ملاقاتين جي تنبن ۽ شاميانن سان پري پئي آهي، توهان ڪير آهيو جو ڪاڪ ۽ ان جي ڪارنامن کان غير واقف آهيو. ۽ راڻوڙ عورتن جي خبر ڪا نہ اٿوَ جي اتي رهن ٿيون: هنن جي مٿن تي گلابي روا آهن ۽ سيني تي گيرو گج. هنن جا ويس وڄ وانگي چمڪن ٿا، هو وٽن هيٺان پينگهن ۾ لڏن ٿيون ۽ پنهنجن لڱن تي قيمتي لوٽن مان گلاب جو پاڻي اوتين ٿيون. ۽ ملاقاتين جي مٿان عطر هارين ٿيون. او امير مينڌرا، ڪاڪ ۾ اهڙا مزا آهن!“

آخر دوست وڃي هڪڙيءَ اوطاق [11] ۾ لٿا. مومل کي هنن جي

اڇڻ جي خبر اڳيئي پئجي ويئي هئي، تنهن کين نياپو موڪليو. قاصدياڻي جُهڪي سلام ڪري، هڪ هڪ مسافر اڳيان پڳڙن جي مُٺ ۽ ڪَچي پَٽ جي ڦوري رکي موٽي ويئي. راڻي کان سواءِ ٻين سڀني چٽا ڪاٽي، پَٽ صفا ڪري، وٽي واپس موڪليو. پر اسان جي سورمي (راڻي) ناتر کي گهرائي ان جي اڳيان پَٽ کي وَٽي، گهوڙي کي ڏاوڻ ڪري وڌو ۽ چٽا اڳيان ڪاٽڻ لاءِ اڇلائي ڏنائينس. ناتر کي چيائين ته پنهنجي مالڪياڻي کي وڃي اهو جواب ڏي [12]. ٻين دوستن حسين ڪنيز سان چرچا گهڻا شروع ڪري ڏنا. همير چيو ته:

"تون گهمين جا رنگ محل ۾، واڻي ڪر ٻانهي؟
مارين مشتاقن کي، جي ڪٽيو نيڻ نهارئين."

ناتر سهائيندڙ نخري سان جواب ڏئي ٿي ته:

"آءُ ٻانهي، راڻيون ٻيون، مون نيٽين مَر پُل،
سندي ڪاڪ ڪنڌيءَ آهي ڪامڻين هُل"[13].

جڏهن مومل کي انهيءَ واقعي جي خبر پئي، تڏهن راڻي کي ناتر هٿان حلوو ماني موڪليائين.

عاشق نوڪر کي چنڊ ڪڍي چيو ته توهان کي اهڙي همت ٿي آهي جو مون ڏي زنانو ڪاڄ موڪليو اٿو. تنهن کان پوءِ جلد ئي مومل دوستن کي دعوت موڪلي، پر شرط اهو هو ته هڪ هڪ ٿي اچن ۽ پهريان اهو اچي جو سڀني کان وڌيڪ بهادر هجي. همير کي پهريان وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي. پر رستي تي نانگن، بلائن، شينهن ۽ ڀوتن جون اهڙيون خوفناڪ شڪليون ڏٺائين، جو ويچارو بڪيو ئي موٽي آيو. ان کان پوءِ ٻيا درٻاري ويا، پر انهن سان به ساڳي ڪار ٿي. جڏهن راڻي جو وارو آيو، تڏهن هن سياڻپ ڪري



نازنين ناتر کي پاڻ ساڻ سونهون ڪري ڪنيو. رستي تي ناتر ڪسڪي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سوڍي ڪتاري ڪڍي اهڙي اک ڏيکاريس جو هوءَ ڊڄي ويئي ۽ وري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪا نه ڪيائين. هو رستي تي جادوءَ جي شڪلين کان ڪونه ڏنو. سمجهيائين ته اهي فقط منهنجي ڊيڄارڻ لاءِ رکيون ويون آهن. آخر سوڀارو جانباز، مومل جي ماڙيءَ تي پهتو. ٻانهين ڪٽولي تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيس، جنهن مان سمجهائين ته ڪو مڙيو ئي فريب آهي. ڪنڌي ئي ڪمان ڪٽ تي هنيائين. ڪٽ ڪَچي واڻ سان واڻيل هئي، ان جي هيٺان هڪ اوڙاهه هو. پوءِ ڪيس هڪ ڪمري ۾ وٺي ويا. اتي البيلين جي قطار اتي سندس آجيان ڪئي. هو انهن جو حسن ۽ لباس ڏسي، وائڙو ٿي ويو. سڀني جون هڪجهڙيون شڪليون هيون ۽ اها ڪل ڪا نه پيس ته مومل ڪهڙي آهي. پر پوءِ ان وقت اتفاق سان هڪ ڀؤنر هن جي وارن جي چوڌاري واس وٺي رهيو هو [15] جنهن مان سهي ڪري ويو ته هوءَ ڪير آهي.

راڻي کي اهڙيءَ طرح پنهنجي عقل جي زور تي ماني به ملي ۽ حسين مومل جي صحبت به نصيب ٿيس. پر هن جي خوشيءَ گهڻو جتاءُ ڪو نه ڪيو. سومرو ساڙ ۾ به ٿي ڏينهن ترسيو. جڏهن سندس ڀيٽيوبو ، مومل کان موڪلائي گهر موٽڻ لاءِ آيو، تڏهن عرض ڪيائينس ته مون کي به ڪلاڪ ڪن مومل جو ديدار ڪرڻ ڏي. راڻي اها ڳالهه قبول ڪئي، پر ان شرط تي ته شهزادو هن وٽ ڏراڙ جو ويس ڪري هلندو. همير ان ڳالهه تي راضي ٿيو. پر پوءِ جڏهن مومل وٽ ويو ۽ هن چيس ته مينهن ڏهي ڏي، تڏهن مينهن کي اهڙيءَ اٽڃاٽائيءَ واري نموني ڏڌائين جو سندس رتبو جهٽ ظاهر ٿي پيو. گهرڏياڻي سمجهي وئي ته معاملو ڪيئن آهي ۽ پنهنجي

عاشق کي چيائين ته:

”راڻا نہ ڄاڻتوءِ، وڏي ويڻ ورسيين،
ست پٽيرو [16]سومرو، ڪو جهو ڪري آندو.“

(شاهه)

شهزادي کي پنهنجي بيعزتيءَ تي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ راڻي کان ويرو وٺڻ لاءِ ڪيس هيٺيون پيغام موڪلي ٿو:

”ميندرا! تون اڇين ٿو يا نه. تنهنجا دوست تو لاءِ ماندا آهن. يا ڍاٽ[17] جي حاڪمن لاءِ تو کي ڪو نياپو سنيهو آهي؟“

راڻو ان جو هيءُ جواب ڏئي ٿو:

”سؤ سلام سهڻي ڍاٽ کي، ويهه سلام پاڙي وارن کي، سائين مومل جي محبت ۾ اسان کي ڪنهن جي پرواهه نه آهي.“

بدقسمتيءَ سان مومل، راڻي کي صلاح ڏني ته تنهنجا دوست ڪاڪ مان موٽي وڃن، تنهن کان اڳ تون انهن کان موڪلائي اچ. هن جي مرضي نه هئي ته دوستن ۾ ڪو ويڇو پوي. راڻو ويو ته هن کي جهلي، چؤڪنيو ٻڌي، اُٺ تي چاڙهي، عمرڪوٽ وٺي آيا. اتي همير ڪيس هڪڙيءَ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪامياب رقيب کي تيستائين آزاد نه ڪيائين، جيستائين هن قسم نه کنيو ته ڪاڪ جو وري نالو نه وٺندس.

سنڌ خواه ٻين هنڌين عاشقن جي وعدن کي ڪو به وزن ڪو نه ڏنو ويندو آهي. هوڏانهن راڻي جو آزاد ٿيڻ ۽ هن جو پنهنجي معشوقه ڏانهن وڃڻ. هڪڙي ڏينهن صبوح جو هن جي زال ڏٺو ته پاڻي جنهن ۾ راڻي پنهنجي



سر جا وار ڌوتا هئا، سو هڪ عجيب رنگ جو هو. سو آخر پنهنجيءَ سس کي سڏي چيائين ته:

”ڀِتي! ڀُنوءِ پر گهر هنڌاڻيون ڪري شيل شڪار،
ڪني ويرئين وڍيو، ڪني ڏنيس مار،
ڪيئن جيئن منجهه ڪاپار، رت ريلا ڪيو نڪري!“

(شاهه)

ٻڍي ڊپ وچان اهو برتن، شهزادي ڏي ڪڍي وئي، جنهن سڃاتو ته ڳاڙهو رنگ ڪاڪ جي پاڻيءَ جو هو. تنهنڪري هن راڻي کي وري نظر بند ڪري رکيو ۽ هن جي دل گهرئي اُٺ جي پيرن ۾ لوهه جا ڪير هٽائي ڇڏيائين. آخر همير جي زال وچ ۾ پئي، پاءَ جا بند خلاص ڪرايا. راڻي نڪرڻ سان هڪدم وري مومل ڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. پنهنجي وڏي اوٺار کي گهرائي پڇيائينس ته منهنجي پياري اُٺ ڪٿي آهي؟ جواب مليس ته اَٺ مري ويئي، پر هڪ توڏو ڇڏيو اٿس، جو رات جو اڪيلو ويندو آهي ۽ صبوح جو موٽي ايندو آهي. گهڻي ٽڪ جي ڪري وات ڳاڙهو هوندو اٿس ۽ ڳريل ۽ ڏٻرو نظر ايندو آهي. اوٺار جي خيال ۾ توڏي کي ڪو مرض لڳو آهي. سو راڻي کي چيائين ته:

”هڪڙو گورو [18] آهي، تنهنجي اُٺ جو توڏو، اصيل، گهڻي وقت کان بيمار آهي، ماءُ مري ويئي اٿس، شايد ان لاءِ هجي ٿو ۽ هاڻي سڪي سڙي ويو آهي.“

راڻو چويس ٿو:

”مون کي اهو سڪل سڙيل توڏو ڏيکار، مان ان جي دوا ڪندس ۽ مرض ڇنائيندس.“

جڏهن راڻي توڏو ڏٺو ته سمجهائين ته ان ڪاڪ جو پاڻي پئي پيتو آهي، جانور نهايت شاندار هو. هن کي گهر وٺي، گهنگهرون ۽ جهاڄن سان جهُل وجهي مٿان چڙهي وينس ۽ خوشيءَ وچان چيائينس:

”هل ميان ڪرهل، ته پسان ماڙيون مومل جون،
تو کي چندن چاريان، طرح موچاري تل،
اسين ماڻيون مومل، تون نايو ناگيليون [19] چرين.“
(شاهه)

پر قسمت جي مرضي ڪا ٻي هئي. حسين مومل، پنهنجي غم غلط ڪرڻ لاءِ هڪ عجيب طريقو اختيار ڪيو هو. ڇا ڪندي هئي جو پنهنجيءَ ڀيڻ سومل کي، راڻي جو هڪ پراڻو وڳو پهرائي، پاڻ سان گڏ ساڳيءَ کٽ تي سمهاري ڇڏيندي هئي. جڏهن عاشق آيو، تڏهن رات هئي. هن ڏٺو ته هنڌ ۾ ٻه ڄڻا ستل آهن. غيرت جي جوش ۾ ٻنهي کي مارڻ لاءِ ترار ڪڍيائين پر وري سوچي، ترار مياڻ ۾ وجهي، پنهنجو لڪڻ کٽ جي آڏو رکي، ماٺ ميٺ ۾ هليو ويو. جڏهن مومل اٿي ۽ نشاني ڏٺائين، تڏهن سمجهائين ته هاءِ غضب ٿي ويو!

”تون ڪاڪ کهي آيو آهين ۽ پنهنجي محبوب کي بيوفا سمجهين ٿو. جت، تنهنجو عقل ته نه اڏامي ويو آهي. تون دل ۾ ڏک سانديي هليو وئين مينڌرا.“

هتي شاعر، مومل جي ڏک، ماتم ۽ مصيبتن جو هڪ نهايت عجب جهڙو بيان ڪري ٿو: عاج جا اٽ، ڪيوڙي جي وڻن هيٺان بيڪار پيا آهن ۽ ريشمي پينگهون پپر جي گهاٽن وڻن ۾ اجايون پيون لٽڪن. ڪا به خوشي دل کي آنند ڪا نه ٿي ڏئي. آخر لاچار ٿي مومل هڪ واپاريءَ جو



ويس ڪري ڍاٽ وڃي راڻي سان دوبدو ٿئي ٿو. سوڍي جي دل ۾ هن لاءِ عجيب عشق پيدا ٿئي ٿي. جنهنڪري هو هن سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍي ٿو ۽ وقت بوقت دعوت ڏيئي گهر ۾ گهرائيس ٿو. هڪڙي ڏينهن، شطرنج کندي راڻي جي وات مان اوچتو نڪري وڃي ٿو ته اي سوداگر، اڄ ته تون عشق جي شمع مومل جون سڪون ٿو لاهين. بس مومل کي موقعو ملي ٿو ۽ پنهنجي اصلوڪي ويس ۾ اچي، راڻي جي ڏنل منڊي هن جي هنج ۾ اڇلي ٿي. هو انهيءَ راز کي معنيٰ خيز سمجهي ٿو، پر غصي ۽ غيرت ۾ ڪنڌ ڦيرائي ڇڏي ٿو. ان بعد معشوقه چويس ٿي ته:

”مينڌرا، انسان خطا جو گهر آهي. چڱا چڱائي ڪندا آهن ۽ ٻين کي گهٽ آزاريندا آهن. هو دوستي نِت نباهيندا آهن ۽ ان جا زنجير نه پڇندا آهن.“

تڏهن راڻو جواب ڏئي ٿو:

”ڇني جا هيڪار، ڪيهي جوڙي تنهن دل جي،
نه ڄاڻان ٻيهار، ميڙو مٽي ڪِين جيئري!“

مومل پوءِ ڪيس جهوليءَ ڪان جهلي چوي ٿي:

”منهنجا محبوب، مان گهر ٻکيارڻ ٿي آئي آهيان ۽ تنهنجو دامن پنهنجي ڳچيءَ [20] ۾ ڳارو ٿي ڪريان.“ پر راڻو مُڙڻ جو نه آهي ۽ آخر دُکي مومل گهر ڇڏي هلي وڃي ٿي. هوءَ حياتيءَ مان بيزار ٿي ڪاٺين جي چکيا تيار ڪرائي ٿي ته:

”مينڌرا، جي اسان جو ميرو هت نه ٿيو ته مان اوڏانهن وڃان ٿي، جتي اسان جا روح گڏبا!“

ائين چئي، هڪ ڪاٺين جي ٻريل باهه جي آڙاهه ۾ ٽپو ڏيئي،

سڙي خاڪ ٿي وڃي ٿي.

جڏهن ڪنور جوان کي هن دکدائڪ واقعي جي خبر پوي ٿي، ته هو اتي وڃي هنجون هاري پنهنجي مومل جي پِتر کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

”پياري اسان جو وڇوڙو ختم ٿيو، دک سڀ دور ٿيا. تنهنجي عشق ۾ مان به انهيءَ دنيا کان موڪلايان ٿو، جنهن ۾ تون نه آهين. منهنجن دوستن کي چئجو ته راڻو مومل جي ڪِڊ ويو.“

پوءِ نوڪرن کان ڪاٺيون گڏ ڪرائي، انهن کي باهه ڏئي مچ ۾ ٽپي پوي ٿو. هن دکدائڪ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ جو بيان ڪندي شاعر چوي ٿو ته:

”سچا عاشق اهي آهن جي هڪ ٻئي سان وفادار هجن جن جون دليون محبت جي رنگ ۾ رتل هجن. اهڙي عشق جي آگ آخرت جو رستو کولي ٿي.“

پڙهندڙ شايد انهيءَ راءِ سان متفق نه به ٿين. پر ڪين اهو قبول ڪرڻو پوندو ته سنڌي شاعر متئين شعر ۾ هڪ ڏکيو مضمون نهايت نزاڪت سان ادا ڪيو آهي. اسان هن جا شڪر گذار آهيون جو هن اجائي پٽاڙ ڪا نه ڪئي آهي. يورپ ۾ جيڪر اهڙي سنهي تاجيءَ کي وٽي وٽي، خسيس ۽ اجائي ڳالهين سان پيري، گهٽ ۾ گهٽ ٽن جلدن ۾ پورو ڪن ٿا. تنهي قصن جي پڇاڙي دکدائڪ آهي. مشرق ۾ جان ۽ مال هميشه جوکي ۾ رهي ٿو. حياتي ڪنهن به وقت خطرن کان خالي نه آهي، تنهنڪري مشرقي ماڻهو يورپي لوڪن وانگر دکدائڪ يا هولناڪ واقعن جا ڏگها بيان گهڻو پسند ڪو نه ڪندا آهن. انهن ڪهاڻين ۾ انهيءَ ادب جو ٻج نظر ٿو اچي، جو پوءِ ابوڪاڪشيءَ پنهنجي خداداد ذات جي زور تي تڪميل جي



پايي تي پهچايو.

هيٺيان قصا سنڌ ۾ ايترا ته مقبول ۽ پسند آهن جو انهن کي درگذر ڪرڻ موزون نه ٿيندو. انهن مان سيني کان زياده دلچسپ قصو آهي سهڻي ”بڏمئيءَ“ جو. پٽ ۽ چارڻ اهو قصو ڏاڍي شوق سان پڙهندا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته سهڻي هندواڻي هئي، پيا چون ٿا ته هوءَ سنگر جي هڪ جاٽ جي ڌيءَ هئي، جو جهنگ سيال ضلعي ۾ سنگرندي جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ آهي. هن جي پيءَ ڏم نالي پنهنجي هڪ ذات واري سان سندس شادي ڪري ڏني هئي. جڏهن ڄڃ ڪريا ڪرم ڪرڻ ۽ سوٽن لاءِ واهه تي ويئي، تڏهن سهڻيءَ کي سندس مڙس، جهنگ مان ڪير ڪٽي اچڻ لاءِ موڪليو. اتي هن هڪ ميهار [21] ڏٺو ۽ ڏسڻ سان متس عاشق ٿي پئي. هيرو ۽ لئينڊر جي يورپين قصي جي رواج جي خلاف. هوءَ روز گهڙي تي سنڌونديءَ تري، رات عاشق سان گهاري، هن جي بانسري جا آلاپ ٻڌي، پرهه ڦٽيءَ کان اڳ گهر موٽي ايندي هئي.

سَسون ساريءَ دنيا ۾ بدنام آهن. هت ان مائيءَ جنهن کي سهڻيءَ جي سس هجڻ جو شرف حاصل آهي، تنهن ڇا ڪيو جو پنهنجي عاشق. ڪوڏو ڪنيار کان هوبهو سهڻيءَ جي گهَڙي جهڙو هڪ ڪَچو دِلو تيار ڪرايائين. سهڻيءَ هڪڙيءَ رات، چانڊوڪيءَ ۾ پنهنجي دوست ميهار سان ويٺي رهاڻيون ڪيون ته اوچتو ميهار ڏي نهاري چيائينس، ته تنهنجي اک ۾ ڦلو ته نه آهي؟ ميهار کي سنسو ٿيو ۽ جواب ڏنائينس تو مون کي ايترا مهينا پئي ڏٺو آهي، پر پوءِ به تنهنجو ڦُلي ڏانهن ڌيان ڪڏهن ڪو نه چڪيو آهي. پانئجي ٿو ته اسان تي ضرور ڪا مصيبت [22] اچڻي آهي. ٻئي دفعي جڏهن سهڻيءَ درياءَ پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪَچو گهڙو

جو هن جي دغاباز سس، پڪي گهڙي جي بجاءِ اتي مٽائي رکيو هو. سو درياءَ ۾ ٻڏي ويو ۽ سهڻي ويچاري کي پاڻيءَ جو موت نصيب ٿيو.

سهڻي جي ساراهه بيتن ۾ اڪثر ڪري هن ريت ڪئي ويندي آهي:

”سهڻي صورت [23] ۽ سيرت ۾ سهڻي هئي، هن ۾ ڪا به وڏ ڪا نه هئي، هن خوشي خاطر گهر ٻار ڇڏيو ۽ محبت جي پنيان قبر نصيب ٿيس.“

دودي ۽ چنيسر جو قصو رزمي وضع جو آهي. پهريئن بزرگ يعني دودي کي لنگها ۽ ڀٽ ڏاڍو ڳائيندا آهن. دودو ۽ چنيسر ڀائر هئا. هو سومرا قوم جي شهزادي ڀنگر جا پٽ هئا. دودو ننڍو ۽ چنيسر وڏو هو. جڏهن هنن جو پيءُ مري ويو تڏهن دودو، جنهن سان سارو سپاهه ٻڌل هو سو چنيسر جو حق ماري تخت تي ويٺو. تاجپوشيءَ جي ڏينهن چنيسر جي ماءُ لڙهه ٻڌي پڇيو ته هي ڇا آهي؟ جڏهن پٽس حقيقت ٻڌايس تڏهن چيائينس ته ”تو جهڙي پٽ کان مون کي ڌيءَ ڄمي ها ته چڱو ٿئي ها.“

ماءُ جو مهڻو چنيسر لاءِ نياڳ جي حد هئي. جڏهن ٻيو ڪو چارو نظر نه آيس، تڏهن مغلن کان مدد وٺڻ لاءِ دهليءَ روانو ٿيو. هن مغل جي دارالسلطنت ۾، شهنشاهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو ڪيترو وقت ضايع ڪيو. آخر جڏهن صاف جواب مليس، تڏهن هن ڇا ڪيو جو بادشاهه جي هڪ پياري هاٿي کي جادوءَ جي لڪڙيءَ(جا ڪيس سفر ۾ هڪ ربيار ڏني هئي) جي هڪ ڌڪ سان ماري ڇڏيائين. انهيءَ ڏوهه لاءِ هن کي علاؤالدين بادشاهه جي اڳيان پيش ڪيو ويو. وزير ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪئي. چنيسر ڪيس پنهنجي مطلب کان واقف ڪيو ۽ پنهنجي قوت ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ چيتو



اڪيلي سر ماري ڏيکاريائينس. بادشاهه هن جي بهادري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس تخت واپس وٺي ڏيڻ لاءِ پنهنجي سر تياري ڪرڻ لڳو.

جڏهن مغلن جو ڪٽڪ جيسلمير پهتو، تڏهن بادشاهه چنيسر جي صلاح سان دودي ڏي خط لکيو ته ٻه ٽي سومريون اسان ڏانهن موڪلي، اچي آڻ مڃي، سنڌيءَ (دودو) پنهنجي قوم جا ماڻهو گڏ ڪيا. هنن رايو ڏنو ته اهڙو مطالبو قبول ڪرڻ سومرن جي شان وٽان نه آهي، پر تنهن هوندي به چيائون ته ٻڍي مڱڻهار سان، جو انهن ڳالهين ۾ پڙ سمجهيو ويندو هو، مشورو ڪرڻ کپي. هو ٻڍي کي ڪڇهه ۾ ويڙهي ٽوڪري ۾ وجهي بادشاهه جي حضور ۾ وٺي آيا. هن جواب ڏنو ته سومرن جي قوم جو اهڙو ايمان سورهين پيڙهين ۾ ڪو نه ٿيو آهي. ساڳئي وقت دودي جو مطلب هو ته ڪيئن به ڪري رتوڇاڻ کي ٽارجي. سو هڪ سؤ گهوڙا ۽ هڪ هاٿي شهنشاهه ڏي نذراني طور موڪليائين. علاؤ الدين پهريائين انهيءَ خراج قبول ڪرڻ تي راضي هو، پر چنيسر چيس ته ظالم دودي روبرو اچي تحفا پيش ڪرڻ جي بدران جانور موڪلي بادشاهه سان غلامن جهڙو برتاءُ ڪيو آهي. علاؤ الدين غصي ۾ اڳتي وڌيو، دودو مقابلي لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. پهريائين شرم [24] (ٻار ٻچا) اوڏرڪپور راڻي ڏانهن موڪليائون پر پوءِ انهن کي ڪڇ جي سمي قوم جي هڪ دلير راڄا، ابڙي آبراڻيءَ جي حفاظت ۾ رهايائون. ڏرين جي وچ ۾ ڪيترا ڏينهن مقابلا ٿيندا رهيا. آخر ٻنهي جا لشڪر هڪ ٻئي سان دوبدو ٿيا. سنڌين، سندن چوڻ مطابق، عجيب ڪارناما ڪري ڏيکاريا. دودي اڪيلي سر بادشاهه جي پهريدارن تي حملو ڪيو. هو ماڻهن جي ميڙ مان چيريندو علاؤ الدين جي هاٿي جي ٽنگ ۾ خنجر هڻي، مٿي چڙهڻ وارو هو ته مٿانئس وارو وار ٿي ويئي، مڙس بادشاهه کي پهچي ئي پهچي، تنهن کان اڳ پاڻ زخمي

ٿي ڪري پيو.

سنڌين جي فوج ۾ اچي ڀاڪوڙو پيو. مغلن، اوڏر کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ سمي تي حملو ڪيو. سمون گهوڙيءَ تي چڙهي، هني تي ويهي، دشمن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪوٽ مان نڪتو. هن جا ٿورا ماڻهو اڪيچنيٖ ۾ ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويا. آخر پاڻ به موت جو شڪار ٿيو. هن جو لاش سندس گهوڙي، جنگ جي ميدان مان گهر کڻي آئي. هن جي زال اها ڪارروائي برج تان ڏٺي. هن لاش کڻي اپو ڪري درياءَ مان بيهاري ڇڏيو ته دشمن سمجهي ته ابڙو اڃا جيئرو آهي. پر قلعي کي گهيرو ڪيو ويو ۽ زالون پنهنجو بچاءُ نه ڪري سگهيون. تنهنڪري زهر پي سورمين وانگر ساهه ڏنائون.

مڪار چنيسر جڏهن ڏٺو ته منهنجي هٿان خاندان جو ايمان ۽ خاتمو ٿيو آهي، تڏهن علاؤالدين کي پوري ڪرڻ جو پهه پچاياءين. جيئن سندس پاءُ ۽ پيا عزيز سندس هٿان چٽ ٿيا هئا. سو ڪهي ويو ڄام ابڙي جي اڪلوتي پٽ ڏونگر راءَ وٽ ۽ ان سان صلاح مصلحت ۽ مشورو ڪيائين. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ ڪڇ جا سڀ محب اتي ڪٺا ٿيا. فقط حجم ڪو نه شامل ٿيا، جن کي اڃا تائين حقارت جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي. لڙاين پنيان لڙايون ۽ حملا ٿيا ۽ آخر مغلن جو لشڪر ناس ٿي ويو ۽ بادشاهه سٽن ماڻهن سان ڀڄي وڃي ماٿيلي ۾ پناهه ورتي. اتي پهچندي خبر پيس ته دهلي ۾ فساد ٿيا آهن. سو حياتيءَ کان تنگ اچي زهر کائي پران ڏنائين. باقي جيڪي ماڻهو ان جي لشڪر مان بچيا، سي ڏاڙهيون ڪوڙائي وڃي فقير [25] ٿيا.

اسان جي فهرست ۾ ٻيو آهي پنجاب جو مشهور قصو، جيڪو هير



رانجهو [26] جي نالي سان سڏجي ٿو. هير هئي معشوقه ۽ رانجهو سندس عاشق. چون ٿا ته رانجهو، جهنگ سيال يا ڪن جي چوڻ مطابق تخت هزاريءَ جي ڄام محمد عرف فوجي نالي هڪ زميندار جي اَٺن پٽن مان هڪ هو. پيءُ ارادو ڪيو ته پٽ کي شادي ڪرائجي. هن انهيءَ مراد سان، ملڪ جي سٺي حسين ڇوڪرين کي ڪَٺو ڪيو. پوءِ رانجهي کي چيائين ته تون پنهنجي ڪنوار انهن مان پسند ڪر. ان جوان اتفاق سان وڃي هڪڙيءَ اهڙيءَ عورت تي هٿ رکيو، جنهن کي انهيءَ جماعت ۾ حاضر رهڻ جو حق ڪو نه هو. چاڪاڻ ته هن جي اڳيئي شادي ٿيل هئي. انهيءَ واقعي مان سٺي ڪنيائن، خبر نه آهي ته ڪهڙي بنياد تي ائين مشهور ڪيو ته رانجهو جهنگ سيال جي مشهور نازنين، هير تي عاشق ٿيندو. تنهن کان پوءِ عاشق فقيراڻو ويس ڪري معشوق جي ڳولا ۾ نڪتو. رستي ۾ ڪي معمولي ڪرشمن ڏيکارڻ کان پوءِ، هن کي آخر محبوب سان ملاقات جو فخر حاصل ٿيو. پوءِ معشوق جي اڳيان زهر جو پيالو پي هن پنهنجي پاڪيزگي نه، ته به عشق جي انتها ثابت ڪري ڏيکاري ۽ اهڙيءَ طرح عاشق معشوق جو ميڙو ٿيو. تنهن کان پوءِ هو ٻيئي سير جي ارادي سان روانا ٿيا.

هي قصو ڀٽن ۽ چارڻن کي نهايت پسند آهي. انهن مان ڪي هيج مان سهڻي هير جي مقدس قبر تي زيارت لاءِ به ويندا آهن. عاشقن جو قصو هزارن شعرن ۾ ڇيل آهي. انهن مان ڪي مختصر شعر مثال لاءِ هت ڏجن ٿا، جيئن ته هير چوي ٿي:

”يا الله، رانجهو شل مون کان ڌار نه ٿئي! الله، اسان جي مدد ڪر.
ويڏڻ شل نه مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان محبت ڪري! جتي
نانگن ۽ وڇن جا ٻر آهن اتي رانجهو بيدپو گهمي ٿو [27] رات

کان وٺي جڏهن مان ساڻس گلابي ويس [28] ۾ گڏي هيس. شل کيڙو [29] مربي ۽ سندس تڪليفون ختم ٿين ۽ رانجهو هميشہ جهنگ سيال ۾ هجي!"

ٻيو مثال:

"جڏهن سؤ هزار حڪيم نااميد ٿي وڃن، تڏهن رانجهو اچي تہ مان بستري مان اٿي ڪڙي ٿيان. جتي رانجهو پنهنجا ڏڳها وار وڇائيندو، اتان مان مٽي گڏ ڪنديس [30] . مون کي ٻيرن جي هڙي ۾ مزو ٿو اچي، جتي رانجهي جون مينهون ٿيون چرن."

دولهہ دريا خان جو قصو بہ سنڌين جي زور آزمائيءَ ۽ ملڪ گيريءَ جي هڪ نيم تاريخي ڪهاڻي آهي. چون ٿا تہ ڪينجهر [31] ڍنڍ جي ڪناري تي ڪينجهر نالي هڪ شهر هو. اتان جي حاڪم ڄام نندي کي ٻار ڪين ٿيندو هو. تنهنڪري هن گود جي هڪ ٻار وٺڻ جو خيال ڪيو. هڪڙي ڏينهن، شڪار ڪندي، ڏٺائين تہ هڪ ريڊار جو ٻار وڻ هيٺان سمهيو پيو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهيءَ کي جاچيندو رهيو. ڏٺائين تہ ٻار جي مٿان ڇانوئي ڇانو بيٺي آهي. سمجهيائين تہ هيءُ غيب جي نشاني آهي ۽ ٻار وڏيءَ ڳالهہ وارو ثابت ٿيندو. تنهنڪري هن کي کڻي گود ۾ ورتائين. نالو رکيائينس دولهہ دريا خان. خان ساماڻندي ئي نالو ڪڍيو. گهڻائي بهادريءَ جا ڪم ڪيائين ۽ سنڌ جي آسپاس وارا ملڪ فتح ڪيائين. آخر قنڌار وٺڻ جو ارادو ڪيائين ۽ ان ۾ پڻ ڪامياب ٿيو. سڄي واٽ تي باهين جا مچ ٻارائي ڇڏيائين، تہ جيئن سندس ماٽيلي پيءُ کي فتح جي خبر پوي. انهيءَ واقعي سببان سنڌ جا ماڻهو خوشيءَ ۾ ڊاپيائي نٽي.

جڏهن دولهو موٽي آيو، تڏهن سولنگي قوم مان سگ وٺڻ جو ارادو



ڪيائين. پر هنن اهو شرط قبول نہ ڪيو. بهانو ڪيائون تہ اسان وٽ تنهنجي لائق ٻانهن ڪا نہ آهي. ان ڳالهہ تي خان کي بيحد غصو لڳو.

آخرڪار انهيءَ تڪرار ۾ سولنگين جا چڱا مڙس مارجي ويا. قوم جي سردار هڪ پيرسن مائي هئي جا اتفاق سان بچي ويئي. هن قسم کنيو تہ جيستائين وير نہ وٺنديس، تيستائين سک سان نہ ويهنديس. سو ويئي دهليءَ مغلن کان مدد وٺڻ. مغلن جي مدد سان هوءَ هڪ چڱو لشڪر ڪٺو ڪري پنهنجي ملڪ ۾ موٽي آئي ۽ خان سان لڙائي ڪري، ڪيس سخت شڪست ڏنائين.

اهو ثابت ڪري ٿو تہ هڪ عورت جو انتقام ڪهڙو نہ خوفناڪ ٿي سگهي ٿو.

مل محمود يا محمود بهادر جو قصو، اسلام جي اوائلي سورمن جي بهادريءَ جي يادگيريءَ کي تازو ڪري ٿو. بهادر مل محمود حضرت علي رضہ جي اصحابن مان هڪڙو هو. هو سچن جانبازن وانگر، مڪي مان، خدا ۽ رسول ﷺ جن جي منڪرن جي لشڪر کي ناس ڪرڻ جي ارادي سان نڪتو هو.

انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي قلعي جو مالڪ، نيرون نالي، هڪڙو ڪافر هو. هن پليت جي ڌيءَ بيبي نگار، شڪار ڪندي جهنگ ۾ پريان باهہ ڏٺي. وڃي ڏسي تہ هڪ بڪايل شخص شڪار وينو پچائي. هن جي پوشاڪ مان صحيح ڪيائين تہ هو ڪو اجنبي سپاهي آهي. مائي مرداڻي طبيعت ۽ مزاج جي هئي ۽ ڪثرت ۽ ورزش جو شوق هوندو هوس. سو اجنبيءَ سان زور آزمائڻ لاءِ تيار ٿي. محمود کي اها ڪل ڪا نہ هئي تہ مخالف ڪا عورت آهي، تنهنڪري هن جي شوق پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس هڪ

چڱو خاصو ٺڦڙ وهائي ڪڍيائين. پر هن ڪي دشمن جي ٻانهن جي پرسان هڪ عجيب قسم جي نرمائش محسوس ٿي. اهڙيءَ طرح ٻه ٽي دفعا ڪوشش ڪيائين، پر ناڪامياب ٿيو. آخر وڏيڪ مقابلي ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. مائيءَ مشڪي نقاب لاٿو ۽ راز ظاهر ڪيائين. ٻئي ڏريون ڏسڻ شرط ٺهه پهه هڪ ٻئي تي عاشق ٿي پيون. آخر ته ٻيئي مشرقي هئا! شاديءَ جي هڪدم تياري ٿي ويئي. اهڙي جلد بازي مغربي ملڪن جي ماڻهن ۾ ممڪن نه آهي. پوءِ مائي عاشق کي پنهنجو نالو ۽ پتو ڏئي هلي وئي. وڃڻ وقت وفاداريءَ جي وعدي سان گڏ هڪ سوني منڊي به نشانيءَ طور ڏنائينس. جوان به وفاداريءَ جو سُنهن کنيو ۽ هن کي مذهب بدلائڻ لاءِ زور پريائين. پوءِ هن کان اجازت ورتائين ته مڪي وڃي پنهنجي مربي عليرضه کي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏئي، وٺي ٿو اچان.

مائيءَ جي ساٿين قلعي ۾ پهچڻ شرط، هن جي پيءُ کي خبر ڏني ته تنهنجي ڌيءَ جي هڪ مسلمان سان لنؤن لڳي ويئي آهي. پڻس ارادو ڪيو ته ڇوڪريءَ جي ڪنهن مٽ مائٽ سان شادي ڪرائي ڇڏجي ته چڱو. حڪم ڏنائين ته ڄڃ جو هڪدم بندوبست ڪيو وڃي، ڳاني وارا گهرايا وڃن ۽ ٻيو مناسب بندوبست ڪيو وڃي. بيبي نگار لاچار ٿي ڪري هڪ تيز رفتار اُٺ تي، هڪ سوار کي مڪي روانو ڪيو. هو جلد وڃي محمود کي پهتو. هو جڏهن موٽيا پئي ته خوشقسمتيءَ سان حضرت علي اسدالله به کين پنهنجي برڪت واري گهوڙي، ذوالجناح تي چڙهي اچي پهتو. حيدرآباد ۾ حضرت عليءَ رضه کي هڪ باغ ۾ ترسائي، مل محمود ويس بدلائي، قلعي جو واءُ سواءُ وٺڻ ويو ته کهڙو قسم ڪٽجي. هڪڙي ٻانهيءَ هن کي سڃاڻي ورتو ۽ ڪيس قلعي جي هيٺان هڪڙي کوهه [32] ۾ بند ڪيو ويو.



حضرت علي رضه ڪجهه وقت پنهنجي مريد لاءِ ترسيو، پر جڏهن ڏٺائين ته هو خير ڪي موٽيو، تڏهن هن کي ڳولڻ لاءِ نڪتو. هو سڌو بيبي نگار جي ڪوٺيءَ ۾ پهچي ويو. جڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار وڃي آرامي ٿيا، تڏهن موقعو وٺي ظاهر ٿي، گهوٽ کي ختم ڪيائين. تنهن کان پوءِ بهادر محمود کي جلد آزاد ڪرائي، ٽيئي ڄڻا گهوڙن تي سوار ٿي روانا ٿي ويا. ڪافرن به هنن جي پيڇي ڪرڻ ۾ دير ڪا نه ڪئي. فجر جي نماز مهل دشمنن جو ڪٽڪ اچي کين ويجهو پيو. هنن گهوڙن تان لهي نماز پئي پڙهي ته دشمن به اچي مٿان ڪڙڪين. بيبي نگار نماز ادا ڪرڻ بعد اٿي دشمنن جو مقابلو ڪيو ۽ بهادريءَ سان وڙهندي ساهه ڏنائين. هن جو عاشق به پٺتي نه پيو ۽ حضرت علي رضه به پنهنجو فرض ادا ڪيو. بيشمار دشمن قتل ڪري، پنهنجن ساٿين جو انتقام ورتائين، تنهن کان پوءِ هو مڪي موٽي ويو.

اهڙيءَ طرح، سنڌ ۾ به ٻين اسلامي ملڪن وانگر عجيب روايتون هلندڙ آهن.

اهي آهن اسان جي سنڌ صوبي جون مکيه ۽ سڀ کان زياده مشهور روايتون.

## باب ڇهون

ڏيهي حاڪمن جي ڏينهن ۽ اسان جي حڪومت ۾
درسگاهن ۽ مڪتبن ۾ اسلامي تعليم- طب ۽ جراحت
وغيره جو اڀياس- هندن جي تعليم - ماڻهن
کي کهڙي تعليم ڏيڻ گهرجي-
نسخي الف - بي جي قائدي ۾

مسلمانن جي تعليم جو سرشتو هن ريت آهي: ڇوڪري [1] کي لکڻ پڙهڻ [2] سکڻ لاءِ صبح جو ڇهين بجي کان شام جو ڇهين بجي تائين، مڪتب [3] ۾ موڪليو ويندو آهي. آخوند هن کي پهريائين "الحمد" شريف جا اکر سڃاڻڻ سيکاريندو آهي. هيءَ رسم هڪ مذهبي فرض وانگر ادا ڪئي ويندي آهي، تنهن کان پوءِ شاگرد آهستي آهستي مصحف شريف جو پويون پارو پڙهندو آهي. هن کي اٽڪل ڇهه مهينا مذهبي تعليم جي انهن ابتدائي مرحلن ۾ لڳي ويندا آهن. ان وقت آخود پئسن ۽ ڪپڙن [4] لاءِ دستوري [5] طور جُماڳي طلب ڪندو آهي. تنهن کان پوءِ ڇوڪرو قرآن شريف جون ڪي خاص آيتون حفظ [6] ڪندو آهي ۽ ساڳي وقت لکڻ بہ سکڻ شروع ڪندو آهي. آخوند ٺلهيءَ ڪلڪ سان تختيءَ تي اندا پائيندو آهي ۽ شاگرد انهن تي مشق پچائيندو آهي. ساڳي وقت هِجي (آئيويٽا) بہ سيکاري ويندي آهي. انهيءَ لاءِ ڇهه مهينا ڪافي سمجهيا ويندا آهن.



مڪتب ۾ پهرئين سال کان پوءِ، جڏهن ڇوڪر پاڻهي لکي پڙهي سگهندو آهي، تڏهن هن کي معنيٰ سمجهڻ کان سواءِ قرآن شريف پڙهائيندا آهن. ترقيءَ جي رفتار تمام ڍلي هوندي آهي. ڇوڪر مادري ٻوليءَ جو باقاعدي اڀياس شروع ڪري، تيستائين هو شايد نون ورهين جو ٿي ويندو آهي. مادري زبان يعني سنڌي جو نصاب هن طرح آهي:

1. "نورنامو": هي هڪ ننڍڙو سليس مذهبي ڪتاب آهي، جو عبدالرحمان جو لکيل آهي.
2. مخدوم هاشم [9] جو تفسير ۽ ٻيون ڪي تصنيفون.
3. نظم ۽ نثر ۾ ڪهاڻيون، جهڙوڪ " سيف الملوڪ " "ليليٰ مجنون" وغيره سڀ کان وڌيڪ مقبول تصنيفون هي آهن: "حڪايت الصالحين"[10] ، هي عبدالحڪيم نالي هڪ سنڌي ملان جو عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي. ان ۾ اوائلي اسلام جي مشهور اوليائن، مردن خواه زالن، جون حياتيون، ڪارناما ۽ ٻيون روايتون ڏنل آهن. لاڏاڻي ۾ رسول ڪريم ﷺ جن جي وفات جو ذڪر آهي، جو ميان عبدالله، "تاريخ حبيب السير" تان ورتو آهي. "معراج نامي" ۾ رسول ڪريم ﷺ جن جي معراج مبارڪ واري سير ۽ سفر جو ذڪر ڏنل آهي. "سؤ مسئلا" اسماعيل جو لکيل ننڍڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ عبدالحڪيم فقير جو قصو ڏنل آهي. ان ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن هڪ فقير، روم جي سلطان جي ڌيءَ جي سؤ سوالن جا جواب ڏئي، ساڻس شادي ڪئي هئي. ڇون ته انهيءَ مائيءَ جا بيشمار عاشق [11] هوندا هئا ۽ هوءَ انهن کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ ڪائنن کي سوال پڇندي هئي.

ٻارن لاءِ اهڙيون گهڻيون ٺي تصنيفون آهن، جن جي مدد سان هو

پنهنجي دماغ ۾ تخيل ۾ سڌارو آڻي سگهن ٿا. هو اٽڪل ٻه يا ٽي ورهيه اهڙا ڪارائتا ڪتاب پڙهندا آهن.

ٻارهن يا تيرهن ورهين جي ڄمار ۾، شاگردن کي باقاعدي فارسيءَ جي تعليم ڏني ويندي آهي. شروعات لغتن جهڙوڪ ”دو وابو“ ”توايو“ ۽ ”چشم چراغ“ سان ڪئي ويندي آهي. پهرئين ڪتاب ۾ جيئن سندس نالو ڏيکاري ٿو، فارسي معنيٰ سان سنڌي لفظن جي فهرست ڏنل آهي.”توايي“ ۾ عربي لفظ ٻه ڏنل آهن. پوئين ڪتاب ۾ فارسي فعلن جا گردان ڄاڻايل آهن.

ٻيو، سليس ۽ عام فهم شعر جا ڪتاب جيئن ”ڪريما ۽ ”ناگهان“ آهن. جي سعدي جا لکيل سمجهيا ويندا آهن. انهن ڪتابن تي اهي نالا انهن جي منڍ وارن لفظن تان پيل آهن. اهي شعر، سنڌي ساهت ۾ اها حيثيت رکن ٿا، جا انگلنڊ ۾ Deserted Village (ويران ڳوٺ) ۽ Grays Elegy (گري جي مرثين) کي حاصل آهي.

ٽيون، تاريخ انشا ۽ مشهور شاعرن جا ڪلام، جيئن ته ”گلستان“، ”بوستان“، ”حافظ“،”جامي“،”نظامي“ وغيره آهن. پويان ٽي ڪتاب شرح ۽ حاشيه [12] کان سواءِ پورا ڪڏهن نه سمجهيا ويندا آهن. اهي علم جا سهارا، آسانيءَ سان دستياب به ڪو نه ٿيندا آهن. سچ پچ ڏکيا ڪتاب جهڙوڪ مثنوي جلال الدين روميءَ جي، خاقاني جا قصيدا ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا ڪتاب شاگردن خواهه استادن جي سمجهه کان ٻاهر هوندا آهن. فردوسيءَ جو ”شاهنامو“ ورلي پڙهيو ويندو آهي.

جيڪڏهن طالب علم کي عالم ٿيڻ جو ارادو هوندو آهي. ته پوءِ هو پندرنهن سورهن ورهين جي ڄمار ڌاري، ڪنهن مدرسي ۾ وڃي داخل ٿيندو



آهي. چون ٿا [13] ته ٽالپرن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڇهه مکيه مدرسا هوندا هئا. 1. سيوهڻ، 2. پاٽ، 3. کهڙا، 4. متعلوي يا مٽياري، 5. عمرڪوٽ جي پرسان مُهڙ، يا ولهار ۽ 6. ناري تي چوٽيارين ۾.

مدرسن جو دارومدار وقف تي هوندو آهي. دنيادار ۽ ديندار ماڻهو مدرسي جي فائدي ۾ بخشش يا وصيت ڪندا آهن. اسلام ۾، هيءُ هڪ نهايت ڪارآمد ۽ تعريف جوڳو رواج آهي ته ان جا مجيندڙ مقبرن ۽ خانقاهن جي بدران مدرسن ۽ درسگاهن جي مدد ڪندا آهن. خالص اسلامي ملڪن ۾، (جهڙوڪ افغانستان) ڪيترا ماڻهو پنهنجي ساري زندگي طالب ٽي ڪنهن مدرسي يا مسجد ۾(جنهن کي ڪنهن وقف مان امداد ملندي آهي) بسر ڪندا آهن. ان مان غريب طالبن کي وڏيون سهولتون ملنديون آهن. اتي هنن کي هميشه ڪو نه ڪو اهڙو قابل عالم ملي ويندو آهي، جنهن پنهنجي سڄي حياتي ڪنهن خاص علم جهڙوڪ منطق، فسلفي يا صرف و نحو جي تحصيل ۾ صرف ڪئي هوندي آهي. وقف اهڙن طالب علمن [14] جي پرورش لاءِ هڪ ڪارائتو ۽ ڪفايتي طريقو آهي، جي زندگيءَ ۾ طبيعتاً ڪنهن عملي ڪم ڪرڻ جي لائق نه هوندا آهن. اهو هنن جي ڪاهليءَ کي چڱي ڪم ۾ رڌل رکندو آهي. ٽالپر هر هڪ مدرسي کي ان جي ضرورت مطابق ماهيانو وظيفو ڏيندا هئا. هڪ هڪ مدرسي ۾ هڪ يا ٻه مخدوم هوندا هئا، جي مٿين درجن جي طالبن [15] کي درس ڏيندا هئا. انهن کي چڱيون پگهارون ملنديون هيون ۽ سندن نهايت تعظيم ڪئي ويندي هئي. انهيءَ عهدي لاءِ گهڻا ماڻهو خواهان هوندا هئا. ملڪ جو وڏي ۾ وڏو سيد ٻه انهي عهدي لاءِ درخواست ڪرڻ کان عار ڪين ڪندو هو. ٻيا استاد، ٽي چار يا پنج مولوي هوندا هئا، جن کي ٽيهن کان سٺ رپين تائين وظيفو ۽ بعضي

ڪي انعام پڻ ملندا هئا. خطابين جو تعداد مقرر ڪو نہ هوندو هو. ان جي مدار مدرسي جي جڳهہ [16] جي وسعت تي هوندو هو. شاگردن ڪي روزاني خوراڪ ۽ ڪن حالتن ۾ روڪ خرچي بہ ملندي هئي. ڪين ڪپڙو لٽو بہ سرڪاري خرچ تي ملندو هو. هو سڄو ڏينهن پڙهندا هئا. سواءِ اڱاري ۽ جمعي جي ڏينهن جي. ٻن عيدن ۽ محرم ۾ عاشورن جي موقعي تي ڪين موڪلون ملنديون هيون. جيڪڏهن ڪو طالب پاڻ ڪي لائق ثابت ڪندو هو تہ ڪيس ٻئي ٻئي سال گهر وڃڻ جي لاءِ ٻہ ٽي هفتا موڪل ملندي هئي. بنان موڪل غير حاضريءَ ۽ نافرمانبرداريءَ جي سزا مدرسي مان نيڪالي هوندي هئي. بدڪاريءَ لاءِ خاص ڪري، جنس نازڪ سان دڙا[17] هنيا ويندا هئا. شاگردن ڪي تلوارن ڪتارين کڻڻ جي اجازت هوندي هئي، بلڪ هو اهو پنهنجو حق سمجهندا هئا. پر هو انهن جو بيجا استعمال ڪين ڪندا هئا، جيئن افغان طالب العلم ڪندا آهن.

تعليم جو عام نصاب هن ريت آهي: جيڪڏهن سنڌي زبان جي اسان جي مادري زبان سان، فارسيءَ جي لاطينيءَ سان ۽ عربيءَ جي يوناني زبان سان ڀيٽ ڪبي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ عيسائي يونيورسٽين ۽ اسلامي مدرسن ۾، جوان طالب علمن ڪي هڪجهڙي دماغي غذا ملي ٿي: 1. صرف و نحو، 2. منطق، 3. فقہ، 4. تفسير، 5. حديث ۽ آخر ۾ علم معاني، بيان ۽ بديع ، جو ورلي پڙهيو ويندو آهي.

درسي ڪتابن جو مختصر احوال دلچسپيءَ کان خالي نہ رهندو. طالب علم صرف جا بنيادي اصول يا عربي فعلن جا گردان، شايد مڪتب مان اڳيئي سکي ايندو آهي. پهريون ڪتاب [18] جو هن پڙهيو سو اهي ميزان صرف نالي، فعلن جي مضمون تي مشهور ولي ۽ عالم، لال شهباز جو



لکيل مختصر رسالو. اهو گهٽو ڪري اجناس يا منشعب وانگر حفظ ڪيو ويندو آهي. اجناس ۾ اشتقاق ٺاهڻ جا سليس قاعدا آهن. "قسم دويم" ۾ بيقاعدي فعلن جو ذڪر ۽ صرف صغير [19] ٺاهڻ جو طريقو ڏنل آهي. اهي ٻيئي ڪتاب، فارسيءَ ۾ لال شهباز جي روحاني قلم جا لکيل آهن. ٽيون ڪتاب جو اڪثر پڙهيو ويندو آهي، تنهن جو نالو آهي "عقد"، اهو بہ ساڳئي مصنف جو جوڙيل آهي. اهو گڏيل فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ لکيل آهي، ۽ حرفن جي تبديل جي ٻي پايان، مضمون سان تعلق رکي ٿو. ان ۾ جدا جدا قسمن جي بيقاعدي فعلن جا اصول پڻ ڏنل آهن. چوٿون ڪتاب آهي "زبدة"، ان ۾ ساڳي مضمون جا وڌيڪ مثال ڏنل آهن. اهو ڪتاب ياد ڪرڻ لاءِ نظم ۾ بہ لکيل آهي ڪي شاگرد نثر ياد ڪندا آهن ۽ ڪي نظم. تنهن کان پوءِ، طالب، نحو يا اسمن ۽ ضميرن وغيره جا گردان پڙهڻ شروع ڪندو آهي. اول اول هو مشهور ڪتاب "مائة عامل" يا سؤ مڪيہ حرف ۽ ان جي شرح [20] پڙهندو آهي. انهن ڪتابن جي دور بعد هو وري ٻيهر صرف ڏي ڌيان ڏيندو آهي ۽ مير سيد علي شريف [21] جي تصنيف يا جاميءَ جو فارسي ۽ عربيءَ ۾ تصنيف ٿيل ڪتاب "صرف زرادي" پڙهندو آهي. اتي هن جي تعليم ختم ٿيندي آهي. جيڪڏهن اڃان بہ وڌيڪ تحصيل ڪرڻ جي مرضي هوندي اٿس تہ "عجيب چوڪري"[22] ابن حاجب جو ٻي بها ڪتاب "شافيہ" پڙهندو آهي. پر هيءُ ڪتاب اڪثر استاد خواه شاگرد جي سمجهہ کان ٻاهر هوندو آهي، چاڪاڻ تہ جاربردي يا الرازيءَ جون شَرحون ڪن ٿورن وٽ آهن. تنهن کان پوءِ وري ڦري ايندو آهي نحو تي ۽ ابوالحسن علي الضريري القهُندي جو عربي ڪتاب "نحوضريري" پڙهندو آهي ۽ منطق سکڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. عربي صرف و نحو ۽ منطق جي وچ ۾ ٿورو تفاوت

آهي ۽ اهي ٻئيي هڪ ٻئي جي مدد کان سواءِ چڱيءَ طرح ڪو نه سمجهي سگهبا آهن. نحو تي جي مکيه ڪتاب پڙهيا ويندا آهن، سي هن ريت آهن: سجاونديءَ جي تصنيف. اهو ڪتاب اهڙو قيمتي نه آهي، جهڙو سمجهيو وڃي ٿو. هداية النحو ۽ آخر ۾ الڪافيه [23]، جو برزبان ياد ڪيو ويندو آهي ۽ ان سان گڏ جاميءَ جي مشهور شرح جنهن کي "شرح ملا جامي" چوندا آهن ۽ عبدالحڪيم ۽ عبدالغفور جون حاشيون.

منطق ۾ پهريون ڪتاب جو پڙهيو ويندو آهي، سو آهي فرفوريوس جو "ايساغوجي"، جو اثير الدين ابهري عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. اهو هميشه پهريون ڏاڪو ڪري ليکبو آهي. تنهن کان پوءِ ان جي هڪ شرح آهي، جنهن کي "قال أقول"[24] چوندا آهن. ان کان پوءِ ڪي طالب "شمہ" ۽ ان جون ٻه شرحون پڙهندا آهن. شمہ برزبان ياد ڪيو ويندو آهي. تنهن کان پوءِ وري ٻه ننڍڙا رسالا "نيم روزي" ۽ "يڪ روزي" [25] پڙهيا ويندا آهن. اهي رسالا اڌ ۽ هڪ ڏينهن ۾ لکيا ويا هئا، تنهنڪري انهن نالن سان سڏجن ٿا. انهن کان پوءِ شاگرد علامه عمر بن علي ڪاتبيءَ جي مشهور ڪتاب "شمسيه" جو اڀياس ڪندو آهي. نصاب "قطبي" سان ختم ٿيندو آهي جا متئين ڪتاب تي هڪ ڊگهي شرح آهي. ڪن عالمن " زبدة" "تهذيب" ۽ "سُلم" به پڙهيا آهن. مرزائن ۽ ٻين منطقين جا منجهائيندڙ ڪتاب بنهه ڪو نه پڙهيا ويندا آهن.

اسلام ۾ منطق جو علم غير مقبول آهي، خاص ڪري نيم خواندن ۾، جي ان تي مذهبي اعتراض [26] وٺندا آهن. مگر اها ڳالهه سڀ قبول ڪندا آهن ته منطق جو علم عقل کي تيز ڪري ٿو. ڪي وري ان کي شيطاني علم ڪري سمجهندا آهن. جوان شاگرد جڏهن ترڪيب جون



پيچيدگيون سکي علم ڪلام جي جادوءَ جي اثر هيٺ ايندو آهي، ته هن جي دماغ کي الاهي ۽ مذهبي عملن جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو آهي. انهيءَ تعليم جو پهريون ڏاڪو آهي، "هداية" ۽ " وقاية" ۽ ٻين رواجي حنفي مذهب جي ڪتابن جو پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ."

صغير ٻارن ۽ زالن لاءِ مذهب جي اصول ۽ عمل تي نظم خواه نثر ۾ گهٽائي سنڌي رسالا آهن. شاگرد اهي ڪتاب گهڻو ڪري مڪتب ۾ پڙهندا آهن، تنهنڪري مدرسي ۾ انهن جي وڌيڪ اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ هو ڪجهه قدر اڳي ئي تيار هوندا آهن. تنهن کان پوءِ ٻيو ڏاڪو آهي ڪو تفسير پڙهڻ، جهڙوڪ: "جلالين" "مدارڪ"، "بيضاوي"، "اصمعي"، "ڪشف جواهر"، "حسيني" ۽ ٻيا. ساڳئي وقت حديث جو علم پڻ سيکاريو ويندو آهي. مگر ان جو اونهو اڀياس ڪو نه ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته حديث گهٽي ڪم ۾ ڪا نه ايندي آهي. حديث فقط اهي پڙهندا، جن کي پنهنجو سمورو وقت مذهبي علم جي تحصيل ڪرڻ ۾ صرف ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي. تمام ٿورا طالب نحو ۽ منطق ۾ ايتري ترقي ڪندا آهن، جو معاني ۽ بيان جي علم پرائڻ جي ڪوشش ڪري سگهن. جيڪڏهن ڪي اهڙي ترقي ڪندا به آهن، سي "تلخيص" نالي هڪ درسي ڪتاب ۽ ان جي ٻن شرحن مختصر ۽ مطعول کان اڳتي ڪو نه ويندا آهن.

ٻيا علوم هي آهن:

1. قرآت.
2. مناظره.
3. عروض.

4. طب.

5. غيب جو علم جهڙوڪ رمل، نجوم ۽ جعفر.

6. تاريخ، جا ولي پڙهي ويندي آهي.

7. حڪمت يا فلسفو مون ٻڌو آهي ته سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو نه آهن جن "بو علي سينا" ۽ "چلپي" ۽ ٻيا مشهور مصنف پڙهيا هجن ۽ نڪي منهنجي اهڙن ماڻهن سان ملاقات ٿي آهي. 8. علم خط.

قرئت يا تجويد يعني قرآن جي صحيح اچارن ۽ پڙهڻ جي فن تي اسان جي صوبي ۾ گهڻو ڌيان ڪو نه ڌنو ويندو آهي. هندستان [27] وانگر، سنڌ ۾ ستن قارين مان، جن قرأت جا اصول قائم ڪيا هئا، عام طرح ماڻهن کي فقط حفص جي خبر آهي. درس لاءِ عام طرح "لجزري" جو ننڍڙو رسالو ڪم آڻيندا آهن، جو سندس وڏي ڪتاب "طيبات النشر" جو خلاصو آهي. پر اهڙيون ٻيون به گهڻيون عربي، فارسي ۽ سنڌي تصنيفون، نثر خواه نظم ۾ آهن. سنڌ جا ماڻهو عربيءَ جا اچار هڪ عجيب نموني ۾ ڪندا آهن. هو ڪيتري به ڪوشش ڪندا آهن. پر پوءِ به سندن ناقص تلفظ نه سڌرندو آهي. ها، البت ڪو حاجي گهڻو وقت مقدس شهرن ۾ رهي پنهنجي وطن موٽي ايندو آهي، ته اهو صحيح اچار ڪري سگهندو آهي، نه ته ٻيو مڙيو ٿي خير. ساڳئي وقت سارو ملڪ، حافظن سان ڀريو پيو آهي، جن کي سارو قرآن برزبان ياد آهي. اهي ماڻهو مسجدن ۾ ۽ مقبرن تي ختما ڪري، پنهنجو گذران ڪندا آهن. هو ننڍي هوندي کان وٺي حفظ ڪرڻ شروع ڪندا آهن ۽ پنجن، ستن ورهين [28] ۾ سارو قرآن ياد ڪندا آهن. سيني عالمن کي ڪتاب مقدس جا هيٺيان حصا ياد ڪرڻا پوندا آهن:

1. فاتحه يا پهريون فصل.



2. آخري جزءِ يا حصو، ان جون ننڍيون سورتون نماز ۾ پڙهبيون آهن.

3. ڇٽيهون باب ياسين، جو سڪرات جي آسانيءَ لاءِ پڙهيو ويندو آهي.

4. چوئيتاليهن، ايڪهترهين ۽ ٽيهترهين باب جون سورتون، جي مصيبت، تڪليف ۽ تنگيءَ ۾ تعويذ جو ڪم ڏينديون آهن.

5. مصحف جا اهي حصا، جن ۾ احڪام ڏنل آهن. مثلاً ٻئي پاره. وضوءَ ۽ غسل تي مختصر آيتون آهن.

خوشقسمتيءَ سان علم مناظره يا حجت جي فن جي گهڻي خبر ڪا نه اٿن. اهو علم منطق جي هڪ شاخ آهي. يونانين وانگر سنڌي به ان کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائين ٿا: هڪڙو استفهاميه مناظره ۽ ٻيو عام مناظره. انهيءَ قسم جو مون فقط هڪرو ڪتاب ڏٺو آهي. اهو هڪ ننڍڙو رسالو هو، جنهن ۾ ست جدا جدا مضمون هئا. انهن ۾ ڏيکاريل هو ته مخالف ڌر جيڪڏهن برابر هجي ته ڪيئن هن کي رد ڏجي ۽ پاڻ غلط هجي ته ڪيئن پنهنجيءَ راءِ کي صحيح ثابت ڪجي.

علم عروض، عربي صرف و نحو جي شاخ ڪري نه شمار ڪئي ويندي آهي، تنهنڪري ان جو ورلي باقاعده ابياس ڪيو ويندو آهي. فقط "نصاب الصبيان" ۽ ان جون شرحون عام طرح ڪم آنديون وينديون آهن.

طب جو طالب العلم پهريائين " طب يوسفي"[29] پڙهندو آهي. اهو هڪ ٿورڙن صفحن جو نثر ۽ نظم ۾ لکيل رسالو آهي ۽ ان جا بيت ياد ڪيا ويندا آهن. تنهن کان پوءِ، هو ادويات ۽ علاج جون فارسي تصنيفون

جھڙوڪ ”ميزان“ ۽ ”تحفة المومنين“ پڙهندو آهي. ساڳئي وقت هو ڪنهن گانڌي يا پساريءَ جي دڪان تي وڃي، سندس پيشو پڻ سکندو آهي. پوءِ هو پنهنجو خاص پيشو اختيار ڪندو آهي. سنڌ ۾ حڪيم ٽن درجن جا هوندا آهن: هڪڙا ادنيٰ يعني ڪورا جاهل، جي لکي پڙهي نہ ڄاڻن، ٻيا وچولا، جي سنڌيءَ يا سليس فارسيءَ جا ڪتاب پڙهي سگهن. ٽيان اعليٰ، جي وڏي پايي جا ۽ تعليم يافتہ [30] هوندا آهن ۽ علمي ٻولين جي چڱي واقفيت هوندي اٿن. طالب ڪي ڪنهن مشهور حڪيم جو شاگرد ٿيڻو پوندو آهي، جنهن کان هو علاج جا آسان طريقا سکندو آهي. هو نشتر هڻڻ جو علم نهايت محنت ۽ ڪوشش سان اڪ ۽ پپر جي پنن تي سکندا آهن. قاروره يعني پيشاب، خبرداريءَ سان چڪاسيو ويندو آهي. نبض جون خاصيتون پڻ سکيون وينديون آهن. ڏنپ استاد پاڻ ڏئي ڏيکاريندو آهي. تنهن کان پوءِ هو مفلس مريضن جي علاج ڪرڻ جي لائق سمجهيو ويندو آهي. مرهم پٽي ڪرڻ، رت ڳڙهہ ڦيهڻ ۽ قلي ڪڍڻ جو ڪم بہ انهن تي سکندو آهي. پچاڙيءَ جو هو علم تشريح ۽ جراحيءَ جو مختر اپياس ڪندو آهي. پرهيز جي اصولن، نسخن ۽ جڙين ٻوٽين [31] جو هن ڪي ڪافي علم هوندو آهي.

الڙ حڪيم، پنهنجي ليکي ماڻهو مارڻ شروع ڪندو آهي. سنڌيءَ ۾ چون تہ ”دوا اندر دم ٻاهر“. آزمودو ۽ شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ هو پڙيون ۽ صلاح مفت ڏيندو آهي. شهرت حاصل ڪرڻ جو اهو طريقو اهڙو خطرناڪ نہ آهي، جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گهڻا ماڻهو صلاح مصلحت ڪري دوائون وٺي ويندا آهن، پر انهن جو استعمال ڪي ٿورا ڪندا آهن.

ماڻهن ڪي مارڻ ۽ ڪارڻ کان پوءِ، حڪيم پنهنجو محنتاڻو وٺڻ شروع ڪندو آهي. في، علاج کان اڳ ۾ مقرر ڪئي ويندي آهي ۽ چٽڻ



کان اڳ ڏيٺي پوندي آهي. حڪيم ڪي خبر آهي تہ جيڪڏهن مريض مري پيو تہ هن جا رشتيدار ڪيس معاوضو ڪو نہ ڏيندا. پر جيڪڏهن هو بچي پيو تہ بہ لوازمي ملڻ جو امڪان گهٽ هوندو آهي. اجوري جي مقدار جو مدار، مريض جي شان ۽ دولت تي هوندو آهي. جيڪڏهن مريض ڪنهن وڏي عهدي تي هوندو آهي تہ في هن جي ڪرم تي ڇڏي ويندي آهي. پيشي ۾ ايمانداري خيرڪي هوندي آهي. حڪيم ڪي بيمار زالون ورلي ڏسڻ ڏيندا آهن. حڪيم ۽ مريضہ جي ٿهي وڃڻ جو هر وقت انديشو رهندو آهي. حڪيم ڪي هر ڪنهن نموني جي سهولت ڏني ويندي آهي. هن ڪي سواري لاءِ وهٽ موڪليو ويندو آهي. ڪمري ۾ عزت واري جاءِ تي ويهاريندا اٿس، ۽ اهڙي قسم جون ٻيون سهولتون بہ ڏنيون وينديون آهن. جيڪڏهن ائين نہ ڪن تہ مريض ڪي فضيلت [32] سيکارڻ لاءِ نسخي ۾ ضرور ڪا نہ ڪا ڀل چوڪ ٿي ويندي. تشخيص هن نموني ٿيندي آهي: حڪيم ويهي مريض ڪي جاچي، علامتون پڇي، سندس نبض ڏسندو آهي. بعضي هو سندس پيشاب گهرائي چڪاسيندو آهي. تنهن کان پوءِ هو عربيءَ ۾ ڪجهہ پڻ پڻ ڪندو آهي تہ جيئن ڪنهن ڪي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ اچي. آخر هو مريض ڪي دلداري ڏيئي، ڪانئس موڪلائيندو آهي. تنهن کان پوءِ هو وڃي ڪتاب اُٿلائي ڏسندو آهي ۽ مرض جي تشخيص ڪندو آهي. ان بعد هو هڪ ڊگهو نسخو [33] لکندو آهي. شروعات نشتر سان ڪئي ويندي آهي، پوءِ، جلاب ڏنو ويندو آهي ۽ پڇاڙيءَ جو خوراڪ جون هدايتون هونديون آهن. پرهيز سخت ڪرائي ويندي آهي. جيڪڏهن مريض نشتر ۽ جلاب مان ڇڙهيو تہ هن جي بچڻ جو امڪان هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو مريض بيماريءَ مان اٿندو آهي تہ سندس سمورا عزيز گڏ ٿيندا آهن ۽ حڪيم تمام

گنيپرتا سان مريض کي غسلِ صحت يا مٽي تي پاٽيءَ وجهڻ جي اجازت ڏيندو آهي. حاضرين ان جي مٿان پئسا گهوريندا آهن. اهي پئسا حڪيم جو لوازمو سمجهيا ويندا آهن. پر جيڪڏهن ڪا ڳالهه هيٺ مٿي ٿيندي آهي ته حڪيم پاڻ کي ۽ فوتيءَ جي عزيزن کي آٿت ڏئي چوندو آهي ته جيڪا الله جي مرضي، بس قسمت ائين هئي. ان ۾ شايد غيبات جو هٿ هو!

سنڌ ۾ جراحي تمام پٺتي پيل آهي. علم تشريح جو پورو اڀياس ڪو نه ڪيو ويندو آهي. اهي ڪتاب، جن ۾ بدن جي عضون جون شڪليون ۽ بيان ڏنل هوندا آهن، سي جاهل ڪاتب نقل تان نقل ڪندا آهن. تان جو انهن جو اصلي مقصد ئي بدلجي ويندو آهي. ويڪٽ تي مذهبي اعتراض ڪيو ويندو آهي، جنهنڪري استاد خواه شاگرد جاهل هوندا آهن. نه سنڌ بلڪ سڄي مشرق ۾ ماڻهو يورپي جراحن جي ڪاريگريءَ ۾ اعتقاد رکندا آهن. پر اسان جي دوائن ۾ هنن کي ايمان ڪو نه هوندو آهي. اسان ڏيهي ماڻهن جي بدني بناوت، خوراڪ ۽ عادتن جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪو نه ڪيو آهي، تنهنڪري ڪيترن خوبين هوندي به اسان جي حڪيمن لاءِ انهن کي عزت ڪا نه آهي. هو اهو به سمجهي نه سگهندا آهن ته اسان ڇو قوت باهه جي ادويات کان غير واقف آهيون. مشرق ۾ اهڙو طب جو ڪتاب نه هوندو، جنهن جو ڪجھ حصو انهيءَ مسئلي لاءِ وقف ٿيل نه هجي. هر هڪ حڪيم کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه پيرا ڏينهن ۾ انهيءَ مسئلي تي مشورو ڏيڻو پوندو آهي.

هڪڙو شريف ماڻهو پنهنجي گهر واريءَ کي ويم ۾ مرڻ ڏيندو، پر ڪو ويج يا حڪيم نه گهرائيندو! تنهن کان سواءِ ويم جو ڪم رڳو دايون ڄاڻن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته جي ويم سولو هوندو آهي ته واهه. نه ته



مائيءَ جو ٿيو خاتمو. اهڙين حالتن ۾ ٻيو علاج هوندو آهي صدقو ڪيڻ، دعائون پڙهڻ يا مريض جي سٿر ۾ تعويذ ٻڌڻ. جي مائي هيٺ مٿي ٿي ته گارين جو وسڪارو هوندو آهي[34] جنن تي.

سنڌ جا ماڻهو ڪنهن زماني ۾ خوشنويسيءَ ۾ مشهور هوندا هئا. هن وقت هنن وٽ فقط ٽن نمونن جا اکر آهن:

1. نسخي، جنهن کي عام طرح عربي اکر چوندا آهن.
2. نستعليق يا چٽا اکر.
3. شڪسته يا ڀڳل اکر.

مون سنڌ ۾ نسخي اکرن جا تمام سهڻا نمونا ڏٺا آهن. عام طرح سنڌ ۾ اهي اکر چڱيءَ طرح لکيا ويندا آهن. پر شڪسته اکر نهايت اڻوڻندڙ نموني ۾ لکيا ويندا آهن. ڪوفي اکر هاڻي ماڻهن کان بلڪل وسري ويا آهن. پر مسجدن ۽ مقبرن جون پٿريون شاهدي ڏين ٿيون ته انهن جو ڪنهن زماني ۾ گهڻو رواج هوندو هو. ٻين زيبدار اکرن جهروڪ ٿُلثي، ريحان وغيره اکرن جي ماڻهن کي خبر به نه آهي. ٽالپر مير، خوشنويسن جا مربي هوندا هئا. هو بعضي بعضي مشهور ڪاتب ايران کان به گهرائيندا هئا.

پڇاڙيءَ جو سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليم متعلق ايترو چوڻ ضروري آهي ته اسان جي نقطهٔ نظر کان ان ۾ حسابن تي تمام گهٽ ڌيان ڏنو وڃي ٿو. حافظي تي عربي صرف و نحو جي باريڪ نڪتن جي بوجهي وجهڻ ۽ درسي ڪتاب بر زبان ياد ڪرڻ جو رواج، تعريف جي قابل نه آهي. پر هنن کي حفظ ڪرڻ جي طريقن جي خبر آهي. جيتوڻيڪ هو جديد يورپي طريقن کان بلڪل غير واقف آهن. اکرن کي عدد ڏيڻ جو دستور، جنهن کي ابجد چوندا آهن، سو تاريخن ڪيڻ لاءِ هڪ نهايت ڪارائتو طريقو آهي، ان جي مدد سان

شاگرد بامعنيٰ جملا [35] حفظ ڪري، تاريخون ياد ڪري سگهن ٿا. مصنوعي لفظ، جن ۾ مخفي معنائون رکيل هونديون، يا جوتشن يا رمل جا حساب وغيره ڏنل هوندا آهن، تن جو پڻ گهڻو رواج آهي. هي اڪثر بيتن جي صورت ۾ هوندا آهن. پيشن ۽ هنرن سان واسطو رکندڙ شعر گهڻو ڪري ياد ڪيا ويندا آهن. انهن جي مدد سان ترڪيب، منطق ۽ علم عروض جا نڪتا سولائيءَ سان ياد ڪري سگهبا آهن. [36] ۽ اهي حافظي ۾ گهڻو عرصو رهندا آهن. اهي برابر ڪارآمد طريقا آهن، پر انهن جو اثر وگيانڪ طريقي جي علمن جهڙو پختو ۽ پائدار نہ آهي.

سنڌ جي برهمڻن جي وديا جي مون کي ذاتي خبر ڪا نہ آهي، مگر مون انهيءَ نيات جي ماڻهن سان ڳالهيون ڪري، ڪافي معلومات حاصل ڪئي آهي. هو سڀ قبول ڪن ٿا تہ اسان جي وديا فقط سنسڪرت وياڪرڻ، جوتش [37] عام ڌرم شاسترن تي محدود آهي. ڪي ڀڳوت، پراڻ يا منتر شاستر بہ سکندا آهن. ڪي ٿورا ٻجرويد جو سنهيتو ۽ انهن کان بہ ٿورا خود. اهو سڄو ويد پڙهندا آهن. هندو عامل، جو هميشہ ويش ذات جو هوندو آهي، سو ورلي سنسڪرت سکندو آهي. ننڍي عمر ۾ هو ڪنهن برهمڻ وٽ ويندو آهي، جو ڪن ڌرمي سات سکڻ کان پوءِ وديارتيءَ کي چڱي سوڻ لاءِ ديوناگري آئيوينا پرهائيندو آهي. ان کان پوءِ وديا جو ڪم باقاعدي شروع ٿيندو آهي. اُن ڇوڪر کي آخوند وٽ موڪليو ويندو آهي. جو گهڻو ڪري مسلمان هوندو آهي. اتي هو فارسي زبان لکڻ ۽ پرهڻ سکندو آهي، هو جڏهن ايتري ترقي ڪندو آهي جو ”گلستان“ هر ڪرن جي انشا“ ۽ سليس حساب [38] سمجهي سگهي، تڏهن ڪيس ڪو مٽ مائٽ دفتر ۾ ملازمت لاءِ رکائيندو آهي ۽ اتي هو عريضن لکڻ جا راز ۽ اهڙا سولا حساب



سکندو آهي جن جي ڪيس سندس ڪاروبار ۾ ضرورت پوندي آهي. هو پنهنجي پيشي جون لچايون، ٺڳيون ۽ چالاڪيون پڻ چڱيءَ طرح سکندو آهي. هن جي فارسي نهايت ڪل جهڙي هوندي آهي. هو صرف ۽ نحو جي سليس قاعدن کان بہ غير واقف هوندو آهي ۽ اسم ۽ فعل جي تفاوت جي خبر بہ ڪا نہ پوندي اٿس. هو جامي، نظامي، خاقاني ۽ ٻيا ڏکيا مصنفن جا ڪتاب پڙهندو يا پڙهڻ جو ڏيک ڪندو آهي، پر سمجهي حافظ جو هڪ معمولي شعر بہ نہ سگهندو آهي. هن جي لکڻ جي طرز انشا نويسن جي ناقص تصنيفن جي طرز تي هوندي آهي ۽ هن جو تلفظ  آخوندن جي اچارن تي ۽ اکر دفتر جي ردي اکرن تي ٻڌل هوندا آهن. جيڪڏهن نانڪ شاهہ جي متن ۾ ويساهہ هوندو اٿس، تہ هندو عامل اڪثر گرنٿ جا شبد واچڻ ۽ ٻولڻ سکندو آهي. هو گرنٿ جي سمجهڻ يا گُرمکي اکرن پڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي، جيستائين ڪو خاص مقصد نہ هوندو اٿس. رواجي طرح هو ضروري پراوٿنائن جو نستعليق اکرن ۾ هڪ نقل وٺندو آهي ۽ اهو ڀڳتيءَ جي اُتساهہ ۽ ويساهہ مان پڙهندو آهي. مون فقط هڪڙي هندوءَ جو نالو ٻڌو آهي، جنهن اهڙي دق علم [39]  سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي همت ڌاري هئي.

هاڻي اسان جي حڪومت ۾ مسلمانن کي هندن کان گهٽ پڙهڻ جون سهولتون آهن. تعليم جي ترقيءَ لاءِ ڇهن مدرسن بدران اسان هن وقت تائين حيدرآباد ۾ فقط هڪ اسڪول کولڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ هڪڙي انڊو برٽش اسڪول کي بہ اسان امداد ڪيون ٿا. ان ڪانسواءِ هڪ ٻ؟ي اسڪول کي بہ اسان مدد ڪيون ٿا، جو خانگي چندن سان  هلي ٿو ۽ جنهن جي سنڀال هڪ هندو ڪرستان ڪري ٿو. تنهنڪري مسلمانن جي

تعليم جو دائرو هينئر تمام تنگ ٿي ويو آهي ۽ ان جو سارو دارو مدار ننڍين ننڍين مڪتبن تي وڃي رهيو آهي، جن سان سڄو ملڪ پريو پيو آهي. هندن جو سوال ٻيو آهي. [40] هنن جا ضمير ۽ اصول وڏيڪ ملائم آهن. هو پنهنجي حالت سڌارڻ لاءِ ڪرستان ٿيڻ جي آخري قدم کڻڻ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. هو اسان جي ماڻهن کان مذهبي رسالا ۽ انجيل مقدس جا ترجما، جن جي تقسيم ڪرڻ جو اسان جي هموطنين کي شوق آهي، وٺي پڙهندا، خاص ڪري جي اڻوجهه سخاوت ڪندڙ کي دنيوي فائدي ڏيڻ جو ذريعو هوندو [41]. هندو پنهنجن حاڪمن کي خوش ڪرڻ لاءِ انجيل پڙهي ان مان فقرا ياد ڪندا، انهن جي اسڪولن ۾ ٻنان ناغي جي ويندا ۽ انهن جي پرارٿنا ۾ به شامل ٿيندا. پر جڏهن هنن جو مطلب پڪي طرح سڌ ٿي ويندو، يا هو اميد بلڪل لاهي ويهندا، تڏهن هو اوائلي گوا جي ”پَٽ جي ڪرستانن“ وانگر، پنهنجي اسلوڪي جاءِ روپ ۾ ظاهر ٿيندا. پوءِ هو پنهنجي نيات ۾ پنهنجي اصلوڪي جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ جا هنن لالچ ڪري وڃائي هئي، اڳي کان به زياده ڪٽرپڻو ۽ تعصب ڏيکاريندا. مسلمان هنن جي برعڪس پري ٻيهي زماني جي رفتار کي حسرت جي نگاه سان جاچيندو ۽ پراڻي مذهبي ڀاڪي جي شهادت ڏيندو ته ”النناس عليٰ دين ملوڪهم“ يعني ماڻهن کي سندن حاڪم مذهب ڏيندا آهن.

اڄڪلهه ملڪ جي حاڪمن ۾ ان ڳالهه تي هڪ بيسود ۽ ڏگهو بحث هلي رهيو آهي ته ادبي ۽ سرڪاري ڪاروبار لاءِ ڪهڙي زبان منتخب ڪئي وڃي. ٻولين جا ماهر سنڌيءَ جي فائدي ۾ آهن، ڇاڪاڻ ته جنهن مقصد لاءِ زبان جي ضرورت آهي، تنهن لاءِ سنڌي ٻولي نهايت موزون آهي ۽ عام ماڻهو اها چڱيءَ طرح سمجهن ٿا.



ٻي ڌر، فارسيءَ يا هندستانيءَ جي فائدي ۾ آهي. هنن جو خيال آهي ته سنڌي هڪ خام ۽ ڳوٺاڻي ٻولي آهي. ازانسواءِ ان جو پورو معيار به نه آهي ۽ ان کي نه ڪي باقاعدي اکر آهن ۽ نه ان ۾ ڪو اتهاس آهي. سنڌي اتهاس پست پيل آهي، جيتوڻيڪ سنڌي زبان زنده آهي [42]. هن مسئلي تي گهڻي جهالت ۽ غلط فهمي ڦهليل آهي، پر پوءِ به مان سمجهان ٿو ته زبان جا ماهر ضرور ڪتندا، ڇاڪاڻ ته هو حق تي آهن. مطلب ڳالهه جو هيءُ آهي ته زبان کي ڪيئن ڦهلائي سڌارجي ۽ ڪارائتو بڻائجي. انهيءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته اسڪول هڪدم قائم ڪيا وڃن.

سنڌ جي پنجن وڏن شهرن يعني ڪراچي، ٺٽو، حيدرآباد، سيوهڻ ۽ سکر ۾ ڏيهي سنڌي اسڪول کوليا وڃن. انهن ۾ لکڻ پڙهڻ، ڪجهه صرف و نحو ۽ انشا سيکارڻ گهرجي. شاگردن جو تعداد چاليهن يا پنجاه جي اندر هئڻ گهرجي. تعليم جو معياد ٽي يا چار سال هئڻ کپي. سنڌ جهڙي ملڪ ۾ ابتدائي تعليم تي وقت وڃائڻ اجايو آهي.

مڪاني زبان جي انهيءَ خدمت ڪرڻ کان پوءِ واجب آهي ته اسان پنهنجي ٻوليءَ جي تعليم کي ترغيب ڏيون ۽ ان ۾ اسان جي پڻ ڀلائي آهي. جيڪڏهن ڏيهي ماڻهن کي علم پرائڻ جو موقعو ڏيڻو آهي ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي ته اسان ڪانئن گهڻو اڳتي آهيون. جيڪڏهن ڪين پاڻ ڏي اوڏو ڪرڻو آهي ته پوءِ انهن کي انگريزي ٻولي ضرور سيکارڻ گهرجي. ٽن مکيه شهرن يعني ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ اسڪول کولڻ گهرجن. تعليم جو نصاب انگريزي لکپڙهه، گرامر، مضمون نويسي، حساب، ليکو چوکو ۽ مختصر تاريخ ۾ جاگرافي هئڻ کپي ۽ تعليم جو معياد اٽڪل پنج ورهيه ٿيڻ گهرجي. انگريزي اسڪولن جا شاگرد سدا ڏيهي

اسڪولن مان ڪڍڻ ڪپن. البت جيستائين سرڪاري نوڪريءَ جو دلاسو نہ ڏبو، تيستائين شاگردن جو تعداد نہ وڌندو.

انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ نہ آهي، تہ اسان جي روشن دماغ حڪومت اهي قدم اڳي پوءِ ضرور کڻندي.

سنڌي زبان لکڻ لاءِ گهڻن ئي قسمن جا اکر ڪم آڻيندا آهن. مسلمان عربي اکرن جا ڪيترا نمونا استعمال ڪندا آهن. انهن کان سواءِ، هندو گهڻ ۾ گهٽ اٺن قسمن جون آئيويٽائون ڪم آڻيندا آهن، مثلاً: 1. خدا آبادي يا واڻڪا اکر، 2. ٺٽئي جنهن جا بہ قسم آهن (الف) لوهاڻہ ۽ (ب) ڀاٽيہ آئويٽا، 3. سرائي، جي اتر سنڌ ۾ ڪم ايندا آهن. 4. خواجن جا اکر، 5. ميمڻن جا اکر، 6. پنجابيءَ جو اڇڪو نمونو، 7. پنجابيءَ جي لهندي صورت ۽ 8. گرمکي يا پنجابي.

آئيويٽا ۾ سراسري چاليهہ اکر هوندا آهن، جن مان ڏهہ حروف علت آهن ۽ ٽيهہ حروف صحيح.

اهي اکر لهندي [43] ۽ گرمکيءَ جي معرفت ديوناگريءَ مان نڪتل ٿا نظر اچن. سنڌ ۾ هندو هميشہ اتر کان پئي آيا آهن، تنهنڪري ممڪن آهي تہ هنن اهي آئيويٽائون پنجاب مان انهيءَ صورت ۾ آنديون هجن، جيڪا نانڪ شاهہ ڪتب آندي هئي. شايد انهيءَ پوءِ رواجي اکرن جي صورت ورتي، ۽ ان ۾ ايتريون تبديليون ٿيون، جيتريون نياتيون هيون[44]. مانوارو مسٽر جيمس پرنسيپ، انهيءَ ڳالهہ ۾ بلڪل غلط آهي تہ سنڌي، مارواڙيءَ جي بگڙيل صورت آهي يا گجراتي، تامل ۽ ملايالم ڀاشائن جي ميلاپ مان ٺهيل آهي.

پر اهي سڀ آئيويٽائون هن وقت بيڪار آهن. انهيءَ جو سبب هيءُ



آهي تہ انهن ۾ پورا حروف علت [45] ڪونہ آهن، جنهن جو نتيجو هيءُ نڪرندو آهي تہ واپاري پنهنجو ليکو چوکو بہ نہ سمجهي سگهندا آهن، جيستائين يادگيري نہ هوندي اٿن.

اسڪولن کولڻ کان اڳ اهو ضروري آهي تہ هي ڪارائتا اکر چونڊ ڪيا وڃن. مگر انتخاب ڪرڻ ۾ مشڪلاتون آهن. چئن نمونن جي اکرن جي حمايت ڪئي ويئي آهي، يعني 1. ديوناگري، 2. خدا آبادي، 3. گرمکي ۽ 4. نسخي.

ديوناگري، جا سڀني کان وڌيڪ علمي آئيويٽا آهي ۽ اها اسان جي الف ب سان مشابهت رکي ٿي. ديوناگري لغتن، وياڪرڻن ۽ اهڙن ٻين پستڪن لاءِ ڏاڍي موزون آهي، جي ڪتاب يورپي ماڻهن کي ڏيهي ٻولي سيکارڻ لاءِ تيار ڪيا وڃن ٿا. ساڳئي وقت ان ۾ ڪيتريون ڪوتاهيون پڻ آهن. گهٽ ۾ گهٽ ويهن اکرن [46] کي سڃاڻپ جون نشانيون ڏيڻيون پونديون، نہ تہ سمجهہ ۾ نہ ايندا. تنهن کان سواءِ، جيتوڻيڪ اهي اکر ڇپيل ڪتابن لاءِ موزون آهن، پر اهي سرڪاري لکپڙهہ ۾ اهنجا ۽ اوکا لڳندا[47]. ماڻهو بہ اهي آسانيءَ سان ڪو نہ سکي سگهندا. هن وقت هو انهن کان غير واقف آهن. هي اعتراض تمام وزناتو آهي. هڪڙي عام فهم الف بي ڪڍي، ان جي جاءِ تي ٻي نئين آئيويٽا مڙهڻ هڪ تمام ڪَٺن ۽ بيسود ڪم آهي.

خدا آبادي [48] اکرن جي حمايت انهيءَ ڪري ڪئي وڃي ٿي جو هو اڳيئي گهڻي قدر ڪتب آندا وڃن ٿا. پر انهن جو استعمال هندن جي فرقي تائين محدود آهي. جيتوڻيڪ اهو تمام اهم فرقو آهي. هندن ۾ فقط واپاري طبقو اهي اکر ڄاڻي. منشين ۽ عاملن جو انهن سان ڪو بہ واسطو

ڪو نہ آهي. انهن تي مکيہ اعتراض هيءُ آهي تہ هاٽوڪيءَ صورت ۾ اهي پڙهڻ تمام ڏکيا آهن. ڪنهن صلاح ڏني آهي تہ انهن اکرن کي گجراتي حروف علت جو جامو پهرائي [49] نئون روپ ڏجي. اها ڳالهہ شايد ڏکي نہ ٿئي، پر سوال آهي تہ ماڻهو اها صلاح قبول ڪندا؟

گرمکي اکر، ديوناگريءَ جي سادي صورت آهن. اهي پنجابي زبان جي لکڻ لاءِ نهايت موزون آهن، پر سنڌيءَ لاءِ ڪارائتا نہ آهن. انهن جي استعمال ۾ بہ ساڳيون مشڪلاتون درپيش اينديون، جي ديوناگري اکرن جي ڪتب آڻڻ ۾ اچن ٿيون. ماڻهو انهن کان ٿورو واقف آهن. انهن ۾ گهٽيون ڦير ڦاريون ڪرڻيون پونديون. اهي اکر ڇاپي لاءِ چڱا آهن، پر لکڻ ۾ ڍلا ۽ ڏکيا لڳندا.

سنڌ جون حالتون عربي الف بي جي نسخي اکرن جي فائدي ۾ ٿيون نظر اچن. انهن اکرن جي ذاتي خوبين جو ضرور اعتراف ڪرڻو پوندو، ڇو جو اهي عربستان مان اُوڀري، الجزائر کان، گنگا ندي ۽ بخارا کان سلون تائين پکڙجي ويا آهن! انهن کي صدين جون صديون آزمايو ويو آهي ۽ اهي ڪيترين ئي ٻولين لاءِ ڪارگر ثابت ٿيا آهن. اهي معمولي ڀيج گهڙ ڪرڻ سان هندستانين جي ڄڀ مان نڪرندڙ آوازن، ايران ۽ ملايا جي ماڻهن جي منين لاتين ۽ عربن جي حلقي مان پيدا ٿيندڙ ٻولين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آندا ويا آهن. انهن کي ايشيا جي بهترين الف بي ڪري ڇئجي تہ بجا ٿيندو. اها ڳالهہ ممڪن نہ آهي تہ ڪو جديد رومي طرز جا اکر، انهن جي جاءِ ڀري سگهندا ۽ نہ اهي اکر تمدن جي ترقيءَ سان پٺتي پوندا. انهن جي بيهڪ ۾ نزاڪت آهي ۽ اهي سليس ۽ سمجهڻ ۾ آسان آهن. مطلب تہ اهي ٻيءَ ڪنهن بہ الف- بي کان گهٽ نہ آهن. انهن جي خوبيءَ جي ثابتي



اها آهي تہ اهي جنهن زبان لاءِ ٺاهيا ويا آهن، تنهن جو هر هڪ آواز چڱيءَ طرح ظاهر ڪري سگهن ٿا. پر اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ جيئن اهي اکر عربيءَ کان پري ٿيندا تيئن زياده ڪرندا ويندا. هن وقت سنڌي لکڻ لاءِ انهن ۾ تڪڙي ڦيرگهير ڪري انهن جو روپ بدلايو ويو آهي. اعرابون منجهائيندڙ آهن ۽ هڪ هڪ حرف کي ڪيترا آواز آهن، تنهنڪري اهي حرف ڏکيا ۽ منجهائيندڙ لڳن ٿا. پر انهن جي ذاتي خوبي ڪا نہ ويئي آهي، ۽ اها قائم رکي سگهجي ٿي تہ جيئن تعليم ترقي ڪندي ويندي، تيئن انهن کي سڌارڻ جا اپاءَ ورتا ويندا. هندستاني ماڻهن تازو نستعليق خط لکڻ جي طريقي ۾ ڪيترين ڦيرين ڦارين ۽ سڌارا ڪيا آهن.

نسخي حرفن اختيار ڪرڻ جي حمايت ڪرڻ لاءِ مون کي هي سبب مناسب نظر اچن ٿا:1. ملڪ جو سمورو اتهاس صدين کان وٺي انهن اکرن ۾ لکبو پئي آيو آهي، 2. سڀ تعليم يافتہ مسلمان، اهي اکر پڙهي ۽ انهن مان ڪيترا لکي ڄاڻن، 3. هن وقت ساريءَ سنڌ ۾ هندو عامل اهي اکر پڙهي نٿا سگهن، مگر هو نستعليق سنڌي يا فارسي اکرن کان واقف آهن، جنهنڪري کين انهن اکرن سکڻ ۾ مشڪلات ڪا نہ ٿيندي. 4. انهن اکرن ۾ ايتري رواني آهي جو اهي ڪافي تڪڙا لکي سگهجن ٿا. عربن جي انشانويسي ان ڳالهہ جي ثابتي آهي.

نسخي اکرن کي ترجيح ڏيڻ لاءِ اهي سبب آهن. ٻئي طرف چيو ويندو تہ نستعليق جي فائدي ۾ مکيہ ڳالهہ اها آهي تہ صوبي ۾ هر هڪ ليکڪ اهي اکر ڄاڻي. اهي هندستساني ۽ پنجابيءَ [51] ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم آندا ويا آهن، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ بہ اهڙائي ڪامياب ٿي سگهن ٿا. انهن تي مکيہ اعتراض هيءُ آهي تہ جيتوڻيڪ اُهي پروانن، عريضين، حڪمن

۽ سرڪاري لکپڙهه لاءِ برابر ڪارگر آهن، پر انهن جي مختصر نويسيءَ سان ايتري تہ مشابهت آهي جو اُهي سنڌي ٻوليءَ لاءِ موزون نہ ٿيندا. سنڌي ٻولي آواز، بناوت ۽ اعرابن جي تعداد ۾ اهڙي تہ پيچيدي آهي، جو ان لاءِ هڪ وڏيڪ مڪمل الف- بي جي ضرورت آهي، جيئن عام ماڻهن جو عمل ڏيکاري ٿو. سنڌي جا عالم ڏسندا تہ سنڌ جي سمورن تعليم يافتہ ماڻهن کي بہ ڏيهي بيتن پڙهڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي، جي، ڪي مصنف مذهبي ۽ طبي تصنيفن ۾ اڪثر ڪم آڻيندا آهن. ان ڳالهہ جو اهو فيصلو تہ آزمودو ۽ تعليم اها تڪليف گهٽي قدر دور ڪندا يا نہ، سو مان زبانن جي ماهرن تي ڇڏيان ٿو.

## باب ستون

سنڌ جي هن وقت جي معاشرتي حالت- شاديءَ متعلق هڪڙي ڏيهي ڪتاب مان ڪي ٽڪرا- ملاقات جو دستور- نشي جو رواج ۽ نشيدار شين جا قسم، جي استعمال ڪيا وڃن ٿا- قومي مذهب جي خصوصيت- روحاني علم- شيطاني علم، طلسم ۽ ڪيميا- هڏن جي رستي جادو ۽ قسمت جو ڪتاب- خوابن جو تعبير- هٿ ڏسڻ جو علم- سوڻ سڳڻ- ڏوهہ ۽ سزائون.

ڪنهن مهذب ماڻهوءَ اڳيان فقط لفظ جي رستي، هڪ نيم سڌريل قوم جي پنگت جو صحيح نقشو پيش ڪرڻ، نهايت ڪٺن ڪم آهي. منهنجي خيال موجب سهٽو طريقو اهو ٿيندو تہ ماڻهن جي چال چلت، رواجن، عادتن ۽ رسمن جو احوال ۽ عوام جي لاءِ جيڪي ڪتاب اڳ ۾ لکيا ويا آهن، تن مان حوالا ڏئي پنگت جي تصوير جو نقشو چٽجي.

جنهن تصنيف مان هيٺيان احوال ڏجن ٿا، تنهن ۾ شاديءَ متعلق مختصر هدايتون ڏنل آهن. اها تصنيف، سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ سيد حسن عليءَ جي لکيل آهي. ان ۾ ٻہ باب آهن، جي سليس طرز ۾ لکيل آهن. يورپي ماڻهو ڏسندا تہ ڪتاب جو مضمون مشهور انگريز تصنيف ”گل جو افسانہ“ ۽ انهيءَ زماني جي ٻين تصنيفن جهڙو آهي. جڏهن مغرب جي حالت اهڙي هئي، جهڙي هاڻي مشرق جي آهي.

ڪتاب رسول ﷺ جي هن حديث سان شروع ٿئي ٿو تہ ”شادي منهنجي سنت آهي، جو ان کان منهن موڙي ٿو سو منهنجو نہ

آهي.” جيڪڏهن ماڻهوءَ کي شادي ڪرڻ جي طاقت آهي ته پوءِ شادي واجب آهي ۽ جي هن کي پاڻ پالڻ جي طاقت آهي ته پوءِ شادي سنت[2] آهي. ماڻهو مجرد تڏهن رهي سگهي ٿو، جڏهن هن کي زال پالڻ جي طاقت نه هجي يا هو شادي جي مقصد طرف مائل نه هجي. جيڪڏهن ماڻهو مفلس نه آهي ۽ رغبت به اٿس، ته ان حالت ۾ شاديءَ لاءِ قرض به کڻي سگهي ٿو. جنهن جي اسلام ۾ هونئن سخت منع ٿيل آهي. نه فقط ايترو پر ڪيس انهيءَ مقصد لاءِ قرض کڻڻ جي پڻ هدايت ڪيل آهي. اها اجازت انهيءَ وعدي سان ته قرض ادا ڪرڻ ۾ خدا سندس وڪيل آهي. تنهائيءَ حالت ۾ روزن رکڻ ۽ نمازن پڙهڻ جي هدايت ڪيل آهي.

انهن تمهيدي بيانن کان پوءِ مصنف صلاح ڏني ٿو ته اخلاقي ۽ جسماني نقطئہ نگاهہ کان زال جو انتخاب ڪيئن ڪرڻ گهرجي. شائق کي اهو مشورو ڏنو ويو آهي ته هو ٻن ڳالهين تي خاص ڌيان ڏئي: هڪڙو خاندان، ٻيو حسب. بيوه عورت کان پاسو ڪرڻ گهرجي. زال ۾ چار خاصيتون ضرور هئڻ کپن: پهريون ته هن جو قد مرد جي قد کان گهٽ هجي. ٻيو، هن کان ننڍيءَ عمر جي هجي. ٽيون، ملڪيت ۾ به کانئس گهٽ هجي. چوٿون، عزت ۽ شان مانُ به مڙس جيترو نه هجيس. ڪٽڪائون رنگ ۽ ڪارا وار، زياده پسند ڪيا ويندا آهن. گلابي، سفيد ۽ زرد چمڙيءَ کان پاسو ڪرڻ کپي. جو اهي نفس پرست طبيعت ڏيکارن ٿيون. سيد چوي ٿو ته ستن قسمن جي زالن کان پرهيز ڪرڻ کپي: 1. ڪم ذات، 2. تمام حسين، 3. سروقد، 4. سنهيون عورتون، جن سان محبت ڪرڻ مشڪل آهي. 5. گهڻ ڳالهائيون، 6. شهوت پرست ۽ 7.اهي زالون جن سان گهوٽ جو اڳيئي ميلاپ ٿيو هجي، جيتوڻيڪ اهڙن زالن بنسبت شرعي منع ڪانه آهي.



نڪاح، بهتر آهي ته مسجد ۾ پڙهجي ۽ نه گهر ۾. شاديءَ جي ڄڃ ۾ شريڪ ٿيڻ روزي جي ثواب برابر آهي. حديث آهي ته ”نڪاح هزار ورهين جي عبادت کان بهتر آهي.” ڄڃ جي اڳيان جيڪو طعام حاضر ڪيو وڃي ٿو، ان ۾ ملائڪ گهٽ ۾ گهٽ ته به اڍائي آنا بهشتي ڪاڏو ضرور ملائيندا آهن. گهوٽ جو پهريون پيار، هڪ سؤ اَسي ورهين جي عبادت[3] جي برابر آهي. ان جي ڪري ماڻهو قبر جي عذاب کان بچندو ۽ سندس قبر مٿان نُور وسندو ۽ هن جي اَسي ملائڪ خدمت ڪندا. گهوٽ کي اها پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته مٿاميڙ کان اڳ ڪنوار جا پير ڌوئي، پاڻي حجري جي چئن ئي ڪندن ۾ هاري. ائين ڪرڻ سان سندن نصيب کلڻ جو امڪان آهي. تنهن کان پوءِ گهوٽ، زال جي وارن جي ڄڳ هٿ ۾ جهلي، هي دعا گهري: ”ياالله، مون ۾ ۽ منهنجي گهرواريءَ ۾ برڪت وجهه! اسان کي رزق ڪشادو ڏي. اسان جو اولاد نيڪ، صالح، ايمان وارو ۽ بدڪارن جي صحبت کان بچيل هجي.”

تنهن کان پوءِ سيد، زالن جي مذهبي ۽ گهرو فرض تي هڪ لنبو چوڙو بحث ڪري ٿو. اهي فرض هن ريت شمار ٿيل آهن:

1- هن کي ڏينهن ۾ پنج وقت نماز پڙهڻي آهي ۽ روزا رکڻا آهن. هوءَ مڙس کي پڻ هدايت ڪندي ته پنهنجا فرض ادا ڪري. ياد رکڻ کپي ته زال کان قيامت جي ڏينهن پهريون سوال، نماز بنسبت ڪيو ويندو، ٻيو سوال اهو پڇيو ويندس، ته مڙس جا فرض پورا ڪيا اٿئي يا نه؟

2- زال جا مڙس ڏانهن جيڪي فرض آهي، تن تي هميشه ويچار ڪندي رهي ۽ سڀڪنهن ڳالهہ ۾ مڙس جي فرمان ۾ رهي[4]، جيستائين هن جا حڪم الاهي احڪامن جي خلاف نه هجن.

3- شرم ۽ حياء جو قاعدو، خيال، قول يا فعل ۾ هرگز نہ ٽوڙڻ گهرجي. حديث آهي تہ بيحيا زال ڦڪي طعام جي آچار آهي.

4- سواءِ قوي سببن جي طلاق ڏيڻ نہ گهرڻ.

5- مڙس جي اجازت کان سواءِ گهر کان ٻاهر نہ نڪرڻ. مڙس جي موڪل کان سواءِ ماءُ- پيءُ وٽ بہ نہ وڃڻ. پوءِ پيل تہ هو مرڻ جي ويجهو هجن. جيڪا زال مڙس جي اجازت کان سواءِ گهر کان ٻاهر وڃي ٿي، ان تي خدائي قهر نازل ٿئي ٿو ۽ هوءَ شرعيتاً سٽ دُرن جي سزاوار ٿئي ٿي. تنهن کان سواءِ هوءَ ڪاڏي پيتي جو حق بہ وڃائي ٿي.

6- گهرو ڪمن، جهڙوڪ رڌڻ پچائڻ (مڙس لاءِ ۽ نہ پنهنجي لاءِ) سبڻ، پراڻن ڪپڙن کي ٽوپا ڏيڻ، ڪَتڻ، ڌوئڻ، ڊور ڏهڻ، ٻاهہ ٻارڻ ۽ ٽپڙ ٽاڙي ۽ سيڏي پاڻي جي سنڀال تي ڌيان ڏئي. مڙس کان اڳ ڪائڻ ۽ سادي ڪاڏي ڪائڻ کان انڪار ڪرڻ، چاڪاڻ تہ ٻيا اُچو تا ڪائن گناهہ آهي. مڙس جي وارن کي ڦٽي ڏيڻ، هن جا ڪپڙا ڌوئڻ ۽ بسترو وڇائڻ مذهبي نقطئہ نگاهہ کان حج ۽ عمره جي برابر آهي.

7- گهر ۾ جيترو ٿي سگهي، اوترو اُچو ۽ ٻاهر سادو وڳو پهري[5]. گهر ۾ بدن صاف رکڻ لاءِ تيل سرمو ڪرڻ ۽ ميندي وغيره لائڻ. ڏندن جي صفائي جو خيال رکڻ. ساڳئي وقت هڪ شريف عورت کي پوشاڪ جي معاملي ۾ زيادتيءَ کان ڪم وٺڻ نہ کپي ۽ مڙس کي نٽي جي پٽ- پٽيهر، ملتاني ململ، پرت پريل جُتين ۽ اهڙين ٻين قيمتي شين لاءِ تنگ ڪرڻ نہ کپي.

8- جيڪڏهن عورت دنيادار هجي، تہ انهيءَ ڳالهہ جو ڊنيورو نہ گهمائي تہ مان مڙس کي پاليان ٿي ۽ غريب هجي تہ پنهنجي حال تي



راضي رهي.

9- مڙس مسافريءَ تان موٽي تہ ساڻس ڪلمڪ تي ڳالهائي.

10- مڙس سان يا مڙس جي روبرو ڏاڍيان يا شوخيءَ سان هرگز نہ ڳالهائجي. لعنت ۽ ڦٽ وارا لفظ ڪم نہ آڻجن. مڙس جي وِڏ ڪڏهن نہ ڪيجي ۽ ائين نہ چئجيس تہ تنهنجا ڏند وڏا ۽ نڪ ننڍو آهي يا تنهنجو پير وڏو ۽ پِنيون ٽٽيهر جهڙيون آهن[6]. يا خدا تنهنجو منهن ڪارو ڪيو آهي، يا تون ڪُراڙو، چَٽُ ۽ نامرد آهين، يا تون ڏند ڪيڍي ڏاڍو ٿهين ٿو، يا واهہ! چا تنهنجي پڳ ۽ چا تنهنجي لوڏ!

سيد ويچارو زالن جا فرض ڳڻي ٻڌائي، تنهن کان پوءِ افسوس سان ظاهر ٿو ڪري تہ سنڌ جون زالون پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪنديون آهن. شايد مشهور شاعر، ملٽن وانگر، هو بہ ليکڪ تہ چڱو هو، پر گهر ۾ هلندي پچندي پوري ساري هيس. ويچارو شايد پنهنجي آزمودي مان ٿو ڳالهائي. ماڻهن جي چال چلت ۽ رسمن سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ انهن جا رواج ۽ ريتون جاچي ڏسجن تہ ڪهڙا آهن. سنڌي، رفتار جي ڍنگ ۽ مردانيءَ گفتگوءَ ۾، عربن کان گهٽ آهن. هنن جي اُٿ ويهہ بہ هندستانين جهڙي نزاڪت ڀري ۽ پُرتڪلف نہ آهي. ميرن ۽ ٻين مٿئين درجي جي ماڻهن ۾ ايراني طريقي جي نشست برخواست تي گهڻو زور ڏنو ويندو هو، مگر پرائي نقل ڪرڻ ۾ هميشہ نزاڪت، لطافت ۽ شائستگي گهٽ هوندي آهي. هيٺين درجن جي ماڻهن ۾ اُٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو گهڻو سليقو ڪونہ هوندو آهي. ڪو رواجي مسلمان اندر اوطاق ۾ ايندو آهي، تہ اچڻ سان زمين تي ويهي مجلس ۾ شريڪ ٿيندو آهي، پهرين ميرن جي ڏينهن ۾ ”دربار“ (جيڪڏهن ان کي انهي نالي سان سڏي سگهجي ٿو!) گستاخي

پسند نہ ڪندي هئي، مگر پويان مير اهو شان نہ رکي سگهيا. هت عام سلاميءَ جو هڪڙو مثال ڏجي ٿو، جنهن مان مٿين ڳالهہ چڱيءَ طرح روشن ٿيندي. جڏهن ڪو حاڪم رعيت کي پنهنجي زيارت جي شرف بخشڻ جو ارادو ڪندو هو، تڏهن هن لاءِ دروازي جي پرسان وراندي ۾ هڪ ڪرسي رکي ويندي هئي. ”سلاميءَ“ جي پڪار تي ماڻهو اندر ڪاهي پوندا هئا. حاڪم جي چؤطرف سندس عملي جي ماڻهن مان مضبوط ۽ قداور خادمن[7] جي هڪ ٽولي بيٺي هوندي هئي. ماڻهو انهن کي زور سان پري ڪري، اندر لنگهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. خادم بہ ساڳئي نموني ۾ ماڻهن جو مقابلو ڪندا هئا. جيڪڏهن ماڻهن جو ميڙ هاڪم تائين پهچي نہ سگهندو هو، تہ هو درخواستون ۽ عريضون هن کي اُڇلائي ڏيندا هئا. ساڳئي وقت هو ڏاڍيان زور سان دعائون گهرندا ۽ پٽيندا هئا[8]. جيڪڏهن حاڪم اها روش برداشت ڪري نہ سگهندو هو، تہ پوءِ هو چپ چاپ در کولي پنهنجي ڪمري ۾ کسڪي هليو ويندو هو. انهيءَ وچ ۾ ماڻهو تڪل خادمن کي ڌڪا ٿيلها ڏئي اندر لنگهي ايندا هئا. جڏهن پنهنجي ناڪاميابي اکين سان ڏسندا هئا، تڏهن در پيڇڻ جي ڪوشش ڪري پاڻ کي وندرائيندا هئا. اهڙيون حالتون ننڍن ميرن جي محلن ۾ وقت بوقت پيون ٿينديون هيون. شير محمد سان بہ اهڙي ماجرا ٿيندي هئي: جيتوڻيڪ هن کان ماڻهو ڪن هٽندا هئا ۽ هن لاءِ عزت بہ هوندي هين. هڪڙي دفعي جڏهن ڪنهن عرضدار ڏاڍو تنگ ڪيس تڏهن پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ مصلو وڇائي نماز ۾ بيهجي ويو. مسلمانن کي نماز ۾ هيڏي هوڏي ڏسڻ جي منع آهي. تنهنڪري هن کي خيال هو تہ ماڻهو نماز ۾ مون کي نہ ستائيندا. پر عرضدار درخواستون هن جي سامهون جهلي بيٺا، تان جو نوڪرن ڌڪا ڏيئي، تڙي ڪيين. رنجيت سنگهہ جي



دربار جو شان ۽ فتح علي شاهہ جي سلام جو دستور نرالو هوندو هو.

مٿئين طبقي جا امير، ڏارين کي بيعزتو ڪرڻ پسند ڪندا آهن. خاص ڪري جڏهن هو ڏسندا آهن تہ اڳلا دل ۾ نٿا ڪن. مشرقي ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ هو جڏهن ڏسندا آهن تہ اڳلا ماٺ ڪري ويهڻ وارا نہ آهن تہ پوءِ بدتميزيءَ ڪرڻ جي همت ڪانہ ٿيندي اٿن. اهڙن ماڻهن جو سولي ۾ سولو علاج هي آهي تہ ساڻن غصو ڪجي ۽ تنديءَ سان ڳالهائجي. ڪو ملڻ اچي ۽ ڪيس چئجي تہ مالڪ گهر ۾ ڪونهي، تہ اها هن جي بيعزتي ليکي ويندي آهي. جيڪڏهن مهمان جي پوري آجيان نہ ٿي تہ پوءِ هو وري چانئٺ اندر پير نہ پائيندو آهي. ملاقات جو طريقو هن ريت هوندو آهي: پهريائين نوڪر اچي اطلاع ڏئي ويندو آهي تہ مهمان اچي ٿو. جڏهن مهمان ايندو آهي، تڏهن ميزبان گهر کان ٻاهر نڪري سندس استقبال ڪندو آهي. جيترو مهمان جو زياده درجو هوندو آهي، اوترو ميزبان ٻاهر ايندو آهي. پر جي مهمان ڪو وڏو ماڻهو هوندو آهي تہ هن جي اچڻ تي سڀ پنهنجن جاين تان اُٿي کڙا ٿيندا آهن. جيترو هن جو مرتبو هوندو، اوترو هو اڳتي وڌندا. خوش خيرآفيت ڏگهي ۽ ٽڪائيندڙ هوندي آهي. گفتگو اڪثر فارسيءَ ۾ ۽ بعضي بعضي سنڌيءَ ۾ ڪندا آهن پوءِ ميزبان، مهمان کي وٺي وڃي سندس جاءِ تي ويهاريندو آهي. مسند هڪڙي ڪٽ هوندي آهي، جنهن تي ڪا رلي يا توشڪ وڇايل هوندي آهي. مسند جا هيٺيان درجا ٿيندا آهن (1) منجي، جنهن تي بعضي ڪو وڇاڻو پيل هوندو آهي ۽ بعضي اگهاڙي هوندي آهي، (2) زمين تي ڪو غاليچو وڇايل هوندو آهي، (3) زمين تي پيل تڏو، (4) پٽُ، (5) ڪا جاءِ ڪوٺيءَ کان ٻاهر، وراندي ۾. ٺهي ٽڪي ويهڻ کان پوءِ شربت، ڦوٽا، پان، سوپاري ۽ حقو کڻي ايندا آهن. اڄڪلهہ ڪٿي

ڪٽي شراب، ڀنگ ۽ آفيم بہ آڇيند آهن. پر ڏاريا ماڻهو گهڻو ڪري اهڙي ڪم ڪرڻ کان ڊڄندا آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ شريف مشرقي پرائي گهر ۾ نشيدار شين کي ورلي هٿ لائيندو، ڇو تہ ماڻهو نشي جي حالت ۾ اڪثر ڪري تهذيب جي دائري کان نڪري ويندا آهن. ايران ۾ مهمان کي باقاعدي ماني ڪارائي ويندي آهي، پر سنڌ ۾ وري ميوي جو رواج آهي. جهڙو ميزبان جو سماجي مرتبو هوندو آهي اوترو ڪيس وڌيڪ ترسائڻ لاءِ زور ڀريو ويندو آهي. جيڪڏهن ميزبان گهٽ درجي جو ماڻهو هوندو آهي، تہ گهڻو وقت ترسائڻ لاءِ زور ڪين ڀريو ويندو آهي. مهمان جي واپسي بہ سماجي لحاظ کان شان ۽ شوڪت سان ٿيندي آهي. جيڪڏهن مهمان ڪو وڏو ماڻهو هوندو آهي تہ پوءِ ميزبان هن سان گڏجي سندس گهر تائين ڇڏڻ ويندو آهي.

پنتي پيل ملڪن ۾، اهڙين معمولي ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ تمام ضروري آهي. مشرق ۾ ٻوليءَ رسمن ۽ رواجن جو علم تمام ضروري آهي. هندستان جي ڪيترن ڀاڱن ۾، مهذب انگريزن کي جهنگلي[9] سڏيو ويندو آهي؛ ڇاڪاڻ جو هو انهن معمولي ڳالهين کي نظرانداز ڪندا آهن، جن جي وسيلي هو ماڻهن ۾ پنهنجي لاءِ عزت پيدا ڪري سگهن. سنڌ جي هرهڪ مير کي پنهنجو پنهنجو خطاب هوندو هو. مير نصير خان کي ”سرڪار فيض آثار“ ڪري سڏيندا هئا. ڳالهائڻ ۾ هنن کي ”مير صاحب“ يا ”مير سائين[10]“ ڪري چوندا هئا. سندن زالون ”ديره ڪلان“[11] جي نالي سان سڏبيون هيون ۽ ڪي وري ”ديره خورد.“ انهن اصطلاحن جو استعمال تمام ضروري هوندو هو. انهن ڳالهين ۾ غفلت، سنئين سڌي هتڪ ڪري ليکي ويندي هئي.

سنڌ جي ڏيهي ڀنگت جي هاڻوڪيءَ حالت جي، هڪڙي خراب



ڳالهہ هيءَ آهي تہ ان ۾ نشي واپرائڻ جو گهڻو رواج ٿي پيو آهي[12]. اعليٰ خواه ادنيٰ ماڻهن ۾، سواءِ پرهيزگار شخصن جي (اهڙو ڪو ورلي هوندو جنهن جي دل شراب جي گلاس تي نہ هرڪندي)، شراب ۾ اڪثر پاڻي ملائي پيئندا آهن. جيترو شراب، اوترو پاڻي. وڏا ماڻهو جي عادتي پياڪ هوندا آهن، سي ڪاڏي ڪان اڳ پيئڻ شروع ڪندا آهن. جڏهن ڪافي خنڪي چڙهندي اٿن، تڏهن هو ماني ڪائي، ان جي مٿان هاضمي لاءِ ڪير جو پيالو پِي ڇڏيندا آهن. جيئن اسان انگريز ڪافي پيئندا آهيون. هو هڪٻئي جي گهر يا ڏارين اڳيان پيئڻ ۾ بہ عار ڪونہ سمجهندا آهن. جڏهن نشي ڪرڻ جو ارادو هوندو اٿن، تڏهن پهريائين ڀنگ پِي، ان جي مٿان شراب يا ڪو نشيدار عرق پيئندا آهن. چون ٿا تہ اهڙيءَ طرح پيئڻ ۾ هڪ قسم جو خاص لطف ايندو آهي. فارسيءَ وارو چوي ٿو تہ ”پهريائين ڀنگ پيو، پوءِ شراب. ساوڪ جي مٿان پاڻي سهڻو لڳندو آهي!“ سنڌ ۾ اهڙا گهڻائي وڏا ماڻهو آهن، جن کي ڪنهن بہ نشيدار شيءِ واپرائڻ تي اعتراض ڪونہ هوندو آهي. غريب ماڻهو، پيچڪ يا شراب ۽ عرق يا تاڙيءَ تي گذارو ڪندا آهن. اهو سستو ۽ پيئڻ ۾ نهايت اُگرو هوندو آهي.

اڪثر ڪري ٻن قسمن جا شراب واپرايا ويندا آهن:

1. ڳڙ جو دارو، جو ڳڙ، ٻٻر جي ڇوڏن ۽ ٻين شين سان ٺهندو آهي. ان جو ذائقو تيز ۽ اُگرو هوندو آهي. انهيءَ هوندي بہ سنڌ جا هندو اهو شوق سان پيئندا آهن. ڪي تہ ڏينهن ۾ ساري بوتل پوري ڪيو ڇڏين! شراب نندين وٽين ساڻ ڀري پيئندا آهن، جنهن ۾ هڪ ننڍي چمچي جيترو دارو ماپندو آهي. پاءُ پاءُ ڪلاڪ کان پوءِ، هو ٻي وٽي چاڙهيندا آهن. 2. ڪتل جو دارو، جو ڪارڪن جو عرق آهي ۽ اڪثر ڪري غريب ماڻهو پيئندا آهن. اهو گرم ۽ اُگرو هوندو آهي. مکيہ شراب هي آهن:

(1) انگوري شراب، جو سنڌي ڊاک مان حيدرآباد، سيوهڻ ۽ شڪارپور ۾ ٺهندو آهي. اهو گهڻو ڪري ڳڙ جي عرق سان مٺو ڪيو ويندو آهي. سڪل انگور مان ٺهيل شراب کي ”ڪشمش“ چوندا آهن.

(2) سونفي، وڏف ۽ ڳڙ جي عرق مان ٺهندو آهي. اهو اُچن شرابن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.

(3) مشڪي، ان کي مشڪ ۽ ٻين خوشبوءَ دار شين سان سڳنڌ وارو ڪيو ويندو آهي.

(4) ترنجي، ترنج جي کل مان ڪيندا آهن.

(5) مصري، مصريءَ مان ٺهندو آهي ۽ معطر ٿيل هوندو آهي. اهو تمام قيمتي شراب مان هڪ آهي.

(6) گلابي، ان ۾ گلاب جي پاڻيءَ جي سرهاڻ هوندي آهي.

(7) ڪيسري، ڪيسر جو رنگ ڏنل هوندو اٿس. عام غريب مسلمان ڀنگ جا بيحد شوقين آهن. هو انهيءَ جا ايترا عادي آهن، جو گجرات جي آفيمين وانگر ان کان سواءِ حياتي وبال سمجهندا آهن. ميرن جي ڏينهن ۾ ڀنگ جو سير، هڪ آني ملندو هو. هاڻي اسان انگريزن مقاطعي جو رواج شروع ڪيو آهي ۽ ڀنگ جي قيمت پنجوڻي- ڇهوڻي ٿي وئي آهي. سنڌ جي ماڻهن جي دماغي ۽ جسماني ايتريءَ لاءِ هن قاتل شيءِ جو واهپو گهڻي قدر جوابدار آهي. ان مان ديوانگي، سڪتو ۽ ٻيا انيڪ مرض پيدا ٿين ٿا. ڀنگ هيٺين مکيه نمونن ۾ ورتائي ويندي آهي.

1. ڀنگ، سوائي يا سُکو. ڀنگ جي ٻوٽيءَ جا ننڍا پن، تُهه ۽ ٻج گهوٽي ان ۾ پاڻي يا کير وجهي پيئندا آهن. ڀنگ جو گيهه ٻن نمونن ۾ ٺهندو آهي. سڀ کان سٺي ترڪيب هيءَ آهي ته ڀنگ کير ۾ ٺهڪائي، ان



۾ مَلائي آنرائي ڪڍي، ان کي ٺاڻي گيهه حاصل ڪيو ويندو آهي. رواجي طرح سير گيهه ۾ ڀنگ جو سير وجهي پتل جي ٿانوَ ۾ پُچجي ان کان پوءِ ديڳڙي کي ڍڪ ڏيئي باهه تي رکجي، جيستائين سُڪي اڌ ٿي وڃي، تيستائين وقت بوقت گهمائبو رهجيس ته ترو نه لڳي وڃيس. جڏهن ڳاڙهو ٿي وڃي، تڏهن ديڳڙو لاهي گيهه ٽيپو ٽيپو ڪري ٿالهه ۾ وجهجي. هيءُ گيهه، جراح، نشتر هڻڻ وقت ماڻهوءَ کي بيهوش ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن.

2. گانجو، هي ڀنگ جي ٻوٽيءَ جي چوٽين مان ٺهندو آهي. اهو ڇڪبو به آهي ۽ ڀنگ وانگر پيئبو به آهي. ان کي حقي ۾ پيئڻ واسطي تيار ڪرڻ جا گهڻ ۾ گهٽ ٽي طريقا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي تمام زياده نشي ڪرڻ جو ارادو هوندو آهي، ته هو ڀنگ جي ٻوٽيءَ جي ساري چوٽيءَ پاڻيءَ ۾ وجهي، ٻِج پنن کان ڌار ڪندو آهي. پوءِ پَن ڪڍي، هٿن جي تَرين ۾ مهٽبا آهن، جيستائين سڪي ڳنڍو ٿي پون. پوءِ چلم جي ڦل جي تري ۾ وجهي، ان جي مٿان آلو تماڪ رکبو آهي، ۽ ان جي مٿان نوڙيءَ[14] جو ٻَريل ٽُڪر هوندو آهي. ان کان ٻي گهٽ نشيدار شيءِ، هن نموني ٺهندي آهي: ٻج ۽ پن گهوٽي ان جا ٽي پاڻي ڪڍبا آهن. ٽيون طريقو وري هي آهي ته ٻوٽي جي چوٽي جا پَن ڪڍي، باقي جيڪي بچندو آهي سو تَئي تي سيڪيندا آهن. جڏهن اهو گرم ۽ خسڪ ٿيندو آهي، تڏهن ان کيهٿن ۾ مهٽي، چورو ڪنداآهن. پوءِ ان ۾ پاڻي ملائي، ڳوهي موم وانگي ڪندا آهن. اهو گانجو تماڪ سان ملائيندا آهن ۽ ان جي هيٺان رکي نه ڇڪيندا آهن. جيئن ٻهرين ٻن نمونن ۾ ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ گانجو گهڻو ڪونه ڇڪيو ويندو آهي. سيڪڙاڻن لاءِ هڪ ڦُل ڪافي هوندو آهي. عادتي ماڻهو چار- پنج ڦل ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ ڇڪيندا آهن. گانجي جو نسن تي

تمام خراب اثر پوندو آهي. ان جي زور پڇڻ لاءِ ليمي جي رس يا انب جو آچار کائيندا آهن.

3. چرس يا ڀنگ جو ڪوئر: سنڌ ۾ ڪَچو چرس نشي لاءِ يا دوا طور استعمال نہ ڪندا آهن. جيئن اسان وٽ ٿيندو آهي. انهي حالت ۾ ان کي زهر سمجهيو ويندو آهي. سنڌ ۾ اهو يا تماڪ سان گڏي ڇڪيندا آهن. يا ان مان معجون ٺاهي کائيندا آهن. انهيءَ معجون جي سڀ کان سٺي جنس افغانستان[15] يا وچ ايشيا مان ايندي آهي.

سنڌ ۾ اهي آهن ڀنگ ورتائڻ جا مکيہ طريقا: هرهڪ شيءِ جي جدا خاصيت هوندي آهي. چوندا آهن تہ ڀنگ ڏپ ۽ خيال پيدا ڪندي آهي. ۽ ڇتي بک لڳيندي آهي ۽ ان بعد بدهاضمو ڪندي آهي. گانجي سان سمجهہ تيز ۽ ڳالهائڻ ۾ ماڻهو چتر ٿيندو آهي. ساڳئي وقت ماڻهو اهڙو هوشيار هوندو آهي جو ڪير بہ دل جو منجهہ ڪونہ ڪڍي سگهندو اٿس. چرس جو دماغ تي گانجي جهڙو اثر پوندو آهي.

ٻيون نشيدار شيون، جن جو عام طور سڄيءَ سنڌ ۾ ڪاپو آهي، سي هي آهن:

(1) معجون، يعني ڀنگ، چرس، ڌاتوري جي ٻجن ۽ کنڊ سان ٺاهيل منائي جهڙو نشيدار حلوو. صوبي جا وڏا ماڻهو، گهڻو ڪري معجون ٽن غرضن يعني خمار، قوت ۽ امساڪ[16] لاءِ ڪم آڻيندا آهن. پويان بہ مقصد اهڙا ضروري سمجهيا ويندا آهن، جو انهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ نشي جي پرهيز وارن شرعي احڪامن جي بہ پرواهہ نہ ڪئي ويندي آهي.

(2) خسخس: اها گهڻو ڪري ٻين شين سان گڏ استعمال ٿيندي آهي.



(3) ٺاڏل: هڪڙي قسم جو فرحت ڏيندڙ شربت آهي، جو گرميءَ جي مند ۾ پيئبو آهي. اها ڏاڻا، وڏف، جيرو ۽ ٻيون شيون مصريءَ سان گڏ گهوٽي تيار ڪندا آهن. ٺڏاڻ لاءِ بعضي بعضي ان ۾ ٿوري ڀنگ پڻ ملائي ويندي آهي.

(4) ڪوهي يا جابلو ڀنگ: ڌاتوري جو هڪڙو قسم آهي جو ڀنگ وانگي تيار ڪري ڇڪبو يا پيئبو آهي. اهو گهڻو ڪري فقير ۽ درويش پيئندا آهن. جو چوندا آهن تہ مستي پيدا ڪندو آهي. اهو سيڪڙاٽن جي ٻچيءَ جي نسن کي ڏاڍو وڻندو آهي.

(5) آفيم يا امل: اڳي سنڌ ۾ گهڻو کائبو هو، جيتوڻيڪ اهو ڇڪيندا ڪونہ هئا، پر هاڻي مهانگو ٿي ويو آهي، جنهنڪري ان جو رواج گهٽ ٿي ويو آهي. چون ٿا تہ آفيم وٺڻ کان پوءِ ماڻهو حياتيءَ جي پرواهہ نہ ڪندو آهي ۽ خوف کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسندو آهي. جنهنڪري سالار ۽ سپاهي پنهنجي سورهيائي ڏيکارڻ لاءِ نشو ڪري، جنگ تي تيار ٿي ويندا آهن. بلوچ انهيءَ ڳالهہ لاءِ مشهور آهن. اهوئي سبب آهي جو هو لڙائيءَ ۾ همت ۽ بيباڪيءَ سان لڙندا آهن.

آفيم وٺڻ جا عام طريقا هي آهن: گولي ٺاهي کائي مٿان کنڊ يا ڪا ٻي مٺي شيءِ چٽي ڇڏبي آهي، يا پاڻيءَ ۾ ڳاري پيئبو آهي. جيڪڏهن صفا نہ هوندو آهي تہ پيئڻ کان اڳ ڪپڙي ۾ ڇاڻبو آهي. بعضي ان ۾ زعفران ملائي، ٻين ڪيترن طريقن سان پيئندا آهن. پر انهن طريقن جو هن ملڪ ۾ ايترو رواج نہ آهي، جيترو هندستان ۾.

سنڌ ايتري مهذب نہ آهي، جو ان ۾ نشيدار شين جي پيئڻ لاءِ جدا جايون ٺهيل آهن. سيني وڏن شهرن جي ٻاهران ڪئين دائرا[17] هوندا آهن.

اهي گهڻو ڪري پوشيده باغيچن ۾ هوندا آهن. جتي پينگ ۽ نازبوءَ پوڪيل هوندي آهي، چون ٿا ته نازبوءَ ماڻهوءَ کي ڪِلائيندي آهي. دائري ۾ مهمانن جي سهوليت لاءِ هڪ اوطاق يا ڪمرو پڻ هوندو آهي. شام جو پنجين يا ڇهين بجي پينگ جا موالي اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ ڏاڍو ڇهچٽو لڳندو آهي. پوءِ ته پينگ ڏوئڻ، نپورڻ ۽ گهوٽڻ کي لڳي ويندا آهن. انهيءَ دل پسند شوق جي انتظار ۾، منجهن هڪ نئون روح ڦوڪجي ويندو آهي. جڏهن پينگ تيار ٿيندي آهي، تڏهن هرڪو خاموشيءَ ۽ سنجيدگيءَ سان پيئندو آهي. تنهن کان پوءِ، ڪي حقو ڇڪيندا آهن ته ڪي منائي يا پڳڙا ڪائيندا آهن ته ٿوري وقت کان پوءِ، منجهانئن هڪڙو اُٿي راڳ ڳائيندو آهي ته ٻيو وري هن سان سُر ملائيندو آهي. اهڙيءَ ريت ڪي چرچا ۽ مسخريون ڪري پاڻ کي ۽ پنهنجن دوستن کي وندرائيندا آهن. ڪن کي ته وري اتيئي ننڊ وٺي ويندي آهي. اهڙي محفل اٽڪل اَٺين بجي رات تائين هلندي رهندي آهي. تنهن کان پوءِ هرڪو پنهنجي گهر هليو ويندو آهي.

زالن کي مڪانن ۾ اندر اچڻ بنهه ڪونه ڏيندا آهن: تنهنڪري هتان جا اوتارا مغربي هندستان جي انهن مخرب اخلاق اوتارن کان وڌيڪ شائسته هوندا آهن. جن کي آڪاڙا سڏبو آهي. معزز ماڻهو انهن ۾ عام طور ڪونه ويندا آهن. بعضي بعضي سيد ۽ منشي به انهن ۾ ويندا نظر ايندا آهن. انهن مجلسن ۾ جلالي فقير هميشه حاضر هوندا آهن.

ٻي ڳالهه، جنهن جو سنڌ جي سماج تي تمام گهرو اثر آهي، سا آهي ماڻهن جو قومي ۽ مذهبي رجحان.

ڪيترن مهذب خواه پٺتي پيل ملڪن ۾، سياحن توڙي قومن جي علم جي ماهرن، ڏٺو هوندو ته جڏهن ڪو نئون مذهب ڪنهن پراڻي ڌرم کي



ڊاهي، ان جي بنياد تي ڪڙو ٿيندو آهي، تڏهن انهيءَ جي نئين مذهب کي اڳلي ڌرم مان ڪيترين ڳالهين وٺڻ جي ضرورت پوندي آهي. آزمودو ڏيکاري ٿو ته هرهنڌ اڳئين ڌرم جو روح مشڪل سان صفا ناس ٿي ويندو آهي. عيسائيت جو ئي مثال ڪٽي وٺو. پراٽيسٽنٽ فرقي جي مذهب ۾ انگريزن ۽ ٻين اُترينءَ سرحد وارين قومن جي پراڻن ڌرمن ۾ دراوڙي ڌرم جا ڪيترا اصول سمايل آهن. وري يونوچ سمنڊ وارا ملڪ ڏسو اتي عيسائيت ۾ اجا انهيءَ پراڻي صوفيانه مذهب جا ڪافي آثار آهن. جنهن جي نظريي مطابق زمين، هوا ۽ سمنڊ سندر ۽ خيالي تصويرن سان پريا پيا آهن ۽ جنهن مان اهي علم ۽ هنر پيدا ٿيا. جن انهيءَ ملڪ جي ماڻهن کي تهذيب ڏني. اسلام جي معاملي ۾ به، ڪن ملڪن ۾، ساڳيو اصول عمل ۾ نظر اچي ٿو. چنانچه سنڌ ۾، ولين جي مقبرن تي ڪجرين جا ناچ، ۽ مسلمانن جو هندن جي ڪن پوتر آستانن تي وڃڻ ۽ سندن ساڌن ۽ سنتن کي مڃڻ، اهي ڳالهيون سچن مسلمانن جي نظر ۾ بدعتون آهن. اسلامي معاشري ۾ قديم بت پرستي ڪيئن جهاتيون پائي رهي آهي، تنهن جو هڪ مشهور مثال هت ڏجي ٿو:

ڪراچيءَ جي اُتر طرف وارين ٽڪرين ۾، هڪڙي مشهور حاجيءَ[18] لاءِ چون ٿا ته ڪيس هڪ چشمي مان، هڪڙي واڳونءَ جو ٻچو هٿ آيو. ان واڳونءَ جو اولاد اجان پاڻيءَ ڍبي جي ڪاريءَ گپ ۾ ليٽڙيون پائيندو رهي ٿو. انهن واڳن ۾ جيڪو وڏي ۾ وڏو آهي، سو انهن جو پڳدار ڪري ليکيو وڃي ٿو. انهيءَ هولناڪ بلا کي ڏيهي ماڻهو عزت وچان سڏين ”مور صاحب“[19]. جڏهن ڪنهن شخص کي ڪا باس باسڻي هوندي آهي، تڏهن هو چشمي تي وڃي، هڪڙو ٻڪرو ڪُهي، ان جو هڪ حصو

انهيءَ واڳونءَ کي کارائيندو آهي. جيڪڏهن هن اهو گوشت کائڻ شروع ڪيو ته اهو شخص سمجهندو ته سندس عرض اگهامندو, پر جي نه, ته پوءِ اميد جو پورو ٿيڻ ناممڪن آهي.

هن جاءِ تي, رمضان جي مهيني ۾, هڪ وڏو ميلو لڳندو آهي. ان ميلي ۾ آسپاس جون طوائفون به گهڻي تعداد ۾ اچي گڏ ٿينديون آهن. منهنجي هڪري عرب دوست, اهو نظارو ڏسي چيو ته ”هي سڀ شيطان جو ڪم آهي, سنڌ ملڪ کي انهن بدعتن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هڪ ئي طريقو آهي, اهو آهي ماڻهن ۾ صحيح شعور پيدا ڪرڻ. تحقيق اهي بدعتون اسلام جي جسم ۾ هڪ ناسور مثل آهن.“ اسلام ۾ ساهواري شيءِ جي شڪل اُڪيرڻ جي به منع آهي, ته متان سادا ۽ ابوجهه ماڻهو ان جو حد کان زياده احترام ڪن[20].

سنڌ ۾ وهم وسوسا گهڻا آهن, پر دهريت ٿوري آهي. پڙهيلن ۾ بعضي بعضي ڪو دهريو پڻ نظر ايندو آهي. ساڳئي وقت, ڪن صوفي طريقي جي ماڻهن ”همه اوست“ جا اصول, اهڙي نموني ڪري ڇڏيا آهن, جو يورپي ماڻهن جي سمجهه ۾ ئي نٿا اچن. پر اهڙا مثال ٿورا آهن ۽ انهن تائين محدود آهن, جن حد کان زياده منطق جو اڀياس ڪيو آهي يا حڪمت يعني فلسفي سکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

منهنجو ارادو نه آهي ته سنڌ ۾ جنات, غيبات ۽ جادو جي علم ۽ عمل جو گهڻو احوال ڏيئي, پڙهندڙن کي تڪليف ڏيان. پر انهن جو مختصر بيان دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو.

سنڌ ۾, روحن, جنن ۽ ڀوتن جي هڪ وڏي فهرست آهي. سنڌ جا ماڻهو رجال الغيب [22] جنن, ڀوتن, غول بيابانن, پرين [23], ديون, راڪاسن,



ڏائڻين روحن ۾ اعتبار ڪندا آهن. روحن ۾ ڪي خير وارا آهن ۽ ڪي شر وارا خير وارن, خواجه خضر [24] ته ڪافي مشهور آهي. چون ٿا ته اهو ڀليل مسافرن کي طرح طرح جي روين ۾, مگر اڪثر ڪري هڪ ٻڍي ماڻهوءَ جي ويس ۾ گڏبو آهي ۽ رستو ڏسيندو آهي. ڀپ عربستان جي مروئن جهڙا خوفناڪ جن آهن. ڏاڪڻ يا ڏائڻ يورپ جي ڏائڻ وانگر هڪ ڪُراڙي, ضعيف, غريب, ڪمذات ۽ بدمزاج عورت هوندي آهي. اها ماڻهن کي جانور جي صورت ۾ آڻي, چوپائي مال کي ماري منڍ پڙهي, وڻ يا چراخ تي سوار ٿي, وڏا مفاصلا طي ڪندي آهي. پر هوءَ عربن جي ڏائڻ وانگر ٻهاريءَ تي چڙهي ڪو نه گهمندي آهي. انهيءَ ڪري عام ماڻهو ٻڍين ۽ بدصورت عورتن کان ڊڄندا آهن انهن کي حقارت سان ڏسندا آهن. هو به انهيءَ شهرت جو فائدو وٺي, ڏوتيون بنجي, ماڻهن جا ناجائز رشتا ناهينديون ۽ بگاڙينديون وتنديون آهن. جيڪڏهن بعضي حد کان ٻاهر نڪري وينديون آهن, ته موچڙا پڻ کائينديون آهن. پر انهيءَ سزا کي ڏيهي حڪومت يا مذهب جي قاعدي جي ٽيڪ نه آهي. اسان جي ملڪ جي رواج جي خلاف, سنڌ ۾ ڏائڻ ٿيڻ قانوني طور سزا جوڳو ڏوهه نه آهي. ڪن جاهلن وهم پرستن جو چوڻ آهي ته ڏاڪڻ هڪ قسم جي ڏائڻ آهي, جا ڪيترن قسمن جا روپ اختيار ڪندي آهي, مگر جي اگهاڙو ٿي بيهبو آهي ته هوءَ ڀڄي ويندي آهي. ٻانڀ ۽ مَمَ خوفناڪ بشر آهن, اڌ عورت ۽ اڌ رڇ اڪثر ڪري اُهي ٽڪرن ۽ جهنگلن ۾ رهنديون آهن, ۽ ڪڏهن ڪڏهن مسافرن کي نظر اينديون آهن. انهن کي رڇ جهڙا وار ۽ ڊگها چپ هوندا آهن ۽ هو ميون ۽ جهنگلي ٻوٽين تي گذران ڪنديون آهن.

شِر هڪ شيطاني هستي آهي. هو گهڻو ڪري ڪمذات ماڻهوءَ

جي روپ ۾ نظر ايندو آهي ۽ ڪارو ڏڪهو ۽ خوفناڪ هوندو آهي. بعضي بعضي ته هو سِر ڪان سواءِ ڏڙ وانگر ڏيکاربو آهي. هو مقامن ۾ رهندو آهي، جتي باهيون ٻاري، ٻرندڙ ٻُنديون اڇلائيندو آهي. هو ماڻهن جا نالا زور سان وٺي، انهن کي ديڄاريندو آهي يا ڪنهن مروڻ جي شڪل ۾ انهن جي پٺيان ڪاهي پوندو آهي ۽ اهڙن ٻين نمونن ۾ پاڻ کي مشغول رکندو آهي. انهيءَ ڪري عام ماڻهو رات جو قبرستان جي ويجهو وڃڻ کان خوف ڪندا آهن.

عجب جي ڳالهه هيءَ آهي ته شيطان کي گهڻو ڪري پڙهيل لکيل ماڻهو ئي ڏسندا آهن. هن جي شڪل جوان آدميءَ جهڙي چئي وڃي ٿي، ۽ رنگ ڳورو هوندو اٿس ۽ شڪل جو موچارو هوندو آهي. مگر هو پنهنجي صورت ڪنهن به وقت بدلائي سگهندو آهي.

ڪوهستان جي ماڻهن ۽ سنڌ جي خانه بدوش قومن کي غيبات جي علم ۽ ان متعلق عجيب غريب قصن ۾ نهايت دلچسپي هوندي آهي. مثلاً ايران وانگر هت به رڇ سمجهه وارو جانور ڪري ليکبو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه جو سبب اسان جي سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي. ڪيترا ماڻهو ان کي جهنگلي ڳڌهه تي چڙهي گهمندي ڏسڻ جا واقعا بيان ڪندا آهن. ۽ چوندا آهن ته مٿي تي گاهه جي موڙهي جي پڳ ويڙهيل هوندي اٿس ته جيئن راهه ويندڙ سمجهن ته ڪو ماڻهو آهي. اهڙيءَ طرح هن کي شڪار ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي.

دنيا جي ٻين ملڪن وانگر جاهل ماڻهو سنڌ ۾ به "ماڻهون - مڇيءَ" جي روپ کي مڃين ٿا ۽ انهيءَ لاءِ شايد به سبب ٿي سگهن ٿا: هڪڙو ته ڪنهن مڇيءَ کي پُل مان ماڻهو ڪري سمجهيو اٿن. ٻيو هو چون



ٿا ته دنيا ماڻهوءَ لاءِ خلقي وئي هئي، سو جهڙيءَ طرح لکين روحاني ۽ آسماني مخلوق هوا ۾ رهي ٿي، تهڙيءَ طرح پاڻيءَ ۾ به ڪا خلقت ضرور رهندي هوندي. ٻُلهڻ جي ته ڳالهه جدا آهي، پر سنڌ جي ماڻهن کي اهو ويساهه آهي ته "جل ماڻين" کي آليءَ چمڙيءَ هيٺان حرارت واري دل هوندي آهي. هو تڏهن ته چون ٿا ته اهي پنهنجي عاشقن کي پاڻ سان گڏ رهائينديون آهن ۽ هنن جي ڏاڍي خاطري ڪنديون آهن. تعجب آهي ته جاهلن جي خيالن ۾ جاندار شيون به انساني فطرت جي صحبت ۾ سرفراز ٿي پون ٿيون!

سنڌ جي ماڻهن جو وڻن ۾ به ويساهه آهي. اڄ ڪلهه سنڌ ۾ سؤ کان زياده وڏا وڻ آهن، جي مشهور ولي سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي نالي پٺيان سڏجن ٿا. هر ڪنهن وڻ ۾ هڪ بيرق لڪڙي تي چڙهيل نظر ايندي، جا ڪنهن مرادوند، مصيبت يا بيماري جي وقت ۾ باسي هوندي. انهن وڻن تي ماڻهو مناڻيون ورهائيندا آهن ۽ جانورن کي به انهن وڻن جي ميوي ۽ پنن کي چهڻ نه ڏيندا آهن. عربستان [24] ، هندستان ۽ ايران وانگر هتي به وڻن ۽ ٻوٽن ۾ ڪپڙي جون اڳڙيون ۽ ليڙون ٻڌندا ۽ ٽنگيندا آهن ۽ انهيءَ رسم لاءِ ڪيترائي سبب ڏنا ويا آهن. ڪن وڻن کي اهڙي نموني ڪنهن وليءَ جي يادگيريءَ ۾ سينگاريو ويندو آهي، جنهن ان جي هيٺان منزل ڪئي هوندي. مان ڀانيان ٿو ته وڏيڪ معقول سبب هي آهي ته ماڻهو سمجهندا آهن ته جي بيماري جي حالت ۾ انهيءَ ڀلاري وڻ ۾ اڳڙي ٽنگبي ته ماڻهوءَ جي تڪليف لهي وڃي وڻ کي وٺندي!

مشرق جي ٻين ملڪن وانگر سنڌ ۾ به جادو عمل [25] ۾ آڻيندا آهن ۽ اڪثر هينئين ڳالهين لاءِ تعويذ ڌاڳا ۽ سات سڳڻ ڪيا ويندا آهن: محبت ۽ نفرت پيدا ڪرڻ، دشمنن کي دفع ڪرڻ، دنيا ۾ ترقي ڪرڻ،

ڳجهين مصيبتن جهڙوڪ بدنظر يا دشمن جي حسد کان بچڻ، دک دور ڪرڻ، بيماري، ٻار نہ ٿيڻ يا ڪيرائڻ، دل جا مطلب حاصل ڪرڻ ۽ چور جهلڻ. تعويذن يا طلسمن [26] جو ڪم مُلن ۽ عاملن لاءِ هڪ پيدائش جو ذريعو آهي. تعويذ گهڻو ڪري گڏيل هندستاني، پنجابي ۽ سنڌي زبانن ۾ لکيا ويندا آهن. عاملن جي تعويذن ۾ بعضي هندو ديوتائن جا نالا پڻ نظر ايندا آهن، جنهن مان ماڻهن جي هندڪي ذهنيت [27] ظاهر ٿئي ٿي. سنڌ ۾ بہ ٻين ملڪن وانگر مسلمان جادوءَ ۽ روحاني طاقت ۾ فرق ڪندا آهن. روحاني طاقت لاءِ عبادت ڪندا، چِلا ڪيندا ۽ ملائڪن کي سڏ ڪندا ۽ اسماءِ حسنہ ياد ڪندا ۽ اسم اعظم پڙهندا آهن.جادو حرام سمجهيو ويندو آهي ۽ اهو شيطاني ۽ غليظ نموني [28] جو هوندو آهي.خاص ڪري جڏهن ان سان گڏ ڪا پيئڻ جي شيءِ بہ استعمال ڪئي ويندي آهي. ڪن تعويذن جا مختصر مثال هت ڏجن ٿا:

جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي عورت جي دل ۾ پنهنجيءَ محبت پيدا ڪرڻ جي خواهش هوندي آهي، تڏهن هو مهيني جي ستين تاريخ، ست وڏا لونگ ڪٽي، انهن تي ست دفعا هي منتر پڙهندو آهي:

”لونگا لونگ صلاحي، لونگاٽا ٻڌي رهي نہ ڪا ئي جس ڪون لونگ پڙهي ڏيوان هاٿ،

اوه ڪِرندي،پوندي، آوندي ميري ساٿ.“

اهو ماڻهو ڪنهن اٽڪل سان عورت کي اهي ”پڙهيل“ لونگ کارائيندو آهي، پوءِ چون ٿا تہ ڪم ٺهي ويندو آهي. عشق جي راهہ ۾ لوڻ کان بہ ڪم ورتو ويندو آهي. عاشق ماهہ پهرين آچر ڏينهن، لوڻ جي مُٺ پري، ان تي ست دفعا هيٺيان جملا پڙهندو آهي:



”لوڻ تو، لوڻارو تو، ستين سمندرين پار تو،

لوڻ مير ڪا تو، فلاڻي پير چمندي آءُ تون.“

پوءِ پڙهندڙ اهو لوڻ پاڻيءَ ۾ ملائي، پي ويندو آهي پائيندو آهي تہ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ٻي ڌر مٿس اکين ڇڪن ٿي پوندي!

جيڪڏهن عورت انهن طريقن سان هٿ نہ ايندي آهي، تہ پوءِ عاشق وڌيڪ سخت قدم کڻندو آهي. اهڙو هڪ مثال هت ڏجي ٿو، جنهن مان ثابت ٿيندو تہ ڪي عاشق اڪثر ڪري، عشق جي انڌ ۾، اخلاق جي دائري کان نڪري ويندا آهن. انهيءَ جادوءَ کي چوندا آهن ”اڳٺ چنڻ“. اهو ڪم هيٺئن ٿيندو آهي: پهريائين ڪَچي سٺ جي ستن يا نون ڌاڳن تي، جيڪي هڪ ڪنواريءَ ڇوڪري جي هٿ جا وٽيل هوندا آهن، تن تي منتر پڙهبو آهي. ان بعد ڌاڳن کي ويڙهي انهن کي ست ڳنڍيون ڏيندا آهن. پوءِ انهيءَ عورت کي چتاءُ ڪندا آهن تہ هاڻي تيار ٿجانءِ، اچئي ٿو اسان جو ٻاڻ، جيڪڏهن مائي اجان بہ پنهنجي هٺ کان هيٺ نہ لٿي، تہ پوءِ هڪڙي ڳنڍ کوليندا تہ مائي جو اڳٺ پاڻهي ڇڄي پوندو. اها ڪارروائي ٽيستائين، چالو رکي ويندي آهي، جيستائين هوءَ آڻ مڃي. ڪتاب، جنهن ۾ اهو نسخو لکيل آهي سو خاطري سان چوي ٿو تہ مائيءَ جي پيش پوڻ ۾ گهڻي دير ڪا نہ لڳندي!

پڙهيل پاڻيءَ ۽ محبت جي تعويذن ڪم آڻڻ جو رواج، سنڌ جي مسلمانن شايد هندن کان ورتو آهي، ڇو تہ اهو رواج هندن ۾ گهڻي وقت کان هلندو ٿو اچي. هو ان کي ”واشيڪرڻ“ سڏيندا آهن. انهيءَ عمل ۾ سِيني ڌرين جو فائدو هوندو آهي. جادوگر پنهنجو هنر ڏيکاريندو تہ هن کي چار پئسا ملندا. هوڏانهن وري زالن کي بہ جيڪڏهن ڪو شخص يار سان گڏ ڏسي

وٺندو ته ٻهانو ملندن. مڙس ٻه خوش ته منهنجي زال هونءَ ته پاڪدامن آهي، پر غيب جي زور اڳيان ڇا ٿي ڪري سگهي! جادوءَ ۾ گهڻن ماڻهن جو ويساهه هوندو آهي. ايتري قدر جو ڪا به زال ڪنهن مرد کي پنهنجي وارن جي ڇڳ ڪا نه ڏيندي آهي ته متان هو ڪيس پنهنجي وس ۾ نه آڻي. مگر اهو ڪم شانائتو نه آهي. ماڻهو شايد حق تي چوندا آهن ته انهيءَ هنر جا عامل ڪنهن نه ڪنهن حادثي ۾ مرندا آهن.

دشمن کي مات ڪرڻ جا گهڻيئي ۽ قسمين قسمين طريقا آهن. اهي روم جي ماڻهن جي منترن جهڙا آهن. جي انهن ۾ اڃا تائين پشت بپشت هلندا اچن ٿا. هڪڙو عام طريقو هيءُ آهي ته دشمن جو متيءَ جو پتلو ناهي، ان کي گيڙو ڪپڙا پهرائيندا آهن پوءِ هڪ سئيءَ تي منتر پڙهي، ان جي سنڌن ۾ ٽنبيندا آهن. ان بعد مٿائنس ڪفن وجهندا آهن. ۽ ڪتولو تيا ڪري،مٿس منتر پڙهندا آهن. آخر ۾، دشمن بيمار ٿي مري ويندو آهي. انهيءَ ڪارروائيءَ جي تاثير ۾ سنڌ جي ماڻهن جو ايترو ته ويساهه آهي، جو ڪاميابي اڪثر يقيناً ٿيندي هوندي آهي!

چوري لهڻ ۽ چورن پڪڙڻ لاءِ جي منتر آهن، سي نهايت عجيب ۽ ڏکيا آهن. مصر ۾ رواج آهي ته معصوم ٻار جي هٿ تي مس لائي، ان ۾ شڪليون ڏسندا آهن. اها رسم سنڌ ۾ به آهي، جيتوڻيڪ هوبهو ائين نه آهي. ”ويڄائڻ وارو“ ڪنهن صغير ٻار جي آڱوٺي جي ننهن تي ڪا ڪاري شئي مکيندو آهي، يا هن کي چوندو آهي ته هڪڙي صفا پتل جي برتن جي تري ۾ نهار، جتي هڪ ڪارو داغ چٽيل هوندو آهي. انهيءَ وچ ۾ فالگر ٿي دفعا هزيت پڙهندو آهي، جنهن ڪان پوءِ حاضرات شروع ٿيندي آهي. ڇوڪر، مس ۾ پهريائين ڏسندو آهي ته هڪڙو ڀنگي اچي ٻهاري پائي ٿو. ٿنهن ڪان



پوءِ فراش اچي شاميانا کوڙيندا آهن. انهن جي ڪڍ خدمتگارن جا ٽولا غاليچا وڇائي، جنن جي بادشاهه لاءِ تخت ٺاهيندا آهن. ايتري ۾ بادشاهه به پنهنجي عملي سميت وڏي شان شوڪت ۽ دٻدٻي سان اچي حاضر ٿيندو آهي. ان جي اڳيان پاڳيو فريادي ٿي اچي بيهندو آهي، ۽ بادشاهه چوبدار کي موڪليندو آهي ته وڃي چور کي جهلي اچ. چور کي حضور ۾ گهلي ايندا آهن ۽ اچي سونٽن سان وٺندا اٿس. تان جو هلي اها جاءِ ڏيکاريندو آهي، جتي مال پوريل هوندو آهي. پوءِ چور کي رخصت ڏني ويندي آهي. حاضرات پوري ٿيڻ ڪان پوءِ، ڇوڪرو ملزم جا پار پتا ڏيندو آهي ۽ ٻڌائيندو آهي ته ملڪيت ڪٿي پوريل آهي.

سنڌ جي رهاڪن جي اها دعويٰ هوندي آهي ته هي منتر شيطاني نه آهي. چلي ۽ رياضت جي رستي جنن ۽ روحن کي وس آڻي سگهبو آهي، پر اهڙي تڪليف ٿورن ماڻهن ڪان پڄندي آهي. جنهنڪري اهو علم ڪن خاص خاندانن تائين محدود هوندو آهي. مون پاڻ اهڙي ڪارروائي ٿيندي ڪا نه ڏٺي آهي، پر مون کي خاطري آهي ته انهيءَ معاملي ۾ مون کي خابرن ڌوڪو نه ڏنو آهي. انهيءَ رواج جا اهڃاڻ اڃا ايران جي ڏکڻ ۽ ٻين مشرقي ملڪن ۾ آهن. ان رسم جي شروعات شايد هندستان ڪان ٿي، جو يورپ ۽ ايشيا جي وهمن ۽ وسوسن جي ٽن حصن جو زهريلو سرچشمو آهي. اهي وهم مصر ۽ مغرب ڏي به اتان ويل ٿا نظر اچن. منهنجي انهيءَ انومان جي ثابتي هيءَ آهي ته اهو رواج سنڌ جي هندن خواه مسلمانن ٻنهي ۾ عام آهي.

چور پڪڙڻ جي ڪن طريقن ۾ چالاڪيءَ جو حساب رکيل هوندو آهي. مثلاً بعضي بعضي ڪو ملان يا فقير يا پوپو گهرائي، ان ڪان اٽي جو

هڪ چاڙهو پڙهائيندا آهن. پوءِ گهر جا سڀ ڀاتي گڏ ڪري، اٽي جو ذرو ذرو هڪ هڪ کي ڏيندا آهن ۽ انهن کي چوندا آهن ته جيڪو چور هوندو، سو اٽو ڳهي نه سگهندو ۽ جي اٽو ڳهي به ويو ته هو گهڻو ڪري مري ويندو. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته چور جي خيال جو اثر سندس نڙيءَ جي رڳن تي پوندو آهي ۽ "چغلخور گره" هن کي ظاهر ڪري وجهندو آهي. هندستان ۾ انهيءَ ڪم لاءِ چانور استعمال ڪندا آهن. چانور چٻاڙي آلاڻ مان صحيح ڪندا آهن ته چور ڪير آهي.

ڪي ڦيٽا ٽوٽا ته ظاهر ظهور ڏوڪي وارا هوندا آهن. تعجب آهي ته انساني فطرت ڪيئن پاڻ کي نڳائڻ قبول ڪري ٿي؟ هڪڙي خالي تسري هن طرح جاسوس جو ڪم ڏيندي آهي، ٿالهيءَ جي تري ۾ ڪو نقش يا شڪل ڪڍي، ان جي مٿان هزار دفعا هزيمت پڙهندا آهن. تنهن ڪان پوءِ هڪڙو ماڻهو غسل ڪري، پاڪ ڪپڙا پائي، ٿالهيءَ کي سوگهو جهلي بيهندو آهي. اشاري ملڻ تي ٿالهي انهيءَ ڏس ۾ هلڻ شروع ڪندي آهي،جتي چوريءَ جو مال لڪايل هوندو آهي. چون ٿا ته تسريءَ ۾ اهڙي طاقت هوندي آهي، جو ان کي جيڪڏهن ٻه ٽي ماڻهو گڏجي جهلي بيهن ته اهي به گهلجي ويندا. تعجب آهي ته اها ساڳي تسري هٿن مان ڪڍو ته پٽ تي پٿر وانگر پئي هوندي.

انهيءَ قسم جون ٻيون به ڪيتريون اٽڪلون آهن. مگر اهي خانگي طرح گهرن ۾ عمل ۾ آنديون وينديون آهن. پر عدالت ۾ ڪو نه قبول ڪيون وينديون آهن. اڪثر ماڻهن کي انهن ٽوڻن ڦيٽن ۾ ٿورو گهڻو ويساهه هوندو ڏسجي ٿو.

سنڌين جو ڪيميا ۾ به ويساهه آهي. جنهن نموني ۾ سنڌي ڪيميا



جي علم ۾ دلچسپي وٺندا آهن، سو سنڌي سماج جي رواجن ۽ رسمن تي چڱيءَ طرح روشني وجهي ٿو. جڏهن عربن ۾ اجا حڪمت ۽ وگيان جي شروعات هئي، تڏهن ئي ڪيميا "اجل العلوم طيبهہ" جو درجو حاصل ڪيو هو. عرب، ڪيميا جو علم هندن کان سکيا، جي قديم زماني کان ڌاتن بدلائڻ جو علم "رسائن" جي نالي سان ڄاڻندا هئا. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته هندن "رسائن" جو خيال طبعي دنيا جي ٽن طبقن ۾ جيڪي تبديليون ٿين ٿيون، انهن تان ورتو هو. هنن ڏٺو ته زمين ۾ ٻج پوکڻ سان وڻ پيدا ٿئي ٿو، پر جڏهن ٻج کي ڪو پکي چڳي ٿو ته ٻج جا ساڳيا جزا زنده گوشت ۽ خون ٿيو پون. انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو هو ته ست ڌاتو هڪ ئي جوهر مان نڪتل آهن، پر هو اتفاق سان مختلف ٿيا آهن. هو سڀ اونچي درجي کي پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. [30] ۽ ترقيءَ جي مختلف درجن ۾ آهن. انهيءَ جو حاصل ڪلام سولو، پر غلط هو. اهو هيءُ ته حڪمت جي رستي سادن ڌاتن کي بدلائي، قيمتي بنائي سگهجي ٿو.

عرب اهي سمورا عجيب علم وڏي شوق سان سکندا آهن، جن ۾ حڪمت ۽ عجيب غريب ڳالهين جو ميلاپ هوندو آهي. ڪيميا جي علم لاءِ به هنن گهڻو ذوق ڏيکاريو هو. هو ڪيميا کي ٻن حصن ۾ ورهائيندا هئا: هڪڙو علم، ٻيو عمل، گهڻيءَ مدت کان پوءِ، ڪيميا جو اڀياس آخر هڪ دقيق علم ٿي پيو. ڪيتريون ئي آئيوٽيائون ۽ مخفي نشانيون ٺاهيون ويون ۽ سوين ڪتاب عالمانه ۽ ذو معنيٰ طرزن ۾ لکيا ويا، جن جي هڪ هڪ نسخي سمجهڻ لاءِ ورهين جو علم کپي. اڄوڪن عالمن انهيءَ علم کي گهڻو سلجهايو آهي. هن وقت سنڌ ۾ اهڙو ماڻهو ڪو نه رهيو آهي، جو ڪيميا جي ڪنهن جهوني ڪتاب جون ڏهه سٽون به پڙهي سگهي. هاڻي

هو فقط زباني هدايتن تي عمل ڪندا آهن ۽ فارسي نسخن ڪي غلط نموني ۾ استعمال ڪندا آهن. بازاري ڪيمياگر اڪثر ٺڳ هوندا آهن. جن جي چوڌاري پورڙا ماڻھو پيا ڦرندا آهن. هو به انهن جي چڳيءَ طرح ڪل لاهيندا آهن. اهڙو هڪڙو عجيب واقعو منهنجي ڌيان تي آيو هو. هڪڙي شاهوڪار واڻئي ڪيترائي ورهيه پئسا خرچ ڪري، ڪيميا سکڻ ۾ وڃايا هئا. آخر ڪيس هڪڙو ساڌو ڳڌيو، جنهن رمز سان ظاهر ڪيو ته مون ڪي سون ٺاهڻ جو علم آهي [31]، واڻيو به اڃي چوڪنيو ڦاٿو، سو ٺڳ جي خوب خوشامد ڪيائين ۽ ججهو ناڻو ۽ آئيندي لاءِ وعدا ڏنائينس. آخر منٿن ۽ ايلازن بعد ڪيمياگر چيس ته فلاڻي شهر مان فلاڻي دڪان تان هڪڙي قسم جو ٻورو وٺي اچ، جو سون ٺاهڻ لاءِ بلڪل ضروري آهي. واڻيو اهو ٻورو وڃي وٺي آيو. هو ڏاڍو خوش ٿيو. ساڌوءَ چالاڪيءَ سان ان مان پنج تولا سون جا ٺاهي ڏيکاريس. انهيءَ ڳالھ جو انجام ڪهڙو نڪتو، سا ڳالھ سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي. سِتت ئي اهو ٺڳ واڻئي وٽان هزارين رپيا ڪسڪائي رفو چڪر ٿي ويو. واڻيو انهيءَ قيمت جي عيوض اهو سبق سکيو، ته ٺڳ هڪڙي سوني مهر، روات سان گهي، ٻورو ڪري، مٽيءَ سان ملائي هئي. سياڻن جي چوڻي آهي ته ”لالچ عقلمند ڪي انڌو ڪري ڇڏيندي آهي.“ انهيءَ چوڻيءَ اڪثر ڪري پنهنجو پاڻ سچو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.

ڪيميا جو ڳولهائو، پنهنجي ڪارروائي هن نموني شروع ڪندو آهي: هو پهريائين پڇا ڳاڇا ڪري هڪ استاد هٿ ڪندو آهي، جو اڪثر ڪو درويش هوندو آهي. هن جو مذهب پيل ته ڪهڙو به هجي، انهيءَ لاءِ به سبب آهن: هڪڙو ته درويش سنسار ۽ ان جي اسباب ڪي حقارت جي نگاهه سان ڏسندا آهن، تنهنڪري هنن ڪي غيب جي علم ملڻ جو وڏيڪ



امڪان هوندو آهي. پيو ته هو شايد دنيوي ڳالهين جي پرواهه انهيءَ ڪري نه ڪندا آهن، جو سندن دلين ۾ اهي راز سمايل هوندا آهن. غريب درويشن ڪي به، آزمائش جي خرچ مان ٻن چئن رپين ڪمائڻ جو وجهه ملندو آهي. ساڳئي وقت هو طالب جي دل ۾ اهو اثر ويهاريندا آهن، ته جيتوڻيڪ اسان ڪي ڪنهن جي به گهر سوني ڪرڻ جي طاقت آهي، پر تنهن هوندي به اسان غربت ۾ رهڻ پسند ڪيون ٿا، تنهنڪري اسان ڪي ٽامي جي پنجن تولن خريد ڪرڻ جي به طاقت نه آهي. طالب پنهنجو سمورو وقت استاد جي صحبت ۾ گذاريندوآهي ۽ هن جي ڏاڍي خدمت ۽ خوشامد ڪندو آهي ۽ هن جي زبان مان جيڪي لفظ نڪرندا آهن، سي هڪ هڪ موتيءَ برابر ڪري سمجهندو آهي. ساڳئي وقت پراڻا ڪتاب ۽ چوپڙيون ڳوليون وينديون آهن ۽ انهن مان ضروري حوالا محنت ڪري نقل ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن استاد ڪي خاصو اجورو ملندو آهي، ته هو پهريائين شاگرد ڪي قسمين قسمين ڌاتن جا ڪشتا مارڻ [32]، سيکاريندو آهي. جو ڪيميا جي چوٽيءَ تي پهچڻ جو اهو ئي پهريون ڏاڪو آهي، اتي هن جي تعليم پوري ٿيندي آهي. جيڪڏهن طالب دنيا دار ۽ بيوقوف هوندو آهي ته استاد پيو ڏهندو اٿس، جيستائين وڃي ڪا مت اچيس. پوءِ، جيڪڏهن پاڻ به افلاطون هوندو آهي، ته ڪنهن وقت خود وڃي ڏيڍ ٺڳ جي نائب جي عهدي ڪي رسندو. هن ملڪ ۾ ڪيميا ڪان پوءِ سِڪا ٺاهڻ جو ڪم به ٿيندو آهي. نيم سڌريل ۽ ٿوري آدمشماريءَ وارن ملڪن ۾، جعلسازي ۽ سڪا ٺاهڻ اهڙا سنگين ڏوهه نه شمار ڪيا ويندا آهن جهڙا وڏيڪ سڌريل ملڪن ۾. اهڙن ملڪن جا ماڻھو اها ڳالھ ٻڌي تعجب ڪائيندا آهن ته بين هنڌن اهڙن خسيس ڏوهن جي سزا موت آهي. اسان جي حڪومت ۾ ڏيهي

ماڻهن لاءِ ڪمپنيءَ جي ريئي جو نقل ڪرڻ ناممڪن آهي، تتهنڪري هو ٽلهن موٽن ۽ بيدولن ڏيهي سڪن ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مگر ڏيهي سڪا هاڻي رواج مان نڪرندا ٿا وڃن. مون کي انهن اوزارن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو، جنهن سان هو سڪا ٺاهيندا آهن. پر آءٌ انهيءَ ڳالهه ۾ ناڪامياب ٿيس. البت ڪيميا ٺاهڻ جا ڪيترا تجربا ڏٺم. انهيءَ ۾ ذور بہ شڪ نہ آهي تہ سڪي ٺاهڻ جا اوزار، ماڻهن وٽ آهن ۽ ڪين انهن جي استعمال ڪرڻ جو هنر بہ آهي.

سنڌ ۾ ڪيمياگر جو پهريون ڪم هوندو آهي بوتو ٺاهڻ: بوتي لاءِ ڪٽيل مٽيءَ ۾ سٽي ۽ مُڄَ جي واڻ جو ڪَتو ملائي، پاڻيءَ ۾ ڳوهي، ساري رات هوا ۾ رکي ڇڏبو آهي. صبح جو ان مان هٿن سان هڪ ڪوٺاري ٺاهي، اس ۾ سڪائي، ان کي باهہ ۾ پچائي ڳاڙهو ڪندا آهن. انهيءَ جو ڍَڪ ٽامي جو هوندو آهي. بوتي کي ڀٺيءَ ۾ رکڻ کان پوءِ آلي ڪپڙي ۾ ويڙهي، بهہ ۽ مٽيءَ سان سبندا آهن.

هڪڙو چانديءَ ٺاهڻ جو نسخو هٿ ڏجي ٿو، جنهن مان خبر پوندي تہ سنڌ ۾ ڪيميا جي علم جي حالت ڇا آهي. اڍائي تولا پيلي سنڪئي جا ۽ ٻاويهہ ٿوهر جون سايون آليون ڪاٺيون، جن مان هڪ هڪ ڪاٺي اٽڪل ٽي فوٽ ڊگهي هئڻ ڪپي. اهي وٺي، هڪڙيءَ ڪاٺيءَ جي وچ ۾ ڇيد ڪري، ان ۾ سنڪيو وجهي، سوراخ کي ڪپهہ ۽ آلي مٽي ڳوهي ان سان بند ڪبو آهي. پوءِ ڪاٺيءَ کي هلڪيءَ باهہ تي اهڙيءَ طرح پچايو، جو ان جون پچڙيون سڙي رک ٿي وڃن، ليڪن وچ ڪچو هجيس. ٻاويهہ پيرا ائين ڪبو، جيستائين سنڪئي جو رنگ تڪو ڳاڙهو ٿي وڃي. هاڻي چاندي ٺاهڻ لاءِ مسالو تيار آهي. پوءِ اڍائي تولا ٽامي جا ڪوٺاريءَ ۾ پگهاري ان ۾ پيلي



سنڪئي جو ٻارهون حصو وجهو، ان مان هلڪي، ڦڪي بانس واري چاندي ٺهندي. مگر اها سڪن ٺاهڻ جي ڪم اچي، تتهن کان اڳ ان کي رڃائڻو يا صفا ڪرڻو پوندو آهي. ڦٽڪي، ڪنگڻ ڪار، نوشادر ۽ اڇو لوڻ، هر هڪ پئسو تور وٺي، پاڻيءَ ۾ ملايو، جيستائين لئيءَ وانگر ٿي پون. اها لئي چانديءَ تي ٿڦي ان کي ٽي دفعا هلڪيءَ باهہ تي گرم ڪبو. ان ڪري چانديءَ جو رنگ ٿورا ڏينهن اڇو ميراڻ جهڙو رهندو ۽ ٽامي جي بانس بہ گهٽبي.

پڙهندڙ سمجهي سگهندا تہ ڪيميا جهڙو دلچسپ ڌنڌو خطري کان خالي نہ هوندو. عجيب ۽ هيبتناڪ ڳالهين جو پاڻ ۾ هميشہ لاڳاپو هوندو آهي. ائين پيو معلوم ٿئي تہ جڻ عجائبات مان هيبت ضرور پيدا ٿيندي آهي.

سنڌ ۾، جيڪڏهن ڪنهن شخص کي چئبو تہ علم جي ترقيءَ لاءِ اسپتال ۾، ڪنهن انسان جي لاشي جي وڍ ڪٽ ڪر، تہ هن کي ڏڪڻي وٺي ويندي پر جيڪڏهن هن کي خاطري هوندي تہ ماڻهوءَ جي کوپريءَ ۾ ٽامو ۽ پارو مڃالي سان ملائي ان کي ڇيڻي جي باهہ ڏيڻ سان سون ٺهي پوندو تہ پوءِ هو قبرن مان مردن کي کوٽي ڪڍڻ کان بہ ڪين ٽرندو. جيڪڏهن کوپري سچ پچ سوني ٿي پئي تہ پوءِ تہ فوتيءَ جا وارث بہ شايد راضي ٿي پوندا. پر جي هو ڏسندا تہ ٺلهن اگرن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪو نہ آهي، تہ پوءِ هو بہ سخت قدمن کڻڻ کان ڪين گسندا.

هڏن جي علم کي عرب ڪفر جي زماني ۾ ”علم الاڪتاف“ چوندا هئا. اهو اڄ بہ ڪن بدوي قومن ۾ ساڳئي نالي سان سڏبو آهي. ايراني ۽ افغان ان کي چون”علم الشانہ“ سنڌين ۽ بلوچن جي رڍن چارڻ وارين قومن ۾

اهو سڏجي "ڦٽيءَ جو فن"[34].

فال گوئيءَ جو اوزار رڌ جو ڦٽيءَ وارو هڪ هڏو هوندو آهي. ان تان گوشت ۽ کل لٿل هوندا آهن. هڏي جي پٺيءَ تي ڇهه گهر يا خانا نمبر وار ڳچيءَ کان تري تائين ٺاهيندا آهن (انسان جي پچري ۾ ڪرنگهي جو مکيه پٺو ڦٽيءَ واري هڏي جي انهيءَ ڪنڌ سان اچي ملندو آهي). ٻيا ڇهه خانا هڏي جي ڪنڌي جي ٻئي پاسي پهرين ڇهن خانن جي سامهون رکندا آهن. تنهنڪري گهرن جو ڪل تعداد ٻارهن هوندو آهي. انهن مان هر هڪ جو تعلق هڪ هڪ برج سان هوندو آهي، جو هن طرح هوندو آهي:

| گهر | برجن جون نشانيون |
|---|---|
| 1 | حمل |
| 2 | ثور |
| 3 | جوزا |
| 4 | سرطان |
| 5 | اسد |
| 6 | سنبله |
| 7 | ميزان |
| 8 | عقرب |
| 9 | قوس |
| 10 | جدي |
| 11 | دلو |
| 12 | حوت |

هڏي جي رنگ، ليڪن ۽ جوهر تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي.



جڏهن فال وجهڻي هوندي آهي، تڏهن هڪ بي عيب گهيٽو يا ٻڪر ڳولهي هٿ ڪندا آهن. پوءِ ٻڪر کي حلال ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو گوشت خيرات ڪندا آهن ۽ سڄي ڦٽي مهيني جي اونداهين راتين ۾ ڪم آڻيندا ۽ ڪٻي باقي ٻين راتين تي. تنهن کان پوءِ گهر يا خانا جاچي ڏسندا آهن. نيڪ يا بد فال معلوم ڪرڻ جا اصول هن ريت آهن: سوالن جا جواب پهرئين خاني مان ملندا آهن. جيڪڏهن هڏو لسو، صفا ۽ سوراخن کان خالي هوندو آهي ته پوءِ فال پڇندڙ چڱو ماڻهو آهي ۽ فال نيڪ آهي. پر جيڪڏهن هڏو صاف نه آهي ته خرابي، مرض ۽ موت جو امڪان آهي.

ٻيو خانو، مال بنسبت آهي. جيڪڏهن هڏو صاف ۽ چلڪڻي رنگ وارو آهي ته مال خوش رهندو ۽ گاهه چارو ٿيندو. جيڪڏهن هڏي ۾ اڇيون ۽ ڳاڙهيون ليڪون آهن ته چوريءَ ٿيڻ جو امڪان آهي.

ٽيون خانو به، مال جي ڌڻن سان تعلق رکي ٿو ۽ هوبهو ٻئي خاني جهڙو آهي. جيڪڏهن هڏو لسو نه آهي يا ان جو پاسو کهرو ۽ پيڄل آهي ته پوءِ ڌنار جي مال ۾ "تڪڻ" جي مرض پوڻ جو امڪان آهي.

چوٿون خانو، ٽڪرن ۽ جبلن جو آهي. جيڪڏهن ان جو رنگ ڳاڙهو ڪارو آهي ته اها جهجهي گيهه جي نشاني آهي جيڪڏهن اهو اڇو ۽ صاف آهي ته مال ۾ ڏڪر پوندو.

پنجون خانو، جيڪڏهن اڇو ۽ صاف آهي ته برسات پوندي، بلڪ پاري ۽ ڳڙي پوڻ جو امڪان آهي.

ڇهون خانو، بيماري يا شڪايت جي حالت ۾ ڏسندا آهن. جيڪڏهن ان جو مٿاڇرو صاف اڇي رنگ جو آهي ته فڪر نه آهي، پر جيڪڏهن اهو ميري ۽ لڙاٽيل رنگ جو آهي ته ٽي مهينا طبيعت ناساز

هوندي، پر جي جوهر نظر آيو ته سوڻ تمام خراب آهي.

ستون خانو شادين بنسبت جواب ڏيندو آهي. جيڪڏهن خاني جي حدن اندر ڪارا داغ آهن ته نصيب سنو آهي، جيڪڏهن رنگ صفا اڇو آهي ته خطرو آهي. جيڪڏهن ڳاڙهاڻ نظر اچي ته ڪنوار ڏکي يا بيمار رهندي ۽ هن جي مرڻ جو امڪان آهي.

اٺون خانو چورن جو چتاءُ ڏئي ٿو. جيڪڏهن ان جو رنگ صاف ۽ اڇو آهي ته ڪوبه خوف ڪو نه آهي. ڪارا نشان جهڳڙي جي نشاني آهن، جنهن مان فائدو ٿيندو. سوراخ خطرو ڏيارين ٿا. لهرين جهڙيون ليڪون مڪڙن جي پيشنگوئي آهي.

نائين گهر ۾، ننگرن ۽ شهرن جا فيصلا ٿيندا آهن. سفيد رنگ چڱي نشاني آهي. لهريون سڪر ۽ ججهو وڻج ڏيکارين ٿيون. ڪارو داغ بيماريءَ جي نشاني آهي ۽ سوراخ وچڙندڙ بيمارين جي. جيڪڏهن ڳاڙهو رنگ زيادهه آهي ته شاديون گهٽيون ٿينديون.

ڏهون گهر لشڪر ۽ سپاهه سان واسطو رکي ٿو.دستور موافق صاف اڇو رنگ سياڳو آهي، ڪارو خونريزيءَ ۽ رتوڇاڻ جي نشاني ۽ ڳاڙهو لڙائي ۽ ڦرمار ڏيکاري ٿو. لهريون هار جي پيشنگوئي ڪن ٿيون ۽ سوراخ ڏک ۽ سختيون ڏيکارين ٿا.

يارهون خانو ٻنيءَ ٻاري سان واسطو رکي ٿو. ڪارو رنگ سڪر جي نشاني آهي، ۽ سفيد رنگ ڏڪر جي.

ٻارهون خانو قافلن جي اچڻ جي سڌ ڪري ٿو. ميراڻ جهڙو اڇو رنگ چڱائيءَ ۽ سلامتيءَ جي نشاني آهي. ڪارو رنگ ٻڌائي ٿو ته گهٽ قافلن جي اچڻ جي اميد آهي. صفا اڇو رنگ ڏڪر جو ڏس ڏئي ٿو ۽ ڳاڙهو،



مسافرن لاءِ منحوس آهي.

ڦٽيءَ جي ڳُڏ (جتي انسان جي حالت ۾ ٻانهن جي ڏوري وارو هڏو اچي ملندو آهي) جيڪڏهن اڇي ۽ صاف آهي ته اها ڳالهه ڏيکاري ٿي ته سوالي نيڪبخت ۽ صالح شخص آهي. مسلمانن ۾ انهن ماڻهن جي نهايت عزت ڪئي ويندي آهي، جي فرضي احڪامن کان وڌيڪ عبادت ڪندا آهن. تنهنڪري اهو ضروري آهي ته فال وارو اعتبار جهڙو ماڻهو هجي.

فال جو طريقو جنهن جو بيان مون هتي ڏنو آهي، سو منهنجي خيال ۾ فالن جي هڪڙي مشهور ڪتاب ” ڪشف الرموز“ نالي ڪتاب تان ورتل آهي.

سنڌين وٽ ٻيو به هڪڙو سستو ۽ اثرائتو فال وجهڻ جو طريقو هوندو آهي، اهو آهي ڀُڪا وجهڻ. يورپ ۾ به اهڙا فضول رواج آهن [35]، مثلاً ”نيپولين تقدير جو ڪتاب“ مشهور آهي. چون ٿا ته اهو علم اصل هندن وٽان شروع ٿيو هو. هندن کي وري اهو چئن راڪاسن کان مليو هو، جي لنڪا ۾ رامچندر سان مليا هئا.

اها فال قرعه يا هڪ ڊگهي ڊاري رستي وڌي ويندي آهي، جنهن جي پاسن تي ابجد جا پهريان چار اکر اُڪريل هوندا آهن. فال وارو دعا گهري دل ۾ يقين رکي، ڊاري کي هٿ جي ترئيءَ ۾ ڦيرائي ۽ تي دفعا اڇلائيندو آهي، پوءِ اکر ۾ جواب ڏسندو آهي.

خوابن جي تعبير جو سنڌ ۾ گهڻو رواج ڪو نه آهي. انهيءَ علم تي سنڌيءَ ۾ فقط هڪڙو مختصر ڪتاب آهي، جو فارسي مان محمد مقيم نالي هڪ شخص جو ترجمو ٿيل آهي. انهيءَ جا قاعدا ابن سيرين جي مشهور ڪتاب تان ورتل نظر ٿا اچن.

ڪوهستاني ماڻهو ۽ سنڌ جون ٻيون پوئتي پيل قومون هڪ عجيب نموني ڏاڳي ڪي ڳنڍيون ٻڌي، فال وجهنديون آهن. ڏاڳي جا ست هڪجيڏا ٽڪر وٺي، آڱوٺي ڪي ويڙهي هڪٻئي سان ٻڌندا آهن، پوءِ ڏاڳو کوليندا آهن. ان تي جيڪي ڳنڍيون نظر اينديون آهن، تنهن مان مستقبل جي خبر پوندي آهي. وڏا فال وجهندڙ انهيءَ علم تي عمل ڪو نہ ڪندا آهن، مگر علم بلڪل منظم ۽ باترتيب آهي ۽ ان جو بيان ڪيترن ڏکين رسالن ۾ پڻ ڏنل آهي.

علم ڪف (هٿ شناسي)، هندن خواهہ مسلمانن ۾ عام آهي مگر سنڌ کان زيادهہ ان جو رواج ڪڇ ۾ آهي. هٿ جي علم جا اصول ايشيا ۽ يورپ ۾ هڪجهڙا آهن. انهيءَ علم تي يورپ ۾ جيڪي مشهور ڪتاب آهن، تن مان ظاهر آهي تہ اهو علم اصل مشرق جي پيدائش آهي.

سوڻن جو علم [37]، جنهن ۾ پکين جي اُڏامن ۽ جانورن جي اچ وڃ وغيره مان فال وجهندا آهن. سو هندستان جي ٺڳن جي پيشي سان مشابهت رکي ٿو. غيب جي علم ۾ بلوچ ماهر سمجهيا ويندا آهن. سنڌ ۾ انهيءَ علم تي هڪ مختصر ڪتاب آهي جنهن کي ”سڳڻ نامون“ چوندا آهن.

قومن جي سياءُ جي خبر عام ڏوهن گناهن ۽ انهن جي سزائن مان چڱيءَ طرح پئجي سگهي ٿي. انهيءَ پريکيا سان ڏسجي ٿو تہ سنڌي ويَل ماڻهو نہ آهن. هو ڪنهن بہ صورت ۾ هچارا نہ آهن، تنهنڪري هنن وٽ ڳريون سزائون بہ ڪو نہ آهن. خوني کي ننديا خواهہ وڏا نندينداآهن. ”قاتل“ لفظ نفرت طور ڪم ايندو آهي. خون جون ٻہ سزائون هونديون هيون: موت جي سزا ڪن حالتن ۾ شرعي طور ڏني ويندي هئي. اهڙي سزا هن نموني ۾ عمل ۾ آندي ويندي هئي: قاضيءَ جا ڪوٽوال، خونيءَ جون



ٻانهون ٻڌي، ڪيس فوتيءَ جي عزيزن جي حوالي ڪندا هئا، جي ڇريءَ سان هن جو گلو ڪپيندا هئا يا ترار سان سر ڌار ڪري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن خون بندوق، لٺين، پٿرن، زهر يا کوهہ ۾ اڇلائڻ يا ڪن ٻين طريقن سان ٿيندو هو تہ فوتيءَ جي عزيزن کي هڪ رقم ڏياري ويندي هئي. جنهن کي ”ديت“[38]، چوندا هئا. سنڌ ۾ هندستان وارو بدلي جو رواج تمام گهٽ هوندو هو ۽ هاڻي تہ بلڪل ڪو نہ آهي. انهيءَ رواج موجب خوني، هڪڙي عيوضيءَ کي پئسا ڏيندو هو ۽ عيوضي ڏوهہ پاڻ تي کڻندو هو ۽ ان جي سزا ڀوڳيندو هو. خودڪشيءَ کي مسلمان حقارت جي نظر سان ڏسندا آهن. هندو جوڳين ۾ اعتبار ڪندا آهن، تنهنڪري هو، خودڪشيءَ کي ڪن حالتن ۾ جائز ڪري سمجهندا هئا ۽ ڪن حالتن ۾ نہ. سنڌ ۾ خودڪشيءَ واري ماڻهوءَ کي غسل ۽ ڪفن نہ ڏيندا آهن، جنهن حالت ۾ لاش ملندو، انهيءَ حالت ۾ ۽ جتي ايندو اتي پوري ڇڏيندا آهن. عضوي وڍڻ يا ڪنهن کي جڏي ڪرڻ جي سزا بہ هوندي هئي، جا اسلامي حڪم موجب ڏوهيءَ کي ملندي هئي. اها سزا شدت سان عمل ۾ آندي ويندي هئي. جيڪڏهن جهيڙي ۾ ڪو پاڙيسريءَ جي اک ڪڍندو هو تہ قاضي حڪم ڏيندو هو تہ ڏوهيءَ جي آتشي شيشي سان اک ڪڍي وڃي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن جو ڏند ڀڃي پوندو هو تہ لوهہ، هڪ وڏي جمبوري کڻي، ڏوهي جو ساڳيو ڏند ڪڍي وٺندو هو. جهڙو زخم ۽ ڦٽ هوندو هو، اهڙيءَ ئي ان جي سزا هوندي هئي.

چورين کي ماڻهو حقارت سان ڏسندا هئا [39] مگر تنهن هوندي بہ عام ڏوهہ چوريءَ جو هوندو هو خسيس چوريون بہ ٿينديون هيون ۽ وڏا ڌاڙا بہ لڳندا هئا. سزائون بہ گهڻيون ۽ قسمين قسمين هونديون هيون. عضوي ڪپڻ جي شرعي سزا ورلي ڏني ويندي هئي. ننڍن ڏوهن جي حالت ۾

چوريءَ جي سزا جيل، ڏنڊ يا بک ڏيندا هئا. گهٽ ذات وارن ماڻهن کي، ڏاڙهيون، مٿا ۽ ڀرون ڪوڙائي منهن ڪارو ڪري گڏهه تي چاڙهي، بي آبرو ڪندا هئا. بعضي چور کي ڳچيءَ ۾ پادرن جي ڪَنڍي وجهي، شهر ۾ پنائيندا هئا. جي اجا به ڏوهيءَ کي وڌيڪ ذليل ڪرڻ جو ارادو هوندو هون، ته وٽن ٻيون نمونن جون سزائون هونديون هيون، جيئن يونان جي گادي، اٿينس ۾، زنا لاءِ چمٽن سان سزا ڏيندا هئا. سنڌ جي ميرن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ چورن کي چبوتري يا ڪوتوال جي دفتر ۾ رکندا هئا. قيدخاني ۾ نير، هٿوڙيون، ڪاٺ جا ڪُهنڪا ۽ ٻيا اوزار هميشه موجود هوندا هئا. نامي گرامي چورن کي خاص ڪوٽن يا چوڪيدارن جي گهرن ۾ نظرداريءَ هيٺ رکندا هئا.

ڏيهي حاڪمن جي صاحبيءَ ۾ وڏن شهرن ۾ عدالتي معاملا ڪوتوال ۽ ڳوٺن ۾ صوبي جو ڪاردار ڪندو هو. جتي شرعي فيصلو ٿيڻو هوندو هو، اتي فتوا قاضي ڏيندو هو. قاضيءَ جي فيصلي تي ٻيا قاضي اپيل ٻڌندا هئا. وڏن ميرن کي پنهنجي حد اندر حياتيءَ ۽ موت جون اختياريون هونديون هيون. بلوچ سردارن ۽ پيرن کي اهڙو حق ڪو نه هوندو هو، پر تنهن هوندي به هو اهڙيون اختياريون هلائيندا هئا. هندن کي اجازت هوندي هئي ته هو پنهنجا خانگي معاملا پئنچائت يا پنهنجي نيات جي سيا ۾ فيصلا ڪرائين. پر خون جي حالت ۾ اهڙي اختياري ڪوتوال کي هوندي هئي.

جعلسازي، ڪوڙا سڪا ۽ مهرون ناهڻ سياسي ڏوهه ڪري لکيا ويندا هئا. انهن جي سزا ڏنڊ، جيل يا ڦٽڪا هوندي هئي. ڪوڙي قسم کڻڻ جو رواج سيني طبقن ۾ عام هوندو هو ۽ اجا به آهي. قرآن شريف کڻڻ، آخري ڳالهه سمجهي ويندي هئي، چوندا هئا ته خدا پاڻهي ڪوڙي کي جزا ڏيندو. انهيءَ



هوندي به ڪيترا ماڻهو سولائيءَ سان قسم کڻندا ۽ پڄندا هئا. سنڌي هندو پنهنجي هندستاني ڀائن وانگر قسم کي تڇ ڪري سمجهندا آهن. هن ملڪ جو آزمودو ڏيکاري ٿو ته جيڪڏهن، ڏيهي ماڻهو ڪا ڳالهه ڪري ته ان ۾ شڪ ڪرڻ کپي، جي ان تي زور ڏئي ته پوءِ ان تي اعتبار نه ڪجي، پر جي قسم کڻي ته پوءِ پڪ ڄاڻجي ته ڪو وڏو ڪوڙ ڳالهايو اٿس. ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ گوٺاٽي ڪرڻ هلڪا ڏوهه سمجهيا ويندا آهن جتي سچ لاءِ عزت نه آهي، اتي اوس ائين ٿيندو، پر سڀ آڱريون هڪجهڙيون نه آهن، ڪڏهن ڪڏهن ڏيهي ماڻهن ۾ ڪي سچا ماڻهو به ملي ويندا آهن [40].

## باب اٺون

# سنڌ ۾ تصوف، صوفي شاعر، پير، تصوف جا ٻه مکيه طريقا يعني جلالي ۽ جمالي جو بيان

سنڌ ۾ ٻه ڳالهيون سڀ کان زياده توجهه ڏيڻ لائق آهن: پهريون ته سنڌ تمام گهڻا "اولياءَ" پيدا ڪيا آهن. ٻيو ته سنڌ جي ماڻهن ۾ "تصوف" عام پکڙيل آهي.

سر. يو. جونس. [1] تصوف جي متن جو اختصار نهايت فصاحت سان ڏنو آهي. اڄڪلهه يورپ جي عالمن کي انهن جي بزرگن جيتري ئي خبر آهي. پر ڪي ڪتاب مثلاً [2] ڊي.جو.ڊيءَ جو "بخارو" ڏيکارين ٿا ته صوفي فرقي بابت اڃا غلط فهميون آهن.

تصوف جي ابتدا ڪٿان ٿي، تنهن بنسبت تمهيدي طور هتي ڪجهه چوڻ ضروري آهي. انهيءَ ڳالهه جو عالمن اڃا فيصلو نه ڪيو آهي ته تصوف ايران يا هندستان مان شروع ٿيو. يهودي ايسيني صوفي فرقو، جنهن پنهنجا صوفي متا زرتشي مذهب مان ماخذ ڪيا [3] تن جو زمانو مقرر ڪيو ويو آهي. اهو ڏيکاري ٿو اهي اصول وچ ايشيا ۾ تمام جهوني زماني کان رائج هئا. هندن جا ڌرمي پستڪ ڏيکارين ٿا ته هندستان جي ماڻهن انهن ۾ گهڻي ترقي ڪئي هئي.مذهبي خيالن جي ڪن ماڻهن جو ٻه خيال آهي ته تصوف هندستان مان پيدا ٿيو. شيعي مذهب وارا ڪي ماڻهو تصوف کي عباسي گهراڻي جي خليفن ڏانهن منسوب ڪن ٿا، جن امامن جي پارسائيءَ



شرعي اصولن جي مقابلي ۾، بُت پرست قوم جو هڪ نئون ۽ مرغوب متو پيش ڪيو هو. درحقيقت، تصوف ۽ ويدانت [5] جي اصول ۾ عجيب مشاهبت آهي. مثلاً هندن کي "جوڳ" جي تاثير بنسبت جيڪو خيال ويٺل آهي، سو صوفين جي "رياضت" جي اصول سان ٺهڪي اچي ٿو: ٻنهي جو اهو اعتقاد آهي ته ڪنهن خاص نموني جي عمل سان انسان ناپاڪ جسم جي بدن کان آجو ٿئي ٿو ۽ غير معمولي طاقت حاصل ڪري ٿو، جنهن جي وسيلي هو روپ بدلائي، مرن ۽ حيوانن کي عقل بخشي، محبت پيدا ڪري، دشمنن کي ماري غيب جو علم ڄاڻي ٿو. روح، پريون، جن ۽ ملائڪ هوا ۾ اڏامندا ڏسي، جادوءَ کي رد ڏئي، درد لاهي، مرن ۽ جيتن جي زهر جا زخم ڇٽائي، سون ٺاهي ، بيمارن کي ڇٽائي، ستارن کي قبضي ۾ آڻي سگهي ٿو. مطلب ته عبادت جي وسيلي سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو. پر انساني فطرت هميشه هر هنڌ هڪجهڙي آهي. هڪجهڙين قومن، هڪجهڙن ملڪن ۽ هڪجهڙين حالتن ۾ هڪجهڙن خيالن پيدا ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي، ۽ هڪجهڙا خيال پيدا ٿيندا آهن. جهونن اتهاسن جا عالم ته شايد ائين ٻه چون ته تصوف ۽ ويدانت جا اصول اهڙا ته انسان جي عقل مطابق، سندس ڀلي وارا ۽ تمنائن ۽ آوزن لاءِ مرغوب آهن، جو انهن جي ابتدا يقيناً انسانذات جي پيدائش جي شروع ۾ ٿي هوندي. انهيءَ ۾ ڪو ٻه شڪ ڪو نه آهي ته اهو طريقو، جيڪو جامي، حافظ، سعدي، جلال الدين، عبدالقادر، ابن الفارض ۽ شاهه ڀٽائيءَ جهڙن روشن دماغ ماڻهن اختيار ڪيو هو، تنهن ۾ ضرور ڪا ذاتي خوبي هوندي. تصوف جو سڀ کان دلفريب نڪتو آهي، خوبي ۽ حسن جو تصور، ۽ عالمگير فيض ۽ محبت، جيڪي نيڪيءَ جي سرچشمي مان نڪرن ٿا. ايراني ماڻهو، جي تخيل ۽ تشبيه جا

مالڪ آهن. تن مذهب جي نظر يعني پرستيءَ [7] کي مذهب جي نثر يعني وحدانيت سان ملائڻ جو ڪٺن ڪم پاڻ تي هموار ڪيو. انهيءَ طريقي سان هنن نہ فقط پنهنجي عالم تخيل ۾ پرواز ڪرڻ جو شوق پوري ڪرڻ جا اسباب پيدا ڪيا، پر عقل کي الهام تي ترجيح ڏيئي، تخيل جي پرواز کي جائز ٺهرايو. صوفين جي دعوا آهي تہ روح غير مادي آهي تنهنڪري لافاني آهي ۽ ان ڪري ان ۾ ازليت بہ آهي ۽ ابديت پڻ. عقل سيڪاري ٿو خدا پاڪ جي هستيءَ کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ، ساڳئي وقت خود زيستہ. غير مادي ۽ زمان کان غير محدود ٿي نٿي سگهي، تنهنڪري انسان جو روح، جو الاهي [8] روح جو هڪ جزو آهي، سو آدم کي اڌارو ڏنو ويو آهي. آدم اشرف المخلوقات آهي. ساڳيءَ طرح هو چون ٿا تہ انسان کي حسن ۽ خوبيءَ لاءِ جا رغبت آهي، سا ڄڻ تہ خالق جو روحاني ڪماليت لاءِ سندس دل جو خراج آهي، تنهنڪري صوفي پاڻ کي خيال ۾ غرق ڪري ٿو ڇڏي ۽ پوءِ اڪثر روحاني ڳالهين جي حوض ۾ يا تہ تارڪ الدينا ٿيو پوي يا جسماني حسن جي ڦندي ۾ ڦاسي ٿو پوي. مشرقي قومن کي ورلي اعتدال يا وچين رستي لاءِ ميل هوندو آهي. هو گهڻو ڪري هر ڳالهہ ۾ حد کان نڪري ويندا آهن. هنن جو نيڪي، بهادري، محبت، عشق ۽ دوستيءَ جو تصور نهايت مٿانهون، بلڪ غير ممڪن هوندو آهي، ۽ جنهن نموني ۾ هو پنهنجي ذاتي مبالغي کي صحيح ٺهرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، تنهن تي يورپي ماڻهن کي هميشہ عجب لڳندو آهي.

مٿئين بيان مان نتيجو اهو نڪتو تہ تصوف حسن جو مذهب آهي، جنهن جو هڪ مکيہ متو آهي مجازي عشق، جو حقيقي عشق [9] جو نقل آهي. ان جا مقصد شاعراڻي مزاج وارا هوندا آهن يا خود شاعر هوندا آهن. ان



جا اصول مي، موسيقي، سماع ۽ روحاني رنگ آهن، ۽ ان جا عبادتخانا باغ، بوستان ۽ قدرتي نظارا آهن، جتي گل جي بوءِ ۽ بلبل جي صدا دل کي خوش ڪري دماغ کي طراوت ڏين ٿيون. تصوف هڪ اهڙو مذهب آهي، جنهن جو وجود انسانذات جي محبت ۽ نيڪيءَ تي ٻڌل آهي. عام مذهبي اصولن ۽ تصوف جي وچ ۾ وڏا اختلاف آهن. پر تصوف جي ڪامياب هجڻ لاءِ ڪافي سبب آهن. ان جي ڪاميابيءَ جا مکيہ ذميوار شاعر آهن، جي گهڻو ڪري سيني طبقن جي ماڻهن ۾ مقبول هوندا آهن. صوفي شاعر اڪثر ڪري زبان ۽ طبعي علم جو ماهر هوندو آهي. هن کي سرود جي ڏات هوندي آهي ۽ هو بيڌڙڪ تشبيهون ڏيندو آهي، جن جي عام فهم دانائي سيني کي پسند هوندي آهي. هن جي شعر جي اندروني معنيٰ، سواءِ چند عالمن جي، ٻيو ڪو ورلي سمجهندو آهي. انهيءَ قسمن جا مشهور شاعر عربن ۾ ابن الفارض، ايران ۾ حافظ، سنڌ ۾ شاهہ ڀٽائي [10] ۽ افغانن ۾ عبدالرحمان ٿي گذريا آهن. انهن مان هر هڪ جي قوميت قابل غور آهي. مثلاً ابن الفارض پنهنجو ڪلام هڪڙي پختي ۽ فصيح زبان ۾ لکي ٿو، جنهن جو اثر اک ۽ دل ٻنهي تي پوي ٿو. هن جا خيالات سندس وطن جي ڀيانڪ ٽڪرين ۽ ريگستان جي ريتيءَ تان ورتل آهن، تنهنڪري هن جو شعر مردانگي، جوش، ۽ بيباڪي سان گڏ فصاحت، لاهين چاڙهين ۽ چيدن لفظن جو استعمال ڏيکاري ٿو، جي سندس هموطنين جي گوش ۽ روح کي ڪشش ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. حافظ سادي زبان ڪم آڻي ٿو، پر هن ۾ علم، مستي، تصور ۽ ارادي جي هڪ عجيب قوت نظر اچي ٿي، جنهن جو پورو قدر ايرانين کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪو نہ ڪري سگهندو. هن ۾ هڪ عجيب عشق جو شوق [11] ۽ هر جان واري خواهہ بيجان شيءَ لاءِ شفقت ۽

محبت جي بوءِ آهي، جا سندس شعر مان پيئي اچي. هن جي شعر جو اثر اهو ٿيندو آهي، جو تمام گنڀير ماڻهو به سندس صوفيانه خيالن تي مست ٿي پوندا آهن ۽ دل کي تسڪين ڏيندا آهن ته هن جي هر هڪ لفظ ۾ روحاني معنيٰ رکيل آهي. سنڌ جي شاعر شاهه ڀٽائيءَ جي مشڪلات اها هئي ته ڪيس هڪ دهقاني ٻوليءَ سان واسطو پيو هو ۽ سندس سامعين فڪر ۽ خوض وارا نه هئا. هو پنهنجي شعر جي آرايش، تجنيس، ذومعنيٰ ۽ ترنم وارن لفظن جي وڻندڙ جهڻڪار سان ڪري ٿو. هو پنهنجي علم جو اظهار ڪٿي ڪٿي عربي ۽ فارسي ادب جي اشارن سان ڪري ٿو ۽ ڪن هنڌن تي انهن جي عبارتن مان حوالا ڏي ٿو. هن جو ڪلام انهن مضمونن سان تعلق رکي ٿو، جن کان سندس هموطن ماڻهو اڳيئي واقف آهن. پر هن انهن کي هڪڙي عجيب اصول جي اظهار ڪرڻ لاءِ ڪم آندو آهي. هن جي ڪلام جا ڪيترا حصا [12] ڏيکارين ٿا ته هن کي مهذب گهرو زندگيءَ لاءِ قدر آهي. شاعر طبقي جي ماڻهن کان اهڙيءَ ڳالهه جي اميد رکڻ اڪثر مشڪل هوندي آهي، تنهنڪري اهي ماڻهو، جي شاهه جو شعر سمجهي سگهندا آهن، سي ٻڌي مسرور ٿيندا آهن. عالم ان جي خوبين جي ساراهه مان ڍاپندا ئي نه آهن ۽ هو اهو هر وقت يڪتاري تي ٻڌڻ پسند ڪندا آهن. اڻ پڙهيل ماڻهن کي به انهيءَ جا خاص ٽڪر برزبان ياد هوندا آهن. ۽ هو انهن جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. عبدالرحمان جنهن کي عام ماڻهو رحمان بابا ڪري سڏيندا آهن، سو ان بهادر قوم جو سچو عيوضي آهي، جنهن افغانستان جي پهاڙن جي آزاديءَ جي حفاظت ڪئي هئي. هو پشتو زبان کي، جا سنڌيءَ کان به وڌيڪ ديهاتي زبان آهي، پنهنجي اُداس ۽ ملول شعر لاءِ چڱيءَ طرح ڪم آڻي ٿو. هن وٽ دنيا ۽ دنيا جي ڪوڙن، نڳين ۽



ناپائدار نيڪين ۽ مستقل بدي جي لاءِ لعنت ۽ ڌتڪار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. هن کي دنيا لاءِ ايتري نه ڌڪار آهي، جو سندس زهد به ان کي جهڪو نٿو ڪري سگهي. جي ڪنهن وقت هو خوش طبعيءَ جهڙي ڳالهه به ڪري ٿو ته جلد ان لاءِ پڇتائي به ٿو. مون اهڙو افغان ڪو نه ڏٺو آهي جو هن جو شعر سرد آهه ڀرڻ کان سواءِ پڙهي سگهي. ڏيهي حڪومتن ۾ تصوف به تاريخ جي ٻين مخفي جماعتن وانگر هڪ زبردست سياسي اوزار هو. شيخ الجبل حسن صباح جو ئي مثال ڪري وٺو. هن ثابت ڪري ڏيکاريو هو، ته هڪ قابل پر ٻي اصول ماڻهو ان کان قتل ۽ غارت جو ڪيترو خطرناڪ ڪم وٺي سگهي ٿو. چون ٿا ته سنڌين جهڙن موم دل ماڻهن ۾ به، اڳي زبردست پير، پنهنجن دشمنن کي پنهنجن مريدن جي هٿان آسانيءَ سان مارائي سگهندا هئا. تنهن هوندي به مڪاني حاڪم انهن نام نهاد صوفي فقيرن جي حمايت ۾ هئا. ڪجهه وهم ۽ وسوسي سبب ۽ ڪجهه انهيءَ ڪري ته، هنن وٽ هر هڪ پير جي پوتي ڪچيل هوندي هئي. پيرن کي بهرحال وڏيون سهوليتون هونديون هيون. اسان جي حڪومت ۾ هنن کي مريدن کي ڌتڪن هٽائڻ ۽ مارائڻ جو ڪو به حق ڪو نه آهي. اسان جي حڪومت ۾ به اڪثر پير پاڻ کي فقير سڏائيندا آهن. پر وٽن سوين خدمتگار ۽ گهوڙا هوندا آهن. هو ڪنهن وقت ماڻهن کي پنهنجي پوشاڪ جي هيٺان، بدن تي پيل اُٽ جي ڏاس جي صدري ڏيکاري، دنيا داريءَ کان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪندا آهن. عربستان جا وهابي جوان، انهيءَ ڳالهه تي ٺٺولي ڪندا آهن. ته ڪو فاني انسان ڌڻيءَ وٽ هنن جي شفاعت ڪري سگهندو يا هنن جي پاران ڳالهائي سگهندو. پر ڏکڻ يورپ جي قومن وانگر ڪيترائي ڪمزور دل سنڌي انهيءَ ڳالهه ۾ ويساهه ڪندا آهن ته ولين ۽

فقيرن جي دعا کين دوزخ جي باهه کان بچائيندي [16]. مون ڏٺو آهي ته ايرانين جو تخيل ۽ افغانن جو بي انتها تعصب، انهن ۾ ساڳيو اثر پيدا ڪري ٿو، جيڪو سنڌين ۾ سندن ڪمزوري پيدا ڪري ٿي. انهيءَ ڪري، پير جي مالي حالت ريس ڪرڻ لائق هوندي آهي. هن ڪي مريدن وٽان آمدني ۽ پيدائش جي اٺين حصي کان وٺندي اڌ حصي تائين نذراني طور حصو ملندو آهي. مريدن ڪي اها همت نه ٿيندي آهي، جو هو ساڻس ٺڳي ڪري سگهن [17]. اٿلو جيڪڏهن ڪو اوچتو وارو ملندو اٿن، ته هو ڪيس قيمتي تحفا ڏئي ويندا آهن. چاڪاڻ ته هو سمجهندا آهن ته اسان جي قسمت پير جي دعا سان کلي آهي. ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته پير جيڪڏهن عقل سان هلي ته ٿيهه هزار رپيا سال ۾ سولائيءَ سان ڪمائي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري، پيرن کي اڪثر ايڏي ته وڏائي هوندي آهي جو هو ميرن لاءِ به ڪو نه اٿي بيهندا آهن ۽ نڪي هنن جي تعظيم ڪندا آهن. مير به ويچارا مذهب جي راهه ۾ خاڪساري ڏيکارڻ تي راضي رهندا هئا ۽ جتي زور نه هلندو هون، اتي دل وٺڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

مٿين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڏسبو ته تصوف ڪي غلط نموني ۾ استعمال ڪرڻ جو عام ماڻهن تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. پر، اسان جهڙيءَ ڌاريءَ حڪومت لاءِ انهيءَ سرشتي جي خلاف قدم کڻي، بند ڪرڻ محال آهي. اسان جي طرفان ڪو به قدم اٿلو شر وڌائيندو. اسان جي حڪومت لاءِ سڀ کان سٺي صلاح هيءَ آهي ته جيترو ٿي سگهي، اوترو قدر غلط قسم جي پيرن جي سياسي وقعت گهٽ ڪجي ۽ علم جي رستي اهڙين بدعتن جي مخالفت ڪجي.

سنڌ ۾ تصوف جا ٻه مکيه فرقا آهن 1. جلالي [19] ۽ 2. جمالي.



چون ٿا ته جلالي فرقيوارا، وجود مطلق جي جلالي وصفن جو تصور ڪندا آهن. ظاهر آهي ته هي اصول هندستان مان ورتل آهي. اها ڳالهه هندستان جي اڄوڪن ارپنٿين جي رواج مان ثابت ٿئي ٿي. جي هر نموني جو جرم ڪري پرميشر کي خفي ڪرڻ جي باقاعدي ڪوشش ڪندا آهن ته جيئن هو کين نيست نابود ڪري جذب ٿيڻ جو موقعو ڏئي. جلالي مسلمان ظاهر ظهور انهيءَ شيءِ ۾ اعتقاد نٿو رکي سگهي، پر هو انهيءَ اصول تي اُٺسڌيءَ طرح باقاعدي عمل ڪندو آهي. مثلاً هو پاڻ کي نشي ۾ مست ڪندو آهي، جيتوڻيڪ نشو اسلام ۾ جائز نه آهي. جلالي فرقي جا ماڻهو مون کي سيوهڻ واري بزرگ، شهباز قلندر جي مريدن ۾ ڪثرت سان نظر آيا. هندستان ۾ جلالي فقيرن کي خاص محنت ۽ مطالعو ڪرڻو پوندو آهي. مثلاً هڪڙو فقير ٻئي کان پڇندو آهي ته ”آداب ڪچڪول ڇا آهن؟“ انهيءَ سوال جو جواب ٿيڻ ڪپي ته: ”اڳيان اٽس روزي، پٺيان موت، سڄي بهشت، کٻي دوزخ، هيٺان جانور (ڏاند) جنهن تي دنيا بيٺي آهي، ۽ مٿان آسمان.“ اِهوئي پورو جواب آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيو جواب ڏيندو ته ڏنڊو ٺڪاءُ تي ويندس مغز ۾.

جلالي فقير جي تعليم ڏکهي هوندي آهي.۽ ان ۾ ڪيترين رسمون ادا ڪرڻيون پونديون آهن. شروعات غسل ۽ نماز سان ٿيندي آهي. پوءِ هن کي ٽوپي، خرقو ۽ فرقي جا ٻيا ٽپڙ پهرائيندا آهن. هر هڪ شيءِ خاص معنيٰ رکندي آهي. فرقي پائيءَ جي دل تي سندس اهم فرائضن جي ذهن نشين ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي آهي. سيني رسمن ادا ڪرڻ کان پوءِ نَوَل فقير، دنيا ۾ ٻاهر نڪرندو آهي. هو اڪثر هڪ ڏنڊو، مستنڊو، نئر ۽ پينو فقير هوندو آهي. هن کان دنيا ۾ ڪو به ڪارائتو ڪم نه

پڇندو آهي، مگر هن کي آخرت ۾ سٺي اجر ملڻ جي پڪ هوندي آهي. هن کي اها اختياري هوندي آهي ته ٻنگ پيئي، ۽ دنيا ۾ مزا ماڻي، پاڻ کي خوش رکي. جلالي ۽ ٻين فقيرن جي پوشاڪ هيٺينءَ طرح هوندي آهي:

1. تاج: نمدي جي ٽوپي، جيڪا اسان جي ملڪ جي مسخرن جهڙي هوندي آهي.(جمالي فرقيوارا اڇي سوٽي ڪپڙي جي ٽوپي پائڻ پسند ڪندا آهن.)

2. ڪفني يا الفي: ڪاريءَ اُن جو ٺهيل جامو، اڇن ڏاڳن سان ۽ شڪل ۾ ڪجهه ڪفن جهڙو. ٻانهن کان سواءِ پنيءَ جي اڌ تائين ڊگهو هوندو آهي.

3. گودڙي: ساڳئي ڪپڙي جو ڪمبل جو ٿڌ ۾ سمهڻ وقت پائبو آهي.

ڪي جلالي فقير پاڻ وٽ انهن ٽن ڪپڙن کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪو نه رکندا آهن. ٻيا وري لُنڊي سٿڻ پهريندا آهن يا گوڏ ٻڌندا آهن.

انهن فقيرن جا ٻيا ٿپڙ هيءُ هوندا آهن:

1. تسبيح: عقيق يا ڪنهن ٻئي ڳاڙهي پٿر جي مالها وڏن داڻن سان.

2. عصا يا لٺ: اڪثر شيشم يا ڪاري ڪاٺ جي، نوڪ ۽ عاج جي مُٺ سان. جلالي گهڻو ڪري ٿلها زبردست ڏنڊا کڻندا آهن.

3. بيراڳڻ: ڪاري ڪاٺيءَ جي لٺ. اٽڪل ڏيڍ فٽ ڊگهي، ٻن مُنهن سان. جنهن تي فقير مراقبي يا ننڊ وقت مٿو رکندا آهن. جو ليٽي پوڻ اصول جي خلاف سمجهيو ويندو آهي.

4. ڏاڳا: ڪاريءَ ڏاس جا وٽيل سڳا، چيچ جهڙا ٿلها، اهي چيلهه



کي پٽي وانگر ٻڌندا آهن.

5. ڳانو: ڪاريءَ اُنَ جا ڏاڳا، ڳاڙهي پَٽ سان مليل، جي هار ڪري پائيندا آهن.

6. گبري: ڳاڙهي ڪپڙي جي ڳوٿري، جنهن ۾ ڪاڏو ۽ ٻيون ضروري شيون وجهندا آهن.

7. طنبي: ڪدوءَ جو پيالو، جو پاڻي پيئڻ يا اَن، پئسن ۽ ٻئي قسم جي خيرات وٺڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

8. سگ: جهنگلي ٻڪر جو سگ، جنهن مان هڪ ساز ٺاهيندا آهن، جو صبح سانجهيءَ ماڻهن جي درن تي خيرات لاءِ وڄائيندا آهن.

سنڌ ۾ جلالي فقير اڪثر غريب هوندا آهن ۽ گذران ڏکيو ٿيندو اٿن. سنڌ ۾ سنڌن مشهور پير، قلندر شهباز ٿي گذريو آهي [22]. هن بزرگ جو اصل نالو عثمان مروندي هو. هو صرف و نحو جو وڏو ماهر، زباندان، ۽ قابل سيار هو. هن 673 هجري 1274عيسويءَ ۾ سيوهڻ جي شهر ۾ وفات ڪئي. قلندر هو، تنهنڪري شاديءَ جي خلاف هوندو هو. هن کو به اولاد ڪو نه ڇڏيو. هاڻي هن جا خليفا ۽ مجاور، مريد آهن. سندس مقبري جو تمام گهڻو ادب ڪيو ويندو آهي. مون ٻڌو آهي ته قلندر جي مريد ٿيڻ لاءِ هڪ عجيب رسم ادا ڪئي ويندي آهي. پهريائين مريد جا سڀ وار پرن تائين ڪوڙيندا آهن. پوءِ مجاور هن جي ڪُلهي تي هڪ ڳاڙهي تتل لوهه جي مهر سان ڏنپ ڏيندا آهن ۽ سندس ڪپڙا لاهي، بدن تي ڳائي ڇيٽي جي رک ملنيدا اٿس. تنهن کان پوءِ هو پنهجي زندگي شروع ڪندو آهي. بعضي بعضي معزز ماڻهو سُکا ڏيڻ يا ڪنهن مراد حاصل ڪرڻ جي ارادي سان اچي مريد ٿيندا آهن، ۽ ٿورو وقت فقير ٿي رهندا آهن. هن مقبري تي هميشه

سوالين جا لشڪر هوندا آهن. شاهوڪار ماڻهو مٿس پڙَ چاڙهيندا آهن. نذراني جو ڪجهه حصو خليفو ڪڍندو آهي، ڪجهه مجاورن کي ملندو آهي.

دنيا جي ٻين مشرقي ملڪن وانگر سنڌ ۾ بہ جمالي صوفي، زماني جي خيال کان، پنهنجن جلالي ڀائرن کان وڌيڪ آبرودار ليکيا ويندا آهن. جلالي فقير ڪليو ڪلايو شرعي احڪامن جي انحرافي ڪندا آهن. پر جمالي فقير شرعيت جي حڪمن جو ادب ڪندا آهن. روزن نمازن کان سواءِ جمالي صوفين کي هينئين ڳالهين جي هدايت پڻ ڪيل آهي: دائمي عبادت ڪفارو ۽ ڪناره ڪشي، خاموشي، تاريڪ ۽ اونداهين جاين ۾ مراقبو، ڪاڏي، ننڊ ۽ نفساني عيشن کان پرهيز، مرشد جي محبت ۽ اطلاعات، خوديءَ ۽ دنيوي لاڳاپن جو ترڪ ۽ جمالي فرقي جي ٻين قاعدن ۽ اصولن جي سخت پابندي. دنيادار ۽ معزز ماڻهن کي اختياري آهي تہ هو پنهنجي بدلي ٻئي کان ڪفارو ڪرائين يا ان جي عيوض پئسا ڀرين. پر پنهنجيءَ جماعتي برادريءَ ۾ ڪين مٿيون درجو فقط سخت پورهيي ۽ رياضت سان ملي سگهندو آهي.

سنڌ ۾ جمالي صوفين جون چار مکيہ شاخون هي آهن:

1. قادري، 2. نقشبندي، 3. سهروردي ۽ 4. چشتي.

چشتي فرقيوارا پنهنجي طريقي جي بانيءَ خواجه معين الدين چشتي اجميريءَ جي نقش قدم تي هلندا آهن. جو سيجستان ۾ پيدا ٿيو هو، خراسان ۾ تعليم ورتي هئائين ۽ 6 رجب 633 هجري مطابق 1235عيسويءَ ۾ اجمير ۾ وفات ڪئي هئائين ۽ اتيئي دفن ڪيو ويو. چشتي لفظ، چشت مان نڪتل آهي، جو خراسان ۾ هڪ ڳوٺ آهي. ٻين ٽن طريقن وانگر چشتين جو سلسلو [24] بہ پيغمبرِ اسلام، حضرت مُحمّد ﷺ کان شروع ٿئي ٿو. هنن جون رسمون ڪيترين ڳالهين ۾ ترڪيءَ جي مولوين جي



رسمن سان ملي اچن ٿيون. پر اهي ڪافرن کي پنهنجون مجلسون ڏسڻ کو نہ ڏيندا آهن. هن فرقي ۾ راڳ سرود هڪ مذهبي شغل سمجهيو ويندو آهي.

نقشبندي طريقي جي اصولن جي سڀ ڪنهن کي خبر آهي، تنهنڪري انهن جي هتي اپٽار ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. مگر سنڌ ۾ انهن جيڪي نوان رواج اختيار ڪيا آهن، تن جو ڪجهه بيان هت ڏجي ٿو. جيڪڏهن ڪو طالب بيئل ماڻهو يا پڙهيل هوندو آهي تہ پير صاحب پهريائين دعا گهري پاڻ کي تيار ڪري، ڪعبي ڏي مُنهن ڪري هڪ صاف مصلي [25] تي ويهندو آهي. تنهن کان پوءِ هو طالب کي ساڄئي غاليچي تي "دوزانو" ويهاري، ڪانئس تصور شيخ يعني اکيون بند ڪرائي، پنهنجي صورت جو تصور ڪرائيندو آهي. اتڪل پنجن منٽن کان پوءِ پير هٿ کڻي فاتحہ پڙهندو ۽ مريد هن جي پٺيان ساڳيا لفظ چوندو ويندو آهي. آخر پير مريد جي ڇاتيءَ تي هٿ رکي، ڪجهه پڙهي، [26] هن جي دل جي طرف شوڪاريندو آهي. مريد ان وقت مرشد جي شفقت جو تصور ڪندو آهي. اهڙي ربت داخلا جي رسم ٿيندي آهي.

سنڌ جي ڪن مشهور صوفين ۽ پيرن، فقيرن جو احوال "تحفة الطاهرين" نالي هڪ فارسي ڪتاب ۾ ڏنل آهي. ان مان ڪجهه اقتباس پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هت پيش ڪجن ٿا:

1. سيد محمد حسين: هن کي عام طرح " شاهه مراد" سڏيندا آهن. ان بزرگ لاءِ مشهور آهي تہ سندس دعا سان عرضدار ماڻهو پنهنجي مراد حاصل ڪري سگهندو آهي. هي ولي اصل شيخ عيسيٰ "لنگوٽيءَ [27]" جو شاگرد هو، جو هڪ تمام متقي شخص ٿي گذريو آهي. شيخ عيسيٰ لنگوٽو ٻڌندو هو، جنهنڪري مٿس اهو نالو پيو هو. چون ٿا تہ شاهه

مراد چاڻو ته سندس اکيون کلن ئي کو نه! جيستائين شيخ آيو ۽ اچي چيائينس ته "قسمت ۾ لکيل آهي ته مان ٻار جو مرشد بہ ٿيندس ۽ مريد ٻا!" هن شخص پنج سؤ عابد پيدا ڪيا ۽ سندس طالبن جو تعداد ته هزارن ۾ هو. سنڌ جا ماڻهو شاهه مراد جي هڪ چوٽي اجا محبت سان ياد ڪندا آهن ته " هڪ مئل دل کي ابدي جان بخشڻ، هزار مُردن کي جيارڻ کان بهتر آهي."

2. سيد علي شيرازي: هو ننڍيءَ عمر ۾ ئي مديني شريف زيارت تي ويو هو. هن جا ڪهڻائي ڪرامتن جهڙا ڪم مشهور آهن. جن مان ڪي تمام عجيب غريب آهن. پر سيد صاحب، جهڙو هو پرهيزگار، تهڙو ئي هو سخت دل. چون ٿا ته هڪ ڏينهن هن وٽ هڪ پيرسن زال مڙس آيا، جن جي گڏيل عمر ٻہ سؤ ڏهه ورهيہ هئي ۽ عرض ڪيائون ته اسان کي اولاد جي نعمت ڪيي. ڪجهه ويچار بعد هنن کي ٽن ڇوڪرن جو وعدو مليو. ٽن سالن ۾ ڪين ٽي ٻار ڄاوا. پر جڏهن سيد صاحب چوائي موڪلين ته "انهن مان هڪ ٻار منهنجو مريد ٿئي ته بي شڪر والدين انڪار ڪيو." انهيءَ نامهربانيءَ تان بزرگ کي منيان لڳي، سو هن هڪدم دعا گهري ته اولاد جي نعمت ڪانئن واپس ورتي وڃي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڇوڪرن جي پيٽ ۾ انهيءَ ساڳي رات اوچتو اچي سخت سور پيو ۽ هو مري ويا.

هن بزرگ [28] جو ٻيو هي قصو پڻ بيان ڪندا آهن ته هن جو هڪڙو نوڪر ڪيمياگر ۽ ساحر هوندو هو. جڏهن هن ڏٺو ته سندس مالڪ جو وقت نهايت ڪفايت شعاريءَ سان ٿو گذري، تڏهن هن کي سون ناهڻ جو طريقو سيکاريائين. پر هو متقي شخص، ان کان پوءِ بہ ساڳئي نموني ۾ قناعت سان رهڻ لڳو. تڏهن نوڪر ڪاوڙجي پيس. ان تي سيد صاحب هن



کي شهر جي سڀ کان رذيل ويڙهي ڏي موڪليو ته وڃي ڏسي اچ. اتي ڇا ڏسي ته سون ۽ جواهرن جا ڍير لڳا پيا آهن. بزرگ انهيءَ موقعي جو فائدو وٺي، سندس ذهن ۾ اها ڳالهه ويهاري ته سياڻا ۽ پرهيزگار ماڻهو سون رپي کي اهڙين جاين جي ئي لائق سمجهندا آهن.

3. قاضي مير سيد شڪر الله: تمام متقي ۽ پرهيزگار شخص هو. هو ساڳئي وقت قاضي بہ هو. هن جي همت ۽ انصاف جو هڪ قصو سنڌ ۾ اجا ياد ڪندا آهن. چون ٿا ته هڪ غريب ماڻهوءَ جو ملڪ جي واليءَ شاهه حسن ارغون کي پئسا لهڻدو هو. مٿس دعويٰ ڪئي. قاضيءَ ڪيس گهرائي مدعيءَ سان گڏ مدعا عليہ کي بہ پنهنجي اڳيان ويهاريو ته پيل هو هڪ ادنيٰ مسلمان وانگر پنهنجو عذر پيش ڪري. مقدمي جو فيصلو واليءَ جي برخلاف ٿيو. تنهن کان پوءِ قاضيءَ اتي شاهه جو دربار جي رواج مطابق سلام ڪيو ۽ هن کي انصاف جي گديءَ تي ويهاري ڪانئس پنهنجي بي ادبيءَ جي معافي گهري. حاڪم جبي مان تلوار ڪڍي قاضيءَ کي ڏيکاري چيو ته جيڪڏهن تون انصاف نہ ڪرين ها ته هن هٿيار سان تو کي رياءَ جي سزا ڏئي، گهاٽ رسايان ها. قاضيءَ ڇا ڪيو جو انصاف جي گديءَ هينان پنهنجي ترار ڪڍي، واليءَ کي چيائين ته جيڪڏهن تون شرعي احڪامن جي ڪا انحرافي ڪرين ها ته تو کي بہ هن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪيان ها. انهيءَ دلچسپ پر خطرناڪ واقعي بعد، واليءَ وڏي آواز چيو ته " خوش قسمت آهي اها رعيت جنهن کي ههڙو قاضي عدالت لاءِ آهي" ۽ پوءِ قاضي کي پنهنجي حڪومت ۾ جيڪي سڀ کان اعليٰ مرتبا، هئا سي عطا ڪيائين.

قسطنطنيہ جي مشهور فاتح، محمد (ٻئي) ۽ معمار جو قصو ڪنهن نہ ٻڌو آهي. اهڙو واقعو هر انهيءَ ملڪ ۾ ٿي سگهي ٿو، جتي قانون

۽ مذهب آهي. ساڳئي وقت اهو به چوڻ ضروري آهي، ته اهڙا واقعا تاريخي حقيقت ان ڪري رکن ٿا، جو اهي عام نه هوندا آهن.

4. ميان ملوڪ شاهه: چون ٿا ته هي درويش اهڙو ته پرهيزگار، متقي ۽ زاهد هو، جو پنهنجي ڍڳهيءَ چمار ۾ پاڻيءَ کان سواءِ ڪنهن شيءِ کي هٿ نه لائائين ۽ فقط چاونجاهه سير اٽي جا ڪپايائين. هن کي نار جي رينگٽ مان ڏاڍي راحت ايندي هئي، ۽ هو گاهه بيگاهه نار جو آواز ٻڌي، پنهنجي دل بهلائيندو هو. هڪ دفعي هو ٺٽي جي ويجهو هڪ باغ ۾ وڻ هيٺيان وينو هو. رات ٿي ته مالهي نار مان ڏاند ڇوڙي هليو ويو، پر نار پوءِ به ڦرندو رهيو ۽ جڏهن مالهي صبوح جو موٽي آيو ته ڏٺائين ته سارو باغ پاڻيءَ سان پيرجي ويو آهي. هن جو شڪ اجنبيءَ ۾ پيو، تنهنڪري هن کي اتان ڌڪي ٻاهر ڪڍيائين. ڇا ڏسي ته نه فقط وڻ پر باغ جو سارو ٽڪر جتي عابد وينو هو، سندس ڪڍ پيو ڦري. ويچاري مالهيءَ پنهنجي ڀل محسوس ڪري، نار جي شوقين درويش جي پيرن تي ڪِري وعدو ڪيو ته مان وري تنهنجي خوشيءَ جي آڏو نه ايندس.

هي بزرگ ڏاڍو ڏاهو هوندو هو. هڪ لڳا ڏٺائين ته هڪ هندو مٿي تي لسيءَ جي ماٽي کنيو ٿو وڃي. هڪدم دانهن ڪري هن کي چيائين ته ”ماٽي زمين تي اڇلاءِ ڪافرا“ هن سندس چيو ڪيو ۽ پوءِ ڏسي ته پڳل چاڏيءَ ۾ هڪ ڪنو ٿيل زهريلو نانگ پيو آهي! لاشڪ. هندو اتي جو اتي مسلمان ٿيو هوندو.

پٺتي پيل قومون هن قسم جي ڳالهين جي صداقت جي ثابتيءَ جي تلاش بنهه ڪو نه ڪنديون آهن. تنهنڪري اڪثر سچ جي ٿورڙي بنياد تي وڏو ڪوڙ جو ڪوٽ ٺهي پوندو آهي. جن ماڻهن اهڙين قومن ۾ رهي



ڏٺو آهي، تن کي خبر آهي ته ڪهڙي آسانيءَ سان عقل جي خلاف اجاين ۽ سراسر احمقانه ڳالهين تي اعتبار ڪيو ويندو آهي. ڪوڙين ڳالهين کان اڪثر اهي ماڻهو ڪم وٺندا آهن جي انهن کي دل سان ٺاهي، اورچائي سان ڦهلائيندا آهن. جن کي حقيقت معلوم هوندي آهي، سي يا ته دانائي کان ڪم وٺي خاموش رهندا آهن، يا حريف هوندا آهن ۽ ائين ڏيکاريندا آهن ته جڻ خود پاڻ کي ويساهه اٿن. يا ضعيف طبع هوندا آهن جو مخالفت ڪري، پنهنجي عزت وڃائڻ ۽ ڪوڙن ۾ شمار ٿيڻ پسند ڪو نه ڪندا آهن. اهڙي ريت هڪ ٻن پيڙهين کان معجزو ڪنهن فارسي ڪتاب ۾ درج ٿيندو آهي ۽ ڪنهن ڏندڪٿا يا روايت جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

## باب نائون

**سنڌ ۾ رهندڙ ذارين قومن جو احوال. سيد ۽ ٻيا اهل مذهب خاندان. افغان يا پٺاڻ، بلوچ، جت، ميمڻ، خواجا، مهاڻا، ماڇي، حبشي غلام، انهن جي ٻوليءَ جو نمونو**

اصل سنڌي ۽ هندو، جي قديم زماني کان سنڌ ۾ رهندا اچن ٿا، تن جو تفصيلوار احوال ڏيڻ کان اڳ مناسب آهي انهن ٻاهرين قومن جو ذڪر ڪجي، جن ملڪ کي وسايو آهي. اهي هي آهن: 1. سيد، 2. افغان، 3. بلوچ، 4. جت، 5. ميمڻ، 6. خواجا، 7. مهاڻا، ۽ 8. حبشي غلام.

سيدن جي ابن وڏن خاندانن حَسنين ۽ حُسينين جو سنڌ ۾ ججهو تعداد آهي. حسني خاندان جا فرد " پير" جي خطاب سان سڏبا آهن. مثلاً پير پاون شاهه. حسيني خاندان وارا سيد سڏبا آهن. مثلاً سيد جيئندل شاهه. سنڌ جي رواج مطابق اهي به وڏيون شاخون وري پاڙن ۾ ورهايل آهن. جي پنهنجي اصلوڪيءَ رهائش جي جڳهه پٺيان سڏبا آهن. جيئن بخاري، مٽياري، شيرازي ۽ لڪياري وغيره. انهن مان گهڻا شيعا آهن. تنهنڪري انهن کي افغانن جي حملن وقت گهڻو نقصان سهڻو پيو هو. انهن مان ڪيترا سيد عالم آهن ۽ مذهبي اختلافن هوندي به عام ماڻهو سندن گهڻي عزت ڪندا آهن. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ هنن کي وڏيون جاگيرون انعام ۾ مليون هيون. جڏهن ٽالپرن زور ورتو، تڏهن پيري مريديءَ جي سلسلي کي گهڻو نقصان پهتو، ڇاڪاڻ ته حاڪم پاڻ خود پنهنجي علمي لياقت تي فخر ڪندا هئا ۽ اعليٰ حسب نسب [2] جي دعوا ڪو نه ڪندا هئا.



سنڌ ۾ ورلي ڪو سيد پنهنجي ذيءَ ڪنهن ٻئي نسب واري مسلمان کي ڏيندو آهي. سنڌ ۾ هڪڙو ٻيو به عجيب رواج آهي، ته ماءُ يا پيءُ ٻنهي مان ڪو به سيد هوندو آهي ته هن جو اولاد به سيد [3] سڏبو آهي.

1. قريشي يا صديقي: هي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي نسل مان آهن. انهن جو ڪافي تعداد آهي. هنن کي مخدوم جو خطاب مليل آهي، جيئن ته حضرت مخدوم نوح صديقي هالائي. فاروقين جو خاندان به قريشين ۾ اچي وڃي ٿو. هو پنهنجو نسل حضرت عمر رضہ ڏانهن ڇڪين ٿا. هنن جو نالو گهڻو ڪري "ميون" جي لفظ سان شروع ٿيندو آهي، جيئن ته ميون ابراهيم فاروقي وغيره.

2. علوي: حضرت عليءَ رضہ جو اولاد. ڪنهن به زوجه مان، سواءِ بيبي فاطمہ جي،هي اڪثر شيعا هوندا آهن. مگر هو گهڻا نہ آهن.

3. عباسي: حضرت عباس رضہ جو اولاد. هي سنڌ ۾ گهڻا آهن.

ٻيا خاندان جهڙوڪ حمزوي، موسوي، رضوي جي اسلامي ملڪن ۾ عام آهن، سي يا هتي ڪو نہ آهن، يا تمام قليل آهن يا مٿين ٽن طبقن ۾ اچي ٿا وڃن.

4. افغان يا پٺاڻ: هي گهڻو ڪري حيدرآباد جي ويجهو يا سنڌ جي اتر ۾ رهن ٿا. هنن مان گهڻن کي هن ملڪ ۾ رهندي ڪيترين ئي پيڙهيون ٿي ويون آهن. هو چڱي چوکيءَ ملڪيت وارا آهن. هنن مان ڪي نهايت قابل آهن ۽ ايترو علم اٿن جو چار پنج زبانون چڱيءَ طرح پڙهي، لکي ۽ ڳالهائي سگهندا آهن. هو قداور ۽ شڪل شبيہ جا سهڻا هوندا آهن. سندن زالون شڪل شبيہ ۾ مردن کان گهٽ نہ هونديون آهن.

گهڻا افغان سردار، ممڪن آهي ته سنڌ ۾ مدد خان نورزئي جي مشهور حملي کان پوءِ رهجي پيا هجن. مدد خان کي 1781ع ۾ تيمور شاهه، ڪلهوڙن کي بادشاهي وٺي ڏيڻ لاءِ موڪليو هو. جو هنن کي ٽالپرن ملڪ مان هڪالي ڇڏيو هو. مدد خان، جنهن کي سنڌي ماڻهو حقارت کان فقط "مدد" ڪوٺيندا آهن، تنهن ڏاڍا ظلم ڪيا. هن وڻ وڍائي ۽ شهر ڊهرائي ڇڏيا. ڳوڻي نديءَ وارو سائو ۽ سبز علائقو به هن ويران ڪري ڇڏيو هو. ان کان سواءِ هو ڪيترا ماڻهو قيد ڪري وٺي ويو هو ۽ ڪيترن کي عذاب ڏئي، ڪانئن سندن خزانا هٿ ڪيا هئائين. انهن ڪارنامن ڪري ڪيس سنڌي ڀٽ ۽ چارڻ بيتن ۾ پٽيندا آهن ۽ چوندا آهن ته هو سپاهي نه هو، پر ڦورو هو.

1740ع ڌاري، جڏهن ڪلهوڙن جي صاحبي شروع ٿي، تڏهن سنڌ جا امير امراءَ مشرق جي ٻين ملڪن وانگر، سرڪاري عهديدار هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري سنڌي باشندا هوندا هئا. پر ان گهراڻي جي ڇهرئين حاڪم، ميان مير محمد کان هڪ نهايت اهم سياسي غلطي ٿي. هن پنهنجن ٻن ڪوهستاني مريدن مير علودي ۽ مسعودي [5] کي جاگيرن ۽ ٻين رعايتن جا وعدا ڏئي، ويران پهاڙن مان گهرائي، ترائيءَ ۾ آباد ڪيو. ڏيهي واقعي نگار انهن دهقاني ماڻهن جي اچڻ جو هن ريت بيان ڪن ٿا: "جڏهن بلوچ خدا آباد کان پندرهن ميلن تي پهتا تڏهن ڪلهوڙن جي حاڪم، معزز مهمانن جي استقبال ۽ ڪين درالسلطنت ۾ وٺي اچڻ لاءِ پنهنجا ڪيترا وزير ۽ امير، سونن سنجن وارن گهوڙن ۽ ٻين سوغاتن سان موڪليا. جڏهن سواري اڳتي وڌي ته هنن کي رستي ۾ رواجي لباس ۽ ٻروچن جو هڪ ٽولو مليو، جنهن جي پنيان گڏهن تي، سندن زالون هيون. وزيرن، مير علوديءَ جي پڇا ڪئي. هنن جي عجب جي حد نه رهي، جڏهن خبر پين ته گودڙي پوش



مسافر جنهن کي هٿ ۾ ڏيري ۽ ڪلهي تي ڪانبو [6] هو، سو اهو ئي شخص هو، جنهن جي استقبال لاءِ موڪليا ويا هئا! ميان صاحب جي ماڻهن پنهنجي روايت مطابق سندس باعزت سلام ڪيو ۽ ڪيس هڪ عاليشان گهوڙي تي چاڙهي دارالسلطنت ۾ وٺي آيا. انهيءَ کان پوءِ بلوچن جا ڪٽڪ، پنهنجن اڳواڻن ۽ قومي سردارن جي اڳواڻيءَ هيٺ، ايندا ويا. هنن کي ڪيتريون جاگيرون مليون ۽ هو ناري نديءَ تي ملڪ جي ٻين آباد پرڳڻن ۾ شهر ٺاهي، ديرو ڄمائي ويٺا رهيا. انهن ڪوهستانين جي اچڻ کان اٽڪل پنجٽيهه ورهيه پوءِ، ڪلهوڙن جي حاڪم ميان سرفراز، ٻن ٽالپر سردارن، ميان مير بهرام ۽ هن جي پٽ صوبدار خان کي مارائي ڇڏيو، خون جو سبب هيءُ هو ته ڪلهوڙن جي حاڪم کي پنهنجن فوجي جاگيردارن جي وڌندڙ طاقت ۽ اثر جو انديشو ٿي پيو هو. پر ان ڪم کي سيني نفرت جي نگاهه سان ٿي ڏٺو. چاڪاڻ ته خون ڪليءَ دربار ۾ ميان صاحب جي اکين اڳيان ٿيو هو، جو فوتيءَ جو مرشد هو. مير بهرام جو پٽ، مير بجر، جڏهن حج تان موٽيو، تڏهن مگرئي ذات جي عبدالرحيم نالي هڪ سنڌي بزرگ سان مشورو ڪيائين. هن وچن ڏنس ته جي تون ڪلهوڙن جي قوم جي جڙ بنياد اکيڙڻ جو وعدو ڏيندين، ته پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندين. ان کان پوءِ هن هڪ معمولي مقابلي ۾ فتح پاتي، پر ڪاميابيءَ جي شرط جي پوئيواري نه ڪيائين. چون ٿا ته جڏهن بزرگ عبدالرحيم سان ملڻ ويو ته هو ان وقت هڪ ٻئي فقير جي صحبت ۾ ويٺو هو. هن بزرگ هڪدم دانهن ڪري چيس:

بجرا اسان پاري، تو نه پاري،
هاڻي ويئي تنهنجي گهران سرداري.

ٻئي فقير پڻ تائيد ڪئي:

ادا ڪي، مَ چئيسين،
ايندا ڪڪاٽي، پيٽ ڦاڙي ويسين

چون ٿا ته ٿوري وقت کان پوءِ، مير بجر جو ڪاڪاٽي قوم جي ٽن ماڻهن خون ڪيو، جن کي ڪلهوڙن جي چرچ تي جوڌپور جي راجا موڪليو هو. هن جي مرڻ تي سرداري سندس پٽ، مير فتح علي خان ٽالپر جي هٿ ۾ آئي.”

اهڙيءَ طرح، بلوچ سنڌ جا والي ولايت ٿيا، ۽ جيستائين اسان ملڪ ملڪ فتح ڪيو، تيستائين برسراقتدار رهيا. مڪاني واقع نگار جنهن جي تصنيف جو مٿي اختيار ڏنل آهي، نهايت موزون لفظن ۾ چوي ٿو ته ”چرخ گردون جا عجيب رنگ آهن. هو بادشاهن کي فقير ۽ فقيرن کي بادشاهه بڻائي ٿو.”

هاڻوڪن سياحن، بلوچستان جي قومن جي نسل تي اهڙا ته تفصيلوار احوال ڏنا آهن، جو انهن کي هتي دهرائڻ جو ضرور نه آهي. البت هڪڙي نڪتي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي. پاٽنجر ۽ پوسٽنس جو قطعي فيصلو آهي ته هي ماڻهو يهودين جي نسل مان آهن. پاٽنجر انهيءَ ڳالهه کان متاثر ٿيو آهي ته هنن ٻنهي قومن جا رواج ۽ رسمون هڪ جهڙيون آهن. پر هو اها ڳالهه وساري ٿو ته خود قرآن شريف ۾ ڪيترين ڳالهين توريت ۽ انجيل مقدس واريون ساڳيون آهن. تنهنڪري ان دليل تي هنن ماڻهن کي يهودين ڏي ڇڪڻ منهنجي خيال ۾ صحيح نه آهي. ساڳيءَ ريت، پوسٽنس پوشاڪ جي مشابهت جي راءِ قائم ڪري ٿو، پر اها شهادت



ٻه معتبر نه آهي. خود بلوچن جي دعوا آهي ته هو عربن جي نسل مان آهن. هو خاطريءَ سان چوندا آهن ته اسان جو اصلي وطن حلب هو. ”برهان قاطع“ ۾ ڪوچ ۽ بلوچ جي معنيٰ لکيل آهي: ”جهنگلي قومون، جي مڪران جي پهاڙي حدن اندر رهن ٿيون ۽ حجاز جي عربن جو اولاد آهن.“ ”تحفة الڪرام“ جو مصنف شايد سندن قوم کي خوش ڪرڻ جي ارادي سان ڪين محمد بن هارون سان ڳنڍي ٿو، جو امير حمزي ۽ هڪ پريءَ جي اولاد مان آهي. هڪ روايت آهي ته بلوچ جو لفظ ”بچ“ يعني پٽ ۽ ”لوچ“ مان نڪتل آهي. لوچ هڪ ٻانهيءَ جو نالو آهي، جنهن کي محمد بن هارون مان حمل ٿيو هو پر ڏسجي ٿو ته هي روايتون گهڻي ڀاڱي ڏند ڪٿائن تي مبني آهن. مڪاني شهادت بهرحال بلوچن جي عربي نسل جي فائدي ۾ ٿي نظر اچي، پر باريڪ نظر ڪبي ته ان تي هڪ وڏو اعتراض هي نظر ايندو، ته بلوچن کي پنهنجي اصلوڪي زبان جو هڪ لفظ به ياد نه آهي ۽ هو هڪ قديم ۽ شايد ايراني طرز جي زبان ڳالهائين ٿا. بهرحال، منهنجي نظر ۾ هي مسئلو اهڙو اهم نه آهي، جو ان تي وڌيڪ ويچار ڪجي.

ڪلهوڙن جي گهراڻي کان پوءِ، جڏهن ٽالپرن جو ٽيلو ٿيو، تڏهن جيئن مٿي ڏيکاريل آهي ته هنن پنهنجن هموطنين جا لشڪر گهرائي ڪين زمينون، جاگيرون ۽ ٻيون رعايتون ڏئي، ملڪ وسائي ويهڻ لاءِ همٿايو. هنن جي پٽي جا شرط جاگيري سرشتي جهڙا هوندا هئا. هر هڪ سردار کي لڙائيءَ وقت حاڪم سان همرڪاب رهڻو پوندو هو. ملازمن جو تعداد مقرر ٿيل ڪو نه هوندو هو، پر هر هڪ گهر جو وڏو ان ڳالهه ۾ پنهنجي عزت سمجهندو هو ته ميدان جنگ ۾ منهنجي پنيان سڀ کان گهڻا پوئلڳ هجن. اهڙيءَ طرح ٽالپرن جي ڏينهن ۾ بلوچي سردارن هڪ فوجي حڪومت جي صورت اختيار

ڪئي، جهڙيءَ طرح انگليند جي فتح کان پوءِ اتي نارمن قوم ڪئي هئي.

مشرقي ملڪن ۾ پنگت جا دؤر نهايت بي بقا هوندا آهن. سر چارلس نيپيئر، ڇهن مهينن جي اندر، بلوچ قومن جو ٻؤل اهڙو ته ڦيرائي ڇڏيو، جو هنن جي حيثيت تمام ڪمزور ٿي ويئي. ان معاملي ۾ هيٺيان اپاءَ تمام ڪارگر ثابت ٿيا هئا:

پهريون، عام ماڻهن جا هٿيار کسڻ يا ماڻهن کي هٿيارن سان گهمڻ کان منع ڪرڻ. هن حڪم جا ٻه نتيجا نڪتا: هڪڙو هي ته ڏيهي ماڻهن جي دلين ۾ هڪ قسم جي حيرت پيدا ٿي، ڇاڪاڻ ته هو پيڙهين کان وٺي بندوق، ترار ۽ ڍال کان سواءِ ٻاهر ڪو نه نڪري سگهندا هئا. ٻيو وڏو فائدو هيءُ هو ته هٿياربند ماڻهن جو گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿيڻ محال ٿي پيو.

ٻيو اپاءُ، خون، ڌاڙا، ڦريون، زالون مارڻ ۽ اهڙن ٻين ڏوهن جي ترت ٿڌي تي سزا. بلوچ کي ڪاري ڪاريءَ جي ڏوهه ۾ ڦاسي ڏيڻ، شايد انصاف جي اصولن جي مطابق نه هجي، پر ان جي مصلحت ۽ ضرورت تي ڪنهن به قسم جو اعتراض ٿي نٿو سگهي.

ٽيون اپاءُ، سردارن، جاگيردارن ۽ زميندارن جون ڪڙمين مٿان اختياريون کسي، سندن طاقت کي ڪمزور ڪري، آخر ختم ڪرڻ. رعيت کي اهو ذهن نشين ڪرايو ويو ته حڪومت جون واڳون سرڪار جي هٿ ۾ آهن. جاگيردارن کي اها خاطري ٿي ته حڪومت سندن هٿان نڪري چڪي هئي.

بلوچ، سنڌيءَ کان شڪل شباهت ۾ البت سرس آهي. هو رنگ جو وڌيڪ گورو، بدن جو سگهارو ۽ هڏ ڪاٺ جو مضبوط آهي. هن کي پنهنجي نموني جي عزت ۽ شان هوندو آهي. هو بزدليءَ کي اڳئين زماني [9] جي پهلوانن وانگر نفرت سان ڏسندو آهي ۽ هو ڪافي قومي فخر ۽



عزت رکندو آهي. پر هو وفادار نه آهي ۽ خونريزي ڪري ٿو. هو باز يا گهوڙي کي هيرائڻ جو ڪم، لکڻ پڙهڻ کان وڌيڪ شاندار پورهيو ڪري سمجهندو آهي. هو بغداد ۽ بخارا جي سيني علمن تي ڪمال حاصل ڪرڻ کان، ترار جي هڪ ڌڪ سان دنبي کي ٻه اڌ ڪري وجهڻ وڌيڪ پسند ڪندو آهي. ان ڪري سنڌ ملڪ ۾ هن وقت پڙهيل بلوچ ماڻهو نه هئڻ برابر آهن. امير خود فارسيءَ جي ٿوري گهڻي علم تي ڪفايت ڪندا آهن. ۽ مغرب [11] کان جيڪي ڪتاب گهرائيندا آهن، تن کي هو هٿ به ڪو نه لائيندا آهن. ٽالپر خاندان جي هڪڙي سردار مون کي پراڻي زماني جي نوع ۾ چيو ته "مان پاڻ لکي نه ڄاڻان، پر پڙهيل منشيءَ کان سواءِ ٻاهر ڪڏهن ڪو نه نڪرندو آهيان."

بلوچ بيڪار سپاهي نه آهي. هن کي ننڍي هوندي کان وٺي هٿيارن ڪم آڻڻ ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ جي سکيا ملندي آهي. هو دلير ۽ سگهارو آهي، پر شمشير زنيءَ ۾ چالاڪ نه آهي. هو ترار هڻڻ جو هنر ڄاڻي، پر ڍال سان وار چڱيءَ طرح ٽاري سگهندو آهي. هو شمشير زنيءَ ۾ ٻين قومن کان پٺتي آهي، پر هن جي خوبي، اها آهي جو هو عربن وانگر زور وارو ڌڪ هڻي سگهندو آهي ۽ پنهنجي ڳري ۽ پروسي جهڙي جوهردار ترار [12] سان گهڻو هاڃو ڪري سگهندو آهي. ڏيهي حاڪمن وٽ لشڪر جي هٿياربند سپاهين کي، غير مسلح سپاهين کان وڌيڪ عزت ملندي هئي. هو ويڙهه ۾ هيٺيان هٿيار ڪم آڻيندا هئا: جامڪيدار بندوق، ڊگهين ديسي پر مضبوط نيزن سان، پستول ( ورلي)، تلوارون، برڇيون، ڀالا، خنجر ۽ عجيب شڪل جون سڌيون تلوارون، جن کي ڪٽاري چوندا آهن. ڪمان ورلي ڪم ايندي هئي. ان ڪري منهنجي راءِ آهي ته بلوچن جي ٻانهن ۾ اها قوت نه آهي، جنهن

انگليند جي سئڪس قوم جي هٿ ۾ ڪمان ڪي هڪ جبرو هٿيار ثابت ڪيو هو، ۽ افغانن [13] وٽ اِجا ڪارائتو هٿيار آهي. يورپ جي پهلوانن واري زماني ۾ جا ڳري زره بچاءَ لاءِ پائيندا هئا. تنهن جي خبر بلوچي سردارن کي ڪا نہ آهي. هو ڪليل منهن، ڳچي، ٻانهن ۽ سٿرن سان وڙهندا آهن. مٿي جي حفاظت ڪنگور سان ڪندا آهن. جو ريشمي استر سان لوهہ جو ٽوپ هوندو آهي. ان جي مٿان ريشمي پڳ ٻڌي چڙهيندا آهن. پڳ جي مٿان بعضي ٽوڙهو يا رڪ جي چِلن جي ڄاري ٻڌندا آهن. بدن تي سٿرن تائين سوڙهي زره هوندي اٿن. سڀ کان عمديون زرهون خراسان ۽ ايران کان ايندڙون آهن. اهي چاندي يا رڪ جي ڄاريءَ جون ٺهيل هونديون آهن. بعضي انهن تي سونو پاڻي يا رنگ چڙهيل هوندو آهي، ۽ پيون جرڪنديون آهن. ڪي امير زرهہ جي هيٺان يا ان جي بدران ريشمي ڪوٽ ڍڪيندا آهن. جو ولائتي ڪپڙي جو ٺهيل هوندو آهي ۽ گهڻا مضبوط سبيل تهہ هوندا اٿس. ان جي پائڻ سان تلوار جو ڌڪ اثر نہ ڪندو آهي پر اهو ڳرو ۽ اهنجو هوندو آهي. هٿن جي بچاءَ لاءِ دستانا هوندا اٿن. جي زرهہ وانگر رڪ جي ڄاريءَ جا ٺهيل هوندا آهن. هيءَ هڪ تمام ضروري شيءِ هوندي آهي چاڪاڻ تہ تلوار جو منيو آڱرين جي حفاظت نہ ڪري سگهندو آهي. ڍالون هر هڪ جي مرضيءَ مطابق مختلف مقدار ۽ شڪل جون هونديون آهن. اهي گهڻو ڪري چمڙي يا گينڊي جي کل مان ٺهيل هونديون هيون.

ٻين ڏيهي حاڪمن وانگر سنڌ جي ميرن کي باقاعدي لشڪر ڪو نہ هوندو هو ۽ نہ وري هنن جي سپاهين کي باقاعدي تربيت ملندي هئي. هنن کي تازو يورپي طريقي جي ڪجهہ سکيا ڏني ويئي هئي. بلوچ خاص ڪري مري ۽ اتر جون ٻيون ويڙهو قومون، سپاهين جي پلٽڻ وانگر باتربيت



حملي ڪرڻ جي بدران نشي ۾ مست ٿي، ٽولي، دشمن جي مٿان وڃي ڪڙڪڻ پسند ڪنديون هيون. اهو هڪ ڪارگر طريقو آهي، جو عربستان ۽ افغانستان ۾ ثابت ٿي چڪو آهي، پر اهو فقط تڏهن ڪامياب ٿي سگهي ٿو، جڏهن حملي ڪندڙ وڏي تعداد ۾ هجن.

ڏيهي حڪومت جي سپاهہ جي پگهارن بنسبت جدا جدا رايا آهن: هڪ پيادي کي گهٽ ۾ گهٽ ساڍا ٽي رپيا مهيني ۾ ملندا هئا. ڪن گهوڙيسوارن کي رپيو روز جو ملندو هو. سردارن ۽ عملدارن کي سندن عهدي مطابق مقرر اجورو ملندو هو. ان کان سواءِ هو دشمن جي ملڪ ۾ ڦرمار جدا ڪندا هئا ۽ پنهنجي ملڪ جي لوازمن ڏيڻ کان نٽائيندا هئا. فوجي زيادتين جي حد ڪا نہ هوندي هئي. بدانتظاميءَ جي ڪري فوج جي جدا جدا طبقن ۾ هڪ ٻئي لاءِ عزت ڪا نہ هوندي هئي. پر ائين بہ نہ آهي تہ هنن ۾ ڪا محبت يا اخلاص جي ڪمي هئي.

ڏيهي حڪومت ۾ زنا ۽ حرامڪاري ورلي ٿيندي هئي. ٻيٺل ۽ پڙهيل ماڻهن ۾ زالن جي سَتَر لاءِ سخت اپاءَ ورتا ويندا هئا ۽ ترار جو ڊپ گهٽ ذات وارين زالن کي هميشہ سنئين رستي تي هلائيندو هو. جڏهن اسان ملڪ فتح ڪيو ۽ مڙسن کي قانون شڪنيءَ کان منع ڪئي، تڏهن سنڌي چوڻيءَ موجب " زالن سمجهيو تہ هاڻي ترار اسان جي اڳٽ کان جدا ٿي ويئي آهي"نتيجو اهو نڪتو، جو هنن هر نموني جي بدڪاري ڪرڻ شروع ڪري ڏني. مگر ٿوري وقت کان پوءِ قدرتاً انهن کي اها بد راهہ ڇڏڻي پيئي. بنگت درجي بدرجي وري پنهنجي اصلوڪي صورت اختيار ڪئي، ۽ ڇريءَ ۽ تلوار جي جڳهہ ڪلف ۽ ڪڙن ورتي.

بلوچن جون زالون ڪي ورلي ايتريون تعليم يافتہ هونديون آهن، جو

مختصر فارسيءَ ۽ سنڌيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه پڙهي سگهن. ڪي ٿوريون لکي ڄاڻن. هو پنهنجو وقت گهڻو ڪري ڌاڳن وٽڻ، ڪپڙن ناهڻ ۽ پائڻ ۽ اهڙين ٻين مشغولين ۾ صرف ڪنديون آهن. سنڌي ۽ هندو عورتن جي مقابلي ۾ هو هر ڳالهه ۾ وڏيڪ جرات ڏيکاربنديون آهن. مٿئين طبقي جون زالون باوقار ۽ بااخلاق هونديون آهن. هندستان جي هلڪيءَ طبيعت وارين چلولين عورتن جي مقابلي ۾، هو گنڀير نظر اينديون آهن. هنن کي نڪي ته زهر ڏيڻ جي خبر آهي، ۽ نه وري خودڪشي ڪنديون آهن. گهڻيون بيوهه زالون وري شادي ڪرڻ کان انڪار ڪنديون آهن. مون ٻڌو هو ته هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجيءَ ڀيڻ کي چيو هو ته هو ٻيو نڪاح ڪري يا هميشه لاءِ گهر ۾ روزي [15] ۾ رهي. چون ٿا ته هن تنها رهڻ پسند ڪيو. ڪي زالون جن کي زاهد ٿيڻ جي تمنا هوندي آهي، سي شادي ڪرڻ کان انڪار ڪنديون آهن ۽ تنهائيءَ جي حياتي اختيار ڪنديون آهن. پر اهڙا مثال ٿورا آهن. بلوچي زالن کي پنهنجن ٻارن لاءِ محبت هوندي آهي ۽ هو پنهنجن مذهبي فرضن تي پورو پورو ڌيان ڏينديون آهن. حج جون مشڪلاتون ۽ خطرا هنن کي مڪي شريف وڃڻ کان ڪو نه روڪيندا آهن.

ٻروچن ۾ اهو برو رواج آهي ته سريتن يا غير شادي شده عورتن مان جي ڇوڪريون[16] پيدا ٿينديون اٿن، تن کي آفيم ڏئي يا ٻي طرح، [17] ماريندا آهن. ناجائز حمل جي حالت ۾، هو ٻارن ڪيرائڻ جون دوائون به استعمال ڪندا آهن، پر انهن جي ڪاميابيءَ جي خاطري ڪا نه هوندي اٿن. پر اهي رواج رڳو ڪن وڏن ماڻهن ۾ آهن، جي پنهنجن حاڪمن جي پيروي ڪندا آهن ۽ ناجائز ٻارن جي حياتي وٺڻ ۾ پنهنجي وڏائي سمجهندا آهن. توڙي جو هنن کي خبر هوندي آهي ته مذهبي نقطئه نگاهه کان اهو ڪبيرو



گناهه آهي. اسان جي حڪومت ۾ ڇوڪرين جي هتيا گهٽ ٿي آهي، پر بلڪل بند اڃا ڪنهن به صورت ۾ ڪا نه ٿي آهي. بلوچن کي ڌيئرن لاءِ ورلي اها محبت هوندي آهي، جا ڪين پٽن لاءِ هوندي آهي. اڪثر مشرقي ملڪن ۾ ڇوڪريون بوجهه سمجهيون وينديون آهن ۽ ملڪ ۾ امن امان نه هئڻ سبب انهن جي حياتي سچ پچ جوکائتي آهي. ڀانئجي ٿو ته فطري پيار ۽ اولاد جي محبت جو به جدا جدا هنڌن تي جدا جدا تصور آهي. ملبار جي نائر قوم [18] جا ماڻهو يورپ جي عالمن جي پدري ۽ مادري محبت جو هڪ عجيب خيال ۽ اصطلاح ڪري سمجهندا آهن، ڇاڪاڻ ته هنن کي ننڍي هوندي کان وٺي اهو سبق ڏنو ويندو آهي، ته ڇاڇو پيءُ کان وڌيڪ ويجهو عزيز آهي، جنهنڪري هو ڀائٽين کي پٽن کان وڌيڪ پيار ڪندا آهن!

بلوچن کي لڙائيءَ ۽ شڪار لاءِ بي انتها محبت هوندي آهي، جنهنڪري هو گهوڙن، اٺن ۽ بازن جو وڏو قدر ڪندا آهن. عربستان وانگر هت به گهوڙيون گهوڙن کان وڌيڪ پسند ڪيون وينديون آهن. غريبن ۾ ته گهوڙي هڪ گهر جو ڀاتي ڪري ليکي ويندي آهي، گهڻا ماڻهو پاڻ وقت تي ماني نه کائيندا آهن، پر پنهنجي پياري وهٽ کي بک نه ڏيندا. ڳيهرائي سيدن ۽ ڪوسن، قرمطين، مرين ۽ نظاماڻين [19] جون گهوڙيون بهترين نسل جون سمجهيون وينديون آهن. هڪ چڱيءَ گهوڙيءَ جي قيمت ڪوهستان ۾ اڳي اٽڪل 400 رپيا هندي هئي. هاڻي ان رقم جو اڌ يا چوٿين پتي مس ٿيندي. چاليهن ڏينهن کان پوءِ گهوڙيءَ جو ڦر ماءُ کان ڇڏائي ان کي اُٺ، ٻڪري يا ڳئونءَ جو کير پياريندا آهن. اُٺ جو کير زياده مفيد سمجهيو ويندو آهي، جو چون ٿا ته اهو پنڌ وڌائيندو آهي. مينهن جي کير کان پاسو ڪندا آهن، جو چون ٿا ته ان جي ڪري گهوڙو پاڻي ڏسي

ويهي رهندو آهي. ڇهرئين سال ۾ ئي گهوڙي جي سکيا شروع ڪئي ويندي آهي. ڇهن مهينن ۾ گهوڙو پنڌ ڪرڻ، قدم قدم هلڻ، ڀڄڻ ۽ دڙڪي سکي ويندو آهي. بلوچن کي گهوڙن سيکارڻ جو شوق آهي، هو انهن کي هڪدم ڦرڻ، ٻيهڻ، چال مارڻ زمين تي ڪِري پوڻ ۽ مشرقي نمونې جي ٻين ڪرتبن جي مشق ڪرائيندا آهن. گهوڙن کي دوائون ورلي ڏنيون ويندون آهن. گهوڙن ۽ بازن لاءِ "فرسي نامي" ۽ "باز نامي"[30] ۾ جي نسخا لکيل آهن، تن موجب دوائون ڪو نه ڏيندا آهن. مگر انهن کي اهي ستيون ڦڪيون ڏنيون ويندون آهن، جي آزمودي ۾ ڪارائتيون ثابت ٿيون آهن ۽ جن جو رواج آهي. خانه بدوش ماڻهوءَ جي سفر جو مدار اڪثر گهوڙي جي رفتار ۽ تربيت تي هوندو آهي، تنهنڪري ان کي سفر لاءِ محنت ۽ خبرداريءَ سان تيار ڪيو ويندو آهي. سفر کان ڪيترا ڏينهن اڳ ان کي ان دنبي جي اوپاريل منڍي ۽ ٻيو گوشت ۽ گيهه کارايو ويندو آهي. پاڻي ۽ ڪَچو گوشت تمام ٿورو ڏيندا اٿن. انهن کي ورزش ڏکڻي ڪرائيندا آهن. جيتوڻيڪ اها سخت نه هوندي آهي. پگهر جلدي جلدي ڏياريندا اٿن. پر گهڻو نه. گهوڙن جي تربيت جو هيءُ طريقو نهايت ڪارگر هوندو آهي. ان سان گهوڙي جي صحت ۽ دم ٻيئي سڌرندا آهن.

بلوچن ۾ به، ٻين پٺتي پيل ڪوهستاني قومن وانگر، جي جاگيرداريءَ جي ماحول ۾ پليون آهن، فرقيوارانه جذبو گهڻو آهي. ٽالپرن کان سواءِ ٻيو ڪو به خاندان ڏاريءَ قوم جي هڪ لائق ڇوڪر کي ٻانهن ڏيڻ کان انڪار ڪونه ڪندو پر اها ڳالهه پسند ڪو به ڪو نه ڪندو. راڄ جا سڀ ماڻهو سردار کي هر سال سرشماري ڏيندا آهن. ان کان سواءِ جيڪڏهن خاندان ۾ ڪو ڄم، شادي يا موت ٿيندو هو ته هو ڀاهت به ڏيندا اٿس.



جت [21]، جن کي جت، ڄٽ يا ڄٽ به ڪري لکندا آهن، سي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ حڪومت ڪندڙ طبقي جا ماڻهو هوندا هئا. شايد اهو ئي سبب آهي جو "تحفة الكرام" جو مصنف انهن کي بلوچن جو هم نسل ڪري لکي ٿو. مگر بلوچ انهيءَ ڳالهه کان بلڪل انڪاري آهن خود جتن جو چوڻ آهي ته هو رسول ﷺ جي اصحاب عقيل جو اولاد آهن. پر هو جيڪا جتڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن، سا ڏيکاري ٿي ته هو پنجاب [22] ۽ ايپي، جهنگ سيال، ملتان يا ڪن ٻين ضلعن مان آيا هوندا، جن جي آباديءَ جو دارو مدار پنجن ندين تي آهي. هو لڙاين يا ڏکر جي ڪري پنهنجي ملڪ مان لڏي ڏکڻ طرف سبيءَ ۽ ان جي آسپاس وارن پهاڙن ۾ اچي وينا هئا. سمجهيو وڃي ٿو ته هو سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان ٿورو اڳ آيا هئا. هنن جلد ئي پنهنجي مردانگيءَ ۽ قوت جي ڪري نالو ڪڍيو. افسوس آهي ته هن وقت، انهن ۾ ڪو به نمايان گڻ نه رهيو آهي. هنن جي جاگيردارن، زميندارن ۽ سردارن جي اولاد مان هاڻي اهڙو ڪو نه رهيو آهي، جنهن کي دولت يا عهدو هجي. هنن جون مکيه وسنديون ڪڪرالي، جاتي، چانديه، ماڇر، ڦلجي ۽ جوهي ۾ آهن. هن وقت، هو گهڻو ڪري پوکي راهي ڪندا آهن ۽ اُٺ پاليندا آهن. هو هڪ بي ضرر قوم نظر ٿا اچن. سندن گهڻيون ئي ذاتيون آهن. جن مان مکيه هي آهن: ٻبر، ڀٽي، جسڪاڻي، جويا، ڪلرا، مگسي، ميرجت، پرهياڙ، سنجراڻي، سيال ۽ سولنگي.

ميمڻ فقط شايد عربي لفظ "مومن" جي بگڙيل صورت آهي. ڀانئجي ٿو ته اهو نالو هنن ماڻهن تي تڏهن پيو، جڏهن هو هندن مان مسلمان ٿيا. سنڌ ۾ گهڻائي ميمڻ رهن ٿا. خاص ڪري حيدرآباد، سيوهڻ ۽ ڪراچيءَ جي طرف. هنن جو اصلي وطن شايد ڪڇ آهي، جو هو انهن مان

گهڻا اچا اتي رهن ٿا. اسان جي صوبي يعني سنڌ ۾ هو آبادي ڪندا ۽ اُٺ پاليندا آهن. هو ٻين سنڌين جهڙي پوشاڪ پهريندا آهن، پر هو اڪثر مٿو ڪوڙائيندا آهن. خاص ڪري ٻڍاپي ۾، ۽ پڳ ٻڌندا آهن، پر بعضي هو سنڌي ٽوپي بہ پائيندا آهن. هنن گهڻا عالم پيدا ڪيا آهن ۽ مذهبي علمن جي ملڪ [25] ۾ چڱي اشاعت ڪئي اٿن. ميمڻن ۾ بيوه ۽ ڌيءَ کي شرعي حصو ملندو آهي. ميمڻ هڪ معزز قوم آهي، البت طمع جي ڪري بدنام آهي.

خواجہ [26]، جنهن کي سنڌ ۾ عام طرح خواجو يا کوجو چوندا آهن، سا اصل ۾ هڪ ننڍي ٻاهرين قوم آهي. هو گهڻو ڪري ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا، جتي هنن جا اٽڪل ٽي سؤ گهر ٿيندا. هنن جي پنهنجي چوڻ موجب هو ايران [27] کان آيل آهن. هو شايد ايران مان ان وقت نڪتا هئا، جڏهن هلاڪو خان اسماعيلين سان سختيون ڪيون هيون. سنڌ ۽ ڪڇ ۾ جيڪي هندو اڳتي هلي پير صدر الدين جي تبليغ هيٺ مسلمان ٿيا، تن کي بہ خواجہ ڪوٺيندا آهن. هو اڄان بہ اسماعيلي فرقي جا آهن. هو جماعتخاني ۾ عبادت ڪندا آهن، جو خاص ان ڪم لاءِ هوندو آهي. هن وقت، ورلي سنڌي خواجہ گهڻي علم وارا آهن. انهيءَ معاملي ۾ هو پنهنجن هندستاني ۽ مسقط جي پاڙن کان پٺتي پيل آهن. اسان جي صوبي سنڌ ۾ هنن ايتري ترقي ڪئي آهي جو پنهنجي لاءِ ڪي اکر ايجاد ڪيا اٿئون.

خواجو سنڌي ٽوپي يا پٽڪو پائيندو آهي. هو اڪثر مٿو ڪوڙائيندو آهي ۽ لونڊڙين مٿان زلف ڇڏيل هوندا اٿس. زالون ۽ مڙس ڳاڙها يا اچا ڪپڙا پائيندا آهن. هو ڪاري رنگ کان پاسو ڪندا آهن. عام ماڻهن کي نيرو رنگ پسند هوندو آهي. ٻي پوشاڪ عام سنڌين جهڙي هوندي اٿن. سپ



ڏِگهي ڏاڙهي ڇڏيندا آهن. جوان ماڻهو مڇن جي سنت ڪو نہ وٺائين.

مهاڻا يا ماڇي ذات وارا هندن مان مسلمان ٿيل ٿا ڏسجن. هي ماڻهو وصفن ۾ سنڌين جهڙا اصل ڪو نہ لڳندا آهن. هنن جا مهاندا هڪڙي عجيب قسم جا هوندا آهن ۽ رنگ تمام سياهہ هوندو اٿن. هنن جون زالون جوانيءَ ۾ اڪثر حسين هونديون آهن، پر گهٽي ڪم ۽ رولڙي ۽ ٻين سببن ڪري جلد ئي انهن جو حسن مارجي ويندو آهي. مهاڻا گهڻو ڪري منڇر، ماڇر ۽ ڪينجهر ڍنڍن جي آسپاس رهندا آهن. ڪينجهر ڍنڍ تي سنڌ جي اڳوڻي حاڪم، ڄام تماچيءَ جي محل جا نشان آهن، جنهن هڪڙي مهاڻي جي حسين ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي. انهيءَ واقعي جو بيان مڪاني روايتن ۾ ڏنل آهي، ۽ سنڌ جي شاعرِشاهہ ڀٽائيءَ ان کي پنهنجي سنڌي صوفيانہ ڪلام ۾ هڪ قسم جي حيات جاودان بخشي آهي. مهاڻن جي زبان تمام ڪِريل آهي. مرد سگهارا ۽ محنتي آهن، پر ڪين ڀنگ، آفيم ۽ هر قسم جي نشي جو مرض آهي. هنن جو گذران تنگ [32] ۽ حياتي جوکي واري هوندي آهي. سندن اڌ وقت پاڻيءَ ۾ يا پاڻيءَ تي گذرندو آهي. شايد انهن سببن ڪري سندن اخلاق تي برو اثر پيو آهي. هو سٺا تارو آهن، ۽ ٿيڻ بہ کپين. هنن جا ٻار جيئن هلڻ سڪندا آهن، تيئن ترڻ بہ شروع ڪندا آهن. هو ٻي دين ڪو نہ آهن. هنن وٽ باقاعدي مسجدون ۽ عبادتخانا آهن، ۽ پيرن، ٻين سيني مذهبي ماڻهن کي مان ڏيندا آهن. خواجہ خضر جي نالي ۾ سنڌونديءَ جي پوڄا ڪندا آهن. هنن جي هڪ رسم آهي تہ وقت بوقت خواجہ کي نڪر جي ڇاڏيءَ ۾ چانور وجهي، ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ويڙهي، نذر يا ڀيٽا ڏيندا آهن. مهاڻن جي قبيلي جا گهٽائي پاڙا آهن. انهن جا راڄوٽا فيصلا چڱا مڙس ڪندا آهن، جن کي عدالت ڪرڻ جي اڪلي اختياري هوندي

آهي.

سنڌ ۾ ٻن قسمن جا شيدي غلام آهن: هڪڙا گهرڄاوا ۽ ٻيا اهي جيڪي مسقط ۽ عربستان [33] جي اپارئين ڪناري وارن بندرن مان آڻيندا آهن. گهر جا ڄاوا ڪٽنب جي ڀاتين وانگر هلايا ويندا هئا. سنڌ ۾ هندستان وانگر زميندارِي غلامي جو رواج ڪو نہ هوندو هو. هندستان ۾ ڪيترا ڪڙمي زمينن تي ويٺا هوندا هئا ۽ ان سان گڏ وڪامندا يا ورثي ۾ ملندا هئا. انهيءَ کي زميندارِي غلامي سرشتو سڏيندا هئا. سو اتي جڏهن غلامن کي قانوني رهائي ملي، تڏهن آزاديءَ جي نعمت هنن لاءِ سچ پچ وبال [34] ٿي پئي. ميرن جي ڏينهن ۾ اٽڪل ڇهہ ست سؤ زنجباري، بمباسي، حبشي ۽ ٻيا ڪاريءَ چمڙيءَ وارا غلام سال ۾ واپاري آڻيندا هئا. هاڻي انسانن جو اهو واپار ذري گهٽ بند ٿي ويو آهي. غلامن جي قيمت چاليهن کان هڪ سؤ پنجاهہ رپين تائين هوندي هئي. ڇوڪرين جي قيمت ڇوڪرن کان زيادهہ هوندي هئي ۽ اهي گهرائيندا بہ گهڻي تعداد ۾ هئا. حبشي، خاص ڪري عورتون، بعضي بعضي 40 يا 50 پائونڊن ۾ وڪامنديون هيون. هنن جو پنهنجو ڇوڻ آهي تہ ڪين نندي هوندي ان، ڪپڙي ۽ ٻين ضروري شين تي واپارين کي وڪڻندا هئا. ٻارن کي زوريءَ بہ ڪٽندا هئا. ڪيترن کي ڦاسائي ساموندي واپارين کي وڪڻندا هئا، جي واپار لاءِ سندن ملڪ جي ڪناري تي ايندا هئا. گهڻي ۾ گهڻا غلام ڪتومندو علائقي مان ايندا هئا جو سواحلي ملڪ جي لڳ آهي، هو لامي، باراماجي ۽ ڪينڪوئر شهرن جا نالا وٺندا آهن. هنن جو ڇوڻ آهي تہ انهيءَ ملڪ ۾ مسلمان [36] ۽ ڪي بت پرست ماڻهو رهندا آهن. هو انهن جي قلعن، سردارن، ۽ فوج جون گهڻيون ڳالهيون ڪندا آهن. سنڌ ۾ شيدين جون مکيہ ذاتيون هي آهن:



| | |
|---|---|
| ڊينگريڪو | مريما |
| ڊونڊيري | مريما ڦاٽي |
| گنڊو | تو وئر |
| ڪمتگ | مياس |
| مڪونڊي | مياسينڊا |
| مڪوئا | مزگرا |
| متونبي | نزيز ميزا |
| مڪامي | نپامئيزي |
| مساگر | تيمالوئي |
| مندوئي | ظالما |
| مڪوڊونگو | زنزيگري |

شيدن کي گهڻو ڪري گهوڙن جي سنڀال، يا گاهہ ڪرڻ يا مزوريءَ لاءِ واڍن، لوهارن ۽ ٻين ڪاسبين وٽ ڪمي ڪري رکندا آهن. هنن کي کاڌو ڪپڙو ملندو هو، پر مالڪ ڪين ورلي پاڻ سان گڏ کارائيندا هئا.

ڪيترا شيدي غلام وڏن عهدن کي وڃي رسيا. هو ميرن جا ڀروسي جوڳا ملازم هوندا هئا، ۽ ان حيثيت ۾ آقائن وٽ سٺي هلندي پڄندي هوندي هين. شيدي هوش محمد، مير شير محمد جو خاص خدمتگار، انهيءَ قسم جي طبقي مان هو. هڪڙو مشهور تاريخ نويس تہ هن کي مارشل هاش سان ڀيٽيندي ٿو، پر مون کي ان باري ۾ ڪا ثابتي ڪا نہ ملي آهي. شيدي گهڻو ڪري پنهنجي قوم جي زالن سان شادي ڪندا هئا. وڏن گهرن ۾ هنن کي ٻين ملڪن جي ٻانهين سان لاڳاپو رکڻ ڪو نہ ڏيندا هئا. غلامن جا ٻار بہ غلام هوندا هئا. هنن کي آزادي ورلي ملندي آهي. گهڻا سنڌي مسلمان،

شيدياڻين سان شادي ڪندا هئا. ڏيهي ماڻهو هنن جو اولاد پسند ڪندا آهن، پر يورپي ماڻهن جي نظر ۾ خاص خوبي ڪا نہ آهي. سنڌي شيديءَ جي اولاد کي گبو ۽ ٻيءَ پيڙهيءَ ۾ قنبراڻي چوندا آهن.

سنڌ ۾ شيدي نهايت جاهل ۽ اڻپڙهيل آهن. هو هڪ ئي وقت کلمک ۽ تندمزاج، خوش خلق ۽ جوشيلا هوندا آهن. سنڌي چوندا آهن تہ هو اٺ جهڙو وير رکندا آهن ۽ بعضي بعضي اهڙا تہ بدمزاج ٿيندا آهن جو شديد سزائن کان سواءِ نہ سڌرندا آهن. هو اهڙا ويڙهو آهن، جو ميرن جي ڏينهن ۾ اهڙو ڪو جمعو ورلي گذرندو هو، جنهن تي هو پاڻ ۾ تلوارن سان نہ اٽڪندا هئا. هو بهادر پر بيرحم ۽ فريبي پر ساڳئي وقت محبتي ۽ وفادار هوندا آهن، ۽ جي خوش خلق هوندا آهن تہ چڱا لڳندا آهن.

وچ ايشيا ۾ هو گهرن ۾ ڪم ڪندا آهن ۽ ماڻهو هنن جي عادتن کان چڱيءَ طرح واقف آهن. اتي بہ چون ٿا تہ انهن جا ساڳيائي افعال هوندا آهن. هو نهايت عيش پرست آهن: کائڻ، پيئڻ، ڳائڻ ۽ نچڻ جا ڏاڍا شوقين هوندا آهن. هنن ۾ راڳ ۽ ناچ ساڳئي وقت ٿيندو آهي. مرد ۽ زالون گڏ يا هڪ ٻئي جي سامهون بيهاريندا آهن: ناچ پهريائين بي مزي هوندو آهي. زالون فقط اڳتي ۽ پوئتي ٿينديون ۽ بعضي بعضي ڦيريون پائينديون آهن. مرد هنن کي حسرت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. جڏهن مردن جو وارو ايندو آهي، تڏهن هو ٺينگ ٽپا ۽ مروٽا سروٽا ڏئي، مجلس کي وندرائيندا آهن. نقارن جي شوخ آواز ، راڳ ۽ زالن جي تيز چيخن [36] تي، ٻانهان، جي اڳيئي نشي ۾ مست هوندا آهن، سي بعضي هوش کان نڪري ويندا آهن. مون ڪيترن موقعن تي ڏٺو آهي تہ هو ايتريءَ دير تائين ۽ ايتري جوش سان نَچندا آهن جو بيهوش ٿي ڪري پوندا آهن ۽ ماڻهو ٽنگا ٽولي ڪري ڪڍي



ويندا اٿن. ڪراچيءَ جي پيرسان، منگر پير جي مشهور درگاهہ تي، هو باقاعدي ترتيب سان ناچ ڪندا آهن. ناچ گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان ٿيندو آهي. شيدياڻين جي حسن بنسبت جيترو ٿورو چئجي اوترو چڱو. منجهن هزارن ۾ ڪو هڪڙو موچارو منهن نظر ايندو.

سنڌ ۾ گهڻن شيدين کي پنهنجي زبان ڪا نہ ايندي آهي. جي هن ملڪ ۾ ڄاوا نپنا آهن، تن کي ڪي ٿورا لفظ ايندا آهن. جي هنن پيءُ ماءُ کان ٻڌا هئا. جيڪي پنهنجي ملڪ کان ننڍي هوندي آيا هئا، تن کي بہ مادري زبان وسارڻ لاءِ ڪافي وقت مليو آهي. تنهن کان سواءِ، هنن جون زبانون ورلي لکيل [37] هونديون آهن، تنهنڪري هنن جي ڪا مقرر زبان ڪا نہ آهي. هو اڪثر هڪ ٻئي سان پنهنجيءَ ٻولي ۾ ڳالهائي سگهندا آهن، جا سنڌين جي سمجهہ کان ٻاهر هوندي آهي. عام شين لاءِ هو پنهنجا لفظ ڪتب آڻيندا آهن ۽ جي اهي وسري [38] ويندا اٿن تہ انهن جي جاءِ تي سنڌي لفظ استعمال ڪندا آهن. هنن جي ٻوليءَ جا ڪي لفظ سنڌي ماڻهو ٻڌي ٻڌي، سکي ويا آهن.

## باب ڏهون

**سنڌ ۾ ٻارن جي ڄم جون رسمون، عقيقو يعني ڇوڪر جي جهنڊ لهرائڻ، طهر، مڱڻو ۽ شاديءَ کان اڳ جون ٻيون رسمون، شاديءَ جا ساٺ سڳڻ، موت ۽ دفن ڪرڻ قبرون ۽ مقام**

سنڌ ۾، جڏهن ڪو ٻار ڄمندو آهي. پوءِ اهو پٽ هجي يا ڌيءَ ته گهر ۾، پڄنديءَ آهر، خوشي ڪئي ويندي آهي ۽ مٺائي ورهائي ويندي آهي. ويم جي ٻيءَ رات، ماءُ جون مائٽياڻيون گڏجي ڪير ڪٽي ساڻس ملڻ وينديون آهن. هو اهڙيءَ طرح ڇهه ڏينهن ساندهه اينديون رهنديون آهن. مهمانن جي خاطر تواضح ڪير، مٺائيءَ ۽ تماڪ سان ٿيندي آهي. پوءِ ڪو عالم گهرايو ويندو آهي ۽ گهڻي ساٺ سڳڻ ۽ ڏکڻائن ڏيڻ بعد ٻار جو نالو ڪنهن ديني ڪتاب مان، ۽ ڪن گهرن ۾ علم جوتش جي اصولن مطابق، ڪڍيو ويندو آهي. جبل جا پنتي پيل ماڻهو ٻارن تي وڻن ۽ ميون جا نالا به رکندا آهن. جيئن ته ڪندو، ٻير ۽ انب وغيره مٿين طبقن جي ماڻهن جي ڄم جي تاريخ هڪ خاص ڪتاب ۾ درج ڪئي ويندي آهي. پر اهي يورپ وانگر، ٻارن جي سالگره ڪو نه ملهائيندا آهن.

عقيقو يا جهنڊ لهرائڻ جي رسم تڏهن ادا ڪئي ويندي آهي، جڏهن ڇوڪر جي عمر ٽن مهينن کان هڪ سال تائين ٿيندي آهي. ڪن هنڌن تي ماڻهو انهيءَ جشن ۾ هڪ بي عيب دنبي جي قرباني ڪندا آهن. دنبو



شرعي اصولن مطابق حلال ڪيو ويندو آهي. پوءِ گوشت مان هڏا خبرداريءَ سان ڪڍندا آهن ته جيئن ڀڃي نه پون. گوشت مان علمائن، عزيزن ۽ فقيرن لاءِ کاڌو تيار ڪندا آهن. جڏهن حجام ٻار جي جهنڊ لاهيندو آهي، تڏهن اها دنبي جي هڏن سان گڏ ڪل ۾ وجهي، ڪنهن مقام يا در جي چائنٺ هيٺان پوري ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن جو چوڻ آهي ته قيامت جي ڏينهن اهي شيون گهوڙي جي صورت وٺي اٿنديون ۽ ٻار کي پلصراط جي مٿان ٽپائي بهشت ۾ ڇڏينديون. ڇٺين ورهين ۽ ڇٺن مهينن جي ڄمار ۾ ڇوڪر کي اسڪول ۾ ويهاريندا آهن. انهيءَ موقعي تي استاد کي خرچي يا ڪا سوغات ڏيندا آهن ۽ ٻي ڪا خاص خوشي ڪا نه ڪئي ويندي آهي.

طهر جي رسم گهڻو ڪري تڏهن ادا ڪئي ويندي آهي، جڏهن پٽ اٺين سال ۾ پير پائيندو آهي. حال سارو مجلس لاءِ پلاءُ، ٻوڙ ۽ ٻيا لذيذ طعام تيار ڪيا ويندا آهن. ۽ راڳيندڙ گهرايا ويندا آهن ۽ ڪن گهراڻن ۾ آتشبازيءَ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. ڇوڪر کي گيڙو رتا ڪپڙا پهرائي، موڙن سان سينگاري، گهوڙي تي چاڙهي شهر مان سرگس ڪري گهمائيندا آهن. ان سان گڏ باجا وڄائيندا، راڳ ڳائيندا ۽ بندوقن جا ٺڪاءُ ڪندا هلندا آهن. گهر موٽڻ تي حجام طهر ڪندو آهي. سنڌ ۾ به طهر ساڳئي نموني ۾ ڪيو ويندو آهي، جيئن هندستان ۾ ڪندا آهن. پر هندستان جهڙا ڪاريگر هتي ڪو نه آهن. زخم تي گيهه، موم ۽ نم جي پتي ڪندا آهن. ڦٽ گهڻو ڪري اٺن- ڏهن ڏينهن ۾ ڇٽي ويندو آهي، پر بعضي بعضي اينگهه به ڪندو آهي. طهر کان پوءِ هڪدم ڪپڙا ۽ پئسا ڇوڪر جي مٿان گهوري، حجام ۽ لنگهن کي ڏيندا آهن. جڏهن ڇوڪر ڇٽندو آهي، تڏهن هن کي ٻاهر ڪڍي پير ڌوئيندا اٿس ۽ ڪجهه خرچي ڏيندا اٿس ۽ غريبن کي

ڪارائيندا ۽ خيرات ڏيندا آهن. جيڪي غريب خرچ نہ ڪري سگهندا آهن، سي فقط حجام کي سنت جا ٻہ چار پئسا ڏيندا آهن. سنڌ ۾ ڇوڪرين جو طُهر ڪونہ ٿيندو آهي.

مڱڻو گهڻو ڪري ننڍپڻ ڪيو ويندو آهي. جڏهن بلوغت جون تسليم ٿيل نشانيون ظاهر ٿينديون آهن، يعني پٽن جي پندرهين سال ۽ ڌين جي ٻارهين سال ۾. شاهوڪارن ۽ وڏن ماڻهن ۾ ننڍي هوندي شادين ڪرائڻ جو رواج آهي. وچولي درجي جي معزز ماڻهن کي پئسي جي تنگي، مخفي لاڳاپن ۽ گهرو اعتراضن جي ڪري، بعضي بعضي نڪاح جي رسم لاءِ جا سندن دين موجب فرضي آهي، ويهن يا ٽيهن ورهين تائين ترسڻو پوندو آهي. مگر عام رواج آهي تہ ڇوڪريءَ کي جيترو ٿي سگهي. اوترو جلد شادي ڪرائجي. مڱڻو شاديءَ لاءِ هڪ تياري آهي. ٻنهي رسمن جي وچ ۾ ڪجهہ وقت گذرڻ ضروري آهي. شاديءَ کان اڳ مڱڻو (هڪ رسم [4] آهي ۽ ان جو شرعيت سان واسطو نہ آهي) هاڻي هڪ ضروري قدم ٿي ويو آهي. جنهن کي ٻہ خرچ جي طاقت هوندي آهي، سو مڱڻي کان نٽائڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي، پوءِ ڀل تہ مڱڻي جي خرچ ڪري ورهين جا ورهيہ ترسڻو پويس، جيستائين هو ميڙي چونڊي ڪري نڪاح جي رسم ادا ڪري. عام خيال آهي تہ شاديءَ ۾ پڇنديءَ کان گهٽ خرچ ڪرڻ بخل ۽ گلا جي نشاني آهي. ان ڪري مذهبي ماڻهو بہ ناموس جهڙيءَ چڱيءَ مراد لاءِ قرض کڻڻ تي اعتراض ڪين واريندا آهن. مگر اها فضول خرچي فقط ڦهرينءَ شاديءَ ۾ جائز ٺهرائي ويندي آهي. ٻي شاديءَ يا بيوهہ عورت سان شادي ڪرڻ ۾ ايتري ديگهہ ڪا نہ ڪئي ويندي آهي. ڪن عالمن [5] انهيءَ رواج کي فضول ٺهرايو آهي. منهنجي خيال موجب انهيءَ رواج جو پايو ارادتاً وڌيو ويو آهي، تہ جيئن ماڻهن جي دلين تي ڦهرين شاديءَ جي مذهبي اهميت ويهاري



وجي ۽ شادين جي ڪثرت ۾ رڪاوٽ پوي. مڱڻي کان پوءِ سياڻا ماڻهو طرفين کي ملڻ جو وجهہ ڪو نہ ڏيندا آهن، پر مرد ٻيءَ ڌر جي مردن سان ۽ زالون زالن سان ملنديون رهنديون آهن. مٿئين طبقن جي ماڻهن ۾ شاديءَ کان اڳ گهوٽ ڪنوار جو ملڻ ڳالهائڻ بدناميءَ جو باعث سمجهيو ويندو آهي. افغانستان ۽ وچ ايشيا ۾ اهو رواج آهي تہ اتي گهوٽ جي ماءُ پنهنجي مڙس جي علم کان سواءِ گهوٽ ۽ ڪنوار جي ملاقات تي چشم پوشي ڪندي آهي. پر انهيءَ جي اها معنيٰ نہ آهي تہ ڪو هروڀرو بدناميءَ جهڙو ڪم ٿيندو آهي. سنڌ ۾ گهٽ ذات وارا ماڻهو سمجهندا آهن تہ ڪين سندن مڱ سان ملڻ ۾ ڳالهائڻ جو حق آهي.

مڱڻي جي رسم هن ريت ادا ڪئي ويندي آهي: ڦهريائين ڪو نيڪ ڏينهن مقرر ڪيو ويندو آهي. سومر، اربع، خميس يا جمع جا ڏينهن، رمضان، ربيع الآخر، رجب ۽ شعبان جي مهينن ۾ چڱا سمجهيا ويندا آهن. هڪڙو وڪيل يا وچوارو، مرد هجي يا زال، خاص ان ڪم لاءِ ڇوڪريءَ جي گهر موڪليو ويندو آهي. هو ملڪ جو واءُ سئاءُ لهي هنن جي گهر ويندو ۽ ڦهريائين هِتان هُتان جي ڳالهہ ڪري، آخر پنهنجي مطلب جي ڳالهہ ساڻن ڇوريندو آهي. رواج موجب نيگريءَ جا رشتيدار، ڦهريون دفعو انڪار ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هڪدم قبول ڪرڻ زيبائتو نہ لڳندو آهي. ڦهرينءَ ملاقات اهڙيءَ طرح اوچتو پوري ٿيندي آهي. مهيني ڪن کان پوءِ وري ٻيهر ساڳيو ماڻهو موڪليو ويندو آهي ۽ هو وري ساڳي ڪارروائي ڪندو آهي، هن دفعي جيڪڏهنعزيزن کي مائٽي پسند نہ هوندي آهي، تہ هو صفا ڪليل جواب ڏيندا آهن. ٻيءَ صورت ۾ هو ڳالهہ وچڙائي جواب ڏيندا آهن. رواجي طرح هنن لفظن ۾ جواب ڏيندا آهن: ”جيڪڏهن خدا ائين گهريو هوندو تہ قسمت کان

ڪنڌ ڪڍائڻ اجايو آهي. پر اڄان اسان ڪي ڇوڪريءَ اُٿارڻ جو ارادو ڪو نه آهي.” جيڪڏهن اهڙيون رضا جون نشانيون نظر آيون ته پوءِ ڇوڪر جا عزيز ۽ خويش ڇوڪريءَ وارن وٽ پنڌ شروع ڪندا آهن. ٻيءَ ڌر وارا به انهن وٽ ايندا ويندا آهن. گهوٽ ڪنوار جي چال چلت اُٿ ويهه ۽ تعليم جي ڏسڻ ۽ ڌرين جي دوستيءَ جي حيثيت جاچڻ لاءِ هي چڱو موقعو سمجهيو ويندو آهي. واسطيدار ماڻهن ڪي هڪٻئي سان ملڻ ڪو نه ڏنو ويندو آهي. پر جيڪي وهندو واپرندو آهي، تنهن جي ڪين سموري خبر پئي پوندي آهي. طرفين ڪي تفصيلوار خبرون پڏايون ونديون آهن. تنهنڪري گهوٽ ڪنوار ڪي ڳڻتيءَ جو سبب ڪو نه هوندو آهي. اها ڪارروائي ڪي هفتا هلندي رهندي آهي. هڪٻئي جي وڏن ڪي تمام گهڻي عزت ڏيڪاري ويندي آهي. ننڍن ڪي ماري ڪٽي باادب ٿيڻ سيڪاريو ويندو آهي. پاڙي وارا به سڀيي گرهه جي آسري تي ڌرين ڪي پڌائي آسمان سان لائيندا آهن. اهڙي قسم جون ٻيون به گهڻيون چالاڪيون ڪيون ونديون آهن. آخر جيڪڏهن ڇوڪريءَ جي مائٽن ڪي پنهنجي ارادي بدلائڻ جو ڪو سبب نه ملي سگهيو(هنن ڪي ڦِرڻ جي اختياري هوندي آهي) ته تاريخ ڏسيندا آهن. جيڪڏهن اڳلن اها تاريخ قبول ڪئي ته گهوٽيتا ڪنهن مقرر وقت تي گڏجي رئو، چولو، سٿڻ ۽ ٻيا ڪپڙا ۽ ميندي، پنجين ڇهين روپئين جي منائي، زيور جهڙوڪ هار، ويڙهه ۽ ڪيرول يعني منديون ڪٽي ڪنوار جي گهر ويندا آهن. گهر ۾ اڳٻئي تياري ٿيل هوندي آهي. مرد جدا ويهي ڳالهيون ڪندا آهن ۽ زالون حجامڻ سان گڏجي سوغاتون ڪٽي اندر صفي ۾ ونديون آهن. پوءِ ڪنوار ڪي ڪپڙا ۽ زيور پارائي، هٿن ڪي ميندي لائي هڪڙي ڪوٺيءَ جي وچ ۾ ويهاريندا آهن. هن جي ماءُ حجامڻ ڪي ڪير جي دلي سان ڇوڪر جي سهري وٽ مردن ۾



موڪليندي آهي. حجامڻ ڪير مردن ڪي پياري، واڌايون ڏيندي آهي. پوءِ هو وات مٺو ڪندا آهن ۽ باقي بچيل منائي ڪنوار جي ڪمري ۾ موڪليندا آهن. مرد سڀ هٿ ڪٽي فاتح پڙهندا آهن. ان ڪان پوءِ ڪنوار جي پيءُ ڪان شاديءَ جي تاريخ گهرندا آهن. هو مهينو ۽ ڏينهن پڌائيندو آهي ۽ پوءِ سڀ اٿي ويندا آهن. هن ڪان پوءِ رشتو ٽوڙڻ اڻسهائيندڙ سمجهيو ويندو آهي. مگر اهو رواج آهي ۽ ان لاءِ ڪا مذهبي پابندي نه آهي. ڪن حالتن ۾ گهوٽ جو پيءُ ڦري سگهي ٿو، پر نياڻيءَ جو پيءُ اهڙو ڪم ڪڏهن نه ڪندو. جي ڪيائين ته هر ڪو لنگهو سندس واڪاڻ هيڻءَ ڳائيندو ته:

”آهيراڻو عقل موراهين ويو،
مڱائي هيڪڙو، پرڻائي ٻيو.“

سنڌي هڪڙو نقل ڪندا آهن جو ڏيکاري ٿو ته انهيءَ ڳالهه ڪي ڪيتري اهميت ڏني ويندي آهي. چون ٿا ته ابڙي ذات جي هڪ مائي، پنهنجي ٻار ڪي ڪير ڌارائيندي هيءَ لولي ڏني هئي:

”منهنجي ڌي جا ڪن لما،
تنهن ڪي سون وجهندا سما.“

جڏهن ٻار ساماڻو ته مائي مڙس ڪي چيو ڇوڪريءَ جي هاڻي پنهنجي قوم ۾ مائٽي ڪرڻ گهرجي. مگر ابڙو پڙ ڪيدي بيٺو. زال ڪي لولي ياد ڏياري، ڌيءَ ڪنهن سمي ڪي ڏنائين ته متان ماءُ جو وعدو نه پڄي پوي.

هي مختصر بيان ڏيکاري ٿو ته وچولي درجي جي ماڻهن ۾ مڱڻو ڪيئن ٿيندو آهي. ٻيا کهڙا سات سڳڻ ۽ تماشا ٿيندا آهن. تنهن جو مدار ڌرين جي وت تي هوندو آهي. تمام شاهوڪار ماڻهو خوب پئسو لٽائيندا

آهن. ستن کان چوڏهن ڏينهن تائين مانيون، ناچ، گانا ۽ خيراتون هلنديون آهن. غريب ماڻهو ٿوري مان کم ڪيندا آهن. هو مٺائي جي بجاءِ ڪجور، سون جي بجاءِ رپيو، ۽ ريشم جي بجاءِ سٽ ڪم آڻيندا آهن.

مگڻي ۽ شاديءَ جي وچ ۾، گهوٽ جا ماءُ ۽ پيءُ ۽ عزيز ڪنوار ڏي روڪ خرچي ۽ مٺائي هڪ ٻن وڳن سان گڏ موڪليندا يا ڪٽي ويندا آهن. شاديءَ جي ڏينهن کان اٽڪل مهينو اڳ، ونواهه جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي. گهوٽيتا ڪنوار جي گهر مٺائي، گيهه، سرهو تيل، ميندي ۽ منهن ڌوئڻ جو آڪيو ڪٽي ويندا آهن. ان وقت ڇوڪريءَ جو منهن ڪنهن به مرد خواه زال کي ڏسڻ ڪو نه ڏيندا آهن. ڪنوار کي آڪيو پارائي، ونواهه کان شاديءَ تائين، يڪو بند ۾ ويهاريندا آهن. اهڙيءَ طرح هن کي حياتيءَ جي عظيم واقعي يعني نڪاح لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. هن کي ڪنڌ ۽ گهوٽيتن واري گيهه جو ٿهيل چورو ڪارائيندا آهن. چون ٿا ته چوري جي کائڻ ڪري چمڙيءَ ۽ چهري جي نزاڪت وڌندي آهي. حجامڻ روز هن کي وهنجاريندي ۽ ”پيٺيءَ“ سان مليندي آهي. اها پيٺي صابڻ جو ڪم ڏيندي آهي ۽ مٺي تيل ۽ ڪٽڪ يا مانهه جي اٽي مان ٺهيل هوندي آهي.

بدن جا وار دوائن [9] سان لاهيندا يا پٽيندا آهن. سينگار جا سڀ طريقا، جهڙوڪ هٿن پيرن ۽ وارن کي ميندي، چپن کي مساڳ، ڳلن کي اسان جي انگريزي رواج جهڙي لاک جي سرخي لائڻ ۽ اکين ۾ ڪجل [10] پائڻ، آزمايا ويندا آهن. وارن ۾ اڳيان سينڌ ڪڍي، پٺيان هڪ ٻه چوٽيون ڪري تيل [11] سان سرهو ڪندا آهن. چوٽي اهڙيءَ طرح ڪئي ويندي آهي، جيئن پٺيان وار سڀ هڪ جيترا ڏسڻ ۾ اچن. اڳيان وار پيشانيءَ تي ڪؤنر يا پاٽيءَ [12] سان چنبڙائي ڇڏيندا آهن. چهري جو نمڪ وڌائڻ لاءِ اکين جي چوڌاري ڳلن کي ڪپهه جي پوٽيءَ سان روپن ورقن يا ابرق جو ڪُتو لائيندا آهن. بعضي بعضي



مٿو چگڻيءَ طرح ڌوئي ميٽ ۽ ليمي جي رس سان صاف ڪري، صندل ۽ گلاب، وارن ۽ بدن کي لائيندا آهن. ڪنوار کي مشڪ ڪم آڻڻ جو هنر به سيکاريندا آهن. مشڪ هڪ برٿ پريل ڳوٿريءَ ۾ هوندو آهي. منهن ۽ چپن تي سرائي، سرمي يا ڪنهن رنگ ۾ ٻوڙي تر ڪيندا آهن. سنڌ ۾ حياءَ واري زال ڪا ورلي مسي ڪم آڻيندي آهي. هندستان ۾ مسي ڏندن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ۽ انهن جي اڇاڻ ظاهر ڪرڻ لاءِ لائيندا آهن. اهي امتحان ۽ تياريون ڪيترا ڏينهن [13] هلنديون آهن. اهو سمورو وقت برادريءَ وارا پيا ايندا ويندا آهن ۽ ڪنواريتا انهن کي ماني ڪارائيندا آهن.

ڪنوار جي پيٽ ۾، گهوٽ کي گهٽي تڪليف ڪا نه ڪرڻي پوندي آهي. هن جي تياري لاءِ ٽي ڏينهن ڪافي سمجهيا ويندا آهن. انهن ٽن ڏينهن ۾ ڪيس ”پيٺي“ سان مهٽي اچو اوجل ڪري، صاف ڪپڙا، هار ۽ گل پارائي، سندس پذيرائي مولودن، ناچن، گانن ۽ دعوتن ۾(جي سندس دوستن ۽ عزيزن کي ڏنيون ويندون آهن) ڪئي ويندي آهي. سچ پچ ته ونواهه شاديءَ جي رسم جو هڪ حصو آهي، ڇاڪاڻ ته شاديءَ جي رسم گهوٽ جي تياريءَ جي ٽئين ڏينهن تي شروع ٿيندي آهي.

وهانءُ يا شادي اڪثر رات جو ڪئي ويندي آهي. گهوٽ کي سانجهي سويرئي، مائٽ يا حجام اڇي ڪنواريتن جا موڪليل ڪپڙا پٽڪو، قميص، قمربند، شال، سٿڻ ۽ جتي پارائيندا آهن. ساڳئي وقت، ڪنوار کي، سندس مائٽ يا حجامڻ گهوٽيتن جا ڏنل ڪپڙا ۽ زيور [14] پهرائيندي آهي. سينگار کان پوءِ صدقي جي رسم، جنهن کي ”گهور“ چوندا آهن. ادا ڪندا آهن ۽ گهوٽ ڪنوار جي مٿان پئسا گهوريا ويندا آهن. پراڻا ڪپڙا حجام ۽ حجامڻ جو حق سمجهيا ويندا آهن. ڪپڙن پارائڻ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويندو آهي، تنهنڪري اهو ڪم اڌ رات کان اڳ پورو ڪو نه ٿيندو آهي. ڪن هنڌن

تي، ان وقت ڪنواريتا گهوٽيتن ڪي چوائي موڪليندا آهن ته ڪنوار هاڻي تيار آهي. پوءِ گهوٽ اتي ويندو آهي، جتي جماعت، ملا ۽ ٻيا ماڻهو جن جي نڪاح ۾ ضرورت هوندي آهي، ويٺا هوندا آهن. ملان گهوٽ ۽ ڪنوار، ٻنهيءُ جي وچ ۾ ويهندو آهي. پوءِ هو شرعي شاهد چونڊي ڪنوار جي گهر موڪليندا آهن. انهيءَ ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪنوار کي منهن تي گهونگهٽ هوندو آهي ۽ هوءَ پنهنجو شرم حياءُ ۽ فضيلت ڏيکارڻ لاءِ رسم موجب، چپن کي چُنو لائي ويهندي آهي. آخر، پيءُ يا ٻيو ڪو ويجهو مائٽ موڪليو ويندو آهي ۽ شاهد موٽي اچي مجلس کي اطلاع ڏيندا آهن ته فلاڻو وڪيل مقرر ڪيو ويو آهي. پوءِ ملا وڪيل ڏي منهن ڪري پڇندو اٿس"توفلاڻي، فلاڻي جي ڌيءَ، پوٽي فلاڻي جي، فلاڻي پٽ فلاڻي، پوٽي فلاڻي جي کي ڏيڻ قبول ڪئي؟"ڪنوار پيءُ يا وڪيل ساڳين لفظن ۾ "هائو" ڪندو آهي. ائين ٽي دفعا ڪيو ويندو آهي. پوءِ ملا، گهوٽ کي چوندو آهي "تو فلاڻي کي، فلاڻي جي ڌيءَ، پوٽي فلاڻي جي قبول آهي؟" هي سوال جواب ٽي دفعا ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪان پوءِ گهوٽ شرعيت موجب "مَهر" جو فيصلو ڪندو آهي. رقم شاهدن جي اڳيان مقرر ڪئي ويندي آهي. اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي ته جدا رهڻ يا طلاق جي حالت ۾ شاديءَ ڪان اڳ جا ڏنل زيور [16] مڙس جي ملڪيت ٿي رهندا يا زال جي. اهڙيون ڪيتريون ئي ٻيون سنهيون ٿلهيون ڳالهيون هونديون آهن، جن جو فيصلو ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪان پوءِ ملا دعا گهرندو آهي ۽ سڀ حاضرين مجلس هن سان گڏ دعا پڙهندا ويندا آهن. ان ڪان پوءِ، هڪ ڊگهي مناجات پڙهي ويندي آهي ۽ گهوٽ ڪنوار جي حق ۾ دعا گهري ويندي آهي. حضرت آدم ۽ بيبي حوا، حضرت ابراهيم ۽ بيبي ساران ۽ ٻين پيغمبرن سڳورن جا مبارڪ نالا ورتا ويندا آهن، جن شاديءَ جي رسم کي شرف ڏنو



هو. خطبي جي ٻئي حصي ۾، مومنن کي شاديءَ جي فضيلت ۽ درجن ڪان واقف ڪيو ويندو آهي. پوءِ سڀ هٿ کڻي دعا گهرندا آهن. بس شرعي رواج ايترو آهي. ان بعد ڪن خاص لفظن ۾، ملا گهوٽ کي مبارڪ ڏيندو آهي ۽ مجلس جا ٻيا ماڻهو به واري واري سان ائين ڪندا آهن. گهوٽ جواب ڏيندو آهي ته " خير سلامت". ملان کي گهوٽ- پيءَ پنهنجي خانداني حيثيت مطابق اجورو ڏيندو آهي. وڏا ماڻهو گهوڙا، اٺ، سونن مٺين واريون تلوارون، ۽ اهڙيون ٻيون قيمتي شيون ڏيندا آهن. وچولي درجي وارا ڪجهه رپيا ۽ مٺ ڪجور يا مٺائي جي غريب ماڻهو به چار ڏوڪڙ ڏيندا آهن. تنهن ڪان پوءِ گهوٽ جو پيءُ مهمانن کي سندن مرتبي موافق مٺائي ۽ ڪپڙا ورهائي ڏيندو آهي. اٽڪل ٻين بجي رات جو گهوٽ پنهنجن عزيزن ۽ دوستن سان سرگس [17] تي نڪرندو آهي. ۽ هو گهوڙي تي سوار ٿي، ٻنهي گهرن جي مردن سان گڏ، گهٽين مان لنگهندو آهي. ڪن شادين ۾ زالون پيٺيان راڳ ڳائيندي اينديون ۽ اڳيان بازيگر تراريون ڪڍي دهلن، نادن ۽ بندوقن جي ٺڪائن تي ناچ ڪندا هلندا آهن. اهڙيءَ ريت هو ڪنوار جي گهر ڪلاڪ ڪن ۾ پهچي ويندا آهن. ڪنوار جو هڪ ويجهو عزيز، گهوٽ کي هٿ ڏئي، گهوڙي تان لاهي اندر وٺي ويندو آهي. سرگس سان جي زالون هونديون آهن، سي به اندر ويندون آهن! پر ڇاڇي اتي وچي گڏ ٿيندا آهن، جتي هو اڳئين ڏينهن شام جو ويٺل هئا. اتي ڪجهه دير ويهي، پوءِ ٽڙي پکڙي پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويندا آهن.

ڪنواريتن ۾ گهوٽ کي زالون اندر وٺي ونديون آهن، جتي هو ڪيترا سات سڳڻ ڪنديون آهن. انهن ساٽن لاءِ ڪنهن وقت شايد اشد اخلاقي ضرورت هئي، پر هاڻي بلڪل بي معنيٰ آهن. اڪثر ڪري، هن قسم جا سڳڻ سات ڪيا ويندا آهن. گهوٽ کي ڪنوار اڳيان اولهه طرف ڏي

منهن ڪرائي ڪٽ تي ويهاريندا آهن. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ وهاٽو رکندا آهن. پوءِ هڪ سهاڳڻ [18] ”لائڻ ڏيڻ“ جي رسم ادا ڪندي آهي. هن ڪان پوءِ ”ڦل چونڊڻ“ جي رسم ٿيندي آهي. ڪا سهاڳڻ ڪنوار جي مٿان ڪپهه جا ڪيسري يا هيڊي رنگ جا ڦل اڇلائيندي آهي. گهوٽ، ڦل چونڊي پاسي ۾ رکندو آهي. پوءِ ڪنوار جي سڄي هٿ ۾ هڪ ڪارڪ ڏئي چوندا اٿس ته قابو جهلي ويهه. گهوٽ اها ڪائنس کسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مگر هن کي هڪ هٿ ڪم آڻڻو پوندو آهي، تنهنڪري هو اڪثر ناڪام ٿيندو آهي ۽ ان ڳالهه تي زالن ۾ ٺهڪڙو پئجي ويندو آهي. جيڪڏهن گهوٽ به ڪل ۾ شامل ٿيندو آهي، ته پوءِ ڪيس پنجين ريئين جي منائي ڏيڻي پوندي آهي.

”ترمٽڻ“ جو سڳڻ هن ريت هوندو آهي: ڪجهه اڇا سڪل ترِ ٿالهيءَ ۾ وجهي، ڪنوار اڳيان رکندا آهن. هو انهن مان هڪ ٻڪ پري ڇهه ست دفعا گهوٽ جي هٿن ۾ وجهندي ويندي آهي. سهاڳڻ سُر سان چوندي آهي ته:

”جيترا تر مئيندي،
اوترا پٽ ڄڻيندي.“

هن دلچسپ رسم ڪان پوءِ ”چانور مٺڻ“ جو سڳڻ ٿيندو آهي. سهاڳڻ هڪجيترا، لوڻ ڪٺا ۽ اڇا چانور ٿالهيءَ ۾ وجهي، گهوٽ اڳيان رکندي آهي. هن دفعي گهوٽ ڇهه ست مُٺيون ڀري ڪنوار جي هٿن ۾ وجهندو آهي ۽ سهاڳڻ ڳائيندي آهي:

”لوڻ سرب سلوڻ
جو ڪجهه ونڙو ڏي،
سو سڀ وَنڙي جهلي.“



هن رسم جو مطلب شايد اهو آهي ته زال فرمانبرداريءَ جو انگ سڪي. انهن رسمن ڪان سواءِ ملڪ جي جدا جدا حصن ۾ ٻيا به ڪيترا سنها ٿلها ساٽ سڳڻ ڪيا ويندا آهن. ڪن شادين ۾، بعضي، ٺڪر جو هڪ ڍڪڻ زمين تي اونڌو رکي، گهوٽ کي چوندا آهن ته ان جي مٿان لت هڻي. جيڪڏهن هو ڍڪڻ ڀڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي ته زالون سمجهنديون آهن ته جوان بيشڪ مڙس آهي. ۽ ڪل خوشيءَ ۾، هي لفظ ڳائينديون آهن:

”ڍڪڻ ڀڳو،
ٻندو لٿو.“

ڪن هنڌن تي وري، زمين ۾ ڪنڊي ڪوڙي، گهوٽ کي تلوار يا ڪهاڙي هٿ ۾ ڏئي چوندا اٿس ته هڪ ڌڪ سان وڍي ڏيکار.

جڏهن سڀ سڳڻ ساٽ پورا ٿيندا آهن، تڏهن سهاڳڻ، گهوٽ ڪنوار کي ڪٽ تان اٿاري، پڪي ۾ يا ڪُڌ تي وٺي ويندي آهي. اندر وڃڻ ڪان اڳ ڪنوار جي پيڻ يا سؤٽ، گهوٽ کي جهلي ڪائنس خرچي گهرندي آهي. ان ڪان پوءِ در بند ڪيو ويندو آهي. گهوٽ ڪنوار واري ڪمري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سڀ ڪان سنو وقت اڌ رات ڪان وٺي پرهه ڦٽي تائين ليکيو ويندو آهي. ٻنهي گهرن جون زالون سڄي رات ڳائڻ، چرچا گهٻا ڪرڻ ۽ ڪائڻ ۾ گذارينديون آهن. سج اُڀري وقت ڪنوار جي ماءُ اڇي سٽلن کي يادگيري ڏياربندي آهي ته وهنجڻ ۽ ڪپڙن بدلائڻ جو وقت ٿي ويو آهي.

سنڌين ۾ رواج آهي ته گهوٽ ساهراڻي گهر ۾ ست ڏينهن ۽ ست راتيون گذاريندو آهي، ان ڪان پوءِ زال مڙس پنهنجي گهر ويندا آهن. ننڍيا وڏا ٻار پرڻبا آهن ته به انهن کي گڏ سمهاريندا ۽ هڪ گهر ۾ رهائيندا آهن. پهرين ٻار ڄمڻ تائين ڪنوار کي هفتي ۾ هڪ دفعو گهٽو ڪري جمع ڏينهن، پيڪي وڃڻ جي اجازت هوندي آهي. پهرئين ٻار ڄمڻ ڪان پوءِ هن

ڪي عيد براد تي ڇڏيندا آهن. ڪنوار ڪي اڪثر ڪري اٽڻ ويهڻ جي آزادي هوندي آهي. زالن جي دل تي اهو اثر ضرور ويهاريو ويندو آهي ته مڙس جي موڪل کان سواءِ ٻاهر نڪرڻ وڏو گناهه جو ڪم آهي.

سنڌين جون ٻيون مکيه رسمون مرڻي سان تعلق رکن ٿيون. سنڌي، فطري خوف جي ڪري، يا وري پنهنجي مذهب ۾، موت بابت وحشتناڪ ڳالهين ٻڌڻ ڪري، هن دنيا کي ڇڏڻ کان ڏاڍو ڪن هٽندا آهن. موت جي ڳالهه ڪبي اٿن ته هنن جي دل ۾ هِراس ۽ نفرت پيدا ٿيندي آهي. مون ڏٺو آهي ته چڱا ڀلا ماڻهو به جڏهن مرڻي جي رسمن جو ذڪر ڪندا آهن، يا نالو وٺندا آهن، تڏهن ڏڪڻي وٺي ويندي اٿن ۽ منهن جو پنو لهي ويندو اٿن. عام سنڌي ماڻهو ان ڳالهه ۾ اعتقاد رکندا آهن ته انسان کي موت جي خبر اڳواٽ پوندي آهي ۽ ان ڳالهه جي تائيد ۾ هو ڪيترا مثال ثابتيءَ طور ٻڌائيندا آهن. ممڪن آهي ته سنڌ ۾ جي قصا ٻڌبا آهن، ته فلاڻي خواب ڏٺو ۽ فلاڻي کي خبر هئي ته مان مرندس، تن جو ڪارڻ اها بزدلي هجي. مثلاً جيڪڏهن ڪو ماڻهو خواب ۾ اُٺ [20] ڏسي ٿو ۽ ڪيس اها خبر آهي ته اُٺ موت جي نشاني آهي، ته ڪيس قدرتاً هڪدم ڳڻتي وٺي ويندي. هاڻي، ٿورن ڏينهن ۾ هن جي ڪن چالاڪ دوستن کي سندس فڪر جي سبب جي خبر پوي ٿي، ۽ هو کين ٻڌائي ٿو ته منهنجي زبان ۾ موت جو ذائقو آهي. ان کان پوءِ هو دنيا جون لذتون ترڪ ڪري، پنهنجا روزانه شغل ڇڏي، نمازن، روزن ۽ ٻين طريقن سان توبهه تائب ٿي پاڻ کي ٻيءَ دنيا لاءِ تيار ڪري ٿو. ساڳئي وقت هو دنيا جو ڪاروبار به صفا وساري ڪو نه ڇڏيندو آهي. هن جي گهر جي ڀاتين کي خواب جي سچائيءَ ۾ ذري جو به شڪ ڪو نه هوندو آهي. تنهنڪري هو به انهيءَ دڪدائڪ واقعي کان سندس خيال بدلائڻ جي



ڪوشش ڪو نه ڪندا آهن. بلڪ هو ڳوڙها ڳاڙي ۽ غم جو اظهار ڪري هن جي وهم کي پڪو ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن اهو ماڻهو اتفاق سان نه مرندو آهي ته چوندا آهن ته مڙيئي خير ٿي ويو، ۽ سڄي ڳالهه جلد وسري ويندي اٿن. پر جي اتفاق سان هو مري پوندو آهي ته ڄڻ هڪڙي قسم جي ثابتي ملندي اٿن. جاهل ماڻهو، جن جي دل ۾ خوفائتين ۽ عجيب ڳالهين لاءِ ڪشش هوندي آهي، سي اهڙين ڳالهين ۾ اعتبار ڪندا آهن ۽ مطلبي ماڻهو وجهه وٺي انهن جي مشهوري ڪندا آهن.

مشرق ۾، جيڪڏهن ڪا ڳالهه مغز ۾ چڱيءَ طرح ويهارڻي هوندي آهي، ته ان جو تفصيلوار نقطي بنقطي بيان ڏيڻو پوندو آهي. ”ڪنزالعبرت“نالي هڪ ڪتاب عربي زبان مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي، جنهن جو سنڌ جا ماڻهو تمام گهڻو مطالعو ڪندا آهن. ان ۾ قبر جي عذابن جو بيان هن ريت ڏنل آهي: ميت جي مٿان دستوري دعا گهري، جڏهن ماتمي هليا ويندا آهن، تڏهن پورين اکين ۽ ڪارن چهرن وارا ملائڪ، اچي سوال[21] ڪندا آهن. جيڪڏهن فوتي ڪافر يا منافق هوندو آهي ته هن وٽ نوانوي نانگن جي قطار ايندي آهي، جن جي چڪن ۽ ڏنگن ۾ اهڙو زهر هوندو آهي، جو ان جو سور قيامت تائين هلندو آهي. تنهن کان پوءِ هن کي دوزخ جو اوڙاهه ڏيکاريندا آهن، جتي ڪيس رهايو ويندو. هن لاءِ قبر جي پاسي ۾ هڪ سوراخ ٿي پوندو آهي، جو دوزخ سان ڳنڍيل هوندو آهي. ان کان پوءِ ٻيو عذاب جيڪو آهي، تنهن کي فارسيءَ ۾ ”فشارقبر“ يا قبر جو پڪوڙجڻ چوندا آهن. ماڻهوءَ جي ٻنهي پاسين زمين وري ايندي آهي، تان جو پاسريون هڪٻئي سان اچي ملنديون اٿس. پر جيئن ته اهو عذاب ڪافي نه آهي، تنهنڪري نانگ، وڇون ۽ ٻيا جيت پڻ قبر ۾ اچي داخل ٿيندا آهن. آخر روح

جسم مان ڪيي "سجّين [62]" ۾ اڇلايو ويندو آهي، جا مردودن لاءِ هڪ خاص عذاب واري جڳهه آهي.

اهي خوف انهن ماڻهن جي عين عقل مطابق آهن جن لاءِ رٽيا ويا هئا. انهن ماڻهن کي اهڙين ڳالهين ۾ اعتبار ڪرڻ جي لاءِ رغبت هوندي آهي ۽ هو اڪثر اٽڪل ڳالهين تي هڪدم اعتبار ڪندا آهن. ان کان سواءِ هنن کي عجيب غريب ڳالهين جو پڻ شوق هوندو آهي. جيڪڏهن سنڌين جي ڪنهن مجلس ۾ اهڙي ڪنهن عجيب واقعي جو ذڪر ڪبو ته هڪدم روح راڙو پئجي ويندو. ملان انهيءَ ڳالهه جو پورو فائدو وٺندا آهن. سنڌ جا ماڻهو ملن جي طبقي کي عزت ۽ پئسو ڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هو ڪين اهڙن پوائتن عذابن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي دعوا ڪندا آهن. پر ترڪ ۽ ايراني ماڻهو اهڙين ڳالهين کي شڪي نظر سان ڏسندا آهن. چون ٿا ته شيراز ۾ هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن مردي جي وات ۾ اٽو وجهي، هن کي پوري پنهنجن دوستن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته اهو منڪر ۽ نڪير سان سوال جواب ڪري نه سگهندو. ٿورن ڏينهن بعد قبر کوٽي ويئي ۽ ڏٺو ويو ته هن جو وات برابر اٽي سان پورو پيو هو. ملن انهيءَ اعتراض جي رد [23] ۾ دليل ڏنو ته آواز هروڀرو نڙيءَ ۽ وات مان ڪو نه نڪرندو آهي. پر سنڌ ۾ ايران جيتري به آزاد خيالي ڪانه آهي سنڌ ۾ ماڻهو ڊپ کان تازي قبر کڏهن به نه کوٽيندا آهن. تنهنڪري اهڙيءَ آزمائش ٿيڻ جو ڪو به امڪان ئي ڪو نه آهي. ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ڪو مذهبي خيال ماڻهن ۾ پڪڙجي ويندو آهي، تڏهن ان جي سچائيءَ جي ثابتيءَ ۾ گهڙيئي مثال ۽ واقعا به پيدا ٿيندا آهن. دين اسلام ۾ اهڙين بيهودين ڳالهين لاءِ درحقيقت گنجائش ڪا نه آهي. پر مسلمانن جي تاريخ بهرحال اهڙن بي بنياد واقعن ۽ مثالن کان



وانجي ڪا نه آهي، جن ۾ ماڻهن اتفاق سان يا ڄاڻي واڻي منڪر ۽ نڪير سان پنهنجي ملاقات بيان ڪئي آهي. ساڳيءَ ريت ڪيترائي دفعا ڪن ڀڳتن به هندن جي ٽمورتي ڏٺي آهي. مجوسين کي زردست نظر آيو آهي ۽ يورپي عيسائين ۾ ته پوڄاري اهڙا ولي ڏسندا آهن، جي شايد تصويرن کان سواءِ هن دنيا ۾ ڪڏهن به ڪنهن به هنڌ تي وجود ۾ ڪو نه آيا هئا

## باب يارهون

سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن جو بيان، انهن جون رسمون پوشاڪ شغل، ڪسرتون، رانديون رونديون، زالن جا رواج، انهن جو اخلاق ۽ عادتون، گويا سنڌ جون اڇوت قومون

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو، اولهه هندستان جي رهاڪوءَ کان وڌيڪ قداور، مضبوط، سگهارو ۽ پهلوان ٿئي ٿو، هُن جي هنن، پيرن ۽ مُرن ۾ اها بناوتي نزاڪت ڪا نه هوندي آهي، جا سنڌونديءَ جي هن پر وارن وسيع پٽن ۾ رهندڙ قومن ۾ ڏسبي آهي. سچ پچ ته سنڌي ماڻهو ڪوهه قاف جي قومن کان گهٽ ۾ گهٽ سڌريل قوم يعني هندن، ۽ بهترين قوم يعني ايرانين جو ميلاپ آهي. سنڌيءَ جا روش ڊولاٽتا ۽ مٿي جو نمونو سهڻو هوندو آهي. هن صوبي ۾ هندستان جي ماڻهن جهڙي سهڻي پيشاني ۽ چڊا وار ورلي نظر ايندا آهن. ڏاڙهي، خاص ڪري مٿئين طبقي جي، چاپئين هوندي آهي، جيتوڻيڪ اها ايران ۽ افغانستان جي ماڻهن جهڙي شاندار نه هوندي آهي. سنڌي ماڻهوءَ جو سانورو رنگ ڏيکاري ٿو ته هن قوم جي ترقي ڪنهن حد تائين جي، هاڻي روڪجي ويئي آهي [2] هن جي مزاج جي بگڙڻ جا ٻه سبب ڏسڻ ۾ اچن ٿا: هڪڙو ته هن جو مقابلو هميشه جابلو علائقن جي بهادر ۽ راڻوڙ قومن سان پئي ٿيو آهي، جن ڪيس غلامن وانگر پئي پيڙيو آهي، ٻيو سبب هي آهي ته هن جو سمورو دارو مدار هندو صرافن ۽ واڻين تي پئي رهيو آهي، جن ڪيس قرڻ ۽ تباهه ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو آهي. ان ڪري



سنڌين جو وڏو حصو سست، گدلو ۽ نشي جو ڪوڙيو آهي. سنڌي ماڻهو مصيبت جي وقت نراس ٿيو پوي، ۽ خطري ٽري وڃڻ کان پوءِ سرڪش! مڪاني مورخ سندس هوشياريءَ جون وڏيون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ مثال ڏين ٿا ته هو پيرو کڻڻ ۾، تهامه جي عربن ۽ آمريڪي جهنگلين کان ٻه وڌيڪ قابل آهي پر پيرو کڻڻ مشرقي ملڪن ۾ رواجي ڳالهه آهي. هن وقت، پوڪ ڪرڻ، مڇي مارڻ، شڪار ڪرڻ، گهوڙا، اُٺ ۽ رڍون ڌارڻ سنڌي ماڻهوءَ جا مکيه شغل آهن.

اڪثر سنڌي ماڻهو هندستان جي رهاڪن جهڙي سهڻي پوشاڪ ڪو نه پائيندا آهن. سنڌي مسلمان سواءِ ڪنهن منڊي يا مهر جي، سون اصل ڪو نه پائين. وڏيءَ عمر جا ماڻهو پراڻي اسلامي رواج [3] مطابق، مٿي جا وار ڪوڙائيندا آهن. پر نوجوان پنهنجن ڊگهن وارن تي ناز ڪندا آهن ۽ اڪثر وچ تي ڦٽي ڏئي، وارن کي وٽي، ڪلهن تان لٽڪائي يا ڳنڍ ٻڌي ٽوپي يا پٽڪي هيٺان ڍڪي ڇڏيندا آهن. اڇيءَ ڏاڙهيءَ کي مينڌي لائيندا آهن ۽ مينڌيءَ جو رنگ گهاٽو ڪرڻ لاءِ ان ۾ ٽوري ڦٽڪي ملائي ويندي آهي. جوان بعضي بعضي هٿن ۽ پيرن کي مينڌي لائيندا آهن. هو سُرها تيل، سرمو، مسي ٻه ڪم آڻيندا آهن. مسيءَ جو سنڌ ۾ هندستان کان گهٽ [4] رواج آهي. هن ملڪ ۾ حمام ڪو نه آهن. تنهنڪري وارن صفا ڪرڻ جون دوائون استعمال ڪو نه ڪيون وينديون آهن. بدن جا وار گهڻو ڪري پاڪيءَ سان لاٿا ويندا آهن.

سنڌي ٽوپي جي شڪل ابتيءَ يورپي ٽوپيءَ جهڙي آهي. اها ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ڪا نه پاتي ويندي هئي. ان جو عام رواج ميرن جي صاحبي ۾ پيو. هينئر مذهبي پيشوائن کان سواءِ جيڪي دستار پسند ڪندا

آهن. ٻيا سڀ ماڻهو اها ٽوپي پائيندا آهن. امير ۽ شاهوڪار ماڻهو ڪاري ڪپڙي يا ڪيمخواب جي چورسي ٽوپي پائيندا آهن، جنهن کي ”موغوٽوپ“ ڪوٺيندا آهن. دستار جا ٽي مختلف نمونا آهن: 1. پڳ، هڪ ڊگهو سوٽي ڪپڙي جو ڪافي ڊگهو ٽڪر، اڪثر اڇو ۽ بعضي رنگين، 2. پٽڪو، پڳ جهڙو، پر ان کان ٿورو ننڍو ۽ 3. ڦينٽيو، سوٽي ڪپڙي جو ٽڪر، جو مٿي کي ويڙهي ڇڏيندا آهن. غريب ماڻهو اڇن ڪپڙن بدران نير ٻڌل ڪپڙا زيادهه پسند ڪندا آهن. چاڪاڻ ته اڇا ڪپڙا جهٽ ميرا ٿي ويندا آهن. ڪي ماڻهو، خاص ڪري فقير، ڊڪيندا آهن: پُنيون يا ڪرتو، سوٽي ڪپڙي جي صدري، هندستان جي مرزائن جهڙي ڪائنچ ويڪرن پانچن سان، يا سٿڻ چيلهه وٽ موڪري ۽ پانچن وٽ سوڙهي، گندي يا چادر يا ٽوپي، جا ڪلهن تي وجهبي آهي، بوچڻ يا ڪمربند ۽ جُتي. انهن کان سواءِ شاهوڪار ماڻهو ٻانهن سان پهرياڻ ۽ قبا پائيندا آهن. جو يورپي ماڻهن جي ننڍ ڪرڻ جي جامي وانگر هوندو آهي ۽ سوٽي ڪپڙي جو ٺهيل هوندو آهي. هندستاني پهرياڻ جو به هاڻي رواج پيو آهي، پر اهو هن ملڪ ۾ چيلهه کان ڊگهو هوندو آهي.قيمتي ۽ رنگين ڪپڙي جي صدريءَ يا ڦتيءَ جو به رواج هاڻي پيو آهي. سرديءَ ۾ هو قبا جهڙي ڪپهه سان پريل ڪُرتي يا ٺونٺ تائين نمناڻو پائيندا آهن. شاهوڪار ماڻهن کي عمدين کلن (پوستينن) پائڻ جو شوق آهي. غريب ماڻهو، افغاني پوستين يا ماشي يا چوغي تي راضي رهندا آهن. چوغو اڪثر ٻڪريءَ يا اُٺ جي وارن مان ٺهيل هوندو آهي. جتيون ٻن قسمن جون پائيندا آهن. 1. ڳاڙهي يا پيلي چمڙي جي، جهڙي مصر جا ماڻهو پائيندا آهن ۽ 2. گهيتلو، چمڙي جو، ست يا پٽ سان پرت پريل. دولت وارا ماڻهو مسافريءَ ۾ ڊگها چمڙي جا موزا پائيندا آهن. سنا موزا



افغانستان مان ايندا آهن. پر سنڌ ۾ به هڪ قسم جا سستا ۽ هلڪا موزا ٺهندا آهن. جابلو ماڻهو فقط پيش جو ٺهيل ترو پيرن ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. جيڪو اسپين جي پرنيز جبل جي رهاڪن جي چمپل جهڙو هوندو آهي.

سنڌ جون عام رانديون رونديون هي آهن:

هر قسم جا ماڻهو، اعليٰ خواهه ادنيٰ، لغڙ اُڏائيندا آهن. پر، هندستان جي ماڻهن وانگر وڏيءَ عمر جا ماڻهو اهو شوق پسند نه ڪندا آهن. لغڙ جا پنج ڇهه نمونا آهن. جن جي اُڏائڻ جو ڏيهي حاڪمن کي ڏاڍو شوق هوندو هو. بعضي هو ان جي پيچ ۾ تارو ٻڌي اُڏائيندا هئا ۽ شرطن تي پڻ لغڙ ويڙهائيندا هئا.

ڪبوتر بازيءَ جو رواج مٿئين طبقي جي ماڻهن ۾ آهي. پهريائين هڪڙو چڱي نسل جو بازيگر ڪبوتر چونڊي، ان کي هٿ مان ڇڏڻ تي جلدي جلدي قلابازيون ڏيڻ سيکاريندا آهن. شرط جو فيصلو گهڻو ڪري ستن کان زياده قلابازين تي ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪبوتر ستن کان گهٽ قلابازيون ڏنيون،ته بازي هارايائين. ڪبوترن جي ويڙهه تي پڻ شرطون رکندا آهن. تنهنڪري سٺي ڪبوتر جي قيمت بعضي بعضي سؤ رپين تائين پهچي ويندي آهي. رواجي طرح هڪ موچاري جوڙي جي قيمت ويهه رپيا هوندي آهي.

سنڌ ۾ بربل نالي هڪ ننڍڙي پکيءَ کي افغانستان جي ٻٽير وانگر وڙهڻ سيکاريندا آهن. ان ڪم لاءِ نر پکي چونڊيو ويندو آهي. پهريائين ان کي ننڊ ڪرڻ نه ڏيندا آهن پوءِ ان کي اٿ اٿ. ڏهه ڏهه ڪلاڪ بک ڏيندا آهن ته جيئن سڌ تي اچڻ سکي. ان بعد ڪوڏيءَ کي ٿورو اٿو لاٿي بربل کي شيون جهٽڻ سيکاريندا آهن. انهيءَ وقت ان کي چورمو يا چٻاڙيل پڳڙا [5]

ڪارائيندا آهن. ويڙهائڻ وقت ٻن ٻربلين جي وچ ۾ ڪا ڪاٺي جي شيءَ اڇلائيندا آهن ته هو هڪ ٻئي سان ڳنڍجي وينديون آهن. سندن مالڪ ڪين آڱر ڏيئي ڀڙڪائيندا آهن. ٻربل ويڙهو پکي نه آهي. هو فقط ڇهنب ڪم آڻيندو آهي، جنهنڪري اهي ورلي مَرندا آهن. ٻربل جي ويڙهه تي شرطون قسمت سان رکندا آهن. ڪٽڻ واري کي فقط هار وارو پکي ملندو آهي. چوڪرا انهيءَ رونشي جا ڪوڏيا هوندا آهن. هنن مختلف پکين ۾ انهن جي وڙهڻ ۾ ٺونگي هڻڻ جي نموني وغيره کي سڃاڻڻ لاءِ ڪيترا خاص لفظ ۽ محاورا ايجاد ڪيل آهن.

ڪڪڙن جي ويڙهه سنڌين جو عام شغل آهي. پر اهو ماڻهو معتبر نه سمجهيو ويندو آهي. اڳي هندن کي ڪڪڙن جي ويڙهه ڏسڻ جي جرات ڪا نه ٿيندي هئي، جو طهر جو ڊپ هوندو هئن. (هاڻي به ملاڪڙي ۾ هندو ورلي نظر ايندا آهن.) سنڌ جو ويڙهو ڪڪڙ هڪ شاندار پکي آهي. هن جون ڄنگهون ڀيليون ۽ اکيون شفاف [6] ۽ چمڪي واريون ٿين ٿيون. هنن جي خوراڪ ۽ سيکارڻ جو نمونو هندستان جهڙو هوندو آهي. انهن تي تمام ڏاڍي محنت ٿيندي آهي. چاڪاڻ ته سنڌ ۾ لوهه ۽ چاندي ڪم نه آڻيندا آهن. پکين کي ڪٽڻ ۽ ويڙهائڻ لاءِ خاص اٽڪل ڪپي.

سنڌين کي گهَٽن ويڙهائڻ جو ڏاڍو شوق آهي. ان لاءِ سڀ کان سٺي جنس، مضبوط ۽ ڪاري رنگ جو قداور جابلو گهٽو آهي. ان کي ننڍي هوندي کان وٺي ٻچڪر ڏئي هٿ تي ٺونو هڻڻ سيکاريندا آهن. جڏهن وڏو ٿيندو آهي، تڏهن هو اهڙو ويڙهو هوندو آهي، جو جيڪو سامهون ايندو اٿس، تنهن تي حملو ڪندو آهي. هن جي رواجي خوراڪ آهي اَن، گيهه ۽ ٿورو ڪَچو گوشت. پاڻي تمام ٿورو ڏيندا اٿس. سيکارڻ وقت هن کي تمام



گهڻي ڪسرت ڏني ويندي آهي. گهيٽا سياري ۾ ويڙهائيندا آهن جو گرميءَ ۾ هو جلدي مري پوندا آهن. ويڙهه گهڻو ڪري اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ نه هلندي آهي. هار واري گهٽي جون اکيون هڪدم ٻڌندا آهن ته جيئن ڪٽڻ واري گهٽي کان ٻئي دفعي منهن نه موڙي. ميرن جي چوڪرن کي انهيءَ شوق سان ڏاڍي دل هوندي هئي، شايد انهيءَ ڪري جو ان تي خرچ گهٽو ٿيندو هو. هڪ موچاري گهٽي جي قيمت پندرهن رپين کان مٿي هوندي آهي.

سنڌ ۾ ايراني ۽ عربي رواج موجب گهوڙن جي شرط جو رواج ڪو نه آهي. ايران ۾ ماڻهن کي سياسي حالتون مجبور ڪنديون آهن ته هو پنهنجن طنبيلن ۾ هڪ اهڙو گهوڙ رکن، جو يڪساهيءَ ويهه يا ٽيهه ميل پنڌ ڪري سگهي. قديم خواه اڄوڪا عرب، گهوڙن پالڻ تي خاص ڌيان ڏيندا آهن. تنهنڪري گهوڙن جي پنڌ ۽ ساهيءَ جي آزمائش وٺڻ هڪ لازمي ڪم هوندو اٿن. سنڌي ماڻهو خاص موقعن تي، گهڻو ڪري ميلن ملاڪڙن تي ميدان تي گڏ ٿي، مني يا اڌ مني ميل جي مفاصلي تي، اڻ سکيل گهوڙن کي ڀڄائيندا آهن. ڊوڙ تي شرط ڪا نه هوندي آهي. تنهنڪري ڪٽڻ واري کي، ماڻهن جي تاڙين کان سواءِ ٻيو ڪو انعام ڪو نه ملندو آهي. هن ملڪ ۾ هندستان وانگر ورزشي ادارا يعني آکاڙا ڪو نه آهن. سنڌين کي ڪشتيءَ جو ڏاڍو شوق آهي، پر هن وقت وڏا مله اڪثر آفريڪا جا شيدي آهن، جن جا بابا ڏاڏا هن ملڪ ۾ آيا هئا. هو مضبوط جوان آهن. سندن ڏورا ٿلها ۽ هڏ ڪاٺ طاقت وارو هوندو آهي. مگر، هنن جو قد پورو پنو هوندو آهي ۽ سندن پير ڦريل، ٽنگون مُڙيل ۽ پنيون ڏنگيون هونديون آهن. هنن کي گوشت، گيهه ۽ کير جي خوراڪ تي هيرايو ويندو آهي ۽ بادي ڪاٺي ۽ شراب

۽ تماڪ جي منع هوندي اٿن. هنن کي هندستان جي ڪشتي بازن وانگر ماني ڪارائي، ٿلهو ڪو نہ ڪيو ويندو آهي. هو جڏهن ميدان ۾ نڪري نروار ٿيندا آهن، تڏهن ڏسڻ وٽان هوندا آهن. هو اڙيون ۽ بند استادن کان سکندا آهن. ڪشتيءَ وقت هو پٽڪو ڪائنچ ۽ سندرو ٻڌندا آهن. هندستان وانگر هتي دشمن کي پٺيءَ تي ڪيرائڻ ضروري نہ آهي. هن جو گوڏو زمين تي لڳو تہ ملھ هارايائين. ٻن ملهن مان جنهن پوئين ملھ ماري، تنهن راند کٽي. انهن مقابلن وقت ماڻهن ۾ ڏاڍو جوش هوندو آهي، تنهنڪري بعضي فساد ۽ خونريزي بہ ٿيندي آهي. سنڌي پنهنجن پاڙيسرين يعني ايرانين ۽ هندن کان ڪشتيءَ جي هنر ۽ فن ۾ گهٽ آهن. ۽ ساڳئي وقت هو ايشيا جي ٻين قومن وانگر ڪسرت ڪرڻ تي پڻ هريل نہ آهن. هنن کي ڪمان ڪشڻ، ڏنڊ [8] پچائڻ ۽ مدگر ڦيرائڻ ڪو نہ ايندا آهن. مَلھ، اڪثر ڪري هيٺئين نموني جي مشق پچائيندا آهن: ٻوڙڻ، نينگ ڏيڻ، هڪ ڄنگھ تي ٽپڻ، ميل يعني پٿر جي پچري کڻڻ، ٻانهن جي ڪارائي يا ڏوري تي ڪانئيون پچڻ، مٺ کولڻ، ٻانهن مروڙڻ، هٿ جهلڻ ۽ لت چڙهائڻ، ٻيا عام ڪسرت جا نمونا هي آهن: 1. ”منين جو زور“، يعني مُٺ زمين تي رکي نندو يا وڏو ماڻهو کڻڻ، 2. ”چنبو وٺڻ“ يعني آڱريون آڱرين ۾ اٽڪائي، هٿ چڙهائڻ، 3. پير تي اٿڻ، يعني زمين تي جُهڪي ويهي، هڪ ٽنگ مٿي ڪري ٻيءَ تي آهستي آهستي اٿڻ، جو آسان ڪم نہ آهي. 4. ”ڪڪ کڻڻ“، يعني جهڪي ويهي، ٻئي هٿ پٺيان ڪري، چپن سان اڳيان زمين تان ڪک کڻڻ. اهي آهن مکيہ ورزش جا نمونا. اهڙي قسم جا ٻيا بہ گهٽائي سنها ٿلها طريقا آهن.

اسلام ۾ جوا جي منع ڪيل آهي. ڏيهي حاڪم انهن ماڻهن کي ڏنڊ وجهندا هئا، جي هن قانون جي ڀڃڪڙي ڪندا هئا. پر ان هوندي بہ



ڪيترائي هيٺين طبقن جا مسلمان هن فعل ۾ هندن جي پيروي [9] ڪرڻ کان ڪين رهندا آهن. منهنجو مشاهدو آهي تہ مشرقي قومن ۾، سنڌي ماڻهو سڀني کان وڌيڪ جوئاري آهن.

سنڌ ۾ هيٺين راندين جو گهڻو رواج آهي: 1. شطرنج، 2. نرد، 3. بچيس، 4. ڊارو، 5. گنجيفہ، 6. چنر پسي، 7. ٽِنڻ ۽ اهڙيون ٻيون رانديون جهڙوڪ: نوٽڻ، سورهن ٽڻ.... وغيره

شطرنج کيڏڻ جا گهڻائي نمونا آهن. جنهن نموني کي فرنجي (فرنگي) شطرنج چئجي ٿو، سو اسان جي نموني سان گهڻي مشابهت رکي ٿو. پر ان ۾ راڻي (وزير) هميشہ بادشاھ جي سڄي پاسي رکندا آهن ۽ پيادا بہ خانا ڪڏهن ڪو نہ هلندا آهن. جڏهن پيادو پوئين خاني وٽ پهچندو آهي، تڏهن ان کي ان خاني جو جيڪو مهرو هوندو ان سان بدلائيندا آهن. شھ مات تي راند جو فيصلو ٿيندو آهي، پر مخالف ڌر جا جيڪڏهن سڀ مهرا، سواءِ بادشاھ جي مري وڃن تہ اها اڌ راند ٿي. اسان قلعو هڪڙيءَ چال ۾ ٺاهيندا آهيون، پر هي ماڻهو قلعي ٺاهڻ ۾ ٽي چالون وٺندا آهن. مثلاً (1) رخ پهريائين بادشاھ جي پاسي واري خاني ۾ آڻيندا آهن. (2) بادشاھ، گهوڙي وانگر هڪڙي ٽپي سان قلعي مان ٻاهر ڪيندا ۽ (3) بادشاھ، توب جي پرواري خاني ۾ آڻيندا آهن. رومي يعني ترڪي شطرنج، يورپي لوڪن کي ڪجھ ڏکي لڳندي آهي، جو ان ۾ راڻي(وزير) ۽ پادري (ٺنگو) کان عجيب نموني جو ڪم ورتو ويندو آهي. وزير جو پيادو پهريائين بہ خانا هلندو آهي ۽ وزير هڪ، ان کان پوءِ وزير فقط هڪ خانو ڏنگو هلي سگهندو آهي ۽ مهرا ماري يا شھ بہ ساڳئي نموني ۾ ڏئي سگهندو آهي، پر هو پريل خاني جي مٿان بہ ٽپي سگهندو آهي. ڪي سنڌي شطرنج سني ڄاڻندا آهن. سنڌ ۾

شطرنج جو ٻيو بہ هڪ نمونو آهي، جنهن کي ”بند“ چوندا آهن. اهو اصل هندستان مان آيل آهي. انهيءَ جي خصوصيت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مهري کي بادشاهہ کان سواءِ ٻئي مهري جو بچاءُ آهي تہ ان کي ماري نٿو سگهجي. انهيءَ ۾ راند گهڻو وقت هلندي آهي. ايتريقدر جو شهہ مات ڏيڻ ۾ ٻہ ٽي ڏينهن لڳي ويندا آهن.

نرد [11] راند گهڻو ڪري اهي سنڌي ڪندا آهن جي ايران کان ٽي آيا آهن يا جن ان ملڪ جي رهاڪن کان سکي آهي. ايراني اها راند گهڻي زماني کان ڪيڏندا اچن ٿا ۽ ان جا وڏا ڪيڏاري آهن.

پچيس [12] راند اصل هندستان کان آيل آهي. سنڌ ۾ ان ۾ ڪا بہ ڦير ڦار ڪا نہ ڪئي ويئي آهي. انهيءَ راند جو رواج سيني درجن جي ماڻهن ۾ آهي.

ڏارا عاج جا چورسا ٺهيل هوندا آهن. اٽڪل بہ انچ ڊگها ۽ انچ جو ٽيون حصو موڪرا. پاسن تي ٻَنءُ، ڏئي، پنجي ۽ ڇڪي جا نشان هوندا آهن. گهڻو ڪري ٽي ڏارا گڏ ڪم آڻيندا آهن. جڏهن ڏارا ٻئي ڪنهن کيل سان گڏ ڪم نہ آڻيندا آهن، تڏهن ان کي جوئا سڏيندا آهن. ڏاري جي راند ۾ خيال ڪرڻ جي ضرورت ڪا نہ پوندي آهي. پئسن جي راند ۾ ٻيئي ڌريون ڏارا اڇلائيندا آهن، جنهن جا گهڻا خال، تنهن کٽيو. هندو خاص ڪري هن راند جا شوقين آهن. دينڌار مسلمان ان راند کان پري رهندا آهن. انهن جي خيال موجب ڏاري جي راند جوئا جو خراب ۾ خراب نمونو سمجهي ويندي آهي.

گنجيفہ يعني پتا ٻن نمونن جا هوندا آهن: 1. انگريزي، ٻاونجاهہ پتن جي پوري تاس ۽ 2. مغلي. انگريزي تاس ڪيڏڻ جو گهڻو رواج آهي. تاس



ڪيترن قسمن جي راندين ۾ ڪم آندي ويندي آهي ۽ ان لاءِ اهڙا اهڙا اصطلاح ۽ محاورا ايجاد ڪيا ويا آهن، جو يورپ جي ڏکين ٻولين ۾ بہ مشڪل ملندا. جوڙي تاس ۾ ڪل ڇانوي پتا هوندا آهن. اهي اٺن رنگن ۾ ورهايل هوندا آهن. هر هڪ رنگ ۾ تيرهن پتا هوندا آهن. جهڙوڪ بادشاهہ، راڻي، وزير ڏهہ ٻيا، ڏهلي کان وٺي يڪي تائين. انهي تاس سان جيڪي کيل ڪيڏندا آهن، تن سيني جو هتي بيان ڪرڻ ضروري نہ آهي.

”چنر پسي“ پچيس راند جهڙي آهي، پر ان کان سولي آهي، ۽ سکي بہ وڌيڪ آسانيءَ سان سگهجي ٿي. راند جو تختو پنجويهن خانن ۾ ورهايل هوندو آهي، ۽ هر هڪ ڪيڏاريءَ کي چار ساريون يا ڳٽيون (ڳوٽون) ۽ چار ڪوڏيون هونديون آهن. ڪوڏيون ڏاري جو ڪم ڏينديون آهن. جيترا خال پوندا آهن، اوترا خانا هلندا آهن. راند جو نالو چنر ۽ پسي لفظن مان نڪتل آهي، جي چارئي ڪوڏيون ابتيون پٺيءَ ڀر پونديون آهن تہ ان کي چنر چوندا آهن ۽ جي هڪ پوندي آهي تہ ان کي پسي چوندا آهن. چنر بہ چٽا بہ ڪيڏي سگهندا آهن ۽ چار بہ. جيڪو وچئين خاني ۾ پهريائين پهچي وڃي، تنهن راند کٽي. جڏهن ڪا ساري منڊيئڙي واري گهر ۾ هوندي آهي، تڏهن ان کي ماري نہ سگهبو آهي.

سنڌين جي ”ٽِتِڙ“ افغانن ۽ ايرانين جي ”ڪتر“ راند جهڙي آهي. افغان، خاص ڪري ڳوٺن جا غريب ماڻهو، ان راند جا تمام شوقين آهن. سفيد ريش ماڻهو بہ زمين تي ڪاٺيءَ سان ليڪا ڪڍي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽِتِڙ وينا ڪيڏندا آهن. سنڌ ۾ بہ انهيءَ جي لاءِ تختو يا ڪپڙو ڪو نہ هوندو آهي. راند تمام آسان آهي. هر هڪ رانديگر کي ٽي پٿر يا ڪوڏيون هونديون آهن جي واري واري تي هلائيندو آهي. جنهن ٽيئي ڪوڏيون

پهريائين قطار ۾ رکيون، تنهن بازي کٽي، ”توتڻ“ ۽ ”سورهن ٽڻ“ هوبهو ”ٽنڻ“ جهڙيون آهن. فقط انهن ۾ وڏيڪ ليڪون ۽ ساريون هونديون آهن.

سنڌ جا ٻاراڻا کيل هندستان ۽ يورپ جي مشهور کيلن جهڙا آهن. مثلاً ڏنب، ٽوٽيءَ کي ڇهڻ، لڪڇپ، قيد وغيره. وڏيءَ عمر جا ماڻهو به رانديون کيڏڻ کان عار کو نه کندا آهن. کي اهڙيون سخت رانديون آهن جو انهن ۾ هڏ گڏ به ڀڄي پوندا آهن ۽ ماڻهو مري به ويندا آهن. ٻين ملکن وانگر هت به ” کينهوءَ“ کان گهڻو کم ورتو ويندو آهي. کينهون ڏاڍي جو ٿهيل هوندو آهي، وچ ۾ سو ڀاري ۽ مٿان چمڙو ويڙهيل هوندو اٿس. زالون به پنهنجي نزاکت ۽ چترائي ڏيکارڻ لاءِ کينهوءَ راند کنديون آهن. تنهنکري هن ملک جي عشقيه شعر ۾ کينهوءَ ڏانهن گهڻائي اشارا کيل آهن.

سموريءَ اسلامي دنيا ۾، عورت جي بهادري ۽ عصمت نهايت قابل تعظيم وصفون تسليم کيون وينديون آهن. انهيءَ معيار مطابق، سنڌي ٻين مشرقي قومن ۾ گهٽتائي کين ٿا رکن. ڏيهي حاکمن جي صاحبيءَ ۾ سنڌين جي غيرت جا کيترا مثال ملن ٿا. چون ٿا ته هڪڙي غريب لنگهي، شاهي خاندان جي هک ٽالپر امير جو خون کيو هو، ڇاکاڻ جو هن کيس پنهنجيءَ زال سان ڏٺو هو. ساڳيءَ ڳالهه تان هڪڙي شکاريءَ ڏاٽي سان، هک وڏي سردار جو پيٽ ڦاڙيو هو.

هن صوبي ۾ زنا جي ڏوهه لاءِ جيکا سخت سزا [13] ڏني وڃي ٿي، ان جو مکيه کارڻ هي آهي ته سنڌ جي ماڻهن جون جسماني حالتون نراليون آهن. گرم ۽ ساموندي ملکن [14] ۾ (جي جبلن جي ويجهو هوندا آهن)، زالون مردن کان زياده جنسي خواهش رکنديون آهن. انهيءَ کري



کيترن ئي ڏيهي کتابن ۾ هن ملک جي زالن کي جنهن نموني ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو آهي، سي پڙهي يورپي ماڻهوءَ کي حيرت وٺي ويندي، خصوصاً جڏهن کين اها خبر پوندي ته ان کاوڙ جو اصل کارڻ کهڙو آهي. ورنه، هن ملک جون زالون، درحقيقت، سياءَ ۽ چال چلت ۾ شريف آهن.

سونهن جي نقطئہ ۽ نگاهه کان، سنڌ جي زال رنگ، روش، ۽ جسم ۾ اولهه هندستان جي زالن کان سرس آهي. صوبي جي اترئين ڀاڱي ۾ خاص کري مٿئين طبقي جي زالن ۾، چڱو حسن آهي. افسوس آهي ته زالن جي تعليم تي گهڻو ڌيان کو نه ڏنو ويندو آهي. ٿوريون زالون پنهنجي زبان پڙهي سگهنديون آهن، لکڻ ته انهيءَ کان به گهٽ ڄاڻنديون هونديون. سمجهڻ کان سواءِ قرآن پڙهڻ هک وڏي ڳالهه سمجهي ويندي آهي. وڏن شهرن ۾ فقط چار پنج زالون مس ملنديون جي فارسيءَ جو کو خط هجي کري سگهن. تنهن هوندي به کي اهڙيون زالون آهن جي ڇوکرين کي تعليم ڏين ٿيون. اکثر سنڌي ماڻهو انهيءَ راءِ جا آهن ته زالون اهڙيون مکريل آهن، جو سندن خيالن جي دائري کي وسيع کرڻ ۽ سندن هٿ ۾ قلم جهڙو هٿيار ڏيڻ خطري کان خالي نه آهي. سنڌي زالن ۾ هندستاني زالن جهڙي نزاکت نه آهي ۽ نه وري افغاني ۽ ايراني زالن واري چترائي. سنڌي زال جي اٿڻ ويهڻ جو نمونو سنجيدگيءَ ۽ فضيلت وارو هوندو آهي. هن ملک ۾ حمامن جو رواج کو نه آهي ۽ زالن جو مردن سان ميل گهٽ ٿئي ٿو، انهيءَ کري سنڌي زال آزاد طبع نه آهي. هوءَ گفتي جي به پکي کا نه آهي. کيتريون سنڌي زالون ناس ڏينديون آهن ۽ کي حقي ۾ تماک وجهي ڇکينديون آهن. هنن جون ٻيون مشغوليون هي آهن: سبڻ، سينگار کرڻ، هکٻئي وٽ اچڻ وڃڻ، هر هنڌ، انساني فطرت وانگر، سنڌ ۾ پڻ عشق

بازيءَ جا ڪيترا مثال ٻڌبا آهن. عشق بازيءَ جي معاملي ۾ سنڌي عورتون هندستاني زالن کان وڌيڪ دلير آهن.

سنڌ جون زالون اُچن ۽ قيمتي ڪپڙن جون شوقين آهن. شاهوڪاري طبقي جي عورتن کي ڪيمخواب، سوني ۽ روپي، زريءَ سان ڀريل ڪپڙا، عمدي مخمل، ڦولدار ريشم ۽ ساٽين جا وڳا ۽ ٻيو اهڙو سينگار جو سامان هوندو آهي. ڪنواريون ڇوڪريون گهڻو ڪري ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا ڀهرينديون آهن ۽ ڪُراڙيون ۽ بيوهه عورتون اڇا. رواج آهي ته عورت کي بدن تي جيئن گهڻا ڪپڙا هوندا، تيئن وڌيڪ معتبر سمجهي ويندي. زالن جي لباس ۾ هيٺيون شيون هونديون آهن: مٿي تي هڪ ريشمي يا سوٽي چادر پائبي آهي. انهيءَ چادر جا ٻه ڪئين قسم آهن: مثلاً چُني ۽ پوتي. انهن ۾ فقط ڊيگهه ۾ تفاوت هوندو آهي ۽ رنگ پل ته کهڙو ٻه هجين. چُني ۽ پوتيءَ جي شڪل ۾ ٻه تفاوت ڪو نه هوندو آهي. بدن تي جيڪو چولو [18]پائينديون آهن، تنهن جي ڳچي اڳيان ڪليل هوندي آهيءِ ٻانهون ٺونٺ تائين هونديون آهن. چولو پٽ، سٽ، ململ يا اهڙي ڪنهن ٻئي ڪپڙي جو ٿهيل هوندو آهي. اڇا، ڳاڙها ۽ نيرا رنگ زيادهه پسند ڪيا ويندا آهن. ڳچيءَ جي اندران هڪڙي ڪپڙي جي ٽڪر سان ڇاتي بند ٽيل هوندي آهي. ان کي ڪنجري، چولي يا گج [19] سڏيندا آهن. بعضي ان کي آنگيءَ وانگر پاسن کان ڦيرائي، پٺيان ٻڌندا آهن. ان حالت ۾ ان کي ”ٻُني“ چئبو آهي. سنڌ جون زالون اها معقول چيز ٻه گهٽ پائينديون آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو جوان زالن جون ڇاتيون ڀهرئين يا ٻئي ويم [20] کان پوءِ لڙڪي پونديون آهن. زالن جي سٿڻ جو نمونو ۽ ڪپڙو، مردن جي سٿڻ جهڙو هوندو آهي. زالن جي سٿڻ جا پانچا اهڙا سوڙها هوندا آهن، جو ان جو پائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو



آهي. شاهوڪار عورتون قيمتي ريشم جو اڳٺ يا ناڙو پائينديون آهن، جنهن ۾ موتي ۽ جواهر جڙيل هوندا آهن. جُتي چمڙي جي هوندي آهي، جنهن جي مٿان رنگين پٽ جا ڦوڏر يا گل لڳل هوندا آهن. اها جُتي پائڻ ۾ ڏاڍي آهنجي هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي هيٺان فقط ترِي جو ٽڪر هوندو آهي ۽ پٻ اهڙو سوڙهو هوندو اٿس جو آڱريون ٻه پوريون نه ڍڪبيون آهن تنهنڪري اها هلڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ڏيندي آهي. جڏهن ڪنهن چڱي خاندان جون زالون ٻاهر نڪرنديون آهن، تڏهن هو سٿڻ جي مٿان هڪ ويڪرو پڙو پيشگير پائينديون آهن، جو ڇيلهه کان مرن تائين سموري بدن کي ڍڪي ڇڏيندو آهي. هو بدن جي مٿئين حصي تي رئو يا سالور، يعني وڏي شال وجهنديون آهن. سيدن جون زالون، خاص ڪري اتر ۾ عربي يا ايراني نموني جو برقعو پائينديون آهن. برقعي پائڻ جي اصل مراد اها آهي ته زالون حياءَ واريون نظر اچن.

هندو واڻين جو پڙو مسلمان زالن جي پڙي کان ويڪرو ۽ وڏو هوندو آهي. هو گهڻو ڪري بنان گج جي چولو پائينديون آهن ۽ مٿي تي اڇو رئو وجهنديون آهن. هنن جي زيورن ۽ مٽين ۾ باريڪ تفاوت هوندو آهي، پر ان جي لکا سواءِ آزمودگار ماڻهن جي ٻئي کي کا نه پئجي سگهندي آهي.

سنڌ جي زالن کي گهڻن زيورن پائڻ جو شوق هوندو آهي، پر هو هندستان جي زالن وانگر هروڀرو فضول سينگار ڪو نه ڪنديون آهن. هندستان جون زالون جي ٻيو ڪجهه نه هوندن ته شيشي يا ميڻ جون ٺهيل ڪنگڻيون پائينديون، پر ٻانهون سکڻيون ڪين ڇڏينديون. سنڌ ۾ اهڙين چوڙين جو رواج ڪو نه آهي. سنڌ جون زالون ٻانهن ۾ ٺونٺ تائين عاج جا وڏا چوڙا پائينديون آهن. انهن چوڙن جو رواج هر طبقي جي ماڻهن ۾ آهي. سنڌ ۾ جن مٽين ۽

زيورن جو رواج آهي، تن جو تفصيلوار بيان ڏيڻ اجايو ٿيندو. ساڳيون شيون [21] جن جو هندستان ۾ رواج آهي، سي هن ملڪ ۾ ڪم آنديون وڃن ٿيون، فقط ڪٿي ڪٿي ڪو نالو بدليل اٿن.

سنڌ ۾ ٻن قسمن جا راڳيندڙ آهن: 1. ڪلونت يا معتبر گويا، 2. لنگها يا ميراسي، جي هن ملڪ جا ڀَٽ يا چارڻ آهن. سنڌ جا ماڻهو، جي لفظن جي خيالي اشتقاقن ڪڍڻ جا عادي آهن، سي چون ٿا ته "ميراسي [22]" لفظ نڪتل آهي "مير" ۽ "عاصي" مان * هنن جو وڏو ڪو امير ماڻهو هو، پر هڪ شڪاريءَ سان گڏ ماني کاڌي هئائين، جنهنڪري مٿس عاصيءَ جو ناقابل رشڪ لقب پيو. اهڙيءَ طرح، هو ميراسين جو ابو بڻيو. انهيءَ قوم جي دعوا آهي ته هو عالي نسل جا آهن. ڪي پاڻ کي سمن سان ڳنڍين ٿا، جي ڪنهن وقت سنڌ ۾ حڪومت ڪندا هئا، ڪي ته وڃي مشهور شاعر ڪعب الاهبر تائين پهچن ٿا. لنگها جتڪي يا سنڌي نسل جا آهن. هو گهٽ ذات سمجهيا ويندا آهن ۽ تحقيق هو هن ملڪ جو هڪ تمام مظلوم ۽ هيڻانهون طبقو آهن. هر ڪنهن مکيه قوم، جهڙوڪ لغاري وغيره کي پنهنجا چارڻ هوندا آهن، جي شادين، طهرن ۽ اهڙن ٻين موقعن تي حاضري ۾ رهندا آهن ۽ هنن کي وٽانئن چڱا چوکا انعام اڪرام به ملندا آهن. هو اڳين زماني ۾ ترار ۽ ڍال ڪشي، سرندو هٿ ۾ کڻي، قوم جي سردار سان جنگ جي ميدان ۾ ويندا آهن. هنن جو ڪم هوندو هو بهادرن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ ۽ ڪانئرن تي لعنت ۽ ڦٽڪارو وجهڻ. ماڻهو انهن جي زبان کان ڪؤ کائيندا هئا ۽ اجا ڪائيندا آهن. ٽالپر خاندان جي هڪڙي فرد، جنهن مياڻيءَ جي جنگ ۾ بهادري ڪا نه ڏيکاري هئي، تنهن جو هنن

* ميراسي، مير + رس = رس معنيٰ ڳائڻ ۽ مير آهي ڳائڻ جو سرواڻ، يعني ميراسي.



هجو سان اهڙو ته نڪ ۾ دم ڪيو آهي، جو هو ڪين چڱي رشوت ڏيندو آهي، ته جيئن سندس منهن تي نه چڙهن. اڳي وڏا چارڻ ميرن جي مختلف نوڪرين ۾ هوندا هئا، پر هاڻي هو پنڻ يا بزارين ۾ ۽ شاديءَ مراديءَ تي ڳائي گذران ڪندا آهن. هو جيترا غريب آهن، اوترائي سست ۽ ڪاهل آهن، ۽ عيش پرستيءَ جي ڪري ماڻهن کي خيرات لاءِ ڏاڍو تنگ ڪندا آهن، ڳاني جي علم ۾ هو هندن کان گهٽ آهن، پر هنن جا عام سُر، ايراني سرن سان ملي اچن ٿا ۽ هندستاني راڳ وانگر ٽڪائيندڙ نه آهن. هنن وٽ راڳ کي قلمبند ڪرڻ جو طريقو ڪو نه آهي، جنهنڪري هو سڀ ڪجهه برزبان ياد ڪندا آهن. هنن جو آواز هلڪن سرن لاءِ چڱو آهي پر هنن وٽ ڪوڙو سُر ڪو نه ٿيندو آهي ۽ جيئن آواز بلند هوندو اٿن، تيئن زياده پسند ڪيو ويندو آهي. هنن جا مٿانها سُر شوخ ۽ اٽنهڪندڙ هوندا آهن. انهن مان ڪي ته جهنگلي جانورن جي اوناڙن جهڙا لڳندا آهن. ساز جي سنڀال اصل ڪا نه ڪئي ويندي آهي، تنهنڪري جي اهو اتفاق سان چڱيءَ حالت ۾ به هوندو آهي ته به پورو ڪم نه ڏيندو آهي. ساز تي گهڻو ڪري جتڪي ۽ سنڌي ٻولين ۾ بيت، وايون، ڏوهيڙا ۽ اهڙي قسم جو ٻيو شعر چوندا آهن. لنگهن کي گهڻو ڪري صوفيانہ مٿي جي ابتدائي اصولن جو علم هوندو آهي، تنهنڪري هو عشقي ۽ شراب نوشيءَ وارن شعرن جي اندروني معنيٰ ڪندا آهن. انهن لنگهن ۽ ڪلونتن کي اڪبري درٻار [24] جي مشهور گويي، تانسين، لاءِ نهايت تعظيم هوندي آهي.

سنڌي مسلمانن ۾، هندن وانگر ذات، پات جو ايترو ڀيد ڪو نه آهي. پر ٻين ملڪن وانگر هت به ڪوري ۽ چماڙ ذليل ۽ گهٽ ذات وارا سمجهيا ويندا آهن. سنڌ ۾ ٻه اڇوت قومون آهن: ٻاليشاهي ۽ شڪاري. اهي

قومون اصل مسلمان هونديون، پر پنهنجي ڪرت ڪسب ڪري پوئتي رهجي ويون آهن ۽ هاڻي پنهنجن هم مذهبي ڀائرن جي برادريءَ کان ٻاهر آهن.

ٻاليشاهين کي سندن ڪسب مطابق ڀنگي يا جهڙو سڏيندا آهن: هو خوش اخلاقيءَ سبب "حلال خور" جي هندستاني نالي سان ڪوٺبا آهن. هو انهيءَ شاهي لقب تي فخر ڪندا آهن. ٻاليشاهي بلوچن جهڙي پوشاڪ پائيندا ۽ پنهنجي قوم اندر شادي ڪندا آهن. هو شهرن ۽ ڳوٺن جي ٻاهران رهن ٿا. هنن جو گذران شڪار ۽ سندن خاص پيشي تي هوندو آهي، جنهن لاءِ گهر گهر تان مهيني ۾ آنو ملندو اٿن. انهن ڀنگين کي هاڻي اصل مسلمان[27] ڪري نٿو ليکي سگهجي. هو طهر ڪرائيندا آهن، ڪلمو پڙهندا آهن، نماز پرهندا آهن، پيرن جي تعظيم ڪندا ۽ ملن کي شادين توڙي غمين تي سڏيندا آهن. هنن وٽ ڪو مقدس ڪتاب ڪو نه آهي. ساڳئي وقت هنن کي مسجد ۾ اچڻ جي منع آهي. چون ٿا ته هو حرام ڪائيندا آهن، جنهنڪري ڪو به مسلمان ساڻن گڏ ڪائيندو پيئندو نه آهي. هندو هنن کي اهڙو اپوتر سمجهندا آهن، جو سندن هٿ لڳندو اٿن ته وجي سنان ڪندا آهن.

شڪاري يا ڏقير، ٻاليشاهين کان به وڌيڪ پوئتي پيل قوم آهن. هنن تي "ڏقير" جو نالو شايد ان ڪري پيو آهي جو هو وڏي منهن وارو ڇهه ست فوٽ ڊگهو ڏقو يا ڀالو کڻندا آهن. شڪاري نه مسلمان آهن نه هندو. عمرڪوٽ ۽ ٿر جي طرف گهڻا شڪاري رهن ٿا، جتي هو مزوري، پوک ۽ شڪار تي گذر ڪندا آهن. ان پاسي جا شڪاري شڪل جا ڪوجها ۽ وحشي آهن، هو چيلهه تي فقط چوتو ٻڌندا آهن. سياري ۾ هڪ ڦاٿل گودڙي



کين سرديءَ کان بچائيندي آهي. شڪاري اڪثر پنهنجو رواجي هٿيار يعني ڏقو کڻي ملڪ جي ويران حصن ۾ ويندو آهي، جتي گهٽي ۾ گهڻا سوئر، گدڙ، لومڙ ۽ گلوئيون ۽ ڳوهون هونديون آهن. هو رات جو ننڊ ڪندو آهي ۽ ڏينهن جو پاڻ کي ٿڌيءَ ماڪ ۽ سج جي تيز اُس کان بچائڻ لاءِ ڪنهن ڪنڊ جي مٿان چادر وڇائي ان جي هيٺان ويهندو آهي. هن جي خوراڪ آهي شڪار ۽ مردار گوشت، پوءِ جيڪو به هٿ اچيس. هو پيئڻ لاءِ ٿورو پاڻي، چم جي ٿيلهي ۾ ساڻ کڻندو آهي. هن جو پيشو چوري ۽ خونريزي نه آهي، پر جيڪڏهن اهڙن ڏوهن لاءِ موقعو ملي ويندو اٿس ته هو موشو نه ڪندو آهي. شڪاري هڪ بلڪل جهنگلي ماڻهو آهي. هو پنهنجي رولو ۽ افسوسناڪ زندگي ورلي بدلائيندو آهي. هو ڪا به دماغي ڪسرت ڪا نه ڄاڻي. تعليم جي ابتدائي اصولن  کان به هو غير واقف آهي. هنن وٽ ڪتاب جهڙي شئي ٿئي ڪا نه. البت، مذهب جي ڪجهه خبر اٿس. ان ۾ به، ڪلمي کان سواءِ هن کي ٻي عبادت ڪا نه ايندي آهي. هنن کي سندن مُلان يا سندن مذهبي پيشوا، جي پوپا يا گرڙا سڏبا آهن. شاديون ڪرائيندا آهن ۽ ڪفن دفن ڏيندا آهن. سنڌ جي اتر ۾ ڏقير گهڻو ڪري طهر ڪرائيندا آهن، پر انهيءَ قوم جا اڻسڌريل ماڻهو جي ٿر ۾ رهندا آهن، سي انهيءَ رسم جي پيروي ڪو نه ڪندا آهن. هي ٻيئي قومون پاڻ کي ٻاليشاهين کان وڌيڪ سمجهنديون آهن. ٻاليشاهي وري پنهنجي فضيلت جي دعويٰ ڪندا آهن.

شڪاري قوم جون زالون سانوري رنگ جون هونديون آهن. انهي مان ڪن (جهڙوڪ ٻاليشاهين) جا سهڻا روش ۽ ڊولائتو بند آهي. جيتوڻيڪ گجرات ۽ اولهه هندستان جي ٻين ڀاڱن جي "حلال خورن" سان هنن جو مقابلو ڪري نٿو سگهجي، پر هنن ۾ ايترو حسن آهي، جو چڱن خاندانن جا ماڻهو

وٿانئن شاديءَ لاءِ ٻانهون وٺندا آهن، ۽ خود شاهي خاندان جا ڪي عياش ماڻهو بہ هنن سان رستي رکڻ ڪان عار ڪو نہ ڪندا آهن. شايد اهو ئي سبب آهي جو هنن ۾ گوري رنگ جي چمڙي بہ بعضي بعضي نظر ايندي آهي.

## باب ٻارهون

### سنڌ جا هندو،سندن ذاتيون، برهمڻ، کتري، ويشن جا پنج فرقا ۽ سودر، سک، ڌرمي پينو ۽ اڇوت قومون، هندو ڌرم جي هاڻوڪي حالت، سلوڪن ۽ شبدن جا نمونا

سنڌ ۾ هندو طبقو اها ساڳي پنگتي حيثيت رکي ٿو، جا هندستان ۾ مسلمانن کي حاصل آهي. عربستان، افغانستان ۽ وچ ايشيا جي ٻين ملڪن وانگر هت بہ هندو واپار ۾ يا پنهنجن ذات پائن جي ڌرمي ضرورتن پوري ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن، تنهنڪري هنن ۾ سندن اصلوڪي وطن يعني هندستان جيترا اڇوت فرقا جهڙوڪ: پر واري، مانگ، چاندا، وغيره ڪو نہ آهن. ڏسجي ٿو تہ عربن جي حملي وقت سنڌ ۾ هندن جون جيڪي وڏيون آکهيون هيون، تن مان ڪي ٿوريون سلامت بچي سگهيون، چنانچہ، هاڻوڪي هندو قوم اصل نسل ۾ پنجاب جي آهي. هنن جون شڪليون، چال چلگت، ريتيون رسمون ۽ ڌرمي خيال خواهہ نالا پڻ انهيءَ حقيقت کي ثابت ڪن ٿا. هنن جو گهڻو لاڙو گرو نانڪ جي متن ڏانهن آهي ۽ ڪيترين ذاتين، سکن جو ڌرم، هندن جي اصلي اصولن سان اهڙي طرح ملائي ڇڏيو آهي، جو هاڻي انهن ۾ ڪا بہ گهٽي وڌوتي نٿي نظر اچي.

هندو قوم جتي جتي رهي ٿي، اتي ننڍين ننڍين ذاتين ۾ ورهايل آهي. سنڌ ۾ هندن جا ست ورن يا ست ذاتيون هن طرح آهن: 1. برهمڻ، 2. لوهاڻا، 3. ڀاٽيا، 4. سهتا، 5. وئيش جنهن ۾ ڪيترا ڪٽنب اچي وڃن

ٺا،جهڙوڪ وهڻ، ڪتي وغيره، 6.پنجابي ۽ 7.سونارا.

انهن مان پنج ذاتيون سچ پچ هندستان جي ٽين ذات يعني ويشن مان آهن. ستين ذات گڏيل آهي. برهمڻ پيءُ ۽ سودر ماءُ جي اولاد مان. هو سنڌ ۾ اڇوت ڪري ليکبا آهن.

پهرينءَ يعني برهمڻ ذات جون ٻه مکيہ شاخون آهن. جي روايت مطابق ڪيترن پاڙن ۾ ورهايل آهن. اهي هي آهن (1) پوڪارڻا ۽ (2) سرست يا سرسڌ پوڪارڻا، پاتين واڻين جا پروهت آهن. هو پنج دراويد قوم جي ”تلينگا“ ڪل مان آهن ۽ وشنوءَ [1] جي اوتار، مهاراج جي پوڄا ڪندا آهن. هو اصل ڪٿان آيا، تنهن بنسبت مختلف روايتون آهن. هڪڙا چون ٿا ته هو بنارس جي پرسان پشڪر شيتر مان آيل آهن. ٻيا چون ٿا ته هنن تي پشپا ڪرن نالو ان ڪري پيو جو هنن لڪشميءَ کي گل پيتا ڏنا هئا. هو جيسلمير کان سنڌ، ڪڇ، ملتان، پنجاب ۽ ٻين ڏوراهن ديسن ڏي ان ڪري لڏي ويا هئا، جو هنن ماس کائڻ کان انڪار ڪيو هو، جنهنڪري پاورتيءَ کين پاراتو ڏنو هو. ٻين ذاتين جو چوڻ آهي ته پوڪارڻا، ٽپشور نالي هڪ برهمڻ ۽ هڪڙيءَ مهاڻيءَ، جنهن کيس پتڻ اڪاريو هو، جي حرام جي اولاد مان آهن. ظريفاڻي نموني ۾ چئجي ته پوڪارڻو سنڌي محاوري ۾ ”پوءِ لڳي سو ڪري“، يعني جيڪي وڻيس سو ڪري مان نڪتل آهي. بهرحال حقيقت ڪهڙي به هجي، پر هڪ ڳالهه صفا آهي ته جيتوڻيڪ پوڪارڻو سنڌ ۾ اصلي برهمڻ آهي، پوءِ به هن جي ذات اوچي نه آهي. هو واپار کان ورلي عار ڪندو آهي ۽ بعضي ته رسوئيءَ جو ڪم به ڪندو آهي.

برهڻ [2] پنهنجن نالن جي اڳيان يا پٺيان داس، رام، چند، راءِ، مل، جي يا مسر ڳنڍيندا آهن. جيئن ته مسر سک ديوجي، انهن مان گهٽا، ٿوري



گهٽي سنسڪرت سمجهي ۽ پڙهي سگهندا آهن. انهن کي جوتش جي علم ۾ شهرت حاصل آهي. هنن جو ڌنڌو آهي جنمپترين ٺاهڻ، گهڙيون مقرر ڪري، ٽپڻو [3] (جنتري) تيار ڪرڻ، ڪريا ڪرم ڪرڻ ۽ پنهنجن ششن جي ڌرمي سکيا جي نظرداري ڪرڻ. هنن جو جوتش جو علم ايترو وسيع نه هوندو آهي، پر پوءِ به ايترو ضرور ڄاڻندا آهن جو عام ماڻهو، بلڪ ڌارين ذاتن وارا، جهڙوڪ سک ڌرم جا پوڄاري سندن مڃتا ڪندا آهن. تنهن کان سواءِ هو ڪافي پوتر زندگي گذاريندا آهن. جيتري قدر برهمڻن لاءِ پوتر رهڻ ممڪن آهي. هو ورلي فارسي سکندا يا عام ڌنڌو ڪندا آهن. هو ماس نه کائيندا آهن ۽ شراب اصل نه پيئندا آهن ۽ شادي پنهنجي ذات ۾ ڪندا آهن. پوڪارڻو سنڌي ٽوپي نه پائيندو آهي. هو اڪثر ڳاڙهي رنگ جي پڳڙي ٻڌندو آهي. هو ڏاڙهي ڪوڙائيندو آهي ۽ پوشاڪ شاهوڪارن يا واپارين جهڙي پهريندو آهي، هو ڪو خاص تلڪ يا جاتيءَ جو نشان ڪو نه ڏيندو آهي، پر پيشانيءَ تي سنئون يا اُڀو ليڪو سواءِ ڪنهن امتياز جي ڪيندو آهي. هندستان ۾ اُڀو ليڪو وشنوءَ جا پوڄاري پاڻ کي شو جي پوڄارين کان ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏيندا آهن. شو جا پوڄاري، پرون جي مٿان سنئون ليڪو ڪيندا آهن.

سرست يا سرسڌ، جنهن جو صحيح مفهوم آهي سرسوتي نديءَ جي طرف کان آيل، سي اصل پنج گور قوم جا آهن. انهيءَ قوم جا اٽڪل چاليهه اصلي گهر سنڌ ۾ آهن. هو غير ڌرمي ڪم ڪو نه ڪندا آهن ۽ پنهنجن ٻين همذات وارن کي سڌ [4] سڏيندا آهن. هنن جو چوڻ آهي ته ٻيا اصل نمير يا بلوچ هئا. پر پوءِ رامچندر کي ڪنهن پروهت جي ضرورت هئي تنهن هڪ مليڇ يعني نمرئي جي نرڙ تي سندر جو تلڪ ڏنو. چون ٿا ته

سرسوت سنڌ ۾ اٽڪل ٻه سؤ ورهيه اڳ آيا هئا. هو مهيس يعني مهاديو يا شو ۽ هن جي شڪتي ڀوانيءَ جي پوڄا ڪندا آهن. هنن وٽ ڀوانيءَ جا ڪيترائي روپ ۽ نالا آهن. مثلاً ديوي، درگاه، ڪالي، پاروتي ۽ سنگهواڻي، ڀوانيءَ جو ٺٽي جي ڀرسان مڪلي ٽڪريءَ، هنگلاج، سيوهڻ ۽ هندن جي ٻين ڪيترن پوتر جڳهن تي آستان آهي. سرسوت ڪي خاص اپوتر ماس جا قسم ڪو نه ڪائيندا آهن. جهڙوڪ ڳانءِ جو گوشت ۽ مرغيون. پر هو مڇي، جهنگلي پکي، بصر ۽ هرڻ، ڇيلي ۽ دنبي جو گوشت ڪائيندا آهن. ڇاڪاڻ ته جيل جي ديويءَ ڏڪار ۾ انهن شين ڪائڻ جي اجازت ڏني هئي. گوشت هميشه بزار مان خريد ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته اونچي ذات جا هندو ٻين هندن وانگر هٿ به پنهنجي هٿ سان جانور ڪو نه پائيندا آهن. سرسوت ذات جا ماڻهو اڪثر شراب پيئندا آهن ۽ پنهنجي ذات جي وڌوائن سان شادي ڪندا آهن. هو ڏاڙهي ڪوڙائيندا آهن ۽ عام شاهوڪارن جهڙي پوشاڪ يعني اڇي پڳڙي، انگرکو، ڌوتي، بوڇڻ ۽ ڪپڙي جي جُتي پائيندا آهن. هو هٿ ۾ اڪثر ڪري ستاويهن داڻن واري صندل جي ڪاٺيءَ جي مالها ڪڻندا آهن. سرسوت بعضي بعضي عاملن جهڙي پوشاڪ پهريندا آهن، پر پوڪارڻا ورلي ائين ڪندا آهن. حيدرآباد ۽ سيوهڻ ۾ سرسوت ذات جا ڪيترائي ماڻهو رهن ٿا. هو ورلي فارسي سکندا يا نوڪري ڪندا آهن. هنن جو مکيه شغل هوندو آهي سنسڪرت سکڻ ۽ گرمکي ڪتاب پڙهڻ. سرسوتن کي جوتش جي علم جي ٿوري ڄاڻ هوندي آهي، پر پنهنجي علم جي ڪمي هڪ عجيب نموني جي مڪر سان پوري ڪندا آهن. هنن جي پيشنگوئيءَ جي طريقي کي "تشڪڻ ڪرڻ" چئبو آهي. اهو هن طرح ڪيو ويندو آهي، جو ڪو به سوال دل ۾ رکي، ساهه جهلي، ناسون آڱرين سان بند ڪري ڇڏبيون آهن.



ڪجهه ويچار ڪان پوءِ نهايت خاطريءَ سان جواب ملندو آهي ته فلاڻي ڪم جو نتيجو هن طرح ٿيندو ۽ ان لاءِ اُجوري جي به طلب ڪئي ويندي آهي.

حقيقت ڪري سنڌ ۾ ڪي به شتريه (ڪتري) ڪو نه بچيا آهن. جيڪي انهيءَ اعليٰ نسل جي دعوا ڪن ٿا، سي بنيا (واڻيا) آهن. جن نانڪ شاهه جي ڌرم جا ڪي متا قبول ڪيا آهن ۽ انهيءَ ڪري هو ڌرم ورڻ سک آهن. ڏٺو ويو آهي ته سڄي هندستان ۾ ويڙهو سودر، جن جو ڌرم يا مذهبي فرض آهي لڙائي ۽ ڦرمار ڪرڻ، سي پاڻ کي "شتريه" سڏائيندا آهن. اهڙيءَ طرح، ملبار جا نائر، جي اصل گهٽ ذات جا آهن، سي پاڻ کي فوجي ذات جا يعني شتريه سڏائيندا آهن ۽ اوچي ذات جي ماڻهن وانگر جڻيو پائيندا آهن ۽ هلندا به ائين آهن ڄڻ شتريه آهن. سنڌ جي هندن ۾ شترين کي ڪا خاص اهميت ڪا نه آهي. هنن جا مکيه پيشا آهن. واپار ۽ سرڪاري نوڪري. هو گُرن جا ڪتاب پڙهي سگهندا آهن ۽ ايتري فارسي ڄاڻندا آهن، جو نوڪري ڪري سگهن. هو ڪا خاص پوشاڪ ڪا نه پهريندا آهن ۽ ڏاڙهي به هروڀرو ڪو نه ڪوڙائيندا آهن. هنن جو ڪاڌو سرست برهمڻن جهڙو هوندو آهي، سواءِ ان جي ته هو سکن جي رواج موجب جانورن کي پاڻ يا پنهنجي ذات وارن جي هٿان "جهاٽڪو" ڪري ڪُهي ڪائيندا آهن. هو هڪ خدا کي مڃيندا آهن يا گهڻو ڪري ويدانت جي متي ۽ هندن جي قديم بت پرستي ۾ اعتبار ڪندا آهن.

جيئن اڳي چيو ويو آهي، تيئن ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ويش، واڻيي يا بنيي ذات جون سنڌ ۾ پنج مکيه شاخون آهن. انهن مان به وڏيون لاشڪ لوهاڻا ۽ ڀاٽيا آهن. اُنهن مان لوهاڻا تعداد خواه اثر ۾ وڏيڪ آهن. تنهنڪري انهن جو بيان سنڌ جي عام هندن جي ترجماني ٿيندي. لوهاڻا پنهنجو نسل

۽ نالو لوهن پور مان کڻن ٿا، جا ملتان ۾ آهي. هنن جي سنڌ ۾ اچڻ جي تاريخ متعلق هن وقت پتو ڪو نه ٿو پئجي سگهي. هنن جي زبان ۾ تبديليون آيون آهن ۽ هنن جيڪي آئيويٽائون ايجاد ڪيون آهن، تن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته اهو واقعو پراچين سمي ۾ ٿيو هو. ان کان سواءِ لوهاڻا ساري بلوچستان، افغانستان ۽ وچ ايشيا جي اوپر وارن پاڱن ۾ پکڙيل آهن. هنن ايامن کان وٺي عربي سمنڊ جي ڪناري تي اٽسٽريل ۽ مخالف قومن سان واپار پئي ڪيو آهي ۽ دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جا ڪشالا ڪڍيا ۽ خطرن جا مقابلا ڪيا آهن. لوهاڻا، هڪ تمام دلچسپ قوم آهي، جا ڏيکاري ٿي ته ڪيئن هندن آڳاٽي سمي ۾ ڏورانهان ديس آباد ڪيا ۽ پنهنجي ڌرم جي متن جو پرچار ڪيو، جو هاڻي هڪ مڪاني ڌرم وڃي رهيو آهي. لوهاڻي ڪي ڌارين ملڪن ۾ وڃڻ ڪري ذات مان ڪو نه ڪڍي ڇڏيندا آهن.

هن جو اولاد هندو قوم شمار ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن هو اباڻي ديس ويندا آهن ته اتي پاڻ هنن جو مرتبو مٿي ٿيندو آهي ۽ هو ”وشنو نو“ ڪري ليکبا آهن. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته ڌارين معتبر قومن جي ماڻهن جو اولاد به سنڌ ۾ ڪجهه عرصي رهڻ کان پوءِ هندو ٿي سگهندا آهن.

لوهاڻي قوم جا گهڻ ۾ گهٽ پنجاهه ٽڙ ۽ شاخون آهن. انهن مان مکيه آهن، خدا آبادي ۽ سيوهاڻي. هنن جي پاڻ ۾ ٿڌي ٿوري آهي. هو فقط ان ڳالهه ۾ اتفاق ڪندا آهن ته هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر جو چڱو مڙس آهي، هو سڀ جٽيو پائيندا آهن. سچ پچ ته هو ”پوڄارا“ يعني درياهه ديوتا جا پوڄاري آهن. انهن مان گهڻ وشنوءَ ۽ شو جا شيوڪ [5] آهن. ڪن ٿورن



نانڪ شاهه جو ڌرم اختيار ڪيو آهي. هو گوشت کائيندا آهن، ۽ شراب جا عادي آهي. هنن کي مڇيءَ ۽ بصرن کائڻ تي اعتراض ڪو نه هوندو آهي ۽ هو پاڻ کان گهٽ خواهه وڌ ذات واري جي هٿ جو پاڻي پيئندا آهن. هو نڪي ته گهڻي پوڄا ڪندا آهن ۽ نه وري ڪن مقرر وقتن تي ڪندا آهن. هو پنجابي يا سنسڪرت جا ٻه ٽي شبد اچاريندا آهن ۽ ميلن، جاٽن ۽ درسنن تي ويندا آهن، جتي پڳتيءَ کان وڌيڪ آوارگي هوندي آهي. چون ٿا ته هنن وٽ خدا آبادي اکرن ۾ ڪي سنڌي پرارٿنا جون چوپڙيون آهن، جي سنڌن پروهت، ماڻهن کي پڙهي ٻڌائيندا ۽ سمجهائيندا آهن. ۽ اهي ڌارين جي نظر کان نهايت احتياط سان لڪايون ويندون آهن.

لوهاڻن کي سنڌن پيشي مطابق ٻن مکيه درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

2. عامل يا سرڪاري نوڪر. هنن جو احوال ٻئي باب ۾ ڏنل آهي.

2. شاهوڪار يعني واپاري، دڪاندار، هاري، هٽ، واڻيا ۽ ٻيا جن جو گذران مزوريءَ تي آهي. اهي ماڻهو گهڻو ڪري مسلمانن جي پوشاڪ کان پاسو ڪندا آهن ۽ پڳڙيون، انگرڪا ۽ لُنگ يا پوتيو ۽ بعضي ڪمربند ۽ ڪلهن تي بوڇڻ يا شال پائيندا آهن. هو ڏاڙهي ۽ مٿي جو اڳ ۽ پٺ ڪوڙائيندا آهن ۽ تارونءَ تي چوٽي ۽ پاسن کان ”چڻ“ يا وارن جون چڳون ڇڏيندا آهن. هو مڇون ڪو نه وٺائيندا يا ڪوڙائيندا، جيستائين شوڪ [7] ۾ نه هوندا آهن.

وديا لاءِ واپاريءَ کي واجهي يا هندو ماستر وٽ وڃڻو پوندو آهي، جو کيس ٿورو حساب ڪتاب ۽ سنڌي آئيويٽا سيکاريندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجون وهيون [8] رکندا آهن. سال کان پوءِ هو پڙهڻ ڇڏي ڪو ڌنڌو اختيار ڪندا آهن. ڌنڌي ۾ لوهاڻا به پنهنجن هندستاني پائرن وانگر تمام هوشيار

آهن. هنن مان ڪي ڌارين ملڪن ۾ وڃي ججهو ناڻو ڪمائيندا آهن. هنن جو مکيه وهنوار ڪپڙي ۽ هنڊين جو هوندو آهي. هنڊين جي ڪم لاءِ هنن کي خاص رغبت آهي، چاڪاڻ ته هو انهن تي پنهنجي مرضي موافق وياج ۽ نفعو وٺي سگهندا آهن.

پر سنڌ ۾ سودرن جون ٿوريون ڪي ذاتيون آهن. جيڪي آهن، تن سيني جٽيو پائڻ اختيار ڪيو آهي. هو مٿي تي تلڪ لائيندا آهن ۽ سيني ڳالهين ۾ واڻين جي پيروي ڪندا آهن. ساڳئي وقت سودر پنهنجي ذات ۾ شادي ڪندا آهن. وهڻ ۽ پڳڙن پچڻ جو ڌنڌو ڪندا آهن، جنهن کي فارسيءَ ۾ نخود پزي (چڻا پچڻ) چئبو آهي. هنن جو گذران پڳڙن [10] وغيره جي وڪري تي هوندو آهي. ڪٿي يا رنگريز به گهٽائي آهن، چاڪاڻ ته هندو خواه مسلمان رڱيل ڪپڙا پائيندا آهن. هو گهڻو ڪري شهرن کان پري رهندا آهن. ڏيهي ماڻهو چوندا آهن. ته هو انهيءَ ڪري پري رهندا آهن ته جيئن پنهنجي پورهيي لاءِ وڌيڪ مزوري گهري سگهن. سندن خلاف ماڻهن کي ڪنهن به قسم جو مذهبي اعتراض ڪو نه هوندو آهي. هنن لاءِ شايد ضروري آهي ته سندن ڪنيون مٽي پاڻيءَ جي ڪوهن پرسان نه هجن. سوچي، چمڙو پاڻ ڪو نه رڱيندو آهي. هو چمڙو مسلمان موچيءَ کان وٺي سبندو آهي ۽ ضرورت مطابق پَٽ سان پريندو آهي. حجام جيسلمير جا وينل آهن، پر هو اصل سنڌي نسل جا آهن ۽ پوشاڪ به پنهنجي ملڪ جي پائيندا آهن. سواءِ پٽڪي جي، جو ڌاريي نموني جو آهي.

اسان جي صوبي جون مکيه سودر ذاتيون اهي آهن. سودر گهڻو ڪري مهاديو ۽ ديويءَ جي پوڄا ڪندا آهن. هنن جا پروهت، برهمڻ هوندا آهن. هنن جا نالا سولائيءَ سان سڃاڻي سگهجن ٿا، چاڪاڻ ته انهن جي



پٺيان سندن پيشو ڏيکاريل هوندو آهي. جيئن ته تيجو وهڻ، هرو، ڪٽي ۽ ڪٽو سوچي.

هندن جي انهن ذاتين کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون گمنام ذاتيون آهن، جي سڪن جي نالي سان سڏجن ٿيون. اهي حيدرآباد سيوهڻ ۽ وچولي ۽ اتر سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ رهن ٿا. انهن کي آسانيءَ سان سڃاڻي سگهجي ٿو. هو رنگ جا گورا آهن ۽ سندن مهانڊا ۽ شڪليون ٻين ماڻهن کان نراليون آهن. هنن جون ٻه مکيه شاخون آهن:

1. اڪالي خالصا يا اصل سک. 2. لوهاڻا سک. اڪالي سڀ ڳالهه ۾ پنجاب جي اُپاشين جو نقل ڪندو آهي. هو پنهنجي بند جي وارن کي پاڪيءَ سان ٻنهه نه ڇهندو آهي ۽ هر قسم جو گوشت مثلاً ڪڪڙ وغيره، جو ٻيا اپوتر سمجهندا آهن، کائيندو آهي. هن کي تماڪ لاءِ ڌرمي ڌڪار هوندي آهي ۽ هو وارن ۾ تيل بدران گيهه وجهندو آهي ۽ فقط انهن جانورن جو گوشت کائيندو آهي جي جهاٽڪو ڪيل هوندا آهن. هو جٽيو نه پائيندو آهي. پر ڪيس چڪر، ڪنگٺي ۽ ڪڇي مان سڃاڻي سگهجي ٿو. لوهاڻي سک کي نانڪ شاهي ۽ مني سنگهه يعني وارن ڪوڙائڻ وارو سنگهه به چوندا آهن. چاڪاڻ ته هو شوق ۾ ڏاڙهي مٿو ڪوڙائيندو آهي. هن کي تماڪ ڇڪڻ، جٽيي پائڻ ۽ مسلمانن جي پاتل گوشت کائڻ جي اجازت هوندي آهي. هو ڪنگٺي بعضي بعضي پائيندو آهي. پر چڪر اصل نه ڪڍندو آهي. هنن جي شاديءَ غميءَ جون رسمون سندن ٻين ذات وارن لوهاڻن واڻين جهڙيون آهن. ٻيئي فرقا، امرتسر جي لوهه جون ڪنگٺيون ۽ سِمرَڻو [11] يا مالها ڪڍندا آهن. چون ٿا ته ڪنگٺين ۾ اها خاصيت هوندي آهي، جو انهن جي پائڻ سان نندبُ چڱي ايندي آهي ۽ مالها سان هو اسم ۽ منتر

پڙهندا آهن، جن جي سندن ڌرم ۾ ڪوٽ ڪا نہ آهي.

سنڌ جا سک، مسلمانن، هندن، ڪرستانن، ۽ ٻين سڀني فرقن جي ماڻهن کي پنهنجي ڌرم ۾ آڻڻ لاءِ آماده هوندا آهن. جنهن کي سک ٽيڻو هوندو آهي، سو سنان ڪري ٽڪاڻي يا ڌرمسالي ۾ وڃي نانڪ شاهہ کي ٻَل ڏيندو آهي. جيڪڏهن هن کي خالصي ٿيڻ جي خواهش هوندي آهي تہ اداسي ٽي دفعا هن جي هٿن ۾ مٺو پاڻي وجهي ڪانئس ڪندو پڙهائيندو آهي. جيڪڏهن هو نانڪ شاهي ٿيڻ چاهيندو آهي تہ سنان ڪرڻ کان پوءِ هو ٻل ڏئي، ٻڪ پاڻيءَ جو ڀري هڪ مخفي منتر پڙهي پاڻي پيئندو ۽ ستنام جون ڪي خاص سٽون چوندو آهي. انهن سٽن ۾ ڏٽيءَ جي واڪاڻ آهي ۽ اهي پنج گرنٿ [12] جي پهرئين باب جپ مان ورتل آهن:

”ستام ڪرتا پرک
نر ڀوِ، نر وير، اڪالا مورت،
اجوتي سينڀيءَ گرو پرشاد
جپ آد سچ، جڳاد سچ“
هئي ڀي سچ، نانڪ [13] هو سين ڀي سچ

پوءِ ٻنهي فرقن جي نئين سِک کي سندس ڌرم جا متا سيڪاريا ويندا آهن. ڪيس روز صبح جو اشنان ڪري پاڻي پڙهڻي پوندي آهي. کائڻ ۽ گرنٿ پڙهڻ کان اڳ ۽ ٻين ڪن موقعن تي پنج سناني يعني پنجن عضون (منهن هٿ ۽ پير) جو ڌوئڻ ضروري هوندو آهي، صبح جو اشنان کان پوءِ نئين سک کي ڪنهن ٽڪاڻي ۾ وڃي گرنٿ صاحب [14] ٻڌڻ يا مٿو ٽيڪڻ کپي ۽ سج لٿي مهل هن کي ڪنهن پوڄا جي جاءِ ۾ سندر ٻُڌڻ کپي. اهڙن موقعن تي جهولو، جنهن تي گرنٿ صاحب رکبو آهي. سو لوڏيندا



آهن. مگر پستڪ (گرنٿ) کوليو ڪو نہ ويندو آهي. جيڪڏهن ٽڪاڻي ۾ نہ وڃي سگهن تہ سکن کي گهر ۾ ٻاٽي، جپ ۽ سندر ڏاڍيان پڙهڻ کپي. گهڻو ڪري هر ڪنهن ٽڪاڻي ۾ هڪ اداسي يا گاديءَ وارو هوندو آهي جو ڀيٽا ۽ ارداس تي گذران ڪندو آهي. ان کان سواءِ پنج ڇهہ چيلا ۽ ڪيترا ٽهليا بہ هوندا آهن.

سنڌ جي هندن ۾ مکيہ ڌرمي ڀينو آهن. سنياسي، جوڳي، گوسائين ۽ اوگر. ڪي ٿورڙا جنگم بہ آهن. پر اهي سڀ هندستان جا رهواسي آهن. سنياسي برهمڻ اهو آهي، جنهن دنيا ۽ ان جا تماشا تياڳ ڪيا آهن. هو آخرت لاءِ ڀينو ٿيو آهي، هن جو گذران ڀکيا ۽ دان تي هوندو آهي، جي هن جي جوان چيلن کي ملندا آهن. هن کي پوتر جيون گذارڻ کپي ۽ شاديءَ جي منع اٿس. هو اڪثر ڏسڻ ۾ معتبر هوندو آهي ۽ عام دنيوي ڌنڌن جهڙوڪ: ڪنهن ٻارسي جي هيٺان ٽيڪا ڪڍڻ، ويڄ جو ڪم ڪري، منتر جنتر وڪڻڻ ڪيميا ٺاهڻ ۽ سرڪار جي سِڪي جي جعلسازي ڪرڻ کان عار نہ ڪندو آهي. انهن سنياسين مان ڪيترا ڪڇ ۽ ٻين ٻي وارن ملڪن مان آيل آهن. هو گهڻو ڪري چال چلگت جا ڪِريل هوندا آهن، ۽ گوشت مڇي کائيندا آهن، ۽ شراب بہ پيئندا آهن. انهيءَ فرقي جا ماڻهو گيڙو رنگ جا ڪپڙا ۽ پڳڙي پائيندا آهن، جنهن مان هنن کي سڃاڻي سگهبو آهي. سنياسي ٻين ڌرمي ڀينن وانگر ورلي مڙدا ساڙيندا آهن. هو ڪنهن وقت ”غفا“ جي رستي پاڻ کي هڪ چيلي جي هٿان زنده پورائي، خودڪشي ڪندا آهن. جڏهن هو پاڻمرادو مري ويندا آهن، تڏهن هو پاڻ کي گهڻو ڪري ڌرتي، دک ۽ بعضي جلادڪ ڪرائيندا آهن. مڙدي جي ٽنگ ۾ واريءَ جو دلو ٻڌي، ٻيڙي ۾ ڪڻي وڃي ڏاڍي ڪريا ڪرم سان اونهي پاڻيءَ ۾ وجهندا آهن.

جوڳيءَ کي بہ گيڙو رنگ جا ڪپڙا هوندا آهن، پر هو پڳڙيءَ بدران ٽوپي پائيندو آهي. هن جي رهڻ جي جاءِ کي ”آستان“ چوندا آهن. هن طبقي جي پينن جي ڪَن جي پاپڙيءَ ۾ هڪ موڪرو ٽُنگ هوندو آهي، انهيءَ ڪري هنن کي ”ڪنڦاڙ“ چوندا آهن. جوڳي جڏهن مرڻ تي هوندو آهي، تڏهن هن کي اڳيان بيراڳڻ جي ٽيڪ ڏيئي، سڌو ويهاريندا آهن. هن کي پورڻ لاءِ وڏي کڏ کٽي، ان کي اڌ تائين لوڻ سان ڀريندا آهن ۽ پوءِ لاش کي لوڻ جي مٿان پلٿي مارائي ويهاريندا آهن. هڪ هٿ ۾ پاهوڙي ڏيندا اٿس، ۽ ٻيو هٿ بيراڳڻ [15] تي رکندا اٿس. پوءِ وري لاش جي مٿان لوڻ وجهي، مٿيءَ سان کڏ کي ڍڪي ڇڏيندا آهن. هن طبقي جي پهتل شخصن مٿان سرن جون سماڌيون ٺاهي، ڏِيا ٻاريندا آهن ۽ ٻئي نموني سجائيندا آهن.

سنڌ ۾ ” گوسائين“ ڪو ورلي ملندو، پر هن جي لياقت جو ماڻهن کي ڪافي قدر آهي. هو جڏهن ڪٿي ايندو آهي، تڏهن هميشہ ڪيترا چيلا پاڻ ساڻ هوندا اٿس. هن جو ظاهري ويس سنياسيءَ جهڙو هوندو آهي. هن جو گذران ڀِڪ تي هوندو آهي ۽ هن وٽ اڪثر ڪافي موڙي هوندي آهي. مرڻ کان پوءِ هن کي گهڻو ڪري جلادڪ ڪيو ويندو آهي.

گوسائين سنياسيءَ جهڙو هوندو آهي، تہ اوگر وري جوڳيءَ جهڙو هوندو آهي. هو هڪ ڪاٺيءَ جو پورو ٽڪر ڌاڳي ۾ ٻڌي ڳچيءَ ۾ پائيندو آهي جنهن مان هن کي سڃاڻي سگهجي ٿو. هو ڪنهن بہ ڪم ڪار ڪرڻ کان اڳ انهيءَ ڪاٺيءَ ۾ ڦوڪ ڏيندو آهي. گوسائين وانگي اوگر بہ سنڌ ۾ ورلي نظر ايندو آهي.

جن چئن طبقن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي، تن مان ڪو بہ جٽيو ڪو نہ پائيندو آهي. هنن جا نالا هن طرح سڃاڻي سگهبا آهن: ڀائو، نتگر،



سنياسي، سورج گر، گوسائين، گورکنات، جوڳي، سرسوتي نات، اوگر وغيره هو سڀ مهاديو ۽ مهاديو جي پٽ گورکنات ۽ گورکنات جي اوتار، ٻابکنات جي پوڄا ڪندا آهن. انهيءَ اوتار کي ٻابکنات ان ڪري چوندا [16] آهن، جو چوندا آهن تہ جڏهن ڪو پوڄاري هنگلاج جي تيرٿ جي ويجهو ويندو آهي، تڏهن اتي گپ ٻاڦمرادو ٻاڄندي آهي.

سنڌ جي اوڀر يعني ٿر جي آسپاس ڪي اڇوت قومون آهن: مثلاً ڪولهي، جن جو گذران شڪار ۽ پوک تي آهي، ڀيل جن جي رهڻي ڪرڻي، رسمون ۽ پيشو ڏڦير قوم جهڙو آهي، ۽ ڍيڍ ۽ ميگهواڙ [17] (رنگريز، موچي ۽ ڪوري) چون ٿا تہ ميگهواڙ اصل مالوا کان آيل آهن. هنن جي زبان ۾ اکر، جنهن ۾ سندن پوٿي لکيل آهي، سي بہ مالوا جا آهن. هو هاڻي سنڌ جي ڪيترن ڀاڱن ۾ رهن ٿا. هنن جا گهڻا ماڻهو گهاري، حيدرآباد، ميرپور ۽ عمرڪوٽ جي آسپاس رهن ٿا.

عمرڪوٽ جي ڀرسان جيڪي ميگهواڙ رهن ٿا، سي تمام آسودا آهن. هنن جي آدمشماري مسلمانن کان زياده آهي. هو اهڙا تہ دولتمند آهن، جو مسافرن لاءِ مهمانخانا اٿن. اهي اڇوت پنهنجيءَ ذات تي جيڪو فخر ڪندا آهن سو سچ پچ ڪل جهڙو هوندو آهي. هو هن قسم جي لاف هڻڻ جا عادي آهن: ” اسراف سنڌ ۾ ڪو نہ هئي! اڏورو گهر همارو، گهر سيديڻو، اڌ گهر فتح عليرو، ٻي مڙيئي ڊانڊ ڊونڊ!“ [18] هنن ۾ ڪيتريون ريتون رسمون آهن. سندن ڪريا ڪرم گرڙا ڪندا آهن. هو هنن کي گهڻو مان ڏيندا آهن. چاڪاڻ تہ گرڙا ڪين پوٿي پڙهائيندا آهن. هو مڙدن کي پوري، مٿان مٽي وجهندا اٿن ۽ مسلمانن وانگر پٿر ڪو نہ رکندا اٿن. لاش اوپر اولهہ جي ڏس تي پوريندا آهن. هنن جي پير جو نالو پٿورو آهي. سنڌ ۾ هڪ روايت آهي تہ

جڏهن مشهور صوفي بهاوالحق، سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو هو، تڏهن پٿوري جي پيءُ وٽس وڃي پٽ لاءِ دعا پني هئي. بهاوالحق سواليءَ کي دعا ڪئي ڪيس ڪجور جي پٽ (ٽڪر) ڏنائين. پٿوري جي ماءُ اهو پڙهيل تحفو (ڪجور) چڪيو، ته ڪيس پيٽ ٿي پيو. آخر ڪيس پٽ ڄائو، جنهن تي ڪجور جي پٽ تان پٿورونالو پيو. هو عمرڪوٽ تعلقي جي گروهر(گرهوڙ) پرسان هڪ مقبره ۾ پوريل آهي ۽ هن جي هندو توڙي مسلمان عزت ڪندا آهن.

سنڌ [19] ۾ هندو ڌرم نج اصلوڪيءَ حالت ۾ ڪو نه آهي، فقط ڪي ٿورا برهمڻ آهن جي سنسڪرت پستڪ پڙهي سگهندا آهن.

سنڌي هندن ۽ سکن کي ڏسي پنهنجو ڌرم سڌاريو آهي ۽ هو ڪانئن هڪ ڏٺي ۾ ايمان رکڻ، جنهن کي هو خدا، ٺڪر، ڀڳوان چوندا آهن. ۽ سرڳ [20] ۽ نرڳ جي جزا ۽ سزا به قبول ڪرڻ سکيا آهن. هو وشنو، شو، لڪشمي، ديويءَ ۽ ٻين ديوتائن کي خدا وٽ سفارشن جو ذريعو ڪري سمجهندا آهن. پيرن فقيرن جي به عزت ڪندا آهن. ڪن وڏن پيرن جا ناالا هيٺ ڏجن ٿا، جن کي ٻنهي مذهبن جا هر طبقي جا ماڻهو مڃيندا آهن.

1. لال شهباز، جنهن کي هندو پرتري راجا چوندا آهن.
2. پنو سلطان (يا پير عالم )جو پير پٺي جي نالي سان سڏبو آهي.
3. خواجہ خضر، جنهن کي جند پير چوندا آهن.
4. پير منگهو، جو لعلو هنسراج جي نالي سان مشهور آهي.
5. شيخ طاهر، جو اڏيرو لعل به سڏبو آهي.

صوبن جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٻيا به گهڻا، گهڻ شهرت وارا پير آهن.

مٿين پيرن مان جند پير کي هندو درياهہ يا سنڌونديءَ جو اوتار ڪري سمجهندا آهن. سنڌوندي اهڙي ته شاندار ندي آهي جو هڪ يورپي



ماڻهوءَ لاءِ به محال آهي ته ان کي ڏسي تعريف نه ڪري ۽ ان کان متاثر نه ٿئي. مشرقي ماڻهو ته ان کان به ۾ قدم اڳتي وڌيو وڃي. هنن لاءِ ڪنهن جي ساراهہ ڪان پوءِ سجدو ڪرڻ هڪ آسان ڳالهہ آهي. پوڄارا سخت ورت ڪيندا آهن جي چاليهہ ڏينهن هلندا آهن. هو انهي ۾ اڌ رات کان سج لٿي تائين ڪاڌي پيتي، ٻيڙيءَ ۽ عيش عشرت کان پاسو ڪندا آهن. هو هر روز شام جو روزي ڪولڻ کان اڳ هڪ سنڌيءَ ۾ پڄن ڳائيندا آهن. جو "پنجارا درياهہ شاهہ جا"[26] سڏبو آهي. چاليهي پوري ٿيڻ کان پوءِ هو سنڌونديءَ تي، پر جيڪي درياهہ کان پري هوندا آهن ته ڪنهن کوهہ تي وڃي پڄن ۽ گيت ڳائي، پتاشا ڪائي پاڻيءَ جا ٿي ٻڪ پي گهر موٽي ايندا آهن.

سنڌونديءَ جي ساراهہ ۾ سنڌي هندن جو هڪ مذهبي راڳ هيٺ ڏجي ٿو:

"اي مهربان نهر!
اي خضر، بادشاهن جا بادشاهہ،
اي قوت ۽ طاقت وارا درياهہ،
تون منهنجي دل کي شاد ڪر!
مون بي انت گناهہ ڪيا آهن،
تون منهنجا قصور معاف ڪر،
تنهنجي در تي هزارين روئن ۽ دعا پِنن ٿا.

تنهنجي شفاعت شاهي شان وٽان آهي،
مان جاهل، مطلق احمق آهيان،
تون روشن، روشن روپ آهين،

تو کان مٿي ڪو بہ ڪو نہ آهي.
اي رزاق تون مون کي روزي ڏي،
منهنجي دل کي پاڪ ۽ سچو ڪر،
مون کي مشڪلاتون ويڙهي ويون آهن.

اي سلطان! اي سر سبز مالڪ!
تون هن ضعيف جي مدد ڪر،
تو کي منهنجي حال جي سڀ خبر آهي.

مون کي دشمنن تي غالب ڪر،
منهنجا ڪرڙا دشمن ناس ڪر،
تون هن هيڻي جي مدد ڪر.

تون عالم آهين،
تون قادر رب آهين،
تون معجزن ڪرڻ وارو ۽ ڏاڍو ڪريم آهين.

تون سيني ڏکويلن جي مدد ڪرڻ وارو آهين.
تون بکايلن کي کارائڻ وارو آهين،
تون ضعيفن کي ٻل ڏيڻ وارو آهين.

تون اسان جو سهارو، سير ۽ شهسوار آهين،



تون اسان جو ٻيڙو پار ڪرڻ وارو آهين،
تون مشڪلات ۾ اسان جي پناهه آهين،
تون مون سان هر ڳالهه ۾ مدد ڪر،
تون مون کي ماڻهن ۾ قوت ڏي،
مشڪلاتن ۾ مدد ڪر.

اي دوست، تون مون کي ياد آهين،
تون ضعيفن جو تڪيو آهين،
ايسر [34] جي تون فرياد سڻ،
تون منهنجي دل کي شاد ڪر.

هن مثال ۾ ڪجهه مشرقي نموني جو اصطلاحي وڏاءُ آهي ۽ درياهه شاهه کي قادر ۽ قوت وارو تسليم ڪيو ويو آهي جي ڳالهيون هڪ مغربي ماڻهوءَ جي عقل ۾ نٿيون سمائجن. پر هن راڳ جي سچ پچ اها معنيٰ نہ آهي تہ درياهه کي اها قدرت حاصل آهي، جا اسان عام طرح ڌڻي تعاليٰ ڏي منسوب ڪندا آهيون. مشرقي ماڻهو، خاص ڪري هندو، پنهنجي خيالي قوت کي چوٽ چڙهي ڏيندا آهن. جنهنڪري هو گمراهه ٿي ويندا آهن. هنن جي تخيل ۽ زبان ۾ ايتري تيزي هوندي آهي، جو اها خبر نہ پوندي اٿن تہ واکاڻ جي حد ڪٿي پوري ٿئي ٿي. درياهه ديوتا جي واکاڻ ۾ جا مناجات مٿي ڏيئي آيا آهيون، ان جي مقابلي ۾ پيٽ لاءِ ڌڻي جي تعريف ۾ هڪ ٻي هندڪي پرارٿنا [25] ڏجي ٿي:

"اي قادر! منهنجي لاءِ جيڪا تو کي چڱي ڳالهه سمجهه ۾ اچي

سا ڪر.

تو آسمان ري ٿنڀي بڻايو آهي ته دنيا کي روشن ڪري.

تو رات جي انڌيري ۾ چنڊ کي چمڪايو آهي.

تون چاهين ته فقير کي امير بڻائي سگهين ٿو.

تنهنجي در تي سوَ هزار عابد هميشه عبادت ڪن ٿا.

تون هڪ گاه جي پتي مان هزار وڻ پيدا ڪري سگهين ٿو.

تو ٻاجهه ڪري اسان کي عقل ڏنو آهي، پر تون اسان جي عقل ۽ سمجهه کان ٻاهر آهين.

تون هيڻن جو همراهه آهين ۽ هن دنيا ۾ انهن جا گناهه بخش ڪرين ٿو.

تون پنهنجي مهر جي اپٽار مان هن عابد جو سوال پورو ڪري سگهين ٿو.

تون ڪافر کي نوازي سگهين ٿو ۽ ڪيس جهنم کان بچائي سگهين ٿو.

تون هينءَ ڪرين يا هونءَ، اها تنهنجي اختيار ۾ ڳالهه آهي.

درياهه جي ديوتا، جند پير کان پوءِ ٻيو نمبر مرتبو سندس وزير اڏيري لعل جو آهي.

مسلمان، اڏيري لعل جي، شيخ طاهري جي نالي ۾، گهڻي عزت ڪندا آهن. هو اڃا به هن جو دائرو ۽ بيٺڪ ڏيکاريندا آهن، جتي هو ويهي قرآن شريف پڙهائيندو هو. اڏيري لعل جي شان ۾ جيڪي مناجاتون لکيل آهن، تن مان هڪڙي مثال طور ڏجي ٿي:

”اڏيرا، تون هميشه اسان سان گڏ آهين. ان ڪري او لعل [27]، مان



تنهنجي دامنگير آهيان.

تون سوالين جي مراد پوري ڪرڻ وارو آهين. ۽ ماڻهن جا عرض اگهائيندو آهين. تو کي وڏي ذات آهي.

تون سوالين جي ڇانوَ آهين، مان تنهنجي درگاهه تي سوالي ٿي پيتا ڏيان ٿو.

او اڏيرا، تو هميشه اسان سان آهين. ان ڪري، اي لعل، مان تنهنجي دامنگير آهيان.

اي مالڪ، تنهنجي هٿ ۾ رزق جي ڪنجي آهي.

تنهنجي در جي پناهه کان سواءِ مان ذليل ۽ دربدر آهيان.

تنهنجي در تي هزارين سوالي آهن.

تون ڏکايلن کي خوش ڪري ٿو موڪلين سنڌ به ڳوڙي ٿيو پوي ۽ آسانيءَ سان هٿ پير لهي.

اي اڏيرا، تون هميشه اسان سان آهين. ان ڪري

اي لعل، مان تنهنجي دامنگير آهيان.

تون بادشاهن جو بادشاهه آهين.

تون ماڻهن جي قسمت روشن ٿو ڪرين.

تون اسان جي دشمنن کي ختم ٿو ڪرين.

تون غريبن جو عرض اگهائين ٿو.

اي اڏيرا، تون هميشه اسان سان آهين. ان ڪري،

او لعل، مان تنهنجي دامنگير آهيان.

مان دل جو هيڻو بلڪ ضعيف آهيان. گناهن سان ڀرپور ۽ شرمسار آهيان.

او پير، منهنجا گناھ معاف ڪر.

او برهمڻ، منهنجو ارداس قبول ڪر.

وروڏي ۽ سڏي [18] منهنجو گھر پريندا.

هاڻي مان قلندر لال شهباز جي شان ۾ چيل هڪ قصيدو پيش ڪري هي مضمون ختم ڪندس. اهو اصل فارسيءَ ۾ آهي. جنهنڪري عامل طبقي جا پڙهيل ماڻهو، ان کي نهايت پسند ڪندا آهن:

او قلندر! تون تحقيق بادشاھ آهين.

تون مشڪلات ۾ دک دور ڪري سگھين ٿو.

تنهنجو پاڪ نالو ساريءَ دنيا ۾ مشهور آهي.

تو هر دکيءَ کي دک مان ڇڏايو آهي.

تنهنجي نظر پتل کي ڪيميا ڪريو ڇڏي.

جو توبھ تائب ٿئي ٿو، تون ان جو مددگار آهين.

اسان کي تنهنجي شفقت جي وڏي اميد آهي.

اي سچا دوست، اسان کي روزي رساءِ.

اي شاهن جا شاھ، شهباز، اسان تي رحمت ڪر.

مان تنهنجو مداح، دکي ۽ پريشان آهيان.

تو کي منهجي حال جي خبر آهي، منهنجي مدد ڪر!

تون شهنشاهن جو شاھ آهين، منهنجي مدد ڪر!

منهنجي اميد جا وڻ ساوا ڪر.

منهنجي اکين اڳيان شفقت جا دروازا کول.

مون کي تو کان مدد جي اميد آهي، مون کي نراس نہ ڪر!



مون کي ڏک ۽ نراسائيءَ جي نار مان ڪڍ.

تون مروند جو مير [29] آهين، شير خدا جو شير.

هن اياڳي سواليءَ جي حال تي رحم ڪر“

سنڌ ۾ ٿوري گهڻي علم واري هندوءَ وٽ ذاتي عبادت لاءِ پوٿي هوندي آهي. اها نهايت اٽوٽندڙ نموني جي شڪست اکرن ۾ لکيل هوندي آهي. اها گهڻو ڪري هر هڪ پوڄاري پنهنجي لاءِ لکي رکندو آهي. يا ڪيس اباڻي ورثي ۾ مليل هوندي آهي. انهن ڪتابن کي نهايت عزت سان ڏٺو ويندو آهي. انهن کي هڪ ٻن پوتڙين ۾ ويڙهي رکندا آهن ته جيئن انهن جي جلد کي ڪو ناپاڪ هٿ نه لڳي. اهي ڌارين ماڻهن کي ورلي ڏيکاريون وينديون آهن. اهڙن ڪتابن ۾ اڪثر هي ڳالهيون هونديون آهن:

هڪ ننڍو فارسي شعر، جنهن کي ”سري ڪرشن نامہ“ چوندا آهن: چاڪاڻ ته ان ۾ هر هڪ چوٿينءَ سٽ کان پوءِ هي لفظ ايندا آهن. ”سري ڪشن گائو.“

”سري گڻيس نامہ“ دستور مطابق شعر ۾ لکيل آهي ۽ منجهس گڻيس جي واکاڻ ۽ خوشيءَ ۽ دولت لاءِ دعا آهي.

سري گوپال هري: مشهور اوتار هريءَ جي پرارٿنا. جنهن ۾ ڀڳونت گيتا جا ننڍڙا نظم ۽ نثر جا ٽڪرا لکيل هوندا آهن. هي گهڻو ڪري فارسي يا پنجابي ٻولين ۾ هوندا آهن.

نانڪ شاھ جي سکمڻي: فارسي، پنجابي ۽ سنڌي ٻولين ۾ هوندي آهي، جنهن ۾ پيرن جون مداحون، پنجارئون ۽ مناجاتون هونديون آهن.

ڪيترن هندن ڪي اهي برزبان ياد هونديون آهن ۽ هو روزانو پڙهندا آهن. ماڻهن ڪي يقين تہ آهي جيڪڏهن ڪو انهن ڪي مصيبت جي وقت ۾ پڙهي تہ ڪيس روحاني خواهہ دنيوي فائدو ضرور رسندو.

شاستري، فارسي، پنجابي ۽ سنڌي ٻولين ۾ ڏٺيءَ جي واڪاڻ جا ڪيترائي ڀڄن ۽ گيت لکيل آهن، جن مان ڪي ٿورا سنسڪرت جي ٻوليءَ ۾ پڻ لکيل آهن ۽ اهي ڪو ورلي سمجهي سگهندو آهي. ٻوين ٽن ٻولين ۾ جيڪي ڀڄن ۽ گيت آهن، سي طرز ۽ خيالن جي لحاظ ڪان مسلمان جي مضمونن سان مشابهت رکن ٿا. انهن ۾ اڪثر ڪري خالق جي ايتري ساراهہ ڪا نہ ڪئي ويندي آهي، جيتري مخلوق جي.

ڪرشن ۽ ٻين هندو ديوتائن جي ساراهہ ۾ پنجابي ۽ جتڪي ٻولين ۾ لکيل گيت، اهڙي طرز ۾ آهن، جو انهن ڪي مختلف راڳن ۽ راڳڻين ۾ ڳائي سگهبو آهي. انهن مان ڪي سوال جواب جي صورت ۾ آهن، جيئن ڪرشن ۽ ڀوڄاريءَ جا سوال - جواب، ماءُ ۽ پٽ جي گفتگو وغيره، وغيره. شايد ڪيترن قديمي ناٽڪن جو بنياد انهن سوالن ۽ جوابن وارن گيتن تي رکيل ٿو نظر اچي.

پوٿيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جوتش جا نقشا، ٽيڻو نيڪ ۽ خراب ڏينهن ڪڍڻ جو آسان طريقو هڪ ٻہ فالنامو [30] دوائن جا نسخا ۽ اهڙي قسم جا ٻيا نيم مذهبي مضمون ڏنل هوندا آهن.

## باب تيرهون

عامل طبقو، ان جو اصل نسل، رواج، جيئن تہ جڻيو پائڻ، شادي ۽ غميءَ جون رسمون ۽ ڪريا ڪرم، هندن جو اسلام ۾ اچڻ ۽ وري هندو ٿيڻ جو بيان

لوهاڻا عامل، سنڌ جي هندن جي هڪ مکيہ ذات آهي، تنهنڪري جيڪڏهن انهيءَ ذات جي رواجن ۽ رسمن جو تفصيلوار بيان ڏبو تہ ان مان چڱيءَ طرح خبر پئجي سگهندي تہ هن وقت سنڌ جي صوبي ۾ هندو ڌرم جي حالت ڪهڙي آهي.

عامل طبقو، ڏيهي حاڪمن جي ضرورتن جي پيدائش آهي، جي هندن جي مدد ڪان سواءِ نڪي تہ ڍلون وصول ڪري سگهندا هئا ۽ نڪي ملڪي ڪاروبار جي سلسلي ۾ صحيح نموني خرچ هلائي سگهندا هئا. اهڙن هندن لاءِ محبت نہ هوندي ٻہ. اوائلي ميرن ڪي قبول ڪرڻو پيو هو تہ حساب ڪتاب جي معاملي ۾ هو هوشيار آهن. انهن ڪان پوءِ جيڪي حاڪم آيا، تن ۾ مذهبي تعصب ڪو نہ هوندو هو ۽ هو ذات پات جو گهڻو خيال ڪو نہ ڪندا هئا. مون هاڻوڪي خاندان جي حاڪمن ڪي هڪ هندو ديوان سان، سواءِ ڪنهن مذهبي نفرت جي، اهڙيءَ طرح ڀاڪر پائي ملندو ڏٺو آهي، جيئن پنهنجي ڪنهن ڀاءُ يا عزيز سان ملجي. جڏهن هندن ڏٺو تہ حاڪمن ڪي سندن ضرورت آهي، تڏهن هنن پنهنجي عقل ۽ شعور ڪان پورو پورو ڪم وٺي جلد ئي ملڪ ۾ هڪ قسم جو سياسي رتبو حاصل ڪيو.

ڪارداري سرشتي جو رواج. شايد انهيءَ طرح پيو. جيتوڻيڪ سنڌ جو ڪارداري طريقو هوبهو هندستان جي طريقي جهڙو نہ آهي، تہ بہ اهو هندستان جي پٽيلن ۽ سندن ننڍڙين خودمختار رياستن سان گهڻي مشابهت رکي ٿو، ڪجهہ پيرن ڄمائڻ ڪان پوءِ عالمن پنهنجي اختيارين کي بيجا نموني ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ڏيهي حاڪمن وٽ عملدارن کي لغام ۾ رکڻ لاءِ ٻہ اوزار هوندا هئا: موت جي سزا ۽ عذاب. جيڪڏهن ڪو ڪامورو حد ڪان لنگهي ويندو هو تہ امڪان هوندو هو تہ هن کي ڏنڊن ۽ ٻير جي لٺين سان ماريو ويندو يا زمين ۾ ڳچي تائين پوريو ويندو هو. هلڪن ڏوهن لاءِ منهن تي پيٺل ڳاڙهن مرچن جو توبرو چاڙهي ڇڏيندا هئا. يا ٻانهن ۾ واريءَ سان ڀريل ڪُنا ٻڌي، وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيندا هئس، يا سٿڻ ۾ ٻہ ٽي ڏينيو وجهي ڇڏيندا هئس، يا ٻليءَ سان عذاب ڏيندا هئس. ٻلي، هڪ لوهي چنبن سان اوزار هوندو هو، جنهن سان ماڻهوءَ جو ماس پٽيندا هئا. پر اهي آخري اپاءَ ورلي ڪم آندا ويندا هئا. ڏيهي حڪومتن جي رعيت گهڻو ڪري سخت ڪان سخت سزائن ڪان بہ ڪا نہ ڊڄندي آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ڪان گسائي وڃڻ جو هميشہ چڱو خاصو امڪان هوندو آهي. سنڌ ۾ بہ ائين ئي هوندو هو.

ٺڳيءَ جو پيشو گهڻيءَ اورچائي ۽ محنت سان سکڻ ڪان پوءِ عامل پنهنجي پنگتي حيثيت قائم رکي بلڪ وڌائي بہ سگهندا هئا. هو وقت تي حاڪمن جي خدمت ڪندا هئا ۽ وقت تي کين ڌوڪو ڏيندا هئا. وقت تي خوشامد ڪندا هئن ۽ وقت تي ڦيريندا هئن. وچولي درجي جا مسلمان، جن جو مدار عاملن تي هوندو هو، تن کي هو لُٽيندا بہ هئا ۽ تنگ بہ ڪندا هئا. هو عام ماڻهن تي، جيڪي اڪثر ڪري قرضن ۽ ٻين ضرورتن جي ڪري هندو صرافن ۽ واڻين يعني شاهوڪارن جي چنبي ۾ ڦاٿل هوندا هئا، ڏنڊي



سان حڪومت ڪندا هئا. عامل پنهنجي فائدي ڪان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ ڏسيندا هئا ۽ انهيءَ راهہ ۾ نہ هنن کي ڪو قسم روڪيندو هو، نہ هو ڪنهن خطري ڪان ڊڄندا هئا ۽ نہ وري ڪو رحم ئي ڏيکاريندا هئا. هو عمل ۾ ڪائر هوندا هئا، پر ڌيرج ۾ وڏا بهادر هئا. حاڪمن ڪيترا دفعا قبول ڪيو آهي تہ جوابدار عذاب ڪان ٽڪجن، تنهن ڪان اڳ اسان عذاب ڏئي ڏئي ٽڪجي پوندا هئاسين. جنهن هٿ جي صفائيءَ سان هو ڪوڙا دستاويز، سندون ۽ مهرون ٺاهي سگهندا هئا، سا هنن گهڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ ڪان پوءِ حاصل ڪئي هئي. ڪي اهڙا چالاڪ هئا جو منڊيءَ واريءَ مهر جو ڇاپو، مس قلم سان نقل ڪري سگهندا هئا، ۽ پوءِ ڇاپي جي مٿان آڱوٺو گسائي ڇڏيندا هئا، جنهنڪري اها خبر نہ پوندي هئي تہ ڪا جعلسازي ٿيل آهي. ٻيو طريقو جو گهڻ عمل ۾ آندو ويندو هو، سو هيءُ هو تہ مُهر جو ڪو پراڻو ڇاپو وٺي، مس سان تازو ڪري، ان جو آلي پني جي ٽڪر تي نقش وٺندا هئا. انهيءَ نقش کي وري مس لائي تازو ڪري، ان تان دستاويز تي مهر جي جاءِ تي ڇاپو وٺندا هئا. ڪوڙي مهر ٺاهڻ جو عام طريقو هيءُ هوندو هو تہ ٿورو آلو ميڻ ڪٽي، مهر وانگي گول ڪري، مهر جي ڪنهن صفا ڇاپي مٿان رکندا هئا. پوءِ هڪ چاقوءَ يا جيڪڏهن وڌيڪ صفائيءَ سان ڪم ڪپندو هون تہ هڪ خاص اوزار سان، جو انهيءَ ڪم لاءِ ٺاهيو ويندو هو، ميڻ تي جيڪي اڀا نشان ٿي پوندا هئا، سي اُڪريندا هئا. اهڙيءَ طرح هڪ مهر ٺهي پوندي هئي، جا ڏهہ، ٻارهن دفعا ڪم اچي سگهبي هئي. اسان جي سياسي عملدارن جون هندستان ۾ اعليٰ درجي جون اُڪريل پيچيدگيون مهرون اهڙيءَ ڪاميابيءَ سان نقل ڪيون ويندون هيون، جو ڪو ماهر پورگر مس ڇئي سگهندو هو تہ هنن ۾ ڌوڪو ٿيل آهي. ڪنهن وقت ميڻ بدران ميڻ ڪم

آٽيندا هئا. پر ميڻ گهٽو کا نه واپرائي ويندي هئي. چاڪاڻ ته ان جي جلد خراب ٿي وڃڻ جو امڪان هوندو هو. جڏهن اهي سڀ طريقا ناڪام ٿيندا هئا. تڏهن عامل، ”وينجهڻ“ واري کي رشوت ڏئي، کانئس مدد وٺندو هو. پر اهو ڪم خطرناڪ هوندو هو. عملدار سيني قلمڪارن کي سڃاڻيندا هئا. جيڪڏهن ڪو ڦاسي پوندو هو ته ان کي سخت سزا ملندي هئي. عامل کي ڪوڙن دستاويزن ٺاهڻ ۾ جا مهارت هئي، سا هن جي ٻين لياقتن کان گهٽ نه هئي. رواجي طرح ته دستاويز لکي زبان سان چٽي ان کي زمين ۽ ڪنهن فراشيءَ يا غاليچي جي وچ ۾ رکي، مٿان لتاڙيندا هئا. تان جو مس جي چمڪ جهڪي ٿي ويندي هئي.

عامل، عام سنڌين کان ڏيل ۾ وڌيڪ سگهارا ۽ سهڻا آهن. هنن مان ڪي بدن جا نهايت مضبوط آهن. ۽ سندن روش اڪثر ڏولاڻا ۽ وٽندڙ هوندا آهن. هنن مجبور ٿي مسلمانڪي پوشاڪ، جهڙوڪ سنڌي ٽوپيءَ سلوار، اختيار ڪئي هئي. ۽ ڏگهيون ڏاڙهيون ڇڏايون هئائون ۽ مٿي جي فقط ٽڪڻ ڪوڙائيندا هئا. پر هو پنهنجي رسم مطابق مڇون ڪو نه وترائيندا آهن. تنهن کان سواءِ هو تلڪ لڳائيندا آهن. ۽ پاڻ کي مسلمانن کان ڌار ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪٻي پاسي واريءَ ڳچيءَ سان چولو پائيندا آهن. هو قيمتي ڪپڙا پسند ڪندا آهن ۽ ڏيک ويک ۽ خرچ جا ڪوڏيا آهن. هو هن معاملي ۾ هندستان جي ڪٽر هندن جي ابتڙ آهن. هنن جا ڌرمي متا انهن لوهاڻن جهڙا آهن. جي وڻج واپار ڪندا آهن ۽ کاڌو به انهن جهڙو کائيندا آهن. پر اعليٰ تعليم ۽ ٻين مذهبن جي ماڻهن سان گهڻيءَ ميل جول جي ڪري منجهائن ڪيترا دهريا آهن.

اسان عامل جي تعليم جو احوال هڪ باب ۾ اڳيئي لکي چڪا



آهيون. نوڪريءَ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هو دفتر ۾ وڃي رڪب يا دستور العمل مان اهڙيون ڳالهيون نقل ڪري پاڻ وٽ رکندو هو. جن جي ڪيس ضلعي ۾ ضرورت پوڻ جو امڪان هوندو هو.

## آخري ٽيڪا

اسان جو پورهيو هاڻي پوري ٿيڻ تي آهي، تنهنڪري مناسب آهي ته هنن صفحن ۾ جيڪي رايا ظاهر ڪيا ويا آهن، تن جو اختصار ڏجي.

سنڌ، جا اسان لاءِ اڃا هڪ نئون ملڪ آهي، سا ٻن سببن ڪري اسان جي مشرقي سلطنت جو هڪ اهم جزو آهي: پهرين ته سنڌ وچ ايشيا جو تجارتي مرڪز ٿي سگهي ٿي، ٻيو ته سنڌ هندستان کي ان جي ذاتي دشمنن يعني پار وارين فسادي، جنگجو ۽ طاقتور قومن کان بچائڻ لاءِ جا حد ٿهيل آهي، تنهن جو آخري مورچو آهي.

سنڌ جو صوبو هاڻي تمام ڏتڙيل حالت ۾ آهي، ان ۾ گهڻي خرچ جي ضرورت آهي، جنهن مان اڳتي هلي اسان کي فائدو رسندو. ان کي آباد ڪرڻ لاءِ رهندڙ ماڻهن ۽ آبادگارن جي گذران لاءِ پئسي جي ضرورت آهي.

ماڻهن بنسبت مشڪلات هيءَ آهي ته ٻن مخالف قومن سان ڪيئن ورتاءُ ڪجي، جو تارازيءَ جا ٻيئي پڙ هڪ ساريکا رهن. ڌاريءَ حڪومت ۾ مسلمان ۽ هندو هميشه هڪٻئي جي خلاف رهندا. اسان جو فائدو ان ۾ آهي ته ٻنهي ڌرين کي هڪ نظر سان ڏسون.

سنڌ جي ماڻهن جي هن وقت پڪار آهي ته ملڪ جي ڏتڙيل حالت آهي ۽ تعليم لاءِ سهولتون ڪو نه آهن. پهرين ڳالهه هڪ شڪايت آهي ۽ نه گناهه. ٻيءَ جو جلد ۾ جلد تدارڪ ڪرڻ کپي.

اسان فقط هڪ عملدار وسيلي اهو ڪم ڪري سگهون ٿا، جو

ڏيهي حاڪم ٻاهرين ماڻهن جي مدد سان ڪندا هئا. ان ڪري ماڻهن جي هڪ وڏي جماعت بيروزگار ٿي پئي آهي، ان ڪري ناراضپو پيدا ٿئي ٿو. وڏن جاگيردارن ۽ زميندارن جي شڪايت آهي ته هنن کي اسان وٽان نڪي پگهار ٿي ملي نڪي لوازمو. هنن جي اهڙي سقيم حالت ٿي وئي آهي جو ڪين آباديءَ لاءِ مزورن رکڻ جي طاقت به نه آهي، ۽ هنن جا نندا پائر ۽ ٻار، جن جو گذران اڳي تلوار يا قلم جي زور تي هوندو هو، سي هاڻي هنن لاءِ وبال جو باعث ٿي پيا آهن. وچولي درجي وارا رئن ٿا ته هنن کي نوڪري ڪا نه ٿي ملي، ۽ جي ڪو روزگار لڳين به ٿو ته ان جو اجورو نالي ماتر ٿو ملين. واپاري چون ٿا ته گهڻ واهپي جي ڪري هنر تباهه ٿي ويا آهن ۽ ٻڌو واپار گهڻجي ريزڪي ٿي پيو آهي. رعيت جي دانهن آهي ته ڪين پئسي جي تنگي آهي ۽ صرافن ۽ واڻين وٽان قرض ڪو نه ٿو ملين.

پر اهي انتظامي تبديليءَ جا لازمي اهنج آهن. اسان جو رايو انهيءَ جي پختي اصول تي ٻڌل آهي ته هڪ اهڙي ملڪ لاءِ جي ميڪسيڪو ۽ ڏکڻ هندستان وانگر شيون يا دولت جا اسباب خودبخود نٿا پيدا ڪن، زراعت ۽ تجارت ئي دولت جا ذريعا ٿي سگهن ٿا.

تعليم جي باري ۾ اسان هن وقت تائين ڍلا رهيا آهيون. اسان ڏيهي مدرسن ۽ مڪتبن کي تباهه ٿيڻ نه ڏنو آهي ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيو ڪو بندوبست ڪو نه ڪيو اٿئون. سنڌين کي پنهنجي زبان ۾ وياڪرڻ، لغتن ۽ اسان جي درسي ڪتابن جي ترجمن جي ضرورت آهي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته اها ڪمي آخر پوري ڪئي ويندي، پر اخلاقي سڌاري ۾ جيترو جلد سهائتا جو هٿ ڊگهيرجي اوترو چڱو.

اها ٻولي جنهن کي عام طرح ’سنڌي‘ چيو وڃي ٿو، سا هڪ



جهوني، پُر الفاظ، باترتيب ۽ مهذب زبان آهي. جيئن ته اها زبان سنڌ ۾ هرڪو ڄاڻي، تنهنڪري اها فارسيءَ کان (جا هن وقت رائج آهي)، سرڪاري لکپڙهه ۽ وهنوار لاءِ وڌيڪ موزون سمجهڻ کپي. ٻن ٻولين استعمال مان (جن مان هڪ فقط پڙهيل طبقي جا ماڻهو پڙهي سگهن ٿا) ٺڳي ۽ بي انصافي ٿيڻ جو امڪان آهي.

سنڌ جي ٻوليءَ بنسبت هڪ ٻي ڳالهه جا ڌيان ۾ رکڻ کپي، سا هيءَ آهي ته ان ۾ ڪجهه پراڻو ۽ عام فهم ڪلام آهي جو ٻوليءَ جي وزن قائم ڪرڻ ۽ مغربي عالمن جي رهنمائيءَ لاءِ گڏ ڪري محفوظ رکڻ کپي. هڪ پوئتي پيل قوم جي فڪر جي پيدائش مان، اسان کي شايد رس نه اچي ۽ نڪي ڪو ٻيو فائدو پهچي، پر اها اسان جي هٿ ۾ هڪ طاقت جو ذريعو ۽ قيمتي هٿيار ٿيندي، روسي مشرقي سياستدانن ۾ سيني ڪان سياڻا، جيتوڻيڪ گهڻ ڪامياب آهن، تن ڪيترو اڳ افغانن جا قومي ڪتاب ڇپايا ۽ ترجمو ڪيا آهن. ٻئي طرف اسان ان ٻوليءَ جي بناوت جي سمجهڻ جي ڪا به تڪليف ڪا نه ورتي آهي، جا ان ساري ملڪ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن سان گڏيل ويهه ورهيه اسان جا گهرا تعلقات رهيا آهن، جنهن ۾ اسان پنج سال مالڪ ٿي رهيا آهيون ۽ حڪومت ڪئي اٿئون.

# ضميمو - 1

مختلف جانورن جي آوازن جي هيءَ مختصر فهرست ڏيکاري ٿي ته سنڌي، لفظن جي ذخيري ۾، ڪيڏي نه شاهوڪار زبان آهي:

ٻانگ: ڪڪڙ جو آواز.

ٻيڪ : ٻڪريءَ جي دانهن.

ٻيڪار : ساڳئي لفظ جي زوردار صورت.

ٻيٻڙاٽ : دُنبي يا رڍ جو آواز، ڊپ يا تڪليف ۾.

ڀُون، ڀونڀيٽ : مکين جو آواز.

ڀؤنڪ : ڪتي جو آواز.

ٻوڪڻ : ٻڪر جو آواز.

1. لفظن جي اشتقاقن جا ڄاڻو ڏسندا ته هنن مان ڪي لفظ ٻين ٻولين مان ورتل آهن ۽ ڪي جانورن جي آواز جو نقل ڪن ٿا ۽ اتفاق سبب ٻين ٻولين جي لفظن جهڙا آهن.

ٻوڪاڙ : ڪتي جي زوردار دانهن.

چرچاٽ، چيچاٽ : مکين ۽ ٻارن جو گوڙ.

ڏڪ : مينهن جي رنڀ.

گرڻ : گهٽي جو آواز.

گجگوڙ : شينهن يا واگهه جي رڙ.

هاهڙ، هانهر، هڻڪار : گهوڙي جو آواز.



هينگ : گڏهه جو آواز.

ڪُڪڙ ڪُو، ڪرڪڻ : ڪُڪڙ جو آواز.

ڪٽي : اُٺ جي ڏندن جي ڪرٽ.

ڪان ڪان : ڪانون جو آواز.

ڪنؤن ڪيؤن : ڪتن جو آواز.

چينگهار : هاٿيءَ جو آواز.

ڪِڻڪ : مينهن جو آواز.

ڪوڪ، ڪوڪاٽ : ڪتي جي ڀؤنڪ.

ميائو : ٻليءَ جو آواز.

ميڪ : رڍ جو آواز.

اونائي : گدڙ جي ڪوڪ.

رنڀ : ڍڳي جو آواز.

رڙ، رڙهاٽ : اُٺ جو يا ٻيو ڪو بڇڙو آواز.

سيٽ،سيند :سيٽيءَجو آواز جنهن ڪي عرب صفر چوندا آهن

يخيخ : ڪتي جي ڪوڪ يا اونائي.

# ضميمو - 2

سنڌ جي ميدانن ۾ جي مکيه بلوچ قومون رهن ٿيون، تن جي فهرست.

ٻبر، بداڻي، بدراڻي، باگراڻي، بهاراڻي، بهراڻي، بنگلاڻي، برفت، ٻرڳڙي، ٻيداڻي، بگٽي، بلدي، چاچڙ، چانديا، چانگ، چانگاڻي، چانگيا،

چالگيري، چولاڻي، ڏيڏو، ڏومڪي، ڏونڪاڻي، هيسباڻي، هولائي، گبول، گاڏهائي، گشڪوري، گورچاڻي، گورفاند. گوپانگ، گنگاڻي، جاداڻي، جکر، جکراڻي، جلالاڻي، جلباڻي، جمالي، جروار، جت، جتوئي، جسڪاڻي، جويا، ڪاڪاڻي، ڪلوئي، ڪلفر، ڪپري، قرمطي، ڪوسا، لغاري، لڄواڻي، لڪوڪر، لاشاري، لنڊ، لرڪا، منگسي، ملڪ، ماڻڪاڻي، مري، ميرجت، موندراڻي، مزاري، نِداماڻي، نظاماڻي، نوداڻي، نوهاڻي، نوتاڻي، نوتڪاڻي، عمراڻي، اُنڙ، بوگهه، راڄڙ، رخشاڻي، رند، سجادي، سلمائي، سرخاڻي، شهواڻي، ٽالپر، ٽوڙها.

# ضميمو - 3

سنڌي، پنهنجن پاڙيسرين بلوچن ۽ فاتح عربن وانگر ڪيترين قومن بلڪ پاڙن ۾ ورهايل آهن. رسم، قومن جي وچ ۾ شاديءَ جي اجازت ڏيئي ٿي، پر هڪ اُچي قوم جي زال کي گهٽ قوم جي مرد سان شادي ڪرڻ جي منع آهي. ڪن پراڻين قومن ۾ يورپ جي قومن وانگر اڃا ڪافي فرقيوارانه تعصب آهي. مثلاً ابڙن جهڙي سنڌي خاندان ۾ اڃا پراڻيون روايتون محفوظ آهن، جي سندن پَٽ ڳائيندا آهن. هنن جي دعوا آهي ته اسان جهڙي بهادري ۽ حسن ڪنهن قوم ۾ نه آهي. هو ٻين سيني قومن کي ڌڪاريندا آهن، ڇاڪاڻ ته هو سندن قوم مان نه آهن.

سنڌ جي اصلي مکيه قومن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:

ابڙو، ڏاوچ، اڇڙو، اگار، اگيم، احمداڻي، اڪڙو، امرو، اڏيجو، انڙ، اوٺو، آريسر، بخيار، باڪرو، بنيو، بنديجو، بارڻ، بائو، بيهڻ، بيرند، بادل،



باديپوٽو، بغدو، بهار، بهڻ، باقر، بڪرو، بودلو، بڙدي، بزدار، ٻلائي، ٻنيڙو، ٻانئي، ٻند، ٻينڙو، ٻٽي، ٻنتو، ٻريو، ٻوڄو، ٻوپٽاڻي، ٻوپٽ، ٻگيو، ٻرٻلي، ڀورارو، ڀورو، ڀٽرو، ڇغدو، ڇهاڻ، چارڻ، چنو، چانيو، چاندويٽو، چورتيو، چوهاڻ، ڇيديو، ڇوربٽو، ڇٽو، دادپوٽو، دادِر، داڪڪ، دکو، دادر، دل، دنيوي، دودو، درز، درس، دايو، دئاڪر، ڏاچر، ڏاهري، ڏاوچ، ڏارو، ڏيپر، ڏيٽو، ڏيرو، ڏڳر، ڏاڳر، ڊارو، ڌوڪي، ڌني جو ڏيرِ، ڏگر، ڏومڪي، ڏبلو، ڏڍ، ڳهلرو، ڳهيلو، گگڻ، گڊو، گانئچو، گجڻ، گنيپر، گندساگر، گارائي، گرمو، گيل، گدڙ، گدوڙ، گگو، گنگو، گهانگرو، هاڪت، هاليپوٽو، هالو، هاليو، هماتي، هميرڪو، هلايو، هنگورجو، هليو، جگسي، جڳيو، جهيجو، جگڙو، ڄاموٽ، جبيسر، جهبرو، جهنگ سيال، جوکيو، جوٽو، جوٽيجو، ڪاڇيلو، ڪيسڻ پوٽو، ڪاهو، ڪاڪو، ڪلهوڙو، ڪمنديو، ڪاڻ، ڪانند، ڪانڌڙو، ڪانڙو، ڪانت، ڪس، ڪٽياڻ، ڪتيتار، ڪرڪلي، ڪيبر، ڪيريو، ڪشمشي، ڪيڻ، ڪوڏر، ڪوڪر، ڪوريو، ڪوڪارٽو، ڪونگر، ڪُٻر، ڪارو، ڪارو، ڪوڪر، خچر، خاڪي پوٽو، خليفو، خشڪ، لڳيتو، لڌي، لٻاڻ، لاڏو، لاڪيو، لاکو، لانگ، لانڊري، لانگاهه، لانڊر، لوگو، لوڪر، لوڏيو، لونگ، مڇر، ماڇي، مهارو، مهمت، محمود، ملار، ماليو، مالوپوٽو، ماهيون، مهيسر، مناهي، مندر، منڌرو، مينگهيپوٽو، مگٽيجو، مگريو، منگناٽو، مشائخ پوٽو، مزديو، ميمڻ، ميهر، ميري، منڌرو، ميراخور، موچو، مور، مهاڻو، ملتاني، موسو، ناگئون، نائچ، ناريجو، ناهيو، نور، نوتاڻي، نوتيار، نمرو اوٺر، پَهنور، پهور، پلاهه، پلي، پرهه پرهار، پارڻ پريتيو، پراڙ، پارو، پٽافي، پسايو، پسيو، راهو، راڄپر، رڄيرو، راجسي، رامدهه،

رمضان پوٽو، رنگي، راڻو، راٺور، رُونجهو، سديهر، سڏوچيو، سگهيو، ساهڙ، ساهو، ساهر، سڪيراڻي، سالار، سمو، سميجو، سامٽيو، ساند، سانگي، ستپريو، سٽيو، سومرو، سيال، سپيو، سوڍر، سيهڙو، سيهتو، سوڍو، سوهو، سوپار، سورنگي، سدر، شيطاني، شودو، شولاڻي، شورو، صوفي، صديق پوٽو، تاجوجو، تاجو، تارو، تيهبو، تيٽو، تيوڻهه، تتيو، ٿهيم، واهرو، ونگيار، وريپوٽو، ورسو، وائڙو، وڌريجو، وگهيامل، وڪرو، وڪيو.

## ضميمو - 4

هڪڙي سياح لاءِ جو آفريڪا جي زبانن کان غير واقف آهي ۽ معلومات حاصل ڪرڻ جو ڪو ذريعو ڪو نہ اٿس، غلطين ڪرڻ کان سواءِ غلامن جي ٻوليءَ مان صحيح انتخاب ڏيڻ مشڪل آهي. هت جيڪي لفظ ڏنل آهن، سي هڪ ڏهين صديءَ جي رسم الخط تان ورتل آهن ۽ پوءِ پڪ ڪرڻ لاءِ تہ غلطي تہ ڪا نہ ٿي آهي، ٻين شيدين کي ڏيکاريا ويا آهن. ٻولين جي ماهرن کي شايد انهن لفظن مان خبر پئجي سگهي تہ اها ٻولي ڪهڙي قسم جي آهي ۽ ان جي بناوٽ ڇا آهي؟ انهيءَ ارادي سان هي لفظ انهن اڳيان پيش ڪجن ٿا:

اڪاينپا = ڏيڻ. اڪابيجا = وڪڻڻ. اڪاجي = اچ. اڪانيدا =هليو وڃ. اڪافينگا = وٺ. اڪجوڪولا = ڪٽي وڃ. اڪوناه = ڪجهہ ڪو نہ آهي. بابايا = پيءُ. باريدي = ٿڌي موسم (عربي). بندوق = تفنگ (فارسي). بيگا = ڪلهو. بينديرا = هڪ قسم جي ٽوپي. بوري = حقو(عربي). بزي = ٻڪري (فارسي). چدور = آگر. چني = زمين.



چنهاندا = پلنگ. چوما = پتل، ٿامون. چونبو = جهاز. داو = رت (عربي). ديوو = ڏاڙهي. دبيتا = پيٽي (هندستاني). دميري = ڪير. ڊزي = ڪيلو. ڊرو گائنگو = پاءُ. ڊپوڪو = ڪوئو. فاڪا = ٻلي. فلاسي = گهوڙو (عربي) فنو = گدڙ. فيورا = نڪ. گائو = ڊال. گيما = ڇگو. گيرا يا گامره = اُٺ (عربي؟). گوينگا = ڏنگو. گئا = ڪمند. گڪو = ڪڪڙ. گروئي = سوئر، هي = هئي.جوا = سج، ڏينهن. ڪليتا = اچ. ڪانجو = قميص. ڪريال = ٽين. ڪندورو=رڍ. ڪسو = ڪَپُ. ڪسوم گرا = سهئو. ڪوفيہ = ٽوپي(عربي). ڪومونگو = لوهہ. ڪونا = مارڻ. لڪاسي = بگهڙ. لياني = سچو.(سڪو). لمبئانگو = پيڻ. ماچو = اک. ماجي = پاڻي. ماڪومو= هٿ. ماميا = ماءُ. مانامگي = عورت. مارومي = ماڻهو. مارمئي = منهنجو. مرياڪو = تنهنجو. مريوري = هڻ جو. مسڪيرو = ڪن. مزيوا = ڇاتي. ماوي = ٺَڪري، پٿر. ماونگو = ڪکر. ميسو = اک. مينو = ڏند. مگونگو = پٺي. مئي = مان. مسري = نير. موئزي = چنڊ. مهينو. موٿو = باهہ. مرومو = وات. مسٿيمي = جهنگ. مٿوتو =بار. مٿونگي = نڪر جو ٿاءُ. مگرو = پير. مڪاتي = ماني. مڪوڪي = پالو. متاما = ان. متوما = غلام. نگومبي = گانءِ. نڪوفا = لاش. نياني = مينهن. نياما = گوشت. نيام ڪيرا = رڇ. نئمبي = انب. نيوئيري = وار (هندستاني؟). نيومبا = گهر. اوگاري = چانور. ڪاڏو. اوڪاري = ويهہ. پهاڻي = سمنڊ (هندستاني). پهيپهو = ٿڌو. پنڊي = ڪسان. ريو = آڏي. روبانگا ترار. سموري = گيهہ. سروالي = سلوار (عربي). سيمي = پيالو (عربي). سماگي = بار. سڪو =

رات. سمباه = شينهن (هندستاني). سنگو = ڳچي، نرگهٽ. سولبا = مڇي. ٽيمبري = هاٿي. ٽينڊي = ڪجورا. ٽاندوئا = تارا. اجي = اڄ. انبوئا = ڪتو. اميئي = هٽڻ. اندوڪي = اٿڻ. اسامي = ٻيهڻ. اسنگيزي = هٽڻ. اتنبو = پيٽ. ودوري = آڱر. وياڪاري = ڏي. وڪن = گرم موسوم. وورا = برسات. وابي = ڪٿي؟ ويئي = تون. يوري = هو. زهبو = سون (عربي). زيوا = ڪبوتر.

انگ هن طرح آهن: 1. مويا، 2. پيرهي، 3. تاهتو، 4. ممي، 5. ٽانو، 6. ٽنداٽون، 7. مفونگٽ، 8. مناني، 9. مپياه، 10. ڪمي، 100. ڪرش، 000. ڪمي ڪرش.

تمام ٿورا شيدي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڇهن يا سٽن کان وڌيڪ انگ ڳڻي سگهندا آهن. هو اهي ڪمي سنڌي انگن سان پوري ڪندا آهن.

# ضميمو - 5

## اختصار، سنڌ صوبي جي آدمشماريءَ جو، 1 جنوري حيدرآباد ۽ شڪارپور جي ڪليڪٽرن جي



| ضلعو | شهرن ۽ ڳوٺن جو تعداد | مسلمان | | | هندو | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | مرد | زالون | جملي | مرد | زالون |
| ڪراچي | 1144 | 81099 | 85361 | 139460 | 23765 | 17812 |
| حيدرآباد | 4977 | 227751 | 182443 | 410194 | 61593 | 47143 |
| شڪارپور | 1410 | 142604 | 114424 | 257108 | 42158 | 38373 |
| | 7531 | 451454 | 355228 | 806762 | 127516 | 103328 |

1851ع ملڪ جي ٽن مکيہ ضلعن، يعني ڪراچي، تيار ڪيل نقشي تان ورتل.

| | پيا | | | جملي | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جملي | مرد | زالون | جملي | مرد | زالون | جملي |
| 41377 | 2558 | 1955 | 4513 | 107422 | 78128 | 185550 |
| 108736 | 18254 | 14627 | 32881 | 307598 | 244213 | 551811 |
| 80531 | 7057 | 5786 | 12842 | 191818 | 158583 | 350401 |
| 230644 | 27861 | 23368 | 50236 | 606838 | 480924 | 108776<br>2 |

ڪراچي، مئي 1851ع

## ڪتاب ۾ ڏنل اشارن (انگن) جي سمجهاڻي

### باب پهريون

(1) ڪهگل، گهاٽو گارو، ڪُتر ٽيل بُوسي ۽ ٻين شين سان مليل، جو ساريءَ سنڌ ۽ وچ ايشيا ۾ جاين لنبڻ جي ڪم آڻيندا آهن.

(2) بلڪل مصر جي خمسين جهڙا. اهي ايران، افغانستان ۽ سنڌونديءَ جي اوپر ۽ ڏکڻ وارن ملڪن ۾ ڪجهہ تائين عام لڳندا آهن. تعجب آهي تہ اهي ڪڇ کان هيٺ ڪو نہ لڳندا آهن.

(3) ايترو قبول ڪبو تہ ڪابل واري لڙائيءَ وقت جڏهن ڪين سٺو موقعو هو، تڏهن اسان تي حملو ڪو نہ ڪيائون. پر انهيءَ جي معنيٰ اها نہ هئي تہ هو ٻئي ڪنهن موقعي تي ”وبا“ (يعني انگريز) مان ملڪ کي آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪندا.

(4) چوندا آهن تہ سنڌ، هند جو ڀاءُ ۽ نوح جو پٽ هو.

(5) اڪثر جاگرافي نويس، ملڪ کي ٻن ضلعن ۾ ورهائين ٿا: هيٺ لاڙ ٻيو سرو. انهن ضلعن جون حدون حيدرآباد جي اتر ۾ هالا جي شهر وٽ ملن ٿيون.

(6) حرارت 92 ڊگرين (ف) کان ورلي مٿي هوندي آهي، سکر ۾ حرارت جو درجو 112 ڊگرين کان گهٽ نہ هوندو.

(7) حيدرآباد جا پراڻا هندڪا نالا آهن. نيرون ڪوٽ ۽ سيتلپور. اها ڳالهہ انهيءَ منجهيل مسئلي جو آخرين جواب آهي ڏسو باب ٻيو.

(8) جولاءِ 1839ع ۾، 1600 تازن توانن ديسي سپاهين جو هڪ

ٿولو ٺٽي جي پرسان ٽڪرين ۾ رهايو ويو هو. نومبر ۾ ٻوڏن جي ڪري، جيڪي بخار ۽ اوبر اٿندا آهن، تن سندن اهڙي حالت ڪئي هئي، جو منجهائنئن فقط پنجاه ڄڻا نوڪري ڪرڻ جي لائق وڃي بچيا هئا.

(9) مدرسا، جن لاءِ ٺٽو اڳي مشهور هو، پورچوگيزن جي ديول، جا شهر جي اڀرندي، ڇيڙي تي هئي، ۽ شاهي قلعو جو الهندي ڇيڙي تي هوندو هو، سي هاڻي گهڻي وقت کان زمين دوز ٿي ويا آهن. شهنشاهه اورنگزيب جي هڪ نائب جي اڏايل عاليشان مسجد جا هاڻي سلامت، پر ڦٽل حالت ۾ آهي، سا اڃا شهر جي سڀ کان نمايان عمارت آهي.

(10) هن بزرگ جي احوال لاءِ ڏسو باب اٺون.

(11) شڪارپور، ملتان واڻگر، خراسان جو هڪ دروازو سمجهي ويندي هئي، ڇاڪاڻ ته اتان بولان جي دڙي کان سنڌو قنڌار تائين رستو آهي.

(12) هن وقت درياهه متعلق جيڪي به سوال آهن، تن بنسبت وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهندڙن کي هندستاني ٻيڙي جي ليفٽيننٽس ووڊ ۽ ڪارليس جا ليک پڙهڻ کپن. جي ڪئپٽن پوسٽن، سنڌ تي پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ ڇپايا آهن.

(13) اڳي سنڌونديءَ کي يارهن وڏا ڇور هوندا هئا. هاڻي خشڪ موسم ۾ انهن مان ٿي چوڙ وهندا آهن. تخمينو ڪيو ويو آهي ته سنڌونديءَ ۾ اٽڪل نون سَون ميلن جي مفاصلي تائين جهاز راني ڪري سگهجي ٿي. حيدرآباد وٽ سنڌونديءَ جي سراسري موڪر اٽڪل منو ميل آهي. حيدرآباد کان مٿي ۽ هيٺ ان کان به زياده آهي. سير جي وهڪري جي وڌ ۾ وڌ رفتار اٽڪل ست ميل ۽ اڌ فرلانگ ڪلاڪ ۾ آهي. آبڪلاڻي ۾، پاڻي تيرهن کان سورهن فوٽن تائين چڙهندو آهي.



(14) ڍنڍ يا ”ڪولاب“ هيٺانهين زمين آهي، جتي ٻوڏ جو پاڻي گڏ ٿيندو آهي. سرديءَ جي موسم ۾ ڍنڍون يا ته ٻنهه سڪي وينديون آهن يا ڪي قدر، انهن مان هميشه بخار اٿندا رهندا آهن.

(15) سنڌ جي هندن ۾ هڪ ڏندڪٿا آهي ته ملتان جو بادشاهه هونيڪسيپو ديو، اهڙو ٻلوان هوندو هو، جو هن ميگهه راس کي آسمان مان گهرائي ڪانئس وچن ورتو هو ته هو، سنڌ جي ماٿريءَ ۾ وري ڪڏهن به ڪو نه ايندو. هن غيبي سبب کان سواءِ، برسات جي نه هئڻ جو ظاهر ظهور طبعي ڪارڻ هيءُ آهي ته ملڪ ۾ وڻڪار بلڪل ڪا نه آهي. مشرق جي لڙائين ۾ اڪثر حسد ۽ ڪيني سبب درخت ناس ڪيا ويندا آهن.

(16) ڪئپٽن جيمس مئڪ مردو، جو سنڌ جي تاريخ ۾ ٻين مسئلن ۾ ماهر آهي، تنهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن بکر ۽ ٻين شهرن جي مسلمان خاندانن جا ڪتبخانا ۽ اتهاس اسان کي ڏيکاريا وڃن ته اسان جو قديم سنڌ جي معلومات ۾ چڱو اضافو ٿيندو. مان انهن خزانن هٿ ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪامياب ٿيو آهيان. مون کي جيڪي عربي تصنيفون ڏيکاريون ويون، سي جديد تاريخن جا فارسيءَ مان تازا ترجما هئا، ۽ انهن ماڻهن جي نظر ۾ اهي ڪتاب بي بها قيمت جا هئا.

(17) ”فرشتي“ جو فاضل ترجمان، جنرل برگس، جيئن لکي ٿو ته اهي ڪتاب آسانيءَ سان دستياب نٿا ٿي سگهن. مون کي شڪ آهي ته جيڪڏهن اهي ڪتاب، دستياب به ٿين، يا ٻيون اسلامي تصنيفون. اسلام جي زماني کان اڳ، جي هندستان ۽ مصر جي تعلقات بابت ملن ته پوءِ به شايد ئي ڪا روشني وجهي سگهنديون.

(18) 3 ۽ 4 نمبر ڪتابن جو ڪئپٽن پوسٽنس ترجمو ڪيو يا

اختيار ڏنو هو.

(19) "Dry Leaves from young Egypt Ex-poltical" جو مصنف

(20) راجپوت راجائون.

(21) چون ٿا ته سنڌ جي پراڻي گادي الور، روهڙيءَ کان چار ميل پري آهي. ڏسو باب چوٿون.

(22) ايلفنسٽن پنهنجي ڪتاب "هندستان جي تاريخ" جي جلد پنجين جي باب پهرئين ۾ چوي ٿو ته "ديبل شايد سنڌ جو هاڻوڪي بندر، ڪراچيءَ جي ويجهو ڪٿي هئو. ديبل، نٿي جي پرسان ڪو نه هو، جيئن 'فرشته' جو خيال آهي."

مون باب ٻئي ۾ دليل ڏنا آهن ته ڇا جي ڪري ديول ۽ ٺٽو ساڳي جاءِ تي آهن.

(23) محمد بن قاسم جي عجيب ۽ دکدائڪ انجام جي ڪهاڻي، ايلفنسٽن ۽ پوسٽنس تفصيل سان ڏني آهي.

(24) ڏيهي تاريخون ڪولي لکن ٿيون ته هن قوم جي نسل جي پوري خبر نٿي پئجي سگهي. ايلفنسٽن انهن کي "سومرا راجپوت" ڪري سڏي ٿو ۽ پوسٽنس چوي ٿو ته هو "عربي نسل جي هڪ قوم آهن." پهرين حاڪمن جا نالا هندڪا آهن ۽ پوين جا مسلمانڪا، جنهن مان ظاهر آهي ته هو پهريائين بت پرست هئا ۽ پوءِ اسلام ۾ داخل ٿيا.

(25) اها خاطري آهي ته سما، راجپوت هئا ڪڇ جا جاڙيجا اڄا تائين پنهنجو نسل راجپوتن مان ڇڪائيندا آهن.

(26) همايون جي هيءَ ياج، مشرق جي تاريخ ۾ مشهور آهي. اڪبر انهيءَ دوران ۾ عجيب حالتن هيٺ عمرڪوٽ ۾ (جو اوپر سنڌ جو



هڪ ريگستاني قلعو آهي) ڄائو هو.

(27) هتان جو هي پهريون حاڪم آهي، جنهن عرب ۽ پورچوگيز سپاهي پنهنجي لشڪر ۾ ڀرتي ڪيا هئا. هن جي يورپي لشڪر، سندس غير حاضريءَ ۾، ٺٽي کي باهه ڏئي ڦريو هو. جاني بيگ پڻ ٻن سؤ ديسي سپاهين کي يورپي وردي پارائي هئي. تنهنڪري ڇٻو ته هندستان جا پهريان پهريان "سپاهي" اهي هئا.

(28) هو بلوچ نه هو، جيئن عام طرح چيو وڃي ٿو. اڳتي جو ڏيکاريو ويندو ته ڪلهوڙي خاندان جي دعوا هئي ته هو عربي نسل جا بلڪ رسول اڪرم ﷺ جن جي اولاد مان آهن. اها دعوا ان ڪري قبول ڪئي وئي هئي، جو انهن کي تلوار ۽ مذهب جي ٽيڪ هئي.

(29) هو سڏوزئي قبيلي جو هڪ معتبر افغان هو. هن تي نادر تمام مهربان هوندو هو ۽ ڪيس پنهنجي دربار ۾ هڪ وڏو عهدو عطا ڪيو هئائين. ڪنهن وهم جي ڪري هن پنهنجي ذات ابداليءَ مان ڦيرائي دراني ڪئي هئي. انهي وقت کان وٺي هو انهيءَ نالي سان سڏبا ايندا آهن.

(30) 1758ع ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا ڪارخانا، ٺٽي ۽ شاهه بندر ۾ وڌا ويا هئا.

(31) جڏهن هو ڪڇ جي راجپوتن سان لڙائي ۾ ناڪامياب ٿيو ، تڏهن سنڌ ۾ موتي اڇي سنڌونديءَ جي ايرندي واريءَ شاخ تي هڪ بند ٻڌرايائين، جنهن جي ڪري دشمن جو ملڪ مٺي پاڻيءَ کان محروم ٿي ويو. جا ايراضي ڪنهن وقت سرسبز ساريالو ملڪ هئي، سا هاڻي هڪ بيڪار ڪلراٺو رڻ آهي.

(32) سنڌ ۾ بلوچ پنهنجيءَ همت ۽ بهادريءَ ڪري اوج کي

رسيا. ارڙهينءَ صديءَ ۾، نادر شاهه سنڌ فتح ڪئي تنهن کان ٿورو اڳ، بلوچن جي سردار، مير شهداد، پنهنجي چاچي، مير صوبدار سان اڻبڻت هئڻ ڪري ٽڪر مان لڏي اچي ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽ نوڪري ڪئي ۽ سنڌ جي دربار ۾ وڏو عهدو حاصل ڪيائين. هن 1747ع ۾ وفات ڪئي ۽ پٺيان چار پٽ ڇڏيائين. هن کان پوءِ سندس ٽيون پٽ، مير بهرام، قوم جو سردار ٿيو. هن ڪلهوڙن جي برخلاف رعيت جي بغاوت ۾ چڱو ڀرو ورتو ۽ آخر ميان سرفراز جي ڪيني جو شڪار ٿيو.

(33) تيمور شاهه، عبدالنبيءَ جي مدد لاءِ ٻه فوجون مدد خان ۽ احمد خان جي هٿ هيٺ موڪليون، پر هو ناڪامياب ٿيا. تنهن کان پوءِ هن ڪي ليئا جي حڪومت عطا ڪيائين. ڪلهوڙي پنهنجي پراڻيءَ عادت مطابق سڀ احسان وساري، پنهنجي جبري محسن جي خلاف بغاوت ۽ سرڪشي ڪئي. آخر تمام مقيم حالت ۽ ناتوانائي جي حالت ۾ ديري غازي خان ۾ وفات ڪيائين.

(34) وڏي زندهه ڀاءُ ڪي اڌ حصو وراثت ۾ مليو ۽ ڀين ڪي چوٿون حصو.

(35) ٽيرهن لک رپيا سال ۾، شاهه شجاع جڏهن وڃايل تخت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تڏهن ميرن سندس مدد ڪا نه ڪئي هئي ۽ تنهن کان سواءِ هن جيڪو ڏن 1805ع ۾ ميرن تي ٻڌو هو، تنهن جي بقايا ٻه هنن ادا ڪا نه ڪئي هئي. انهن ڳالهين لاءِ شاهه شجاع 1833ع ۾ ميرن جي گوشمالي ڪئي. مير 1839ع تائين گس گساءُ ڪندا رهيا. ان وقت شاهه شجاع سموري بقايا جي عيوض ٽيويهه لک رپيا نقد وٺڻ قبول ڪيا ۽ آئيندي ڏن معاف ڪرڻ جو وعدو ڪيو.



(36) ميرپور وارو مير شير محمد، ڪليو ڪلايو ۽ ٻنان ڏڀ جي پنهنجي مخالفت جو اظهار ڪندو رهيو. ميرن ڪي سنڌن ٻٽي پاليسي لاءِ گهڻو ڏوهه نٿو ڏيئي سگهجي. انهن مان هر هڪ، انگريز سرڪار ڪي خوش ڪرڻ لاءِ منتظر هو، پر هنن ڪي ڏپ هو ته بلوچ قومون نه بگڙي وڃن ۽ افغان قومون نه سنڌن خلاف ٿي پون. تنهن کان سواءِ هو ان ڳالهه لاءِ به تيار نه هئا ته ڪو شاهه شجاع ڪي اهڙو زور وٺائجي جو هو اٽلو ڪين هيسائي سگهي.

(37) ٻين ڳالهين سان گڏ هنن تي اها به تهمت هئي ته هنن ايران جي بادشاهه سان سازش ڪئي آهي. اهڙو هڪ خط پڻ هٿ آيو هو، جنهن مان انهيءَ تهمت جي ڪجهه تصديق ٿي پئي.

(38) مير نور محمد، نصير خان ۽ مير محمد، مير صوبدار ڪي انهيءَ تهمت کان آجو ڪيو هو، ڇاڪاڻ ته هو منڍ کان وٺي انگريزن جو طرفدار ۽ حامي هو.

(39) سر اليگزينڊر برنس، خيرپور جي ميرن سان ساڳئي قسم جو عهدنامو ڪيو هو. جيتوڻيڪ ان ۾ خراج جو شرط ڪو نه هو. ميرپور جي مير شير محمد ڪي به سندس حيدرآبادي ڀائرن جهڙا شرط ڏنا ويا هئا. هڪ وڌيڪ شرط هي هو ته هو پنج هزار پائونڊ سال ۾ ڏيندو.

(40) ڇهريون، مير رستم جو ٽيون پٽ مير علي مردان. ٻيو، مير رستم جا باقي پٽ جن ڪي سندس فوتي ڀاءُ مير مبارڪ جي وڏي پٽ، نصير خان جي ٽيڪ هئي، ٽيون، مير رستم جو ننڍو ڀاءُ عليمراد

(41) هنن ڪي شڪار گاهن جي ڪري (جي درياهه جي ٻنهي ڪنارن سان لڳو لڳ آهن) شهرن کان وڌيڪ زمين جو خيال هو.

(42) ان ۾ راڻيءَ جي 22 پيادل پلٽڻ (Her majisty's) ( 22nd

foot) جا ٻه سؤ ڄڻا اٿن تي، هڪ سؤ غير رسمي گهوڙيسوار ( Irregular Horse) ۾ ٻه توبون هيون.

(43) هن عاليشان مقابلي، ۾ مياڻيءَ ۾ دٻي جي شاندار لڙاين بابت، ميجر آئوٽرام ۾ سر چارلس نيپئر جون سرڪاري رپورٽون مڪمل احوال ڏين ٿيون. ڏسو ڪئپٽن پوسٽنس جي ڪتاب " سنڌ تي ذاتي رايا" (Personal Observations on Sind) جو ضميمو.

(44) اهي ٻه حاڪم جي انگريزن جا طرفدار هئا سي ٻه ميرن جي خاندان جي تباهيءَ جو شڪار ٿي ويا.

## باب ٻيون

(1) عجب جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي ماڻهن وٽ سنڌونديءَ لاءِ ڪو خاص نالو نه آهي، هو عام طرح سنڌونديءَ کي مٺو درياهه جي نالي سان سڏيندا آهن، تنهنڪري هو جڏهن ڪنهن واهه ڏي اشارو ڪري چوندا آهن ته اڳي درياهه هتان وهندو هو، تڏهن غلطي ڪو نه ڪندا آهن.

(2) اهو نالو بندر تي شايد ان ڪري پيو، جو ان ۾ هندن جو هڪ وڏو مندر هوندو هو، جو پري کان نظر ايندو هو. اسان کي پڪ آهي ته هاڻوڪو ٺٽو، ديبل جي جاءِ تي نهيل آهي. عرب ۾ ايراني، ٺٽي کي ديبل جي نالي سان سڏيندا هئا. اڃا تائين، ٺٽي جي نهيل شال، "شال ديبلي" جي نالي سان سڏبي آهي.

(3) ترجمو، صفحو 102، ڊاڪٽر لي بکر کي سنڌونديءَ جو ڦاٽ بگهاڙ ڪري سمجهيو آهي، ابن بطوط ۾، فقط صورتخطيءَ جي ڀل آهي. هو بکر جي بدران 'بکر' لکي ٿو، جو عربي جو لفظ آهي ۾ معنيٰ اٿس



پريات.

هت اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته چيني ڪتاب، " Ltinerary of Hiunan Tsang" (هيونئن سئنگ جي سفرنامي) ۾ سنڌ جو صحيح ۽ مستند احوال ڏنل آهي، مان اها ڳالهه ان ڪري ٿو دهرايان جو Bengal Artillery (بنگال جي توبخاني) جي Maj. W. Anderson (ميجر ڊبليو. اينڊرسن) ڊسمبر 1847ع جي Journal of the Bengal Asiatic Society بنگال ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي مخزن) ۾، " An Attempt to Identify the Places mentioned in the Itinerary of Hiunan Tsang" هيونئن سئنگ جي سفرنامي ۾، جن شهرن جا نالا آهن، تن جي ڳولا جي عنوان سان جو لکيو آهي، تنهن ۾ هن شڪ ڏيکاريو آهي ته اهو سفرنامو جهونون ۾ ڪارائتو نه آهي؟

هيونئن سئنگ، اسان جي ستين صديءَ ۾ سفر ڪيو هو، جنهن جي اوائلي ۾ ڏيهي واقعي نگارن جي مطابق، برهمڻ چچ، راءِ سهاسي ٻئي جي مرڻ کان پوءِ تخت تي قبضو جمائي ويٺو. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته "چوئو-تو-لو" مان چينائي سياح جو مطلب آهي، راجپوتن جي چتور قوم. "تحفة الڪرام" جو مصنف خاص طرح لکي ٿو ته "راڻو مهرت چتوري، پنهنجي مائٽ جي مرڻ کان پوءِ، حڪومت هٿ ڪرڻ لاءِ چچ سان دويدو وڙهندي، ان جي هٿان مارجي ويو.

سنڌ جون حدون جي هيونئن سئنگ ڏنيون آهن، سي انهن حدن سان ملن ٿيون جي روايت مطابق عربن جي ڪاهه وقت هيون. مڪاني مورخن جي راءِ مطابق، راءِ گهراڻي جي حاڪمن جي ڏينهن ۾، سنڌ جي اتر ۾ قندار ۾ سيستان هئا، ڏکڻ ۾ سورت جو بندر، اولهه ڏانهن مڪران ۾ اوپر

ڏانهن ڪشمير. ڪشمير مان ان نالي جو هاڻوڪو صوبو نه سمجهڻ کپي.

مان چيني ٻوليءَ مان واقف نه آهيان. تنهنڪري چئي نٿو سگهان ته ”پي-ٿچيو-فو-پو-لو“ جي منجهيل لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟ راءِ گهراڻي جي حاڪمن جي گاديءَ جو هنڌ الور يا اروڙ هو.

(4) نومبر کان اپريل يا گهٽي ۾ گهٽو مئي تائين. ڪامڙيا سخت گرميءَ ۾ ڪم ڪو نه ٿي ڪري سگهيا.

(5) رپيي جا اٽڪل ٻارهن نمونا هئا.

(6) ”واهه“ سرڪاري ڪوٺايل وڏيءَ نهر کي چوندا آهن. ”ڪڙيو“ يا ”ڪسي“ ننڍي نالي آهي، جا آبادگار پاڻ کوٽائيندو آهي.

(7) ماپ لاءِ هڪ ڪاٺي ڪم آڻيندا هئا. جنهن جي ڊيگهه ڪاغذ جي وال سان مقرر ڪئي ويندي هئي.

(8) ”بيگر“ جو رواج گهٽو ڪري سري تائين محدود هو.

(9) مثلاً، اولهه کان ڏکڻ (يا سکر کان سمنڊ تائين) ۽ درياهه کان پاسيرو اندر وارن علائقن تائين.

(10) ٻن زبردست بلوچ قومن جا نالا. جن مان گهڻا سنڌ ۾ وڏا زميندار آهن. جاگيردار اڪثر بندوبست ڪري واهن يا وڏن ڦاٽن جي منهن تي زمين وٺندا هئا ۽ پڇڙيءَ واري زمين سرڪار جي بدنصيب رعيت کي پلئه پوندي هئي. اهڙيءَ طرح آبڪاڻيءَ ۾ رعيت جي پاڻيءَ جو مدار جاگيردارن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندو هو.

(11) ڇاڀ فقط تڏهن ڏيندا آهن. جڏهن پاڻي لهڻ شروع ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته موسم جي آباديءَ جو مدار پاڻيءَ جي مُد تي هوندو آهي ۽ نه ماپ تي.



(12) هن معاملي ۾ گهٽي سون خرچ ٿيڻ جو خطرو نه آهي. اسان جو خرچ ٿيل سون قافلن رستي وري موٽي ايندو.

(13) اٽڪل هڪ سؤ پنجاهه چورس فوٽ.

(14) ربيع، بسنت جو ۽ خريف، سرءُ جو فصل آهي. هندستان وانگر ربيع سرءُ جي ٽن مهينن ۾ ماڪ ۽ ٿڌڙين راتن جي مدد سان، پوکبي آهي ۽ بهار ۾ لڻبي آهي. خريف جو وقت آرهڙ آهي. ان کي درياهه جي اٿل جو پاڻي ملندو آهي. لاب سرءُ ۾ پاڻي لهڻ کان پوءِ ٿيندو آهي.

(15) زمين جا ٽي مکيه قسم آهن. هڪڙو سيلابي، جنهن کي اٿل جو پاڻي ملندو آهي، ٻيو چرخي آهي، جنهن کي نارن تي پاڻي ڏبو آهي ۽ ٽيون باراني، جنهن ۾ برسات پوندي آهي.

(16) ان جو ماپو. سنڌ ۾ خرار ۾ ست ڪاسا هوندا آهن(اٽڪل ساڍا اٺ سؤ پائونڊ).

(17) هرڪارو، جو اٺليءَ جي فتوري (Fittori) وانگر پنهنجو پيءِ پيري مالڪ جي پيڙي ٻوڙيندو آهي.

(18) ڏيهي حاڪمن جي ڏينهن ۾ خانه شماري انهيءَ طريقي سان ڪئي ويندي هئي. اسان کي نئين فتح ڪيل ملڪ ۾، آباديءَ جو تخمينو ڪرڻ، خاص ڪري شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڏکيو لڳندو آهي. ان لاءِ ڪيترا سبب آهن: هڪڙو ته ماڻهو پنهنجن زالن جا نالا ڏيڻ پسند نه ڪندا آهن، ٻيو عام ماڻهو سرڪار جي نيت ۾ شڪ رکندا آهن. ٽيون ماڻهن ۾ خيال ويٺل آهي ته آباديءَ جو تخمينو ڪرڻ وڏائيءَ جي سمان آهي، جا قادر کي پسند نه آهي.

(19) اهڙين حالتن ۾ تحويلدار آزاد ملڪن جي پرواهه به نه ڪندا هئا. ماڻهو وچي پناهه وٺندا هئا.

(20) اهي ڪاردارن ۽ ٻين جي حوالي هوندا هئا. ڏيهي حڪومتن ۾ ”اجاره“ اڪثر ظلم ۽ ستم جو ذريعو آهي، ۽ ”اماني“ غبن ۽ ٺڳيءَ جو. ماپ جي وٽ، سير ۾ سپ کان زياده شرارت ڪرڻ جي سهوليت هوندي هئي.

(21) جزيہ لفظ بدلائي ’پيشڪش‘ ڪيو ويو هو. چاڪاڻ تہ پيشڪش لفظ هندن لاءِ گهٽ اعتراض جوڳو هو. خود ميرن جي اها مرضي هئي تہ اسان جيڪو ڏنڊ انگريزن جي حڪومت کي ڏيون ٿا، سو خراج نہ، پر چانوٽيءَ جو خرچ سڏجي. بلوچ قومي سردار، هندن کان پناهہ ڏيڻ جي عيوض پيشڪش وٺندا هئا. انهن مان جڏهن ڪو شادي ڪندو هو، يا رنڙ زال سان وهانوءُ ڪندو هو، تہ هو سردار کي پنج سؤ رپيا ڏيندو هو. سردار جي گهر ۾ جيڪڏهن ڪو مڱڻو يا شادي يا اهڙو ٻيو موقعو ٿيندو هو تہ هندن کان ماني ۽ شادماني وغيره لاءِ ڍل وصول ڪندا هئا.

(22) ڊاڪٽر برنس ۽ ٻيا سياح، جي پهرين ميرن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ آيا هئا، سي هنن جي تعصب جون ڪيتريون ڳاليهون ڪن ٿا، پر هنن جي پوئين ۾ هندن جي مدد کان سواءِ پنهنجي ڪاروبار هلائڻ جي قابليت ڪا نہ هئي، تنهنڪري هو تعصب کو نہ رکندا هئا.

(23) اهو ڪوهن جو عام نالو آهي. ڪوهن جا نمونا هي آهن: پهريون نار، وڏو يا ٻٽو ڪوهہ، ٻيو هرلو، ننڍو ڪوهہ، ٽيون پيراٽي يا پيرن سان هلائڻ وارو ڪوهہ.

(24) سنڌ ۾ غريب ماڻهو پاٽيءَ جي ڪيترين ٻوٽين جا ٻج، گل ۽ ٻيا حصا کائيندا هئا.

(25) گاهہ ۽ ڀاڄيون جي شهرن ۾ وڪري لاءِ ايندي‌ون هيون، انهن



تي ڍل ڪا نہ پوندي هئي پر دروازي تي بيٺل سپاهي، دربانن لاءِ انهن مان چُنگي ڪيندا هئا.

(26) ڪاغذ جون ڊگهيون فتيلون جي منشي روينيو جي حساب ڪتاب ۽ ٻيءَ سرڪاري لکپڙهہ لاءِ ڪم آڻيندا هئا، سي جيڪڏهن وڏيون هونديون هيون تہ انهن کي ”خَسرا“ ۽ جي ننڍيون هونديون هيون تہ ”بنديون“ سڏبو هو.

(27) مسلمانن تي آزمائش جي رستي مقدمي هلائڻ جي منع آهي، پر تنهن هوندي بہ ان جو سموريءَ اسلامي دنيا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ رواج آهي. سنڌ ۾ ان کي ”تورو“ چوندا آهن. ان جا گهڻائي قسم آهن، جن مان ڪي مکيہ هت ڏجن ٿا: پهريون، ست فوٽ ڊگهي ۽ ان جي اڌ جيتري ويڪري چَري يا کڏ کوٽي ٻرندڙ ٽانڊن سان ڀري، ملزم جي پيرن کي پن ٻڌي چوندا اٿس تہ ان مان آهستي آهستي لنگهي وڃي.

ٻيو، ڪوڏر يا چنجور تپائي ڳاڙهو ڪري، ملزم جي هٿن کي تازا پن ٻڌي چوندا آهن تہ اهو کڻي ست قدم هلي.

ٽيون، پئسو يا ٻيو ٽامي جو سِڪو وڏي ديڳڙي ۾ وجهي، تازي ڇيڻي سان ڀري، گرم ڪندا آهن، جيستائين وجي اهو ٽهڪي. پوءِ جوابدار ان مان هٿ وجهي سڪو ڪيندو آهي.

چوٿون، اونهي پاڻيءَ ۾ لَڪڙو کوڙي، جوابدار ٽٻي هڻي، لَڪڙو جهلي ويهندو آهي، جيستائين هڪ سگهارو ماڻهو تير ڇوڙي ۽ وري واپس کڻي اچي.

هڪڙي مضبوط ۽ پختي ارادي جي شرارتي ماڻهوءَ لاءِ انهن مان ڪا بہ آزمائش ڏکي نہ آهي. تعجب آهي. تہ هن شعبده بازي جو رواج ساريءَ

دنيا ۾ آهي. ماڻهو طبعي ڳالهين جي سلجهائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ آسماني ۽ غيبي سبب ڳوليندا آهن.

## باب ٽيون

(1) اها پڻ جبلن ۾ آهي. عام چوڻي آهي ته ڪو به اُٺ قبر جي ويجهو ڪو نه وڃي سگهندو آهي. مائيءَ (سسئيءَ) ڪان اڃان اهو ڪو نه وسريو آهي ته سندس مڙس ڪي اهي جانور (اُٺ) ڪٽي ويا هئا. چون ٿا ته انهيءَ مقدس جڳهه جي زيارت روح کي راحت بخشي ٿي. ڪيترن معتقد مؤمن لاءِ قبر مان هٿ نڪتو آهي ۽ کين کير ۽ ماني مليا آهن. انهن قصن ۾ ماڻهن جو اهڙو ته اعتقاد آهي، جو سنڌ جي تاريخي ڪتابن ۾ به انهن جو ذڪر آيل آهي. وري تعجب آهي ته حَسين عورت مردن کي، ۽ سندس جوان مڙس وري عورتن کي، نظر ايندو آهي. پر، مان سمجهان ٿو ته اها خوابن جي دنيا آهي.

(2) انهن مان ڪيترن قصن جو ايندڙ باب ۾ ترجمو يا اختصار ڏنل آهي.

(3) بلوچي زبان، نحو ۽ بناوت ۾ ايراني، ۽ نه هندستاني زبان سان مشابهت رکي ٿي.

(4)آنجهاني سر. اي. برنس. ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو هو، پر ان تي ڪو مضمون ڪو نه لکيو هئائين. بمبئيءَ جي انجنيري ڪاتي جي ليفٽيننٽ. آر. ايچ. بلوچي ٻوليءَ جو هڪ مختصر ڪتاب ڇپايو هو. پر اهو تمام ننڍو آهي ۽ منجهس گهڻي ڪارگر معلومات ڪا نه آهي.

(5) مثلاً فارسيءَ ۾ ”ماديان“ يعني گهوڙيءَ جو لفظ. جو ماده يعني



ماديءَ مان نڪتل آهي، اڃا موجود آهي. پر بلوچي ٻولي ثابت ڪري ٿي ته فارسيءَ مان ”تاريان“ يعني گهوڙي جي لفظ. جو نر مان نڪتل آهي، سو گم ٿي ويو آهي.

(6) ڄاٽڪو لفظ جو مغز (تارون) مان نڪتل ’ٽ‘ ۽ سنڌي اکر ’ڄ‘ سان لکبو آهي، سو جت لفظ جي صفت آهي جو شايد پنجاب جي اصلوڪن ۽ رهاڪن جو نالو آهي. ”داستان“ جو مصنف ”جت ٻولي“ جو لفظ انهي ٻوليءَ سان لاڳو ڪري ٿو، جنهن ۾ نانڪ شاهه جو ڪلام چيل آهي.

ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي بمبئيءَ واري شاخ (Bombay Branch of the Asiatic Society) جي 1849ع جي رسالي ۾ ڄاٽڪي ٻوليءَ جو وياڪرڻ ڏنل آهي. وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهندڙن کي اهو مضمون ڏسڻ کپي.

(7) ڪو به هندستاني صرف و نحو جو ڪتاب ڏسبو ته خبر پوندي ته نستعليق ۽ نسخ اکرن ۾ ڪهڙو تفاوت آهي. گرمکيءَ لاءِ ڪئري (Carey) يا ليچ (Leech) جا وياڪرڻ ڏسڻ کپن. ليچ جي ڪتاب ۾ لانڊي ٻوليءَ (Land) جا اکر به ڏنل آهن. بمبئيءَ جي لشڪر جي ڪئپٽن اسٽئڪ (Captain Stack of the Bombay Army) جي ڇپايل سنڌي گرامر ۾ اُچڪي ۽ ٻين مڪاني زبانن جي آئيوتا ڏنل آهي.

ريورڊ ڊاڪٽر اسٽيونسن (Rev: Dr: Stvenson) جو خيال آهي ته سنڌي انگن جي نالن جي پهرين اکرن ۽ انگن جي نشانين ۾ جا مشابهت آهي، تنهن مان ائين چوڻ واجب ٿيندو ته حساب ڪتاب جو طريقو، جو هن وقت دنيا ۾ چالو آهي، سو سنڌونديءَ جي ڪناري تي واپارين جي ڪوٺين مان شروع ٿيو. پر منهنجي خيال موجب سنڌ کي اها عزت بخشڻ ڏکي آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي اکر خود جديد آهن. اهو فخر فقط هندستان کي

حاصل آهي، جو مشرقي قومن ۾ وڏي ۾ وڏو حسابدان آهي.

(8) هن نالي ۾ هندو خواهه مسلمان اچي وڃن ٿا. ذڪر منشين ۾ ٻين تعليم يافته ماڻهن جو ڪجي ٿو، جي فارسي علم پرائڻ يا نوڪريءَ لاءِ سڪندا هئا. شاهي گهراڻي وارا ۽ درٻاري، جي گاديءَ جي شهر ۾ رهندا هئا، تن کي اها سهوليت هوندي هئي، جو هو فارسي، ايراني استادن کان سکي سگهندا هئا.

(9) عربيءَ ۾ زبر جو لفظ فقط هڪڙو ئي اچار آهي. لفظ جي پوين اکرن جو ان اُچار تي ڪو به اثر ڪو نه پوندو آهي.

(10) تعجب آهي ته اهڙا غلط محاورا اسان جي گرامر ۾ به داخل ٿي چڪا آهن. مثال لاءِ ڏسو ڊبليو. سي . سمٿ (W. C. Smyth) جي سڌاريل ڪتاب "فارسي منشي" (Persian Moonshee) جو ٻيو ڇاپو.

(11) هي ڪتاب هندستاني فارسيءَ جو هڪ چڱو نمونو آهي. اهو هڪ هندستانيءَ جو لکيل آهي ۽ منجهنس ٽوٽڪا ڏنل آهن. شيراز ۾ جيڪر ماڻهو انهيءَ ڪتاب کي نفرت سان ڏسن، پر هت ڏاڍو پسند آهي. منهنجو هيءُ رايو فقط ڪتاب جي طرز سان تعلق رکي ٿو. ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي، تنهنڪري انگريزي مطالعو ڪري فيصلو ڪري سگهن ٿا ته ڪتاب جي مضمون ۾ ڪو ٽيڙ آهي يا نه.

(12) "بهار دانش" نسبت جو ڪجهه چيو ويو آهي، سو هن مشهور ڪتاب سان به لاڳو ٿي سگهي ٿو.

(13) فارسي ڪتاب، جي سنڌ ۾ لکيا ويا آهن، تن ۾ صورتخطي جي غلطين کان سواءِ نقل جون چڪون به آهن. نتيجو اهو آهي جو تمام خبرداريءَ سان لکيل ڪتاب جي هر هڪ صفحي ۾ پڻ سراسري پنج يا ڇهه



چڪون نظر اينديون. انهن مان ڪيترين چڪون ته تمام قابل منشين جي به سمجهه ۾ نه اينديون.

(14) سنڌي ٻولي ڪم از ڪم گجراتيءَ جيتري جهوني آهي، جا اٺين صديءَ ۾ جڏهن پارسي لڏي اچي هندستان ۾ گهر ڪري ويٺا، تڏهن به ڳالهائي ويندي هئي.

(15) ٿورا ورهيه ٿيا ته مشهور مشرقي عالم، ميجر جنرل وانس ڪينيڊي (Maj. Gen. Vans Kennedy) کي چيو ويو هو ته سنڌي زبان بنسبت پنهنجو رايو ڏي. هن جواب ڏنو ته مون ته اهڙيءَ ٻوليءَ جو نالو ئي ڪو نه ٻڌو آهي.

هن وقت کان وٺي سنڌي ٻولي بنسبت عالمن ۾ ٻه رايا آهن. پهريون ۽ وڏيڪ عام رايو هيءُ آهي ته سنڌي هندستانيءَ جي اڻ لکيل ۽ بگڙيل صورت آهي. ٻيو رايو آهي ته سنڌي سنسڪرت مان نڪتل صرف ۽ نحو جي اصولن تي ٻڌل، پُر الفاظ ۽ کهني زبان آهي. پر ان ۾ تمام ٿورو ڪلام آهي ۽ پوري پرورش ڪا نه ٿيل اٿس.

1846ع ۾ ڇپيل گجراتي لغت جو مصنف لکي ٿو ته ڪڇ جي صوبي ۾ سواءِ گجراتيءَ جي ٻي لکيل زبان ڪا نه آهي.

(16) هيءَ ڳالهه مڪاني ماڻهن جي ڏنل خبرن تي ٻڌل آهي. مون ڊيڊ ذات جي ماڻهن جي پوٿين هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب ڪو نه ٿيس.

(17) اهي ننڍا حرف علت اهڙا تڪڙا اچاريا آهن جو اول ته اها به خبر نه پوندي آهي ته اهڙيون ڪي نشانيون آهن يا نه ۽ نه وري اهو پتو پوندو آهي ته جدا جدا حرفن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي. بهرحال انهن تي ڌيان

ڏيڻ ضروري آهي، نه ته زبان جو آواز ئي بدلجي ويندو ۽ حالت ۽ عدد جو تفاوت ڪو نه رهندو.

(18) انهيءَ حالت ۾ پڇيان حذف جي ضرورت ٿيندي آهي. سنڌي شعر ۽ باوزن نثر ۾، اهو ناموافق ضميمو ڪيرائي سگهبو آهي. مثلاً "وڪر (جون) ويهون" يعني ويهين شيون. مهراڏيءَ (جو) پٽ وغيره

(19) سنڌي مضمون اڪثر نسخي اکرن ۾ لکيا ويندا آهن ۽ اڳيان عربيءَ ۾ تمهيد هوندي اٿن ۽ دين اسلام جي اصول مطابق، الله جي نالي يعني "بسم الله" سان شروع ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪو هندو اُهي پڙهندو آهي ته هن جو زوريءَ طهر ڪرايو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين جيتوڻيڪ سڀ هندو، سنڌي ڳالهائي ڄاڻن ٿا، پر سنڌي پڙهڻ نه ايندي اٿن. مان پانيان ٿو ته هنن وٽ سنڌيءَ ۾ ڪو لکيل ڪتاب به ڪو نه آهي، پر واپاري ۽ دڪاندار پنهنجو ليکو چوکو ۽ هنديون سنڌيءَ ۾ لکندا آهن، جنهن لاءِ هو هڪ خاص آئيوتا ڪم آڻيندا آهن.

سنڌ جي هندن جي زبان هندستان جي هندن جي زبان وانگر مسلمانن جي زبان کان ڪجهه نرالي آهي. ان ۾ سنسڪرت جي زياده آميزش هوندي آهي ۽ عربي لفظ گهٽ هوندا آهن.

(20) اهڙا گهڻائي ڪتاب آهن ڪي ته اهڙا آهن، جن مان عربي، فارسي، سنڌي، بلوچي ۽ پشتو سکي سگهجن ٿيون: چون ٿا ته "قاموس" ۽ "برهان قاطع" ۽ ٻين مشهور لغتن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ٿيل آهن. مون انهن ڪتابن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون کي دستياب ڪو نه ٿي سگهيا.

(21) تعجب آهي ته انهن ڪتابن ۾ ڪوڪا پنڊت جو مشهور يا



ڪٺي چئجي ته بدنام، ڪتاب به آهي. مشرق جي ساهت ۾ "هتوپديش" کان سواءِ ٻيو ڪو به اهڙو ڪتاب نه آهي، جنهن جو ايترين مختلف زبانن ۾ ترجمو ٿيل هجي. ڪوڪاپنڊت جي ڪتاب کي فارسي، هندستاني ۽ پنجابيءَ ۾ "لذت النساءِ" عربيءَ ۾ "معرفت النيڪ" ۽ سنڌيءَ ۾ "فرحت العاشقين" چوندا آهن. اصل ڪتاب سنسڪرت ۾ شعر ۾ لکيل آهي. هندستان جي ديسي ٻولين جهڙوڪ مرهٽي، تلنگو وغيره ۾ ان جا ڪيترا ترجما آهن.

(22) يعني بيت، جن جي خصوصيت مثالن سان ايندڙ باب ۾ ڏيکاري ويندي.

(23) هڪ نظم جو قسم آهي، جو انهن ماڻهن کي پسند هوندو آهي، جيڪي معنيٰ کان وڌيڪ سُر جو خيال ڪندا آهن. مشهور شاعر شاهه عبداللطيف جي سرن جي تجنيس اهڙي ئي سهڻي ۽ ناهوڪي آهي، جهڙي اسان جي پراڻن اينگلوسئڪسن شاعرن جي هوندي هئي.

(24) رزمي نظم، جو عرب جي رَجَزَ وانگر لڙائي جي وقت چئبو آهي، تنهن کي سنڌيءَ ۾ "شعر" سڏيندا آهن. اهو لڙائيءَ ۾ حملي وقت ميراثي ڳائيندا آهن، جي سردار سان همرڪاب هوندا آهن.

(25) جيڪڏهن شعر جو عجيب بحر ۽ وزن يورپين کي سمجهه ۾ اچي ته سُر ڪين خراب نه لڳندو.

(26) عربيءَ ۾ بيت جي معنيٰ آهي ٻن مصرعن وارو شعر، پر سنڌيءَ ۾ ٽن مصرعن کان مٿي واري شعر کي به بيت سڏيندا آهن.

## باب چوٿون

(1) ”تارڪ“. جيڪو دنيا جا وهنوار ۽ عيش عشرتون ترڪ ڪري.

(2) هي عام اعتماد آهي. چون ٿا ته شاهه پٽائيءَ الف بي سکڻ لڳو. جڏهن الف چئي ٻئي اکر ب تي پهتو، تڏهن اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيائين. چوي ته ”الڪافي“ آهي، ان کان ڪجهه وڌيڪ ڄاڻڻ حماقت آهي. پر سندس ڪلام مان ظاهر آهي ته هو عربي ۽ فارسي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. هن تمام اونهو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجي ۽ ڪيس ديني علمن ۾ ڪمال حاصل هو. ڪي سنڌي قبول ڪن ٿا ته سندن محبوب شاعر، مٽيارين جي هڪ عالم عبدالباقيءَ وٽ پڙهيو هو.

(3) هو اجا به ائين ئي آهن. شاهه پٽائيءَ جا فقير ڪارا يا نيرا پٽڪا ٻڌندا آهن ۽ طنبورو کڻي وليءَ (شاهه) جو ڪلام چوندا وتندا آهن. فقيرياڻيون ڏاڙهونءَ جي چوڏيءَ ۾ رڱيل رئو ۽ چولو پائينديون آهن.

(4) پٽ، مٽيارن جي پرسان هڪ جاءِ آهي. انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي دڙو. چون ٿا ته شاهه پنهنجن فقيرن ۽ مريدن کي حڪم ڪيو هو ته هت مٽي جو ايڏو دڙو ٺاهيو، جنهن تي هڪ ڳوٺ، خانقاه ۽ قبو اڏائي سگهجي. ان ڪري کيس عام طرح شاهه پٽائي چوندا آهن.

(5) مشهور آهي ته اها دولت ايمانداريءَ سان ڪا نه هٿ ڪئي وئي هئي. جڏهن عبدالنبي ڪلهوڙي جي زال يعني مائي ڄاما کي حيدرآباد ۾ گهيرو ڪيو ويو، تڏهن هن پنهنجو سمورو خزانو پٽ تي فقيرن وٽ امانت طور موڪليو. تنهن کان پوءِ جلد ئي ڪلهوڙن جي گهراڻي جو خاتمو ٿيو ۽ چون ٿا ته خزانو فقيرن کي ڦٻي ويو.

(6) ”شاهه“. سنڌ ۾ سيدن جو خطاب آهي. سٽين باب ۾ هن مشهور ڪتاب جو ڪجهه احوال ڏنو ويندو.



(7) هتي ڪوُنيڙيءَ وارو سڏيو ويو آهي. ڪوُنيڙي، ميرپورخاص جي پرسان هڪ شهر آهي. هي ماڻهو لغاري بلوچ هو، جنهن کي مير محمد ٽالپر غريب حالت مان چاڙهي سردار ڪيو هو. هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي جو مياڻيءَ جي لڙائيءَ کان ٿورا ڏينهن اڳ، پنهنجا ماڻهو وٺي، نصير خان جي دربار ۾ ويو هو، جتي سڀ مير گڏ ٿيا هئا. هڪ هٿ ۾ ترار، دستار ۽ مرداڻو وڳو ۽ ٻئي هٿ ۾ پڙو ۽ چولي. کڻي مير کي چيائين ته انهن ٻن مان جيڪو وڻئي سو پسند ڪر ۽ پوءِ اهو رستو اختيار ڪر. اهڙيءَ طرح بدبخت نصير خان کي لاچار سرچارلس نيپئر تي مياڻيءَ ۾ حملو ڪرڻو پيو. لڙائي ۾ جڏهن سردار ڏٺو ته هاڻي اسان جي هار ٿي ٿئي، تڏهن مير کي چيائين ته اجازت هجي ته چونڊ گهوڙيسوار وٺي وڃي انگريزن جي پٺيان ڪٽڪو ڪريان. نصير خان صحيح ڪري ويو ته هن جي من ۾ ڇا ٿو وهي. سو اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. تنهن کان پوءِ هو ڪليو ڪلايو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو ۽ تيستائين ساهه نه پٽيائين، جيستائين ڳوٺ نه پهتو. هن جا هموطني اجا تائين ڪيس لونبڙي يا ڪوبلي سڏيندا آهن ۽ سندس نالو انهن ”سهڻن القابن“ کان سواءِ ورلي ورتو ويندو آهي.

(8) هي سراسر بهتان آهي. اهو واقعو هڪ اتفاقي گولو ڪرڻ جي ڪري ٿيو هو.

(9) مشرقي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا ته ”گانڊو“ لفظ ۾ ڪيڏي حقارت ڀريل آهي! مون کي انهيءَ ڪري مجال نه آهي ته مان ان جو صحيح ترجمو ڪيان. تنهنڪري مان ان کي بدمعاش جي معنيٰ ڏيان ٿو.

(10) شيخ بهاؤالدين زڪريا، وڏي پايي جو سهروردي صوفي هو. هو قريش خاندان مان هو. هن جو خاندان مکي کان لڏي خوارزم ۽ اتان ملتان

آيو هو. هو 578 هجري (1182ع) ۾ ڄائو هو ۽ 17 صفر 666هجري (1267) ۾ وفات ڪيائين. هو نهايت پرهيزگار ۽ متقي هو. هن جي مطالعي، سفر، حج، معجزن، صفتن ۽ صالح اولاد جو ڊگهو قصو آهي. جنهن جي هت اپٽار ڪرڻ جو ضرور نہ آهي. اهو ”فرشتي“ جي تاريخ جي ٻئي جلد ۾ تفصيل سان ڏنل آهي.

(11) شايد ڪو ائين چوي تہ هي وليءَ کي راضي ڪرڻ جو عجيب طريقو آهي. پر ماڻهن جو اعتماد آهي تہ ولين جي قبرن کي وڏي طاقت آهي. ملتان جو سفر انهن ڏينهن ۾ اهڙو ڊگهو ۽ اڙانگو هوندو هو. جو مريدن کي بہ گهڻو ڏوهہ نٿو ڏئي سگهجي.

يورپي ماڻهن کي شايد اها ڳالهہ عجيب نظر اچي، پر اها حقيقت آهي تہ اهڙا ٻيا مثال بہ آهن. ملتان جي ماڻهن مشهور مرشد، شمس تبريز ۽ ان کان بہ وڌيڪ مشهور ”حافظ“ کي پنهنجي شهر ۾ پورڻ لاءِ ماريو هو. جيڪو ماڻهو بيوقوفيءَ کان ڪو معجزو ڏيکاريندو آهي يا پرهيزگاريءَ جون نشانيون ظاهر ڪندو آهي تہ افغان هزارا، کيس ماري پنهنجي ملڪ ۾ پوريندا آهن.

(12) جاهل صوفي سمجهندا آهن تہ ڪنهن اولياءِ جي گوشت يا رت چکڻ ڪري هو خود ڪرامت جا صاحب ٿيندا.

(13) ساموئي لفظ ”سمن جي ڳوٺ“ مان نڪتل آهي، جو ٺٽي جي پرسان ڪينجهر ڍنڍ تي هڪ ڦتل شهر آهي. ان کي عام طرح ”ساموئي (يا سمن) جو دڙو يا پڊ“ چوندا آهن.

ماموئيءَ جي معنيٰ آهي ”آدمخور“ يا ”راز فاش ڪندڙ“ ”هفت تن“ ۾ ستن دڙن ڏي اشارو آهي.



(14) تماچي، سمن جي خاندان جو ٿيون حاڪم هو. سمن جي قوم سنڌ تي ٻن صدين کان وڌيڪ راڄ ڪيو. تماچيءَ کي عيال سميت مغلن قيد ڪري دهليءَ ۾ رکيو هو.

(15) دهليءَ ۾ بہ هوبهو اهڙي ڏند ڪٿا مشهور آهي. چون ٿا تہ پرٿوي راڄ، نانگ جي مٿي مان لوهہ جو ڪِلو ڪڍيو تہ پنهنجو تخت وڃايائين. سنڌ ۾ ڪن مسلمانن، سنسڪرت ڪتابن جي فارسي ترجمن مان هندن جي ڏندڪٿائن، مذهبن ۽ علومن جو اڀياس ڪيو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو مٿيون ٻہ ڏندڪٿائون هڪٻئي سان مشابهت رکن ٿيون.

(16) ڪجهہ سال ٿيا تہ بمبئيءَ جي فوج جي ڪئپٽن ڊيل هوسٽ (Captain Del Hoste of the Bombay Army) بمبئيءَ جي جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جي ڪارروائي Transactions of the Bombay Geographic Society انهن مان هڪڙو بيت نهايت اڻ صحيح صورت ۾ ڇپايو هو. مون هي بيت 1844ع ۾ ٻڌا هئا. مان سمجهان ٿو تہ اها ڳالهہ ممڪن آهي تہ سنڌ جي فتح کان پوءِ ايترو جلد کي بہ سٺا ٺهيل بيت، اهڙيءَ طرح عام ماڻهن ۾ پکڙجي ۽ مقبول ٿي سگهن ٿا.

(17) اصل بيت هڪڙي عجيب دهقاني غير مهذب زبان ۾ لکيل آهن. تنهنڪري انهن جي لفظي ترجمي ڏيڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي ويندي. بيت انهيءَ صورت ۾ ڏنل آهن، جنهن جي صورت ۾ اهي عام ماڻهو پڙهندا آهن. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهن مان ڪيترا بگڙيل آهن.

(18) مشرقي ڏندڪٿائن جي شائقن لاءِ اروڙ جي ٻنڌ جو سمورو قصو، ليفٽيننٽ پوسٽنس (Postons) جي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ جي ترجمي ۾ ڏنل آهي.

(19) اهڙيون اڳڪٿيون حافظي سبب، اسباب ۽ پيٽ جو يا عالمن جي اصطلاح ۾ قياس ۽ تقابل جو نتيجو آهن.

(20) درهم سنڌ ۾ هڪ تمام خسيس رقم کي چئبو آهي، ان جي قيمت اٽڪل چار آنا آهي.

(21) پنجابيءَ ۾ اها ئي هڪ پيشنگوئي آهي ته اها گهڻو ڪري هندو چوندا آهن. هنن جو چوڻ آهي ته اها گرن جي لکيل آهي.

”ستانوي ست چڏئي، اٺانوي هٿ ٺاڙ،
نوانوي نر جاڳسي، پورو سؤ جئہ جئڪار.“

هتي هندن جي سنبت ڏانهن اشارو آهي. سنبت 1897ع برابر آهي 1841ع جي، جڏهن ميرن جو زور گهٽجڻ لڳو. ٻئي سال انهن جون مصيبتون شروع ٿيون. 1843ع ۾ هنن هار کاڌي ۽ پنهنجي بادشاهي وڃائي. 1900 سنبت مطابق 1844ع ۾ سر چارلس نيپيئر اعلان ڪيو ته سنڌ ۾ هن کان پوءِ بندوق جو ٺڪاءُ وري ڪونہ ٻڌڻ ۾ ايندو.

(22) مطلب ته انهن ساڳيو ئي ڪم ڪيو جو برنيٽ چوي ٿو ته للبير ليرو ڪيو هو.

(23) پيشنگوئي هئي ته پرتپور، سواءِ واڳهوءَ يا سيسر جي ڪوئي ٻہ وٺي نہ سگهندو. ڪنڀير مير جي معنيٰ آهي واڳهن جو سردار. ڪنڀير مير مشابهت رکي ٿو ڪمبر ميئر سان. انهيءَ مشابهت جي ڪري قلعي وارن جي دل هارجي ويئي ۽ شڪست کاڌائون.

(24) منهنجو ننڍڙو نسخو اٽڪل ٽيهن صفحن جو آهي ۽ سهڻيءَ سنڌ ۾ ڪٿي ڪٿي مردود فارسيءَ ۾، لکيل آهي. جتي ڪي مشڪل اچار، بحر يا اصطلاح آهن، اتي رومن اکرن ۾ ترجمي سان بيت ڏنل آهن. مون انگريزيءَ ۾ لفظي ترجمي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن مان ڪي بيت مشهور سگهڙن، جهڙوڪ مير بهار ۽ ٻين جي ڪلام مان ڏنل آهن.



(25) پنپور جو قتل شهر، لاڙ ۾، وٺيجيءَ کان گهاري ويندڙ رستي ان جي سڄي پاسي وارياسي پٽ ۾ هڪ ٽڪريءَ تي آهي. چون ٿا ته شهر اصل سخت پٽ تي ٺهيل هو ۽ حاڪمن جي ڪڌن ڪرتوتن ڪري، خدائي قهر نازل ٿيس ۽ هڪ رات ۾ چٽ ٿي ويو. کنڊر ڏيکارين ٿا ته ڪنهن وقت اهو شهر آسودو ۽ وسندڙ هوندو. هاڻي بہ برسات کان پوءِ ماڻهو سِڪا، زيور ۽ ڌاتوءَ جي برتنن جا پڳل ٽڪر ليندا آهن.

(26) يعني ”پنهنجو گهر“

(27) سرهاڻ يا عطر جا قسم.

(28) هي ڳنڌيل ضمير جو قسم آهي، جو هتي پڳل صورت ۾ ڪم آندل آهي، انهيءَ جي ڪري معنيٰ وڌيڪ زوردار ٿيندي آهي.

(29) ٻاٻيهي جو تفسير آهي. اهڙيءَ طرح پنهون کي پيار مان پنهل چوندا آهن.

(30) هندن کي انهيءَ پکيءَ جو آواز اهڙو مٺو لڳندو آهي، جهڙو ايرانين ۽ يوروپي لوڪن کي بلبل يا هزار دستان جو. مون کي ان جو آواز تيز يا مايوس ڪندڙ لڳندو آهي. پر شايد مان اهڙي وقت ۽ محبت ۾ ڪو نہ ٻڌو آهي، جو خاص طرح يادگيري ڏيارائي. پنڊت ان جو آواز ٻڌي گد گد ٿيندا آهن ۽ گيتا جا پڇن ۽ شلوڪ ڳائيندا آهن.

(31) هي ڏسڻ سان عاشق ٿيڻ جو نہ، پر پريت نالو ٻڌي عاشق ٿيڻ جو مثال آهي. مشرقي انهيءَ نموني ۾ عاشق ٿيڻ جو خاص ذڪر ڪندا آهن. عرب چوندا آهن:

”والاذن قبل العين تعشق“

”اک کان اڳ ڪن عاشق ٿيندا آهن“ ايراني وري اڪثر هن بيت جو حوالو ڏيندا آهن:

”عشق فقط اک ۾ پيدا نہ ٿيندو آهي، پر اڪثر ڪنهن مان بہ پيدا ٿيندو آهي.“

مشرق ۾ ڪيترين ڪهاڻيون ۽ قصا ٻڌبا آهن. جن ۾ مثال ڏنل آهن تہ ماڻهو معشوق جو نالو ٻڌندي ئي عاشق ٿي پيا هئا. روز مره جي زندگيءَ ۾ بہ بعضي بعضي اهڙا واقعا نظر ايندا آهن. انهيءَ کان سواءِ اهو بہ ياد رکڻ کپي تہ هنن بيتن کي روحاني يا اندروني معنيٰ بہ آهي. انهن کي نہ فقط لفظي معنيٰ آهي، پر تمثيلي معنيٰ بہ اٿن. هڪ سنڌيءَ جي نظر ۾ پنهون مان مطلب آهي ابدي شعلو، جيڪو انسان جي سيني ۾ آهي ۽ جو ڪنهن خاص اثر هيٺ ڀڙڪي اٿي ٿو ۽ جيستائين اصلي نُور جي سرچشمي ۾ ملي جذب نٿو ٿي وڃي، تيستائين تڙپندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح بلوچ هڪ زائر آهي، جو دنيا ۽ ان جا ڌنڌا، خوشي ۽ غم ڇڏي ابد ڏانهن هلي ٿو. قديم يوناني ساهت جي پاڪن کي حڪمتدان ديوي، بوئيٿيس جي تقرير ياد ايندي، جنهن ۾ آرفيس ۽ بوريڊائيس جي ڪهاڻيءَ مان اهڙي قسم جي اخلاقي نصيحت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

(32) معنيٰ اٿس دوستاڻي صحبت ۽ سنگت جو مزو. دوستاڻي مجلس ۾ راڳ جهڙو بہ هجي ضروري آهي.

(33) اشارو آهي سوڻ يا سڳڻ ڏي ۽ جنهن جي معنيٰ آهي پکين ۽ جانورن جي وضع، آواز، اڏامڻ ۽ ٻين ڳالهين مان پيشنگوئي ڪرڻ.

(34) اهو رواج انهن سڀني ملڪن ۾ اچا آهي، پر نيپلس ۽ جنوبي



يورپ کان ڪنهن بہ صورت ۾ وڌيڪ عام نہ آهي.

(35) ”اکين سان“ - ايراني چون ”بچشم“ يعني تنهنجو حڪم اکين تي آهي. اک انسان جو سڀ کان زياده نازڪ عضوو آهي.

پڙهندڙن کي ائين نہ سمجهڻ کپي تہ شاعر شعر جي قانونن جي خلاف ڪافي ۽ موزون سببن کان سواءِ معجزو يا ڪرامت ڏيکاري آهي. اهو واقعو سچڻ جي ڦلهڙائيءَ جي مقابلي ۾ سسئي جو ست ڏيکارڻ ۽ ڌڻيءَ جي درگاهه ۾، جو دعا جو اثر ٿئي ٿو، سو ثابت ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو آهي.

(36) ڀنڀور جي ماڻهن تي پنهنجي دولت ۽ اثر جو رعب ويهارڻ لاءِ

(37) مطلب اٿس تہ تون ڪهڙو پکي آهين، يعني ڪو وڏو ڏاڙيل آهين يا معمولي چور؟ وڏيءَ مائيءَ ڏنو تہ پنهون بلوچ هو، تنهنڪري هن سان انهيءَ نموني ۾ ڳالهايائين پئي.

(38) مشهور آهي تہ هن ملڪ ۾ انهيءَ طبقي جا مرد، رهزن آهن ۽ زالون چالاڪ.

(39) لفظي معنيٰ اٿس ”پنهنجي ڪڇ ۾“ آڏاڻو. جنهن کي فارسيءَ ۾ پاچاه چوندا آهن. تنهن جي معنيٰ آهي ڪڇ جنهن ۾ ڪوري پير رکي، ڪپڙو اڻندو آهي.

ٻيو بيت سخت توهين جوڳو آهي، ان ۾ هڪ معتبر عورت تي الزام رکيو ويو آهي تہ هوءَ ٽري يعني ٽر جي خسيس ماڻهوءَ سان لڳل آهي، جا نهايت گهٽ ذات سمجهي ويندي آهي.

(40) پڙهندڙن کي مسلمانن جي سماج جا رواج ۽ رسمون خيال ۾ رکڻ کپن. اسان کي جيڪڏهن اها خبر پوي تہ عاشق کي بہ زالون اڳيئي گهر

۾ آهن ۽ تين تلاش ۾ نڪتو آهي ته عشق جو انتيئي خاتمو تي ٿو وڃي، تنهنڪري هتي مڙس کي سندس رنگين مزاجيءَ لاءِ عتاب ڪو نه ڏنو ويو آهي. پر اهڙا واقعا سنڌ ۾ عام ٿيندا آهن ۽ جيئن اڳي چيو ويو آهي ته انهن سيني ڳالهين ۾ اندروني معنيٰ رکيل آهي.

(41) ڳاڙهي رنگ جو پاڻي، جنهن سان هندو وڏن ڏينهن تي خوشي ملهائيندا آهن. هتي ڏک جي نشاني آهي.

(42) نئجي اها شئي آهي، جنهن کي اطالوي ٻوليءَ ۾ فيومارا (Fiumara) چوندا آهن. مطلب اٿس پهاڙ مان نڪرندڙ نهر. جا اڪثر سڪل هوندي آهي، پر ٻن ٽن ڪلاڪن جي برسات کان پوءِ خوفناڪ رفتار سان وهندي آهي. ايرين (Arrian) پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته سڪندر (اعظم) جي لشڪر کي ڪنهن نئجي جي ويجهو ڇانوڻي هڻي ويهڻ جي ڪري سخت نقصان پهتو هو.

(43) ڪوراڙ ۽ لوهر بلائن جا مشهور قسم آهن.

(44) هن بيت جو صحيح ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي. لفظن جي ظرافت ۽ مضمون جي بلند خيالي شاهه جي رسالي جهڙي آهي.

(45) لوڙهه. هڪڙي قسم جي قبر آهي. مَنهه ڇٽبو آهي. ڪنهن جاءِ کي ، جتان ويهي ملڪ جو نظارو ڏسجي.

(46) مسلمانن جو ايمان آهي ته جيڪي پرهيزگار مرن ٿا، تن جون قبرون ڪشاديون ۽ روشنيءَ واريون هونديون آهن. هو فقط ننڊ ۾ هوندا آهن ۽ هنن جا لاش گنگهارن جي لاش وانگر نڪي مٽل هوندا آهن. ۽ نه خراب ٿي ويندا آهن.

(47) هي قصو ڏکو آهي، تنهنڪري ان جو اختيار ڏنو ويندو. هي



افسانو سنڌ جي سيني افسانن کان وڌيڪ مرغوب آهي. مارئيءَ جي واتان، جي جذبات ۽ ڪلما نڪرن ٿا، سي نازڪ خيالي ۽ رقت آميزيءَ ۾ بني ڪلب جي ميمونهه (معلويه جي بدوي زال. يزيد جي ماءُ) جي پرلطف امنگن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهن.

سانگي، هڪ سنڌي قوم آهي جا عمرڪوٽ جي ويجهو رهي ٿي، مارئيءَ جي معنيٰ آهي، مارو قوم جي ڇوڪري، مارو هڪ خانه بدوش قوم آهي جا ملير ۽ ٿر جي آسپاس رهي ٿي.

(48) ٿر جي ماڻهن ۾ رواج هوندو آهي ته هو ڇٽيءَ رات جوتشي گهرائي، ٻار تي نالو رکندا آهن.

(49) هي سٽون ظرافت ۽ دلسوزيءَ کان خالي نه آهن. انهن ۾ هڪ دو- دستي سنڌي ريدار ۽ سندس شغلن جو مارئيءَ جي نفاست سان مقابلو ڪيو ويو آهي. انهن ۾ پڻ سنڌ جي ڳوناٽي زندگيءَ جي صحيح تصوير ڏني ويئي آهي. ڳوٺن ۾ جتي وجبو اتي ڏسبو ته ماڻهو ٿلهو سٽ وٽيندا آهن. جن مان ڪوري سادا ڪتا ۽ اهڙيون پيون شيون ٺاهيندا آهن. هت شعر ۾ ريدار جي ٻانهن ۾ اُن جي ويڙهي آهي ۽ هٿ ۾ ڏاڳي ٽڪر اٿس. جنهن جي پچاڙيءَ ۾ هڪ ننڍو پٿر يا پتر ٻڌل آهي، ان لاءِ ته ڏاڳي کي ڦيرائڻ ۽ وٽ ڏيڻ ۾ سهوليت ٿئي.

(50) دودو، سومرن جي قوم جو حاڪم هو. هو سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجي شجاعت سخاوت کان مشهور آهي.

(51) هي هڪ اصطلاح آهي، ان جي لفظي معنيٰ نه ڪيڻ ڪپي.

(52) نَڪن ۾ سهڻو نَڪ. جيئن ڍنڍ جي جهنگلي گلن ۾ ڪنول جو گل سهڻو ٿيندو آهي.

(53) موچارو ملير، عمرڪوٽ جي پرسان هڪ علائقو آهي، جو سنڌي شعر ۾ انهيءَ ويران ملڪ جو بهشت سمجهيو ويندو آهي.

(54) ڪنگو هڪ قسم جو ڳاڙهو رنگ آهي، جو زالون گهڻو ڪم آڻينديون آهن. اهو هڪ ننڍي سهڻيءَ دٻليءَ ۾ رکيو ويندو آهي. شاعر چوي ٿو ته نينگر رنگ ڪان به وڌيڪ روشنائيءَ واري آهي.

(55) لفظي معنيٰ اٿس "ماءُ". ڌيءَ کي پيار مان 'ماءُ' چئبو آهي، اهو محاورو اسان ماڻهن کي اهڙو خوشگوار نٿو لڳي.

(56) پوشاڪ جي ڪري.

(57) مائي هبڪي پنتي هتي ٿي، ۽ پاڻ کي هڪ غير مرد جي پليت چنبي کان بچائي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح هوءَ پنهنجي حياءَ شرم ۽ شرافت جو اظهار ڪري ٿي. همير لفظ شايد امير جي بگڙيل صورت آهي ۽ سنڌي شعر ۾ هميشه سومرن جي گهراڻي جي حاڪمن جي باري ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. گهوٽيتي جي معنيٰ هي چاجياڻي گهوٽ. جي اهو لفظ هتي پيار مان ڪم آندل آهي، پوئينءَ مصرع جو مطلب آهي ته عمر کي جڏهن مارئيءَ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو تڏهن هو اهڙو خوش ٿيو جو پاڻي هاري، قرب جي ڪري، مارئيءَ جي خوشيءَ لاءِ ڏٽي کان دعا گهريائين. اها تمثيلي معنيٰ آهي، وچ ايشيا ۾ دستور آهي ته جڏهن ڪو به ماڻهو، خاص ڪري عورت يا ٻار، ٻئي کي پاڻي ڏيندو آهي، تڏهن پيئڻ وارو هن کي دعا ڪندو آهي.

(58) اهي پير ٿر ۾ پنهورن جي علائقي ۾ پوريل آهن. اتان جا مال وارا انهن کان دعا گهرندا آهن.

(59) اهي بيت سنڌي شعر جي تجنيس ۽ قافيي جو هڪ نمونو آهن. پهرين ۽ ٻيءَ مصرع جي "ٻار" سان ملن ٿا.



(60) مجاور اهو آهي جو ڪنهن مقبري درگاهه يا وليءَ جي آستاني جي خدمت ۽ سنڀال ڪري.

(61) سنڌ ۾ خراب چال جون عورتون فقيرن سان آزاديءَ سان ڳالهائينديون آهن. هو فقيرن کي ائين ڪري ڏسنديون آهن، جيئن اڳئين زماني ۾ يورپ جون زالون پادرين کي ڏسنديون هيون. مارئي ڪڏ ڪري سهيلين کي چوي ٿي ته اچو ته اسان به فقيرن جي صحبت ۾ هلي دعا وٺون. هنن کي خاطري ڏيارڻ لاءِ ته فقير سندس عاشق نه آهي، ڪيس پاءُ سڏي ٿي. افسوس آهي ته "يار کي منهن تي ادا سڏڻ" جو بڇڙو رواج، سنڌ ۾ به آهي.

(62) "نواري" لفظ جو هتي " آزاد" ترجمو ڪيو ويو آهي. ان جو مطلب عربي لفظ "مجرد" جهڙو آهي ۽ ٻه معنائون اٿس: هڪڙو بي لغام چڙواڳ، ٻيو دنيا جي ڏيک ويک ۽ اجاين ڳالهين کان پري.

(63) هي عشق جو جذبو يورپي ماڻهن کي شايد ڏکيو لڳي، پر مشرق ۾ اهو انساني فطرت جي خلاف ڪو نه سمجهيو ويندو آهي.

## باب پنجون

(1) پروفيسر ايچ ايچ ولسن (Professor H.H.Wilson) هندن جي ناٽڪ جي سرشتي تي جو ڪتاب لکيو آهي ان ۾ هن انهن ٻنهي جي وچ ۾ تفاوت ظاهر ڪري ڏيکاريو آهي.

(2) راجپوت راٺوڙن مان راٺو انهيءَ قوم مان هو ۽ سوڍن جي پاڙي جو هو، جي عمرڪوٽ ۽ ٿر جي آسپاس گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ ملڪ جا

مورثي سردار آهن. ميرن جي حڪومت ۾ انهن جو چڱو مڃڻ، آسپاس وارن ڏتارن کان پنچري وصول ڪندو هو ۽ هن سان ڪنهن به قسم جي دست اندازي نه ڪئي ويندي هئي.

(3) هندو ڌرمي پينن کي سامي يا سوامي چوندا آهن. هنن کي خوش اخلاقيءَ کان "بابو" به سڏيو ويندو آهي.

(4) ڪاڪ هڪ درياهه جو نالو آهي، جو عمرڪوٽ جي پرسان وهندو هو، پر هاڻي ڦٽي ويو آهي. ان جي ڪناري تي هڪ پراڻي شهر ۽ مومل جي محلات يا ماڙيءَ جا نشان آهن.

(5) شاعر جو نالو.

(6) سَري يا سَڙي سونن موتين جي ڪَنڍي جا هندو بکياري پائيندا آهن. ٻيءَ مصرع ۾ اشارو آهي دوائن رستي نج سون کي وڌيڪ صفا ڪرڻ جي وٽندڙ طريقي ڏانهن، جو سون جي رنگ کي وڌيڪ تکو ڪندو آهي. پڻر هڪ وڏو ڪارو مکو آهي، جنهن جو هندي شعر ۾ بار بار ذڪر ايندو آهي. هتي ڏيکاريل آهي ته جيتوڻيڪ پڻر لاءِ هزار باغيچا مفت ڪليل آهن ته به هو هي غنچا پسند ڪري ٿو ۽ انهن لاءِ ڪا به قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هن شعر ۾ شاعر جي نازڪ خيالي البت حد کان لنگهي وئي آهي.

(7) لداڻو، عمرڪوٽ جي پرسان هڪ شهر هو جو هاڻي ڦٽي ويو آهي.

(8) ڪشمير جا فقير هن ملڪ ۾ حق تي بيحيائيءَ ۽ تنگ ڪرڻ لاءِ مشهور آهن.

(9) سنڌ ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ مبالغو، بلاغت جي انتها ڪري ليکيو ويندو آهي.



سيلاني فقير جي تصوير نهايت صحيح ۽ سچي آهي. حسين ڪجري هن کي ڦري فقير ڪري ڪڍي ٿي. بلڪ چيو وڃي ٿو ته هو لاچار ٿي پنهنجو مذهب بدلائي هندو به ٿيو هو. مگر هي هڪ استعاره يا شاعراڻي صنعت آهي. سري ۾ شڪارپور، زالن جي مڪر ۽ مردن جي لاپرواهيءَ لاءِ مشهور هئي. 1845ع ۾ مون هڪ اهڙو واقعو شڪارپور ۾ ڏٺو هو. چون ٿا ته ڪيترا افغان ۽ ٻيا واپاري جي پنهنجي ملڪ کان گهوڙا ۽ ٻيو وکر کڻي آيا هئا، تن جي سنڌ جي دلربائن اهڙي حالت ڪئي هئي جو فقيراڻو ويس ڪري مدهوش ٿيا گهمندا ٿي وتيا.

(10) نالا مومل جي حسين سهيلين جا.

(11) سنڌ ۾ اوطاق ان جاءِ کي چوندا آهن، جتي مرد وهندا آهن. ان ۾ زالن جا ڪمرا ڪو نه هوندا آهن.

(12) مائيءَ کي ٻڌائي ٿو ته مان پاڻولي نه آهيان. مشرق ۾ پاڻولين کي اهڙيءَ بڇان سان ڏٺو ويندو آهي، جهڙو اسان وٽ درزين کي. هن گهوڙي کي اَن انهيءَ لاءِ ڏنو ته هو ڏسي ته مان ٻين همراهن کان ڪيترو وڌيڪ سياڻو آهيان.

(13) هي مصرعون اصطلاحي آهن ۽ ڏکي معنيٰ اٿن. منشي چوي ٿو ته "ڪامَ هل" شاعراڻي صورت آهي، "ڪامڻ هلندڙ" يعني پيادي هلندڙ عورت، جي واٽيون ڏوليءَ ۾ يا اٺن تي هلنديون آهن. انهن لفظن جا پنيان اکر ڪڍيا ويا آهن.

(14) سنڌ ۾ مجلس جو صدر هڪ ڪتولي تي ويهندو آهي، جنهن جي مٿان غاليچو وڇايل هوندو آهي. ان تي بعضي وهاڻا هوندا آهن بعضي نه.

(15) پؤنر هن جي خوشبوءِ تي مست ٿيو هو.

(16)"ست پتيرو" يعني جنهن کي ست ڍنگ يا رنگ هجن. مطلب اٿس گونا گون يا خوبصورت ماڻهو.

(17) ڏاٽ، عمرڪوٽ جي پرسان هڪ علائقو آهي. اُتان جي ماڻهن کي ڏاٽي چوندا آهن.

(18) هن مصرع ۾ ڪوات يا ڪنوات جي معنيٰ آهي ننڍو اٺ، "گورو" اُٺ جو ٻچو ۽ "چٽ" اُٺ جو اهو ٻچو، جنهن کان کير ڌارائڻ ڇڏايو ويو هجي. ميو ۽ ڏاڳو وڏن اٺن کي چئبو آهي. "ڪيرو" ٽن ورهين کان ننڍو هوندو آهي. "ڏونڪ" ٽن ۽ ڇهن ورهين جي وچ ۾، ڇهن ورهين کان پوءِ باقاعدي اٺ ٿيندو آهي.

(19) هت "هل"، "ڪرهل"، "ترهل" ۽ "مومل" جا پويان حرف صحيح شَد ڏئي ٻڌا ڪيا ويا آهن. "ڪرهل" پيار پريو تخفيف آهي ڪرهي جو."ترهل"جي معنيٰ "ڪولاب" يعني هينانهين زمين جتي گهڻو گاهه ۽ آبادي هجي."ٽانگيل" يا "ٽاگيلي" هڪ ول آهي جا اُٺ شوق سان کائيندا آهن.

منشي چوي ٿو ته چندن ڪنهن وڻ جو نالو آهي يا صندل معنيٰ اٿس جو هڪ شاعراڻو مبالغو آهي.

(20) ذليل نيزاري جي نشاني.

(21) ٽنهنڪري هي قصو سهڻي ۽ ميهار جي نالي سان مشهور آهي. ميهار جو نالو گمنام آهي. ميهارن جي هت ساڳي حيثيت آهي جا اسان جي طبعي شعر ۾ ريڍارن جي هوندي آهي. هو بانسري يا نڙ وڄائڻ ۾ به پڙ هوندا آهن. سنڌ جي بانسري يا نڙ به فوٽ ڊگهو هوندو آهي ۽ چار



تنگ هوندا اٿس. ان مان بين جهڙو آواز نڪرندو آهي. پر ماڻهن کي نڙ جو آواز ايترو پسند آهي، جو هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻڌندا آهن. ته به نه ٿڪبا آهن. پري کان رات جو خاموشيءَ ۾ آواز دڪدائڪ لڳندو آهي ۽ هرويرو اڻوڻندڙ نه هوندو آهي.

(22) چاڪاڻ ته جيستائين هنن جي هڪ ٻئي سان سچي محبت هئي، تيستائين هنن کي روحاني عشق جي طاقت سيني پوشيده خطرن کان بچايو ٿي. اطالوي شاعر، هويس، لکي ٿو ته ڪيس جهنگ ۾ پنهنجي معشوقہ جا گيت ڳائيندي ڪنهن مخفي طاقت هڪ بگهڙ جي حملي کان بچايو هو.

افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ۽ ڪيترا قصا ثابت ڪن ٿا ته اها غيبي مدد مجازي ۽ نه روحاني عاشقن کي ملندي آهي.

(23) اصل ڪتاب ۾ لکيل آهي " تَن مَن سوهڻي" جو مائيءَ جي نالي تن "جڳت" آهي. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سهڻو سنسڪرت لفظ سوڀن يعني حسين مان نڪتل آهي ۽ ساڳي معنيٰ رکي ٿو.

(24) شرم، يعني سردارن جون زالون ۽ ٻار.

(25) انهن حالتن جو مختصر بيان "تحفة الڪرام" ۾ 40 صفحي تي ڏنل آهي. پٽن جي اتهاسن ۾ وڌيڪ تفصيل ڏنل آهي، پر انهن ۾ تاريخي واقعا هميشہ صحيح نه هوندا آهن.

(26) شيڪسپيئر جي ڊڪشنريءَ ۾ عاشقن جا نالا "هيرو ۽ ليئنڊر" ڏنل آهن. نالا آواز ۾ البت هڪجهڙا لڳن ٿا. پر افسانن ۾ هڪٻئي سان مشابهت ڪا به ڪا نه آهي. رانجهي کي ويڙهه به سڏيو ويو آهي. رانجهو ۽ سندس معشوقہ پاڻ کي ڪيترن نالن ۽ ذاتين سان سڏائين ٿا.

ملڪ جي جدا جدا حصن ۾ کهاڻي مختلف نمونن ۾ ٻڌائي ويندي آهي، مون کهاڻي ايئن ڏني آهي، جيئن لنگهن کان ٻڌي اٿم.

(27) چاڪاڻ ته هن کي عشق کان سواءِ دنيا جي ڏک سُک جي ڪا به خبر ڪا نه ٿي پوي.

(28) مائيءَ جي رضا جي نيشاني، ايران ۾ ڳاڙهي رنگ جي چٽني عاشق لاءِ ڪاميابيءَ جو سنيهو هوندي آهي.

(29) هير جي مڙس جو نالو.

(30) فارسيءَ ۾ گل سرشوئي ۽ سنڌيءَ ۾ ميٽ سڏبو آهي. ان ۾ تيل سرهاڻ وجهي وارن ۽ دن ڌوئڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. سعدي گلستان ۾ نهايت چيدن لفظن ۾ ميٽ جو ذڪر ڪيو آهي.

مائيءَ جو هت مطلب آهي ته جتي رانجهو وهنتو آهي اتان ميٽ ڪٽي مان پنهنجن مشڪين وارن کي لائيندس. اها رانجهي جي عزت افزائي آهي.

(31) نتي جي پرسان ڏنل قبن سان لڳ اجا مضبوط عمارتن جا نشان آهن.

(32) اهي ڪوهه اجا آهن. عام ماڻهن جو خيال آهي ته ڪوهه پهار ۾ ديون جي هٿان کوٽايا ويا هئا.

(33) مان پانيان ٿو مل محمود جي قبر، حيدرآباد جي قلعي ويجهو، شاهه مڪئي جي ٽنڊي يا ڳوٺ ۾ آهي.

## باب ڇهون

(1) اڪثر چئن ورهين ۽ چئن مهينن جي ڄمار ۾ چوندا آهن ته



انهيءَ ڪان اڳ حافظو پورو نه هوندو آهي.

(2) افسوس آهي ته اهڙا اسڪول ڪو نه آهن جتي ڪاڏي پيتي جو انتظام هجي.

(3) سواءِ جمعي ۽ پين ڏڻن جي.

(4) جهڙوڪ: پڳ، پهراڻ، سٿڻ، لونگي ۽ رومال سميت خلعت ۾ اهي پنج شيون هونديون هيون.

(5) آخوند کي خرچي ڏيڻ جو هي رواج تمام خراب آهي چاڪاڻ ته هونئن ختاب يا علم پڙهائڻ کان هميشه انڪار ڪندو آهي، جيستائين لوازمو نه ملندو اٿس. جيڪڏهن جمعي ڏينهن نذراني جا ٻه ٽي پئسا نه مليا ته چوڪرن جي موڪل وئي، بقر، فطر ۽ برات جي ٽن وڏين عيدن تي ڪنهن رنگين پني ٽڪر تي ٻه ٽي بيت لکي، چوڪرن کي ڏيندو آهي، جنهن لاءِ ڪيس چئن آنن کان هڪ رپيي تائين ملندو آهي. انهيءَ ڪاريگري جي ڪم کي عيدي چوندا آهن. عيديون اڪثر پٽ تي ٽنگبيون آهن. جيئن ولايت ۾ سهڻو پرت پٽ تي اٽڪائي ڇڏيندا آهن. ساڳئي وقت ياد رکڻ کپي ته استاد کي هڪ هڪ شاگرد کان مهيني ۾ اٺن آنن کان وڌيڪ ڪو نه ملندو آهي. ٽنهنڪري هن کي نذرانن مان پوراٿو ڪرڻو پوندو آهي.

(6) جهڙوڪ قرآن شريف جون ننديون ننديون آيتون، جي روز نماز ۾ پڙهيون آهن. ۽ پيا بيت ڪن خاص مضمونن تي، انهن مان ڪي قابليت ڏيکارين ٿا. پر بيتن جو مضمون معمولي ۽ نا موافق آهي. مثلاً هڪڙي بيت ۾ هڪ چڱي ڪاني يا ڪلڪ جا پنج سين (س) ڏنل آهن: 1. سنهي هئڻ کپي. 2. سلير يعني پوري. 3. سرخ. 4. سنئين. 5. سيڪ يعني پوري پڪل.

(7) فرحي، سخت ۽ صفا ڪانيءَ جو سنهو تختو. ان کي ڳاڙهو،

ڪارو، سائو يا زردو رنگ ڏيندا آهن. مس ۾ ڪا معدني يا ڌاتوءَ جهڙي شئي ڪا نه هوندي آهي، جنهنڪري سولائيءَ سان ميساري سگهبي آهي. تختي کي آلي مٽيءَ جي سنهي پوچي ڏيندا آهن. بعضي بعضي لوهه جا پڙچ به ڪم آڻيندا آهن جڏهن شاگرد کي قلم جي مشق تي ويندي آهي، تڏهن هو فرحي ڇڏي دفتري ڪم آڻيندو آهي. دفتري ڪاغذ جي تهيل هوندي آهي، جا ٽامي جي ڪس سان ڳنڍيندا آهن ۽ مٿان لوهه جي مهري سان لسو ڪندا اٿس ته جيئن ميري ٿئي ته وري ڌوپي سگهي.

(8) انهن فضول ڳالهين لاءِ سنڌين کي ڏوهه نه ڏيڻ کپي. اهي عربن وٽان شروع ٿيون. عرب قوم کي حد کان وڌيڪ تعظيم ملي آهي، جنهنڪري ان جو دماغ ڦريل آهي.

(9) ڏسو باب ٽيون.

(10) هي ڪتاب انهن يورپي عالمن لاءِ ڪارائتو آهي جي سنڌي سکڻ گهرن ٿا. ان ۾ عربي ۽ فارسي لفظ گهٽا آهن جنهنڪري پڙهڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي. ان جي طرز سليس، پر الفاظ ۽ غير مصنوعي آهي.

(11) اهڙا قصا ساريءَ دنيا ۾ هڪجهڙا آهن. تنهنڪري پڙهندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهندا ته عاشق سپ جواب ڏئي نه سگهيا، تنهنڪري گهات ڪيا ويا. قديم زماني کان وٺي ڏنو ويو آهي ته ڳجهارتون بلڪل سليس ڏنيون ويندون آهن. مطلب شايد اهو آهي ته اهڙن ماڻهن جي قسمت تي رحم نه ڪائجي، جن وٽ عقل جو ڏيوالو آهي.

(12) خود ايران ۾ ماڻهو "جامي" يا "نظامي" جي شرح مدد کان سواءِ ورلي پڙهندا آهن. "حافظ" ايران جو گهريلو شاعر آهي. ماڻهو هن جا غزل ايترو ته پڙندا ۽ پڙهندا آهن جو هو اهي سواءِ ڪنهن ٻيءَ مدد جي سمجهي



سگهندا آهن.

(13) مدرسي جو احوال جو مون هت ڏنو آهي، سو مون کي هڪ مڪاني ماڻهوءَ ڏنو هو جو جوانيءَ ۾ متعلويءَ [ متيارين] ۾ پڙهيو هو. مون کي ان جي حقيقت ۾ گمان رکڻ لاءِ ڪو به سبب ڪو نه آهي. ڪئپٽن هئملٽن، جنهن 1744ع ۾ سفر ڪيو هو، سو لاڙ بنسبت لکي ٿو ته "ٺٽي جو شهر فقہ، تحقيق جي علم ۽ سياست جي تعليم لاءِ مشهور آهي ۽ اتي انهن علومن جي تدريس لاءِ چئن سون کان به زياده مدرسا آهن."

(15) هر ڪو شاگرد تبرڪ لاءِ آخوند وٽ درس شروع ڪندو هو.

(16) مون ٻڌو آهي ته متياريءَ جي مدرسي ۾ ويهه حجرا هوندا هئا. جن مان هر هڪ ۾ ٽي يا چار طالب رهي سگهندا هئا. رات جو مدرسي جا دروازا بند ڪندا هئا ۽ ڪنهن به ڌاريئي مرد يا عورت کي ان ۾ رهڻ جي اجازت ڪا نه هوندي هئي. وڏا طالب شهر ۾ مسجد ۾ رهندا هئا. انهيءَ ڪري گهٽ فساد ٿيڻ جو امڪان هوندو هو. چاڪاڻ ته هت شهرين جي وچ ۾ اسان جي يونيورسٽين کان به وڌيڪ ڪشيدگي هوندي هئي.

(17) هي دين تي ٻڌل شرعي سزا هئي، تنهنڪري ان ۾ ڪو عجب ڪو نه سمجهيو ويندو هو. ڪٽر وهابي، پنهنجي جماعت جي مردن خواهه عورتن کي روز جي نمازن تي دير سان اچڻ جهڙي معمولي سَهو لاءِ به باقاعدي تازيانا هڻندا هئا. هر هڪ ڌڪ تي تازياني هڻڻ وارو چوندو هو "توبهه" ۽ ملزم "ياالله"

(18) هنن ڪتابن جي خوبين تي تنقيد ڪا نه ڪئي ويندي. مسلمانن جي مختلف قومن وٽ زبان جي مطالعي ۽ ديني علومن تي ڪتاب آهن. انهن جو جدا تفصيلوار احوال لکڻ جو مون ارادو ڪيو آهي.

(19) ان جو مخالف آهي. صرف ڪبير يعني فعل جو گردان، صورت صيفي ۽ زمان مان.

(20) ڪئپٽن لاڪيٽ جا ڇپايل ٻہ ابتدائي رسالا. ڪلڪتو 1814ع.

(21) ساڳئي مصنف جو ترڪيب تي اهڙو ئي مشهور ڪتاب، ورلي پڙهيو ويندو آهي.

(22) جنهن ڏهن ورهين جي ڄمار کان اڳ صرف و نحو، ترڪيب، منطق ۽ علم موجودات تي نهايت سنجيدا ۽ صحيح پيماني تي ڪتاب لکيا هئا.

(23) هي بہ ابن حاجب جو آهي. هن جو فارسي شعر ۾ ترجمو آهي جو بعضي بعضي ڪم آندو ويندو آهي.

(24) اهو نالو هن ڪتاب تي انهيءَ ڪري پيو آهي، جو ان مان جيڪي حوالا ڏيندا آهن، انهن جي اڳيان قال (هن چيو) جو لفظ هوندو آهي. ۽ انهن جي شرح "اقل" يعني " مان چوان ٿو" جي لفظ سان شروع ٿيندي آهي.

(25) "اڌ ڏينهن" ۽ "سڄي ڏينهن" جو ڪم.

(26) جيئن اڄ يورپ ۾ هوندو هو. مسلمان فقيهہ ٽن بنيادي اعتقادن جي اصول ۾ ايمان رکندا آهن:

1. قرآن يعني وحي.

2. سنت، يعني رسول ڪريم جي ثابت ٿيل قدمن تي هلڻ، جنهن تي وحي نازل ٿي آهي ۽ جو معصوم آهي.

3. اجتماع، يعني پيغمبر ﷺ جن جي اصحابين جو ڪنهن راءِ



تي اتفاق ڪرڻ يا فقهہ جي امامن جو ڏنل فيصلو.

4. قياس آهي جو مٿين ٽن جي تابع آهي، مطلب تہ الله جي ڪتاب، رسول ڪريم جي سنت يا اجتماع جي روشني ۾ ڪي مسئلا وٺي، انهن جو فيصلو ڪيو ويندو آهي، جن جو اصل مٿين ٽن اصولن ۾ موجود هوندو آهي.

(27) افغانستان، ايران ۽ عربستان، خاص ڪري ان جي جنوبي حصي ۾ حفص کان وڌيڪ ورش جو رواج آهي.

(28) حافظ جو پيشو مذهبي نقطئہ نگاهہ کان معتبر سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪيترن حديثن ۾ ان جي فضيلت ڄاڻايل آهي. اهو ضروري نہ آهي تہ حافظ ڪي قرآن شريف جي لفظن جي معنيٰ بہ ايندي هجي.

(29) فارسي ٻوليءَ ۾ ان جو سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيل آهي.

(30) مشرق ۾ هر ڪو معتبر ماڻهو ٿورو گهڻو حڪمت جو علم ڄاڻندو آهي. حڪمت جو پيشو محرر جي پيشي کان پوءِ ٻيو نمبر معتبر ليکيو ويندو آهي.حڪمت جو علم اهڙو تہ معتبر سمجهيو ويندو آهي، جو شاهي خاندان جا ماڻهو بہ شوق سان طب جا ڪتاب مطالعو ڪندا آهن.

(31) سترهن يا ارڙهن مشهور ڪتاب آهن. آءُ انهن جا نالا ڪو نہ ڏيان. جو مون اهي ڪو نہ پڙهيا آهن ۽ انهن ۾ ڇا لکيل آهي، تنهن بنسبت ڪجهہ چئي ڪو نہ ٿو سگهان.

(32) تنهنڪري هر دوا جو پهريون وزن، حڪيم يا ڪنهن خانگي نوڪر کي پياريندا هئا. جڏهن اهو تجربو نوڪر تي ڪيو ويندو هو، تڏهن هو هميشہ حڪيم کان انعام گهرندو هو جي انعام نہ ملندو هوس تہ دانهن ڪندو هو تہ "دوا مضر آهي" يا چوندو هو تہ "بس، حڪيم مون کي زهر ڏنو

آهي، مان ڪين بچندس" تنهنڪري حڪيم خوشيءَ سان پنهنجي اجوري جو حصو اڳواٽ ڏيندو هو. جي ائين نٿي ڪيائين ته مورڳو سر تي ويس.

(33) هو نسخو اڪثر پاڻ پچندو هو. پساريءَ کي ڏيندو پئسو ته وٺندو رپيو.

(34) ايران جون زالون چونديون آهن ته ويم جا جيڪي مرض آهن، تن لاءِ هڪ جن جوابدار آهي. ان جو نالو شايد "آل" آهي.

(35) مثلاً نادر شاهه جي وفات جي تاريخ "نادر دزدڪ رفت" مان ڪيندا آهن. آءُ جيڪو "نادر اعظم" لکان. پر هڪ مشهور مصنف هن کي ايراني ڌاڙيل ڪري سڏيو آهي تاريخ ڪڍڻ وارو. نادر شاهه تي ڪيڏو نه نامهربان آهي!

فارسيءَ جي طالب علمن کي ياد رکڻ کپي ته ابجد جي تاريخ ۾، خصوصاً جي اها شعر ۾ هوندي آهي، ته بي معنيٰ اصطلاح ڪو نه ڪم آڻيندا آهن. جونس جي گرامر ۾، جي ٻه مصرعون ڏنل آهن، سي ابجد جا خاص سٺا مثال نه آهن.

(36) قرآن شريف حفظ ڪيو ويندو آهي. اهڙو ماڻهو جنهن کي سڄو قرآن شريف ياد هجي، ان کي حافظ ڪوٺيندا آهن.

(37) جنمپتري ۽ ٽيپڻي تيار ڪرڻ جي ارادي سان. جنمپتري هر هڪ هندو ٻار لاءِ ضروري آهي. هن جي عمر جو حساب ڪتاب ان ۾ لکيل هوندو آهي ۽ هو هميشه ان جي صلاح تي هلندو آهي. ان جي قيمت اٺن کان ويهن رپين تائين هوندي آهي. جنمپتري ڪاغذ جي ڊگهيءَ پٽيءَ جا پٽين تي صفا ٿلهن ديوناگري اکرن ۾ لکيل هوندي آهي ۽ ان تي ستارن جو جوڙ ۽ صورت، گرهڻ ۽ اهڙين ٻين اهم واقعن جون شڪليون نڪتل هونديون



آهن. ماڻهوءَ جي عمر، عادتون، ميل ۽ مزاج سڀ ان ۾ ڄاڻايل هوندا آهن. مطلب ته هن جي ڄمار ۾ ڪو اهڙو واقعو ڪو نه ٿيندو، جو جنمپتري ۾ (واقعي ڪان پوءِ) نه لپيندو.

ٽيپڻو ٻه جنمپتريءَ وانگر ٿهيل هوندو آهي. اهو مسلمانن جي "تقويم" وانگر هڪ قسم جي جنتري آهي. ان ۾ يوگ جو مدو، نڪشتر، تٿ، وار ۽ علم هيئت مطابق وقت ڏنل هوندا آهن. اهو پڳتي وغيره ۾ ڪم ايندو آهي.

(38) ڏکيا حساب ڪو نه ايندا اٿن. هو فقط جمع (جوڙ)، ڪوڙا يا ضرب جا اصول چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهن. هو چوويهن کي چوويهن سان ضرب ڪري سگهندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ٻين علمن جي ڪسر پوري ڪندا آهن.

(39) ساڳئي وقت ايترو چوڻ واجب آهي ته سنڌ جا هندو ٻولين سکڻ ۾ پڙ آهن. حسابن ۾ٺڳيءَ ڪان پوءِ هو زبانن جي علم ۾ ماهر آهن.

(40)سنڌي مسلمانن جي برعڪس،هندستان جا مسلمان اهڙا احتياط وارا نه آهن، جهڙا اسان جي نون صوبن جا مسلمان آهن. مون هن صوبي ۾ جيڪڏهن ڪو غير تعصبي ماڻهو ڏٺو ته معلوم ٿيو ته هو ڪنهن ڌارئين ملڪ جو هو، جو هتي روزگار جي ارادي سان آيو هو.

(41) جيڪڏهن اسان کي مشرق ۾ پنهنجي نيڪنامي قائم ڪرڻي آهي ته اسان کي پورچوگيزن وانگر نامعقول غلطيون نه ڪرڻ کپن. ايران ۾ روسين شروع کان وٺي، تعصبي ڪاروايون ڪري، عوام جو اعتبار وڃائي، ڪين پنهنجي خلاف ڪري ڇڏيو آهي. چون ٿا ته هنن هاڻي پنهنجو طريقۂ عمل ڦيرايو آهي ۽ سندن نمائندي امام حسن رضہ ۽ امام حسين رضہ جي شهادت جي يادگيريءَ ۾ تهران ۾ هڪ تعزيہ خانہ ٺهرايو آهي.

تنهن هوندي به ماڻهن جي دلين ۾ جو هڪ دفعو شڪ جاڳيو آهي، تنهنڪري هو پنهنجو رويو ڪنهن به صورت ۾ ڪو نه ٿا ڦيرائين. اسان کي ايراني ماڻهو ڪو نه سڃاڻن، پر هنن اسان جي تعريف ٻڌي آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته عام ماڻهو اسان جو خيرمقدم ڪندا.

(42) هن دعوا جي دليل ۾ ڪا به ثابتي ڪا نه پيش ڪئي ويئي آهي.

(43) ليفٽيننٽ ليچ (Leech) پنهنجي پنجابي گرامر جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته اها آئيوٽا پنجاب ۾ ليکي، چوکي ۽ حساب ڪتاب لاءِ ڪم ايندي آهي.

(44) مخفي ڳالهين لاءِ جيئن اسان وٽ ڳجها اکر هوندا آهن، تيئن هندستان جي ماڻهن جو خيال آهي ته هر هڪ زبان لاءِ مختلف "قلم" ضروري آهن. هو ان ڳالهه تي تعجب ڪائيندا آهن ته يورپ ۾ ڪيترين زبانن لاءِ هڪ ئي قلم ڪم ايندو آهي.

(45) فقط پهرين حرف علت جو اُچار ٿيندو آهي.

(46) يعني ڇهه خاص سنڌي ۽ چوڏهن عربي ۽ فارسي اکر. شايد ائين چيو وڃي ته پوين ٻن زبانن جا لفظ گجراتيءَ ۽ ٻين هندستاني قلمن ۾ نقطن کان سواءِ ڪم ايندا آهن، تنهنڪري انهن کي اعرابن ڏيڻ جي ضرورت ڪا نه آهي. اها ڳالهه برابر آهي، پر جتي هندستاني ٻولين ۾ هڪ ڏاريو لفظ آهي، ته اتي سنڌيءَ ۾ درجن آهن.

(47) جڏهن مرهٽن کي گهٽي سرڪاري ڪاروبار ڪرڻ جي ضرورت پئي، تڏهن "موري" نالي هڪ نئون "خط روان" ايجاد ڪيائون. سڏين کي هڪ بدران ٻه خط سيکارڻ ڪٺن ڪم آهي.



(48) جا عام طرح، پر غلطيءَ سان سنڌي سڏبي آهي. اهڙ ي ڪا به الف بي نه آهي، جا خاص سنڌي هجي ۽ ساريءَ سنڌ ۾ ڪم ايندي هجي.

(49) ڪيترن حروف صحيح خواهه علت ۾ ڦيرڦار ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ ته اهڙا نشان ڪو نه آهن جي صحيح ۽ غير صحيح تلفظ جو تفاوت ڏيکارين.

(50) نسخ خط لاءِ ماڻهن کي عزت هن ڪري آهي، جو اهو اسلام جي سرچشمي يعني مڪي مان شروع ٿيو آهي. مثلاً شهرن کان پري جهنگ ۾ رهندڙ افغان به نسخي اکرن کي جهڪي سلام ڪري دعا گهرندا، بلڪ پرستش ڪندا آهن.

(51) سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ زبان. ان جي الف بي گهٽ ڏکي آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ پنج خاص سنڌي اکر ڪو نه آهن. چون ٿا ته هندستاني ٻوليءَ جو پنجابيءَ وانگر لکڻ جو هاڻوڪو رواج ويهه ٽيهه ورهيه اڳ شروع ٿيو هو. ان کان اڳ فقط پڙهيل ۽ علم وارا ماڻهو اهي اکر ڪم آڻيندا هئا. عام ماڻهو مغز مان نڪتل اکرن کي نشان ڪو نه ڏيندا هئا ۽ هاڻي جيڪي سڌارا ڪيا ويا آهن، تن جي خبر ڪا نه هوندي هئن.

## باب ستون

(1) ٻيئي لذت النساءِ جي خلاف.

(2) مسلمانن کي ترغيب ڏني ويندي آهي ته هو هر اهم ڳالهه ۾، رسول ڪريم جي پيروي ڪن. جيتوڻيڪ سنت جي پيروي ڪرڻ ناممڪن نه

آهي، تنهن هوندي بہ جاهل ماڻهن طرفان عام پيروي ڪئي ويندي آهي.

(3) يورپي پڙهندڙن کي ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪو سيد کي گستاخي يا مذهب جي توهين ڪرڻ جو ارادو هو.

(4) ڪتاب جو لکندڙ چوي ٿو تہ مڙس زال کي جيڪو حڪم ڪري ان جي هن کي پوريءَ طرح فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي.

(5) مهذب يورپ لاءِ کهڙي نہ موزون نصيحت آهي.

(6) ڪنهن جي وڏ ڪڍڻ، عيب سمجهيو ويندو آهي.

(7) حاجب، فراش يا جلاد.

(8) سنڌ ۾ هر طبقي جا ماڻهو ميرن کان وٺي رعيت تائين، پنهنجي جذبات جو اظهار وڏي آواز سان ڪندا هئا. جڏهن مير ڪا مخفي مجلس ڪندا هئا ۽ جاءِ جو دروازو بند ڪرائي، پنهنجن خانگي نوڪرن کي ڪڍي ڇڏيندا هئا، تہ انهن جي بحث مباحثي جو آواز ويهن گزن جي مفاصلي تي ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

(9) جهنگ جا ماڻهو يا وحشي.

(10) يعني حاڪم.

(11) ”وڏو محل“، برعڪس ”ديرهء خورد“ جي.

(12) هو هن معاملي ۾ افغان، ايراني ۽ وچ ايشا جي ٻين قومن سان مشابهت رکن ٿا، جن جي ملڪ ۾ انگور جام ٿئي ٿو ۽ آبهوا ٿڌي آهي. هو نندي هوندي کان پيئڻ جا عادي ڪو نہ هوندا آهن، تنهنڪري هو پنهنجي ملڪ ۾ شراب جو گهڻو انداز پي سگهندا آهن. هو هندستان ۾ يورپي لوڪن وانگر گهڻو پيئندا آهن تہ ان جو خراب اثر ٿيندو اٿن.

اهڙا ڪي ٿورا افغان هوندا جي بيماريءَ يا زخم جي حالت ۾ ستيءَ يا دوا طور شراب پيئڻ تي اعتراض ڪندا. هو هندستانين ۽ سنڌين جي برعڪس، شراب کان برانڊي زياده پسند ڪندا آهن.



(13) فارسي لفظ ”سبزه“ کي بہ معنائون آهن، هڪڙي ساوڪ، ٻي پنگ.

(14) مچ جي ويڙهي، يا سر جا پن. چون ٿا تہ انهن وڪرن جي استعمال سان نشو زياده ٿيندو آهي.

(15) ايراني چرس جا عادي آهن. افغان انهن کان بہ گوءِ کڻي ويا آهن. قنڌار جي شهر جي ٻاهران ڪي جايون آهن. جتي چرس پيئڻ وارا اچي گڏ ٿيندا آهن، هڪڙو چڱو مڙس انهن جي ڪارروائيءَ جي نگراني ڪندو آهي. عياشين جي بچاءَ لاءِ پهرو هوندو آهي. ملن انهيءَ عادت جي پاڙ پٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هو ڪامياب ڪو نہ ٿيا آهن. ڪيترا ڀيرا خونريزي ۽ رتوڇاڻ ٿي آهي. اهڙن موقعن تي هميشہ تلوار کان ڪم ورتو ويندو آهي. چرس پيئڻ وارن جو تماشو بہ ڪل جهڙو هوندو آهي. چرسي هڪ ٻئي کي پٺي ڏئي ڊگهي قطار ڪري ويهندا آهن. گلي جي نسن جي ڇڪجڻ ڪري جيڪڏهن ڪو ڪنگهندو يا ڪلندو آهي، تہ ساري مجلس ڪل ۾ ويڙهجي ويندي آهي. پر اها خبر ڪا نہ پوندي اٿن تہ ڪل جو سبب ڪهڙو آهي.

(16) مشرقي غلام پوئين لفظ جي معنيٰ سمجهي سگهندا. لفظ ترجمو ڪرڻ جهڙو نہ آهي.

(17) هر هڪ وڏي شهر جي پرسان پنجاهہ سٺ اهڙيون جايون هونديون آهن. اهي گهڻو ڪري سندن مالڪن جي نالي پٽيان سڏبيون آهن، جيئن تہ نانگي شاهہ جو دائرو. مالڪن کي گرهاڪ پئسا، ڪپڙا وغيره نذراني طور ڏيندا آهن. چون ٿا تہ هو ٻارن کي هيرڻ لاءِ مفت پنگ پيئاريندا آهن. هڪ دفعي عادت پوندي اٿن تہ پوءِ پئسن کان سواءِ اچڻ ڪو نہ ڏيندا اٿن. پوءِ هو لاچار وڃي مائٽن يا دوستن جي چوري ڪندا آهن.

(18) اصل اتي پير منگهو رهندو هو. روايت آهي ته هڪ لڳا هن وٽ چار فقير ملاقات لاءِ آيا ۽ هن انهن لاءِ جبل جي هيٺان پاڻي ڪڍي وهايو. ٻئي فقير وري گرم پاڻيءَ جو چشمو پيدا ڪيو. شيخ فريد پاڻيءَ ۾ گل اڇليو جو هڪ خوفناڪ واڳون ٿي پيو. ٽئين پنهنجو ڏندڻ زمين ۾ کوڙيو، ته هڪ ڏگهو کجيءَ جو وڻ پيدا ٿي پيو. چوٿين جي برڪت سان وڻ مان ماکي ۽ مکڻ چڪڻ لڳا.

پير منگهو وفات ڪري ويو ته مٿين چئن يارن اتي ڪٽي پوريس. هن جي قبر تي اڃا ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن.

(19) اهڙيءَ طرح ڪردستان جا يزيدي يا شيطان پرست شيطان کي ملڪ طائوس (مورن جو بادشاهه) ڪري ڪوٺيندا آهن.

(20) هن وقت، سنڌي گهڻو ڪري حنفي مذهب جا آهن. ڪي ٿورا شيعي مذهب جا آهن. پر اهي ائين آهن جيئن اٽي ۾ لوڻ. انهن جي وچ ۾ گهڻو مذهبي اختلاف ڪو نه آهي. شيعن ۾ تقيه يعني پنهنجي اصولن کي مخفي رکڻ جو عام رواج آهي. جيئن ڪنهن شيعي کي مجال نه آهي جو مڪي يا بخارا ۾ حضرت عمر ۽ حضرت عثمان جي خلاف ڳالهائي، تيئن سنڌ ۾ به هنن کي اهڙي همت ڪا نه ٿيندي آهي. گهڻا ٽالپر شيعا هئا. تنهن ڪري هنن جا پوئلڳ به سندن خيالن جي پيروي ڪندا هئا. پر سندن اصول هڪ وڏيڪ جبري مذهب جي مقابلي ۾ دستور موافق پٺتي پئجي ويا.

(21) هرڪلاٽس (Herklots)، قانون اسلام، باب ستاويهون.

(22) هرڪلاٽس، باب پنجٽيهون.

(23) مون ڪو نه ٻڌو آهي ته پنجابي ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به



ٻوليءَ ۾ پريءَ جو مرد ”پرو“ ٿيندو آهي. عربيءَ ۾ پريءَ کي جنيه چوندا آهن جو ”جن“ جو مونث آهي يعني باهه مان پيدا ٿيل. پري لفظ اصل ايراني نظر اچي ٿو. ڏاڍو دلچسپ ٿيندو. جيڪڏهن ڪو ويهي اها کوجنا ڪري ته ايران جي آتشت پرستن جون حسين البيليون عورتون ڪيئن آهستي آهستي بدلجي، شمالي يورپ جون ڪاريون ڪوجهيون جامڙيون ٿي پيون.

(24) ”الف ليليٰ“ جو ترجمو ڪندڙ مسٽرلين (Mr. Lene) به هن رواج جو ذڪر ڪري ٿو. پر هو ان لاءِ ڪو سبب ڪو نه ٿو ڏئي

(25) جيڪي ڪتاب خاص طرح پڙهيا ويندا آهن، سي هي آهن: ”فال نامه“،” طالع نامه“،” نادر القوائد“،”مائة لفوائد“ ۽ ”حصن الحصين“.

(26) اڳي انگلنڊ ۾ ڪو جادو يا منتر ڪاغذن تي لکي، ڳچيءَ ۾ پائيندا هئا. انهن کي ڪئريڪٽر (Character) چوندا هئا.

(27) ايران ۾ اهڙا گهڻائي منتر آهن جي بگڙيل هندي يا سنسڪرت ۾ لکيل آهن. اهي منتر، ماڻهو عام پڙهندا آهن. پر پڙهڻ وارا انهن جو هڪ لفظ به سمجهي نه سگهندا آهن.

(28) ڏسو هرڪلاٽس، باب ٽيهون.

اهي رواج جن ڏانهن هو اشارو ڪري ٿو، سي ساري مشرق ۾ آهن. جيتوڻيڪ يورپي لوڪن کي انهن جي خبر به نه آهي. ايران ۾ ڪو به ماڻهو پنهنجي ساهري گهر ۾ شربت نه پيئندو آهي، جيستائين اهو سندس سهرو اڳ ۾ نه پيئندو آهي. پر اهڙي قسم جا جادو ورلي ڪيا ويندا آهن. البت زالون ۽ مرد محبت لاءِ هڪٻئي تي جادو ڪندا هوندا.

(29) چوري ٿيل ٿپڙن هٿ ڪرڻ واري جادوءَ کي سنڌي ۾ ”وڃائٽو“ يا ”ڳهٽو“ چوندا آهن.

(30) گويا ”سذاري“ جي اصول جي پيشقدمي آهي. عربن جي خيال موجب سون، زيبق يعني پاري ۽ ڪبريت يعني گندرف جو مرڪب آهي، جو زمين جي بخارن ۽ گرمي ۾ پچي تيار ٿئي ٿو.

(31) چين کان وٺي الجزائر تائين سيني ڏيهي رياستن ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو بنسبت شڪ هوندو آهي تہ هن کي ڪيميا جو راز آهي، تہ پوءِ اهو ڦاٿو. هن کان راز هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس هر نموني ۾ آزاريو ويندو آهي ۽ عذاب ڏنا ويندا آهن جيئن يورپ ۾ يهودين کي جادوگري جي تهمت رکي، عدالت مقدس ۾ آزاريو ويندو هو.

(32) ڪُشتو سڏبو آهي.ڪشتا تمام مقوي سمجهيا ويندا آهن

(33) سٽي.

(34) اسڪاٽلنڊ جا ڪوهستاني ان کي ”شانہ پڙهڻ“ چوندا هئا. ڊريٽن (Drayton) شاعر بہ پنهنجي هڪ نظم ۾ انهيءَ رواج ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ڪئنڊن(Canedon) لکي ٿو تہ اهڙي قسم جا پرم آئرلنڊ ۾ بہ آهن.

(35) اهو علم فقط پڙهيل نجومين ڦهلايو آهي. نجومي اڪثر دهقاني ماڻهو هوندا آهن. ۽ اهڙو تخيل جو پرواز هنن جي طاقت کان ٻاهر هوندو آهي. مسلمان نجومي ”علم الاڪتاف“ (ڪلهن جون ڦڻيون) ۾ گهڻو اعتبار ڪو نہ ڪندا آهن. هنن جي خيال ۾ اهو جاهليت جي زماني جو هڪ علم آهي، جو هاڻي متروڪ ٿي ويو آهي، تنهن هوندي بہ اهڙا ڪي ٿورا ماڻهو آهن جن کي ان جي سچائيءَ ۾ شڪ هوندو.

(36) هي ننڍڙو ڪتاب، جنهن جو مون ذڪر ڪيو آهي، تنهن کي بمبئي ۾ ڇپجڻ جو فخر حاصل آهي. ڪيترن انگريزيدانن کي هاڻي خبر



پئي آهي تہ نيپولين بوناپارٽ انهيءَ ڪتاب کي هڪ بيش بها خزانو ڪري سمجهندو هو.

(37) مشرقي عالمن لاءِ هن عجيب پيشي جو علم ضروري آهي، چاڪاڻ تہ فارسي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ ڏانهن گهڻا ئي اشارا آهن. مير فتح عليءَ جي ڏينهن ۾ هڪڙي چرچائي شاعر ڪي نظر انداز ڪيو ويو هو. شاعر، مير جي اجازت سان هڪ قصيدو پڙهيو. ان جي هڪ مصرع هن طرح هئي:

”جيڪو تنهنجي صورت خواب ۾ ڏسي ٿو،
سو سون ۽ چانديءَ جي ڍڳن تي ليٽي ٿو.“

مير اشارو سمجهي ويو، پوءِ ڏيک اهڙو ڏنائين تہ جڻ خبر ڪا نہ پئي اٿس،سو شاعر کي چڱو انعام ڏيئي روانو ڪيائين. وغيره.

(38) ”سوڻ“. شايد قديم فارسي لفظ. سگن(سنڌي سڳڻ) جي بگڙيل صورت آهي.

(39) چون ٿا تہ ڏيات ٻن هزارن روپين جيتري هوندي هئي.

(40) افسوس آهي تہ ساڳي وقت عام بہ آهي، ڪي ٿورا سنڌي هوندا جي ايمانداريءَ يا گناهہ جي خيال کان چوري نہ ڪندا. ساڳئي وقت چور جو لفظ هنن جي نظر ۾ نهايت برو هوندو آهي. پر غير مهذب قومن ۾ ائين نہ هوندو آهي. ڪيترا قومي سردار، چوريون ڪرائيندا هئا ۽ چورن سان حصو ڳنڍيندا هئا. ڪيترا پنهنجي انهيءَ عادت تي فخر ڪندا هئا. هو سمجهندا هئا تہ ڏيهي حڪومت جا ساڻن دست اندازي نٿي ڪري، تنهنڪري هو قاعدن قانونن جي پابنديءَ کان مٿي آهن. ٿورو سردارن کي مير پڳهارون ڏيندا هئا، پر ان هوندي بہ هو مسافرن کان ڀُنگ وٺندا هئا. ۽ وقتي ڦريندا بہ

هئڻ برپٽن جا ماڻهو ئل ناهيندا هئا، جنهن ۾ ويهن کان پنجاهه تائين ماڻهو ويهي سگهندا هئا، يا هو کنهن ميدان ۾ ڪُنگرن ۽ مورچن سان مٽيءَ جا کوٽ ناهيندا هئا، جتي حملي وقت پنهنجو مال حفاظت لاءِ بيهاريندا هئا. ڪشمور جي طرف اتر اولهه جي سرحد تي ڪيترا مندرا تندرا ڪڙمي نظر ايندا. اسان سنڌ فتح ڪئي، تنهن کان اڳ جابلو ڦورو انهيءَ ايراضي ۾ گهڻا حملا ڪندا هئا.

## باب اٺون

(1) پر هي مشهور زباندان "الست بربڪم" جو ترجمو ڪري ٿو ته " ڇا، تون رب سان نه آهين؟" يعني تو هن سان پڪو عهد نه ڪيو آهي؟ ليڊن (Leyden) حق تي چيو هو ته مان مشرقي علم ۾ سر وليم جونس کان سؤ قدم اڳتي وڌي ويندس.

(2) چوويهين باب ۾ طريقي جي تاديب ۽ مذهبي مشق جو منجهيل بيان ڏنل آهي.

(3) يهودي، بابل مان بند خلاص ڪري موٽيا، تنهن کان اڳ هنن جي تاريخ ۾ علم روح يا روحانيت ۽ تصوف جو ذڪر ڪو نه هو.

(4) هي مضمون مشهور بزرگ، پير علي گوهر جي مريد، نالي محمود، وينل ڪڙيي شهر جي، لکيل عملي تصوف جي ڪتاب تان ورتل آهي. مون انهيءَ ڪتاب مان گهڻو ڪجهه هن باب ۾ ڏنو آهي.

(5) ڇا، ائين ممڪن نه آهي ته روح ۽ مادي بنسبت جيڪي مشرقي خيال آهن، تن جو يونان ۽ روم ۾ مخفي پنٿن جي رستي ڦهلاءُ ٿيو هو. ٻيءَ صورت ۾ اطالوي شاعر، ورجل، ڪي انهن ڳالهين جي ڪيئن خبر



پيئي، جو هن پنهنجي شعر ۾ انهن جو ذڪر ڪيو.

(6) يورپ وارن جي اڪثر شڪايت هوندي آهي ته فارسي شعر ۾ وڌاءُ گهڻو آهي ۽ خيالن ۾ ترتيب ڪا نه آهي، مگر هنن ڪي خيال ڪرڻ کپي ته يورپ ۽ ايشيا جي ماڻهن جي قوت تخيل تشبيهه جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. اڪثر اعتراض انهيءَ ڪري ورتو ويندو آهي، جو شاعر جي خيالن جو پورو علم نه هوندو آهي، مثلاً ڪارلائل (Carlyle) پنهنجي ڪتاب "عربي شعر جا مثال" (Specimen of Arabci Poetry ) جي صفحي چوڏهين تي ڪفر جي زماني جي عربن جي هڪ رسم، حافظ ڏانهن منسوب ڪري ٿو.

(7) تنهنڪري وحدانيت جا شاعر وقت بوقت پنٿڪي شاعرن جا خيال ڪم آڻيندا آهن. اسان جي شاعرن ۾ اسپينسر (Spencer) کان وٺي ورڊ سورٿ (Word sworth) تائين، افلاطون جا خيال نظر ڪين ٿا اچن؟

(8) انسان جي ناسن ۾ حياتيءَ جو دم ڦوڪيو ويو هو. يهودي، عرب، يوناني، رومي ان کي "روح" چون ٿا. هر حال ۾، خيال لفظن تائين محدود آهن. لفظ خيالن کي ظاهر ڪن ٿا، ايتريقدر جو زبان جي تاريخ، انسانذات جي خيالات، راين ۽ اعتقادن جي تاريخ آهي.

(9) تصوف جي قدامت جي ثابتي هر پراڻي ۽ مهذب قوم جي اتهاسن مان ملي ٿي، صوفين کي گبر "وثره درون"(روشن دل وغيره) هندو گنيشور يا "آتما گياني" وغيره' سڏيندا هئا. يونانين ۾ هو افلاطوني ٿيا ۽ اجا سڏبا اچن ٿا. البت انهن جا نالا ۽ اصول، هر هڪ زماني مطابق بدلبا آيا آهن.

تصوف "ترقي" جي خيال جي مشرقي صورت آهي ۽ ان کي برقرار رکي ٿو. هي متو، مشرقين شايد سقراط ۽ افلاطون کان، جي سندن دلپسند فيلسوف آهن، ورتو.

(10) سيد عبداللطيف، ڏسو باب چوٿون.

(11) اهو ئي سبب آهي جو حافظ شايد ٿامس اڪئناس Thomas Aquinas کان بہ وڌيڪ ماڻهن کي مجذوب ڀانيو آهي.

(12) مثلاً، ڏسو سُر مارئي.

(13) سواءِ ننڍين ولين جي، جي بہ سؤ کان وڌيڪ آهن.

(14) ڪي پير اهڙا جاهل، جو شهود جي بدران مشهود لکندا آهن.

(15) افغانستان بلڪ ساريءَ وچ ايشيا ۾، هيءُ قصو مشهور آهي تہ هڪڙو مريد لاف هڻندو هو تہ منهنجو مرشد رسول ڪريم وانگر روز رات جو بهشت ۾ ويندو آهي. ماڻهن ان ڳالهہ تي اعتبار ڪو نہ ڪيو، تنهنڪري مريد انهن منڪرن جي اڳيان مرشد کي عرض ڪيو تہ ان ڳالهہ جي تصديق ڪر. پير انڪار ڪيو، پر پوءِ هن کي مار ڏئي قبول ڪرايائين ڇئو تہ اها سچي ڳالهہ آهي.

(16) انهيءَ ڪري هندو بعضي بعضي مسلمانن جا مريد ٿيندا آهن. پر هو پنهنجن وڏن جو ڌرم صفا ڪو نہ ڇڏيندا آهن. هو پنهنجن ڌرم ڀاين وانگر خيال ڪندا آهن تہ ٿورين ڳالهين کان گهڻين ڳالهين ۾ ايمان رکڻ ۾ وڌيڪ سلامتي آهي. سنڌ ۾ هو مرشد وٽ اڪثر ڪري رات جو ويندا آهن. افغانستان ۾ هو اڌ مسلمان آهن. تنهنڪري هو اتي ظاهر ظهور پيرن فقيرن وٽ ويندا آهن. اتي برهمڻ بہ ڪو نہ هوندا اٿن، جو ڌارين ماڻهن کي ڏن ڏيڻ جهڙي بري ڪم کان ڪين منع ڪن.

(17) هي ڳالهہ اطالوي نقطئہ نگاهہ جي خلاف آهي، جيئن انهن جا پهاڪا ڏيکارين ٿا.

(18) ولي، رسول کان گهٽ درجو رکي ٿو، تنهنڪري هو ائين ٿو



ڳالهائي جڻ تہ الاهي محبت سان ڀرپور آهي، مگر رسول جي اعليٰ قابليت ڏيکاري ٿي تہ انسان ڪهڙي مرتبي تي پهچي سگهي ٿو.

(19) اهو ضروري نہ آهي تہ جلالي مسلمان هجي. جي هو غير مسلم هوندو آهي تہ چوند آهن تہ يوم الميثاق تي هن وعدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو يا پوءِ خالق ۾ ايمان آڻڻ جو عهد ٽوڙيو هئائين.

(20) قلندر صوفي آهي، جنهن کي مرشد ڪو نہ آهي، پنهنجي نجات پاڻ پنهنجي سر حاصل ڪئي اٿس. پڪا صوفي قلندرن جي طريقي کي ننديندا آهن، پر اهو قبول ڪندا آهن تہ ان طريقي ڪيترا مشهور ولي پيدا ڪيا آهن.

(21) ”خوفناڪ“ ڇاڪاڻ تہ ڇهن ميلن جي مفاصلي تي ٻڌڻ ۾ آيو آهي.

(22) هن کي ”شهباز“ انڪري چوندا آهن، جو هڪ روايت آهي تہ سندس دوست، شيخ صدر کي ڪافرن جادوگر سمجهي، قيد ڪيو هو ۽ هن باز جو روپ اختيار ڪري، ڪيس بند مان ڇڏايو هو.

(23) ڀهريون ۽ ٻيو سنڌ ۾، ٽيون ۽ چوٿون هندستان ۾ عام آهن. انهن جي احوال لاءِ ڏسو ”فرشتہ“ جلد ٻيو، صفحو 711، 786 بمبئيءَ وارو ڇاپو.

ڊي . اوهسن (De Ohsson) چشتي طريقي جي ڳالهہ ئي ڪو نہ ٿو ڪري. ٻين ٽن جو ذڪر ان ڪري ڪو نہ ٿو ڪري، جو انهن جو احوال ٻين گهڻن مصنفن ڏنو آهي.

(24) يا ”ڪرسي نامہ“ يعني رسول جي وارثن جي فهرست، ان جي مقابلي ۾ شجرو يا نسب نامو آهي، جنهن ۾ آل اولاد جا نالا ڏنل هوندا آهن.

(25) نماز جو غاليچو.

(26) مان پانيان ٿو تہ لفظ هي آهن ” ﷺ.“

(27) پير مٿي ڪري، ڪرڙيون هيٺان ڏئي، ٻانهون گوڏن تي رکي، جهڪي ويهندا آهن ڪنهن وقت مٿان چادر وجهي ڇڏيندا آهن. صوفي، مراقبي جو اهو نمونو زياده پسند ڪندا آهن.

(28) هي لفظ ڏاڍيان پڙهبا آهن ۽ دل ۾ ويچار ڪبو آهي. قادري طريقي وارا ذڪر ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن تہ ڏاڍيان ذڪر ڪرڻ ۾ وڌيڪ ثواب آهي.

(29) ان کي ”حبس النفس“ چوندا آهن. ان جو رواج هندستان ۽ ايران مان شروع ٿيو هو. هندو ۽ گير نڪ جي چوٽيءَ ۾ نظر اٽڪائي، پرون جي وچان مٿي ڏسڻ جي مشق پچائيندا آهن. پر مون ڪڏهن ڪو نہ ٻڌو آهي تہ ڪو صوفي بہ ائين ڪندا آهن.

(30) ڪٻيءَ ٻٻيءَ کان اٽڪل بہ آڱريون هيٺ.

(31) گيرن جي ”هفت پايہ“ اصول جهڙو خيال آهي. ان جو ٻج شايد هندن جي ”دسدوار“ رسم مان پيدا ٿيو آهي.

(32) مريد شاگرد آهي، ۽ استاد مرشد، پير يا شيخ. صوفين کي عام طرح ” سالڪ“ چوندا آهن جو هو بهشت يا نجات جي رستي تي مسافر آهن.

(33) ڪي هر هڪ وظيفي جي پنيان هي لفظ پڙهندا آهن. ”الاهي انت مقصودي و رزق مطلوبي.“

(34) ڪيترا دفعا ورد پڙهجي، تنهن جو فيصلو مرشد ڪندو آهي. البت مرشد کي ايترو عقل هوندو آهي تہ هو ذڪر ۾ ايترا پيرا مقرر ڪندو



آهي، جيترا شاگرد جي طاقت ادا ڪري سگهي.

(25) هرڪلاٽس (Herklots) (صفحو 6-297) ۽ مسز مير حسن علي (جلد ٻيو صفحو 248). انهن جي وچ ۾ پورو تفاوت ڪو نہ ٿا ڏيکارين.

(36) برعڪس نقشبندين جي ”وحدت الشهود“ ۾ اعتبار ڪندا آهن ۽ خالق ۽ مخلوق کي سڃاڻڻ کان انهن جو فرق ظاهر ڪري ڏيکارڻ، وڌيڪ اهم سمجهندا آهن.

(37) خليفا ٽن قسمن جا آهن:

پهريون جدي، يعني مورثي يا ڪو عزيز.

ٻيو خلفائي، جو پير پاڻ چوندي يا پسند ڪري.

(38) فيروز صوفي پنهنجي ڪتاب ۾ صوفين جي درجي يا مرتبي جي فهرست هن طرح ڏي ٿو:

1. مقلد يا طالب، يعني شاگرد.
2. ڪامل، يعني استاد.
3. مڪمل،وڌيڪ ڪامل،جنهن گهڻن استادن کي پڙهايو هجي
4. اڪمل، سڀ کان زياده مڪمل. تنهن کان سواءِ 356 اولياءِ دين آهن جي گهڻو ڪري صوفي آهن. جيئن تہ : 300 ابدال. جن جو درجو ولين ۾ گهٽ ۾ گهٽ آهي.

| | | |
|---|---|---|
| 40 | ابدال | جدا جدا مرتبي وارا |
| 5 | اوتاد | |
| 3 | قطب الاوتاد | هنن مان پوين جو درجو |
| 1 | قطب الاقطاب | سڀ کان اعليٰ آهن |

(39) يعني فعل نفي وارا، جن جا فعل پنهنجي وس ۾ نہ آهن.

(40) جي مرشد وفات ڪري وڃي ته ڪيترا طريقا مريد کي ٻيو مرشد وٺڻ ڏيندا آهن، جيئن رسالت ۾ وراثت ٿيندي آهي.

(41) خاص ڪري جذب جي اثر هيٺ، حواسن جو تيز ٿيڻ.

(42) فارسي ڪتاب، جو محمد اعظم بن شيخ محمد، 1194ھ مطابق 1780ع ۾، تصنيف ڪيو هو. اهو سنڌ جي بيشمار پيرن تي جي ڪتاب آهن، تن مان هڪ مکيه آهي.

(43) مڪئه علي يعني مڪي جهڙي پاڪ يا مقدس جاءِ. شيخ حماد جي چوڻ تي ڄام تماچي انهن ٽڪرين تي هڪ مسجد ٺهرائي ۽ حڪم ڪيائين ته ميت آئنده پير پٺي بدران اتي مسجد جي آسپاس پوريا وڃن.

(44) سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لنگوٽي جي معنيٰ آهي، چوتو. قلندر ۽ جلالي فقير تمام مختر پوشاڪ پهريندا آهن.

(45) هن شخص جي مختصر احوال لاءِ ڏسو باب ٽيون.

(46) خاص مهربانيءَ جي نشاني. شايد ٻنهي بزرگن وضو ساريو هو. تنهنڪري ٻليءَ جو ڍوند انهن کي مڪروه لڳو هوندو.

(47) هڪڙي راويت آهي ته "ڪو به سيد ڪارو، ڪاڻو، ڪانئر، ڪنجوس ۽ ٻُچي نه هوندو" وغيره.

(48) ڪي مشهور تذڪره نويس، هيءُ قصو، شيخ حسن صفائي، نالي هڪ ٻئي بزرگ لاءِ لکن ٿا.

(49) انگريزيءَ ۾ ٿيندو مستر منو، مستر رتو.

(50) آئرلنڊ ۾ هڪ هوبهو اهڙي ڏندڪٿا آهي.

(51) حُسن ۽ حسين: اهي نظارا گهڻو ڪري جسماني نه هوندا آهن.



پر ساڳي وقت صفا روحاني به نه هوندا آهن. انهن کي نيم جسماني چئي سگهجي ٿو. فقط ڪن ڀلارين هستين کي جسماني منظر نظر ايندا آهن. تاريخ ۽ اتهاس نويسن کي ڪٿي ٿي اهڙي شفقت نصيب ٿئي.

## باب نائون

(1) شيخ عبدالقادر جيلاني، جنهن کي عام طرح "پير دستگير" چوندا آهن، تنهن کي ٻين سيني اسلامي ملڪن کان وڌيڪ سنڌ ۾ شهرت حاصل آهي.

(2) ڪلهوڙن جي دعوا هئي ته هو عباس رضہ جي آل مان آهن. پر انهن جا وڏا دراصل سنڌي چنا ۽ هندن مان مسلمان ٿيل هئا. جڏهن سندن گهراڻو سياسي اوج کي پهتو، تڏهن هنن بني عباس سڏائڻ جي دعوا ڪئي، پر عالمن رايو ڏنو ته هنن جو شجرو بلڪل ناقص آهي. تنهن تي ڪلهوڙن جي حاڪمن ماڻهو موڪليو ته وڃي "سيهڙا خطيبه" جي درويشن وٽان اصل دستاويزن جا نقل وٺي اچي. سيهڙا خطيبه جي درويشن عالمن جي راءِ کي قبول ڪيو ۽ ڪلهوڙن جي شجري کي رد ڪيو. تنهن تي ڪلهوڙن جا ماڻهو سندن جاگيرون ضبط ڪري ڳوٺ ساڙي، سندن ٽامي جون فرحيون ڪٽي آيا، جن تي شجرا اڪريل هئا. اهڙيءَ طرح ڪلهوڙا عباس رضہ ۽ مرشدن جو يقيناً اولاد شمار ٿيڻ لڳا.

(3) عربستان ۾ رواج آهي ته جيڪڏهن پيءُ سيد آهي ته پٽ به سيد سڏبا، پوءِ انهيءَ جي ماءُ ڀل ڪير به هجي. اهڙيءَ طرح ڏيئرون به ڏيئرن کي "شريف" چوندا آهن. هوڏانهن امتيءَ جو اولاد، سيد ماءُ مان به رواجي عرب سڏبو آهي.

(4) عام طرح ان لفظ جو بزرگ اچار ڪندا آهن.

(5) ٽالپر، هڪ رواجي پهاڙي قوم هئي. ٽالپر سنڌ جا والي ٿيا، تنهن کان پوءِ بہ قلات جو حاڪم محمود خان مير غلام علي سان لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هو، ڇاڪاڻ تہ هن سندس خاندان (قنبراڻي) مان سگ ڇڪائڻ جي جريت ڪئي هئي.

(6) پٽر جي ٽڪر يا ڪنهن اهڙيءَ ٻيءَ شيءِ جي مٿان ڪچو اُن جو ڌاڳو ويڙهيندا آهن، تنهن کي ڍيري ڪوٺبو آهي. ڪانبو هڪ چادر آهي، جا سڄي ڪلهي جي مٿان وجهي اهڙيءَ طرح چيلهہ ۾ ٻڌبو آهي جو ان ۾ ننڍا ڏُنبا ۽ ڇيلا ڪٽي سگهجن.

(7) هن کي اسماعيل مومبياڻي نالي هڪ سنڌيءَ ماري، سر وڍي ڇڏيو. ڪلهوڙي پهريائين شاهہ بهاري کي انهيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو هو. هن انڪار ڪيو، پر ڇيائين تہ مان مير بهرام سان اڪيلو لڙندس. اهو واقعو سنڌ ۾ اڃا مشهور آهي، پٽ ۽ چارڻ عام طرح ڳائيندا آهن.

(8) جتان هو قنبر نالي هڪ اڳواڻ جي نگرانيءَ هيٺ لڏي ويا، انهي ڪري انهن جو مکيہ پاڙو "قنبراڻي" سڏبو آهي، پر هو قبول ڪن ٿا تہ بلوچن جا بہ مختلف خاندان آهن. هڪڙا مڪران جا اصلي رهاڪو، جن کي ڪي ماڻهو "ڪوچ بلوچي" چوندا آهن. ٻيا اهي عرب، جي بلوچستان کان حجاج بن يوسف جي لشڪر سان آيا هئا ۽ مڪران ۽ بلوچستان جي فتح ڪيل پرڳڻن ۾ رهجي پيا هئا ۽ باقي لشڪر سنڌ جي طرف ڪاهي ويو هو.

(9) تنهن کان سواءِ، هو بهادر ماڻهوءَ جي تعظيم ڪندا آهن ۽ هن تي اعتبار ڪندا آهن، پوءِ ڀل هو دشمن ئي هجي. اها مشرقي ملڪن ۾ غير



رواجي ڳالهہ آهي.

(10) خاص ڪري پيئڻ، دربار جا ننڍا شهزادا شئمپين ۽ ٻيا شراب گهڻو واپرائيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجن راڄ وارن کي خراب ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ميرن جي پٽن ۽ پوٽن ۾ نشي جو رواج پيو، جيتوڻيڪ سندن وڏن وٽ شراب جو نالو وٺڻ بہ عيب هوندو هو. ماڻهن هڪدم حاڪمن جي پيروي ڪرڻ شروع ڪري ڏني.

(11) جتان هنن شيعن جا اصول آندا، جي خاندان جي ننڍن شهزادن اختيار ڪيا.

(12) ترار جا ڦر ٻن نمونن جا هوندا آهن: هڪڙا ڏنگا ۽ ٻيا سڌا. سڀ کان سٺا ڏنگا ڦر، خراسان ۽ ايران کان ايندا آهن ۽ سڌا هندستان کان. ڪڇ ۽ گجرات ۾ هلڪيون تراريون ٺهنديون آهن. سنڌي ڦر سڀ کان ردي هوندو آهي. ان جي قيمت پنج يا ڇهہ رپيا هوندي آهي.

بلوچ هندستان جي ڏکڻي ۽ منجهيل شمشير زنيءَ جي طريقي کان غير واقف آهن. اسان جا طريقا وڌيڪ باترتيب ۽ وڻندڙ آهن. بلوچن جي شمشير زني ۾ فقط ڌڪ هڻڻ ۽ ڌڪ جهلڻ هوندو آهي ۽ هو ڌڪ جي آڏو ڍال ڏيندا آهن يا پٺتي هٽي وار گسائيندا آهن.

(13) جتي چون ٿا تہ هڪ هوشيار تيرانداز لوهہ جو ڀالو پنجاهہ يا سٺ گزن جي مفاصلي تي هڻي سگهندو آهي.

(14) جي سڄو ڏينهن ڌوتين ۽ ڪسبياڻين جي صحبت ۾ رهي، پنهنجن ماڻهن لاءِ نهايت خراب مثال پيش ڪندا هئا. انهيءَ روش ڪري سندن بهادر ۽ راٺوڙ پوئلڳ کين پوري عزت ڪو نہ ڏيندا هئا.

(15) عصمت دريءَ جي خاطري ڪرڻ لاءِ

(16) سپ ٻار نہ. اها غلطي آهي.

(17) تنهنڪري ٻهاڪو آهي تہ ”مائي دي ڌيءَ ڪير ٻي مئي.“

(18) هن عجيب قوم جي مختصر بيان لاءِ ڏسو ” گوا ۽ نيرا جبل“ وغيره.

(19) مير، عربي، ايراني ۽ خراساني نسل جا گهوڙا پسند ڪندا هئا.

(20) ٻہ فارسي ڪتاب گهوڙن ۽ بازن بنسبت.

(21) سنڌيءَ ۾ جت جي معنيٰ آهي: 1. اُٺ هڪليندڙ يا پاليندڙ، 2. هڪ قبيلي جو نالو.

جٽ لفظ ٽن معنائن ۾ ڪم ايندو آهي:

1. قوم جو نالو (جٽ)، 2. سنڌي بلوچ جي مقابلي ۾ هي معنيٰ حقارت ڏيکاري ٿي. جبل جا بروهي ۽ بلوچ، سنڌي زبان کي جٽڪي چوندا آهن. 3. نفرت جو لفظ، جهنگلي چوندا آهن تہ ڪو ”دردستہ جٽ“ آهي. يعني صفا وحشي.

(22) ليفٽيننٽ ووڊ (Wood) جو ڪتاب ڏيکاري ٿو تہ جَت اڄا پنجاب ۾، ۽ چوڙ ڪان وٺي اٽڪ تائين، سموريءَ سنڌونديءَ تي آهن.

(23) جَت جي نالي ۾ چار مختلف قومون اچي وڃن ٿيون. انهن جي مختر احوال لاءِ ڏسو ايشياٽڪ سوسائٽي جي بمبئيءَ واري شاخ (Bombay branch of th Asiatic Society) جي ڇپايل ڪتاب ”جتڪي ٻوليءَ جي گرامر“ جي تمهيد.

جتڪي قوم جي شڪل شبيهہ ۽ خاص عادتن مان ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ هنن جو باگڙين (Gypsies) جي عجيب قوم سان ڪو رشتو آهي. شام ملڪ ۾ باگڙين جي هڪ سؤ ٽيهن لفظن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ



چار لفظ هندستاني، فارسي ٻولين جي طبقي جا آهن. باقي لفظ شايد سنڌونديءَ ۽ مشرقي ايران جي وچ ۾ جي ملڪ آهن. تن ۾ رهندڙ پهاڙي قومن جي ڪنهن دهقاني ٻوليءَ مان آهن. يا ممڪن آهي تہ اهي پوءِ ايجاد ڪيا ويا هجن، جڏهن اها زبان مخالف قومن ۾ پکڙجي ويئي ۽ هنن کي هڪ مخفي ٻولي ٺاهڻ جي ضرورت پيئي. انگ تہ نج فارسي آهن. ٻہ لفظ ”ڪوري“ (گهرا) ۽ ”پسڪ“ (دبلي) شايد پشتو لفظ ”ڪوز“ ۽ ”پشتو“ جي بگڙيل صورت آهن. ٻہ لفظ سنڌي آهن، هڪڙو ”من“ يعني ماني ۽ ٻيو ”هوءَ“ يعني هو. هي ماڻهو شام ۾ رهن ٿا، تنهنڪري هنن جي زبان ۾ عربي ۽ ترڪي لفظ بہ آهن. پر اهي لفظ هنن جي زبان جو بناوتي حصو آهن.

(24) اشارو آهي هنن جي ڪپڙن جي رنگ ڏانهن.

(25) سنڌ ۾ ميمڻن کي پنهنجا اکر آهن. هو ڪڇ ۾ گجراتي اکر ڪم آڻيندا آهن.

(26) خواجا، هنن جي قوم جو خطاب نظر ٿو اچي. فارسيءَ ۾ انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي پِٽ، استاد، واپاري. اهو لفظ بعضي بعضي نالي جي اڳيان بہ ڪم ايندو آهي، جيئن اسان ”مستر“ جو لفظ ڪم آڻيندا آهيون ۽ بعضي اسان جي ”سر(Sir) لفظ وانگي سڏ ڪرڻ يا مخاطب ٿيڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. ”الف ليليٰ“ ۾ فرانسيسي مصنفن، خواجہ کي ”ڪويا“ (Coyia ) بنايو آهي.

(27) منهنجي خيال ۾ هن عجيب قوم جي نسل بنسبت جو سر ارسڪين پيري جو رايو آهي، سو صحيح نہ آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ” خوجا مغربي هندستان جي هڪ ننڍي قوم آهي، جا اصل سنڌ يا ڪڇ کان آيل

تي ڏسجي. هنن ۾ روايت آهي جا صحيح معلوم ٿئي ٿي ته ڪين 400 ورهيه اڳي صدر الدين نالي هڪ پير، هندن مان مسلمان ڪيو هو. هو آغا ڪي مڃيندا آهن. جنهن جا وڏا اصل ايران کان هندستان ۾ آيا. پر هو هندستان جي تاريخ ۾ ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي.

ياد رکڻ کپي ته مسلماني مذهب جي شيعي فرقي وارا، جتي جتي مخالفن ۾ رهندا آهن. اتي تقيہ جي اصول تي نهايت شديد نموني ۾ عمل ڪندا آهن. ان جو مطلب آهي ته هو پنهنجي اعتقاد، تاريخ، رسمن بنسبت هر ڳالهه ۾ اهي نڪتا، جن جي ظاهر ٿيڻ مان اڳرن نتيجن نڪرڻ جو امڪان هوندو آهي، سي پوشيده رکندا آهن.

(28) هن. ان وقت جي حاڪم محمد شاهه جي خلاف بغاوت ڪئي هئي، جنهن کان پوءِ کيس ايران مان نيڪالي ڏني ويئي هئي. هو تخت جي دعوا ان ڪري ٿو ڪري، جو هو اسماعيلي فرقي جو اڳواڻ آهي.

ان فرقي جي احوال لاءِ ڏسو ڊبليو. سي. ٽيلر جو ڪتاب "اسلام ۾ ان جي فرقن جي تاريخ."

(29) بمبئيءَ ۾ هاڻي هنن جا ٻه فرقا آهن: هڪڙو فرقو اڄا آغا خان کي مڃي ٿو، ۽ ٻئي فرقي نور محمد کي پنهنجو پيشوا قبول ڪيو آهي. انهن فرقن جي اختلافن ڪري تازو هڪ خونريز لڙائي ٿي هئي.

(30) لفظي معنيٰ آهي، جنهن کي هٿ نه هجي يا رونڊو.

(31) حضرت سليمان جي سفر جو قصو شايد اڏامندڙ غاليچي جي ڏند ڪٿا مان نڪتو آهي. حضرت سليمان جي ڪشالن بنسبت افغانستان، لورستان ۽ ڪردستان ۾ طرحين طرحين جون ڏند ڪٿائون ۽ افسانا مشهور آهن. مشرق جي گهڻن قومن جو چوڻ آهي ته حضرت سليمان ڪشمير ۾



آيو هو. ڪن جو ته اهو به چوڻ آهي ته هن ڪجهه وقت ڪشمير ۾ حڪومت به ڪئي هئي.

(32) سنڌ ۾ خراب ۾ خراب پوشاڪ، اهو ئي ڏنڙيل طبقو پائيندو آهي. مهاڻو جتيءَ سان ڪو ورلي نظر ايندو. ممڪن آهي ته اها ڪا سندس رسم هجي.

(33) بعضي بعضي ڪو گرجي به آڻيندا هئا. پر خاص فرمائش تي، انهن جي قيمت تمام ڳري هوندي هئي.

(34) جيئن نوشڪيءَ جي هڪ سردار ڪئپٽن ڪرسٽيءَ (Captain Christie) کي چيو هو ته ڳري ۾ ڳري سزا اسان انهن کي اها ٽا ڏيئي سگهون ته ڪين ڪڍي ڇڏجي.

(35) سنڌ ۾ سڀ شيدي، مسلماني مذهب جا آهن.

(36) مون کو نه ٻڌو آهي ته انهن وٽ ڪي ڪتاب آهن.

(37) انهن کي صرف و نَحو جي قاعدن جي ڪا خبر ئي نه آهي.

## باب ڏهون

(1) ڏسو باب ٽيون، جتي ٻانهي کي ٻيهر جو نالو ڏنو ويو آهي.

(2) سنڌ ۾ عقيقهه ۾، قرباني ۽ ٻار جي جهنڊ لهرائڻ جون رسمون به اچي ٿيون وڃن. هندستان، خاص ڪري دکن ۾ ائين نه آهي. ڏسو هرڪلاٽس جو ڪتاب "قانون اسلام"، باب ٽيون، پاڱو ٻيو.

(3) وڏن جي طهر مان خراب نتيجا ڪو نه نڪرندا آهن. آفريڪا جي غلامن جي حالت ۾ طهر آزمايو ويو آهي، پر علاج اٽڪل ڇهه هفتا

هلندو آهي.

(4) ٻين ملڪن وانگر اسلامي ملڪن ۾ به ماڻهو رسم، يعني پراڻن رواجن جي نهايت عزت ڪندا آهن. بشرطيڪ اهي قرآن جي احڪامن جي خلاف نه هجن.

(7) ويڙهه هڪ قسم جي منڊي آهي، جنهن ۾ سوني يا روپي تار ٻه ٽي دفعا ويڙهيل هوندي آهي. ڪيرول سون يا چانديءَ جي پٽ مان ٺهيل هوندو آهي. هر واري منڊيءَ وانگر آهي ان ۾ ٽِڪ يا ٻڙو پيل ڪو نه هوندو آهي.

(8) سنڌ ۾ سونهن جي نشاني آهن.

(9) هن وقت، سنڌ ۾ وارن جا پائوڊر ۽ پاڪي ورلي ڪم آڻيندا آهن. عام رواج، وارن پٽڻ جو آهي. پهريان ان ۾ ڏاڍو سور ٿيندو آهي، پر پوءِ جلد ئي چمڙي نستي ٿي ويندي آهي.

(10) رواجي موقعن تي ڪجل کان وڌيڪ سرمو ڪم آڻيندا آهن.

(11) گهڻو ڪري سَرنهن مان ناهيندا آهن ۽ ان کي گلاب، چنبيلي يا ٻيءَ ڪنهن سرهاڻ سان معطر ڪندا آهن. ۽ مجٺ جو رنگ ڏيندا اٿس.

(12) ان کي ايريو يا ڪٽِڪڻو (ڪنڙو) چوندا آهن.

(13) وڏن ماڻهن ۾ ڇهن هفتن تائين اهي سڳِن هلندا آهن.

(14) پرڻيل زالون گهڻو ڪري نڪ جي سڄي يا کٻي پاسي سوني يا روپي نَٿ پائينديون آهن. ٻيو، نڪ جي هيٺان بولو، جو مٿئين چپ جي مٿان پائينديون آهن. دنيادار ماڻهو بولي ۾ مَرجان ۽ موتين يا ٻين سچن پٿرن جو جڙاءُ ڪرائيندا آهن. غريب ماڻهو چانديءَ جي هڪ لڙڪڻي تي ڪفايت ڪندا آهن، جنهن کي ”پارو“ چئبو آهي. منڊين تي اڪثر ميناڪاريءَ جو



ڪم ٿيل هوندو آهي پر ڪي ته بنهه ساديون هونديون آهن.

زيورن جي تعداد جو مدار ڌرين جي دولت تي هوندو آهي. شاهوڪار ماڻهو زيورن تي تمام گهڻو خرچ ڪندا آهن.

(15) مٿئين طبقن جا ماڻهو شاهد ڪو نه موڪليندا آهن. پيءُ يا ڪو ٻيو ويجهو عزيز، وڪيل ٿيندو آهي. جي ڪنوار تمام ننڍي هوندي آهي، ته ان کان سوال جواب ڪو نه ڪندا آهن.

(16) معزز ماڻهن ۾ ڪنوار کي شاديءَ کان اڳ جيڪي ڪپڙا ملندا آهن، سي سندس ملڪيت سمجهيا ويندا آهن.

(17) فارسي لفظ ”سرگشت“ جي بگڙيل صورت آهي.

(18) سهاڳڻ، يعني خوشنصيب عورت، جا پهرئين مڙس سان خوش آهي. طرفين جا والدين جيئرا هئڻ کپن، پر انهيءَ شرط تي زور ڪو نه ڏنو ويندو آهي.

(19) رواج مطابق بيت ذومعنيٰ آهن.

چنڊ جو مطلب آهي، گهوٽ، ڪنوار کي حور چوندا آهن. ”شال هميشه نورا پائي“ جو مطلب آهي ته بيوه نه ٿئي. وڌوائن کي زيورن پائڻ جي منع هوندي آهي يا هئڻ کپي.

(20) تمام مُسند عربي تعبير وارن جي لکڻ مطابق اُٺ، موت جي اٽٽر نشاني آهي.

(21) هن معاملي بنسبت يورپي ماڻهن کي اڳيئي خبر آهي، تنهنڪري وڌيڪ تفصيل ڏيڻ جي ضرورت نه آهي.

(22) ”ڪنزلعبرت“ جو مصنف سڄين جي معنيٰ اهڙيءَ طرح ڪري ٿو، جا غلط آهي. هن جيڪو قبر جي عذاب جو احوال ڏنو آهي، سو

ايترو لنبو نہ آهي، جيترو ٻين عالمن ڏنو آهي. انهن مان ڪن تہ نوانوي عذابن جا نالا ڏنا آهن، جن مان ڪي حديثن جي ڪتابن مان ورتل آهن ۽ ڪيترا پنهنجي مغز مان ڪڍيا اٿن.

(23) هن ڪي پوءِ شهر ڇڏڻو پيو هو. ٿورا سال اڳ نيپلس ۾ هوبهو اهڙو واقعو ٿيو هو. هڪڙي دهريي جنهن ڪي ڪيميا جو علم ايندو هو، تنهن تجربو ڪري ڏيکاريو تہ خون ڪيئن ٿو اُپامي جوش کائي. جنهن تي حڪومت شهر جي عيسائي وليءَ جي عزت رکڻ لاءِ ڪيس هڪدم نيڪالي ڏيئي ڇڏي.

(24) مشرق جي ڪيترن ملڪن ۾ خيال آهي تہ سڪرات ۾ جڏهن تڪليف ٿيندي آهي ۽ سخت اُڃ- لڳندي آهي، تڏهن ابوالشر (شيطان) مرندڙ ماڻهوءَ ڪي سندس روح جي عيوض پاڻيءَ جو پيالو آڇيندو آهي. چين آلي ڪرڻ جو رواج شايد اُتان نڪتو آهي.

ٿڌن ملڪن ۾ اهڙي رواج پوڻ جو امڪان ٿي نٿو سگهي.

(25) اهو ئي سبب آهي جو وڏيءَ عمر جا مسلمان ڏاڙهيءَ کي رنگ لائڻ جا شوقين آهن. مزاحيہ ڪهاڻين ۾ عام طرح جوان ڇوڪريون پنهنجن عمر رسيده عاشقن جي ڪاڏيءَ جي زيب، يعني ڏاڙهيءَ جي پيٽ ميت جي وات ۾ جا ڪپهہ وجهندا آهن، ان سان ڪنديون آهن.

اسلامي دنيا ۾ ماڻهو گهڻو ڪري ڪافور جي خوشبوءِ پسند نہ ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهو ميت کي غسل ڏيڻ جي ڪم ايندو آهي. ايرانين ڪي جيڪڏهن ڪو ڪتاب نہ وڻندو آهي تہ چوندا آهن تہ منجهس "بوءِ ڪافور" آهي.

(26) هرڪلانس، "قانونِ اسلام" لغت، صفحو 60، "عنبير".



(27) ان جو سبب هيءُ آهي تہ عام ماڻهو انهيءَ راءِ جا هوندا آهن تہ ميت کي جيترو جلد پورجي، اوترو ڇڱو. گرم ملڪن لاءِ اهو قانون نهايت فائدي وارو آهي.

(28) سنڌ ۾ مڪو شريف اولهہ طرف سمجهيو ويندو آهي، تنهنڪري لاش جو مٿو اترء پير ڏکڻ طرف ڪندا آهن.

(29) ابو حنيفي جي قانون مطابق هو اڪثر سزا جي ۽ قرآن شريف جي ان رڪوع جي شرح، جنهن ۾ وراثت تي بحث ٿيل آهي پڙهندا آهن.

عدت جو مدو بہ حنفي ڪتابن ۾ مقرر ٿيل آهي.

(30) غم جي وقت سنڌي ماتم لاءِ ڪارا ڪپڙا ورلي پائيندا آهن. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مرد ڪارو پٽڪو ٻڌندو آهي.

هاڻوڪا خواہ قديم عرب، انهيءَ رواج کي بدعت ڪري سمجهندا آهن. اها حقيقت آهي تہ رسول ڪريم ﷺ جي ڏينهن ۾ اهڙو رواج ڪو نہ هو. وچ ايشيا جي مسلمانن شايد اهو رواج گبرن کان ورتو، جو انهن ۾ سياہ وش جي وقت تائين تہ ضرور هو.

(31) جنهن جو مذهبي سبب هيءُ آهي تہ آخرت ۾ پٽر ماڻهوءَ جي لاءِ دعا گهرندا.

اراڪ (ڪبڙ) جي وڻ کي مسلمان برڪت وارو ڪري ليکيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهو اصل مغربي عربستان جو آهي. اهو ڏندڻ ڏيڻ لاءِ سنو سمجهيو ويندو هو.

(32) فوتيءَ کي جيڪو وعدو ڪندا آهن، تنهن کي "امانت ڪرڻ" چوندا آهن.

## باب يارهون

(1) يعني اهي، جيڪي پٽن ۾ رهن ٿا. سنڌين جي خانه بدوش ۽ ڪوهستاني قومن، جهڙوڪ جوکيا، جي ڪراچيءَ جي پرسان رهن ٿا ۽ بلوچن جي وچ ۾ ٿورو ڪو تفاوت آهي.

(2) جيئن گهٽ ذات، تيئن رنگ زياده ڪارو. مٿئين طبقي جا ماڻهو خاص ڪري زالون، گوري رنگ جون آهن. ڪن جو ته رنگ هسپانيه يا پورچوگيزن جي زالن جهڙو هوندو آهي.

(3) يعني عربستان وانگر سارو، ۽ نه هندستان، ايران ۽ عربستان وانگر اڌ ڪوڙيل. پر ڪي سنڌي ۽ گهڻا بلوچ مٿي تي وار ڇڏيندا آهن.

(4) خاص ڪري ڪراڙا آدمي ۽ ڪسبياڻيون.

(5) پڳل دال ۽ اَنُ.

(6) فارسيءَ ۾ چون چشمِ مرواريد.

(7) فطر ۽ بقر: "هرڪلانس" صفحو 268. عيدگاهه اها جاءِ آهي، جتي عيد جي نماز پڙهبي آهي.

(8) تمام سخت ورزش آهي ۽ ٻانهن، ڇاتيءَ ۽ پنيءَ جي پٺن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ چڱي آهي. ورزش ڪرڻ وارو پيٽ تي سمهي پاڻ کي هٿن پيرن تي مٿي ڪري، وري هيٺ ڇڏيندو آهي. هي جيترا دفعا ٿي سگهي، اوترا دفعا مشق ڪجي.

(9) سانوڻ جي مهيني ۾ ڪنهن ڏڻ وار تي جوئاڪرڻ پسندڪندا آهن.پر هندو فقط اهو ٿورو عرصو جوئا ڪونه ڪندا آهن.

(10) هوبهو، جيئن اسان ڪندا آهيون.

(11) بلڪل ائين، جيئن يورپ ۾ ڪندا آهن. ممڪن آهي ته اها



راند ايران مان شروع ٿي هجي، جتي اها قديم زماني کان کيڏندا ايندا آهن. امڪان اهو آهي ته اها راند ايران کان مغرب ڏي وئي ۽ نه مغرب کان ايران ڏي.

(12) ڏسو "هرڪلانس". ضميمه، صفحو 52 پڇيسي.

(13) جيڪو ماڻهو پنهنجي زال کي انهن حالتن هيٺ ماريندو هو، ان کي هميشه ساراهيندا هئا. جيڪڏهن مڙس زال جي خطا درگذر ڪندو هو ته هن جي يار تي سرڪاري ڏنڊ پوندو هو. ان کان سواءِ جيڪڏهن هو گهٽ ذات وارو هوندو هو ته ڪيس ڇهبڪ هڻندا هئا يا ٻئي نموني جي سزا ڏيندا هئا. جڏهن ڪاريءَ کي ماريو ويندو هو، تڏهن ڪاري کان سندس ڀيڻ، ڌيءَ يا ٻئيءَ مائٽياڻي جي گهر ڪندا هئا. "ڪاري ڪاريءَ" کي ورلي ڇڏيو ويندو هو ۽ انهيءَ حالت ۾ ڪاري کي هميشه سڱ ڏيڻو پوندو هو.

(14) جيئن مازندوان، ايران ۾ ۽ تِهامه، عربستان ۾. اهي ٻئي جايون بہ، ان ڳالهه ۾ سنڌ وانگر بدنام آهن.

(15) جيئن هندستان جي زناني ٻولي.

(16) هاڻي هڪ نئون طبقو پيدا ٿيو آهي انهن مان اڌ معزز زالون آهن ۽ اڌ ڪسبياڻيون. اهي يورپي لوڪن ۽ سپاهين جي ٻلي هونديون آهن. حيدرآباد ۾ ڪسبياڻين اسان کي درخواست ڪئي آهي ته شريف عورتن جي بدچاليءَ جي ڪري اسان جو پيشو بند ٿي ويو آهي.

(17) رنگيلي، انهن جي ذات جو معتبر ۽ عام نالو آهي. اهو نالو ڪنهن بہ عورت کي بيماني ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

(18) بلوچن جون زالون چولي جي بدران گهڻو ڪري گگهو پائينديون آهن، جو اسان جي رات جي پائڻ جي قميص جهڙو هوندو آهي ۽

پنيان ڪلهن جي وچ تي ڪلندو آهي ۽ اڌ ٻانهون هونديون اٿس. اهو گهڻو ڪري ڳاڙهي يا اڇي ڪپڙي جو ٺهيل هوندو آهي ۽ پيرن جي مُرن سان وڃي لڳندو آهي.

(19) ڪمي ماڻهن، جهڙوڪ مهاڻن جون زالون وغيره هميشه چولي ڪان سواءِ فقط گج پائينديون آهن.

(20) انهيءَ خاصيت لاءِ شايد ڪي بناوتي سبب آهن. ڪئسپين سمنڊ ۽ هندستان جي وچ ۾ جي قومون رهن ٿيون جهڙوڪ ايراني، افغان، ، بلوچ ۽ سنڌي، انهن سڀني سان اها حالت آهي. ڪشمير ۾ به ائين آهي، پر هندستان ۾ نرالي حالت آهي.

(21) مثلاً هرڪلائس: ضميمه، صفحو 17.

(22) لنگهو، هڪ غير شاسته لفظ آهي، پر مڱڻهار فضيلت جو لفظ آهي انهن ڪي لاڙ ۾ پيان ۽ "منگتو" چوندا آهن ۽ اتر ۾ "ميراثي".

(23) مشهور قصيدو، جنهن جا پهريان لفظ بانت سُعاد آهن ۽ رسول الله جي شان ۾ چيو ويو هو ۽ رسول الله شاعر کي انهيءَ لاءِ خلعت انعام ڏني هئي. ڪيترن اسلامي ملڪن ۾ رواج آهي ته جيڪڏهن اهو قصيدو ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي اڳيان پڙهبو ته ضرور ڪو ڪپڙو وڳو انعام ملندو.

(24) بيماريءَ سبب مون کي ملڪ ڇڏڻو پيو، تنهنڪري مان ڪلونتن بنسبت ڪا معلومات حاصل ڪري نه سگهيس ۽ نه ڪلونتن ۽ مڱڻهارن جي سازن ڏسڻ جو موقعو مليو.

(25) شيشو معنيٰ ڪاٺو، باشو هڪ بي معنيٰ زائد لفظ آهي، جنهن کي عربي صرف نحو ۾ محمل چوندا آهن.



(26) اهڙي طرح افغانستان ۾ مصلِي (ڇُهڙا) پنهنجي قوم کي "شاهه خيل" سڏيندا آهن.

(27) سنڌجي ڪيترن پاڳن ۾ مسلمان ڇُهڙا آهن. هو ٻالي شاهي نه آهن.

(28) دقر لفظ نڪتل آهي "دهر" (ڏهر) ۽ "قير" مان. اهڙيءَ طرح افغان "پنجابي" لفظ مان به ٻه معنائون ڪيندا آهن.

## باب ٻارهون

(1) سنڌ ۾ وشنوءَ جي پوڄارين کي "وشن ووهو" چوندا آهن. جو ويشنوا لفظ جي بگڙيل صورت آهي. انهن کي شراب پيئڻ ۽ ماس، مڇي، بصر، بيدن ۽ اهڙين ٻين شين کائڻ جي منع هوندي آهي. ڪو به برهمڻ، واڻيو يا شودر ڪنهن مشهور تيرٿ، تي وڃي وشن ووهو ٿي سگهي ٿو. ان ڪان پوءِ، هن کي فقط پنهنجي ڪاڏي جو خيال رکڻو پوندو آهي.

(2) واڻين وانگر اهي لفظ هندستان وانگر ذات جو پيڊ نٿا ڏيکارين. مثلاً رام يا داس جو پٽ چند يا راءُ ٿي سگهي ٿو، چند يا راءَ جو پٽ رام يا داس.

(3) هندستان وانگي سنڌ ۾ به ٽي سن آهن: 1. عربي، هجري يا قمري، 2. هندستاني يا قمري شمسي، 3. فصلي يا سرڪاري سال، جنهن جو مدار موسمن تي هوندو آهي. هتي عام طرح هندو وڪرماجيت جو سن (سنبت) ڪم آڻيندا آهن. ساليواهن جي سال جي فقط برهمڻن کي خبر هوندي آهي. پراچين هندن وٽ ڇهه مندون هونديون هيون.

هاڻوڪن هندن وٽ ٽي مندون آهن. عربن ۽ ايرانين کي چار مندون

آهن. گوئا جي پرتگالين وانگي سنڌي فقط ٻه مندون ڳڻيندا آهن، هڪڙو سيارو يا سرديءَ جي موسم. ٻيو اونهالو (اونهارو) يا آرهڙ (سال جو گرم حصو). ساڳئي وقت شعر وغيره لاءِ فارسيءَ ۽ سنسڪرت جا لفظ بهار ۽ سانوڻ ڪم آندا ويندا آهن.

ڏسجي ٿو ته سنڌ ۾ جيڪي هفتي جي ڏينهن ۽ مهينن جا نالا آهن، سي بگڙيل سنسڪرت لفظ آهن. مسلمانن اربع، خميس ۽ جمع جا نالا عربيءَ مان ورتا آهن. مهينن جا هندڪا نالا مسلمان اتر طرف، پشاور تائين ڄاڻندا آهن. افغانن کي انهن لاءِ پنهنجي ٻولي مان نڪتل لفظ آهن.

سنڌين ۾ چنچر ۽ آچر نجس ڏينهن ڪري سمجهيا ويندا آهن. هندو منگل جي تعريف ڪندا آهن ۽ مسلمان ان کي نجس ڪري سمجهندا آهن. برهمڻن کي ڪيترن يگين جي خبر آهي پر هو پوئين يگيه جي شروعات کان سال کو نه شروع ڪندا آهن. وقت جا ننڍا حصا هندستان جي حصن جهڙا آهن. ڪيترن برهمڻن کي ”اڌڪ“ ڪرڻ يعني سال ۾ اڌ مهيني جو اضافو ڪرڻ ايندو آهي، پر هنن کي جتي وڻندو آهي اتي، اٽڪائي ڇڏيند اآهن.

(4) ڳاڙهو سندر. مليڇ معنيٰ غير هندو.

(5) سنڌ ۾ ”پوڄارو“. درياهه جي ديوتا جي پوڄاريءَ کي چوندا آهن. ” شيوڪ“ اهو آهي جو هندن جي مورتيءَ جي پوڄا ڪري، ۽ ”ٺهليو“ گروءَ جي چيلي کي چوندا آهن.

(6) ميلن ۽ ياترائن جا قسم.

(7) اهڙن وقتن تي هو ڇُڻ يا پاسي جا وار پڻ وڻائيندا آهن.

(8) هندستان ۾ اهي ڪتاب، اڪثر ڪورٽ ۾ ثابتيءَ طور پيش



ڪيا ويندا آهن. سنڌ ۾ ائين نه ڪرڻ ڏجي، ڇاڪاڻ ته ٿورا ماڻهو پنهنجا اکر مهيني کان پوءِ پڙهي نه سگهندا آهن ۽ انهن ۾ تمام گهڻيون غلطيون هونديون آهن.

(9) تازي شادي ڪيل ماڻهو کي پهرئين ٻار جي ڄمڻ تائين گهر ۾ رهڻو پوندو هو، ان کان پوءِ هو ڪڏهن به مسافريءَ تي نڪري سگهي ٿو.

(10) جنهن جا گهڻائي نمونا سنڌ خواه هندستان جي ڪيترن پاڱن ۾ ليندا.

(11) جپ مالها ٻه سڏبي آهي. ان ۾ ستاويهه داڻا هوندا آهن، جي چار دفعا پڙهبا آهن. هيٺيان شبد هڪ سؤ اٺ دفعا پڙهڻ شڀ سمجهيو ويندو آهي. ”رام، رام، رام،“. ”واهه گرو جي کي جئي“، ”شري گنيشهه نمهه“ وغيره

(12) انهن ٻن گرنٿن مان آدي گرنٿ جو وڏيڪ مانُ ڪيو ويندو آهي ۽ داشما جي وڏيڪ مڃتا، ڇاڪاڻ ته ان جي پيروي ڪرڻ وڏيڪ سولي آهي. پنج گرنٿ جيئن سندس نالو ڏيکاري ٿو، پنجن ننڍن پرارٿنائن جو مجموعو آهي، انهن کي چوندا آهن: 1. جپ، 2. سندر، 3. سکمڻي، 4. ٻاون اکري ۽ 5. سڌ گوشت. انهن ۾ ڪيتريون ٻاڻيون ۽ گيت به اچي وڃن ٿا.

(13) نانڪ به ٻين مشرقي بزرگن وانگر گهٽ پايي جو شاعر ڪو نه هو. اڳئين زماني ۾ پيشنگوئي ۽ شعر، الاهي ڪلام سمجهيا ويندا هئا. يونان جي مشهور شاعر، هومر جي نالي چوندا هئا ته ڪيس شعر گوئيءَ جي ڏات ديوين ۽ اپالو ديوتا وٽان ملي هئي.

(14) الهامي ڪتاب جو تعظيمي ۽ عزت ڀريو نالو آهي.

(15) ڪاٺيءَ جي ٻه سانگي، جنهن تي سالڪ مٿو رکندو آهي.

(16) سنڌي لفظ "پيڪڻ" يعني اپامڻ مان نڪتل آهي.

(17) ذات جو معتبر نالو.

(18) مون هي لفظ انهن جي خاص ٻوليءَ جي نموني ڏيکارڻ لاءِ ڏنا آهن. ڏت لفظ جي معنيٰ آهي ڪا بہ گاڏڙ يا خراب ٿيل شيءَ جهڙوڪ مٽيءَ گاڏڙ اَن.

امير فتح علي کي اڌ گهراڻو سڏيو ويو آهي، جو هو ملڪ جو والي هو.

(19) سنڌ جا هندو اهڙائي تعصبي آهن، جهڙا هندستان جا. اها ڳالهہ هن مان ثابت آهي تہ هنن ٽڪن لڳائڻ جي باقاعدي مخالفت ڪئي آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ ماتا جو مرض ديوي ڏيندي آهي، ۽ ديوي جي ڪم ۾ دست اندازي ڪرڻ ڌرم جي خلاف آهي.

(20) هنن کي ان ڳالهہ بنسبت چٽا رايا ڪو نہ آهن. هنن لاءِ وينڪنٽ هڪ ٻيو سرڳ آهي. ڪيترن کي جوٽين بنسبت منجهيل خيال آهي.

(21) چانورن يا ميدي، ڪڻڪ ۽ گيهہ جو ٺهيل طعام.

(22) پنجارا، انهيءَ ڪري سڏبا آهن جو هڪ هڪ شعر ۾ پنج سٽون هونديون. اڏيري لعل جي شان ۾ جو قصيدو ڏنو ويو آهي، سو ان قسم جي شعر جو هڪ مجموعو آهي.

(23) فارسي ۽ عربي لفظ خواجہ خضر جو ترجمو آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ چوندا آهن سانول شاهہ. هسپانيہ جا ماڻهو بہ "سائو درياهہ" چوندا آهن.

(24) واٽي شعر جو نالو. اصل گيت ۾ سؤ بيت آهن. انهن مان



ڪيترا هٿ ڪو نہ ڏنا ويا آهن. سنڌ ۾ ڳالهہ کي وري وري دهرائڻ عيب نہ سمجهيو ويندو آهي.

(25) اهو سنڌي زبان ۾ آهي ۽ فارسي مان ترجمو ٿيل نظر اچي ٿو. تنهن هوندي بہ پڙهيل هندو ان کي گهڻو پسند ڪندا آهن. مشرقي عالم ڏسندا تہ ان ۾ مشرقي ڌرمي شعر جا رواجي خيال ۽ استعاره ڏنل آهن.

(26) چادر جا سنڌ ۾ غريب ماڻهو ڪلهن تي اوڍيندا آهن.

(27) وليءَ جي نالي "لعل" تي دوار ٿي ٿيل آهي ۽ هتي معنيٰ اٿس هيرو.

(28) ارداس يعني ڌرمي پيٽا. وردي معنيٰ ڏن، خوشيءَ جو واڌارو. سنڌي معنيٰ سپني دنيوي خواهہ آخرت جي مرادن جو پورو ٿيڻ.

(29) اهو صوبو، جنهن کي لال شهباز پيدا ڪرڻ جو فخر حاصل آهي.

(30) نال جو ڪتاب، ڏسو باب ستون.

## باب تيرهون

(1) هڪڙي قسم جو هيڊ منشي، جو منيب جو ڪم بہ ڪندو هجي.

(2) ويجهڻ وارو، هر هڪ مهر جيڪا هو اُڪريندو هو، تنهن جو ڇاپو هو پاڻ وٽ رکندو هو. هو جيڪڏهن چاهي ها تہ هميشہ ٺڳي ڪري سگهيو ٿي.

(3) ڏيهي آفيسر کي لکيل هدايتون.

(4) تنهنڪري ان ڪي جڻيي جي شادي چوندا آهن. اها رسم ٻار پنجن ورهين جو ٿئي، تنهن کان پوءِ جڏهن بہ مائٽ سمر ساري سگهن، تڏهن ادا ڪري سگهن ٿا. پر پنجويهن ورهين جي ڄمار کان پوءِ، ڪا نہ ڪئي ويندي آهي.

(5) هڪ قسم جو هار، جو زالون پائينديون آهن. ان کي دوسري يا دهري چوندا آهن. ان ۾ سون جي داڻن جون ٻہ لڙهيون ريشم جي ڌاڳي ۾ پوتل هونديون آهن. دهري ۾ ٻار جا ڪپڙا، مائيتياڻيون ڪڻنديون آهن.

(6) وارن جي چڳ جا هندو مٿي تي رکائيندا آهن.

(7) برهمڻ کي جا پيتا ڏبي آهي، تنهن کي ”ڏڪڻا“ چوندا آهن. نمشڪار يعني برهمڻ اڳيان نوڙت ڪرڻ.

(8) ”بابا، تو کي وڌائي هجي.“

(9) ٻهرين سٽ جي معنيٰ آهي، بابا، بابا مان مران ٿو. پر هي ڏُو معنيٰ لفظ آهن. جيتوڻيڪ عام ترجمو ائين ڪندا آهن. پيءُ جواب ڏيندو آهي تہ ”پُٽ تون نٿو وڃين، ۽ نہ تنهنجا پٽ ويندا.“ اهي لفظ مقرر ٿيل آهن.

(10) مثلاً سنان وقت بدن تي پاڻي وجهي عضون ڌوئڻ کان اڳ جڻيو صفا ڪندا آهن.

(11) اٺي، گيهہ ۽ ڪڇيءَ ڪنڊ جو ٿهيل، پنجن کان پنجويهن سيرن تائين.

(12) جسراج جو ڏينهن. انهيءَ لفظ جون گهڻيون ئي معنائون ڪندا آهن. جسراج، هڪ مشهور هندو ڌرماتما جو نالو آهي.

(13) پاڻيءَ جي دلي جو ڏينهن.



(14) خوشيءَ جو ڏينهن. ”مهورت“ جي صحيح معنيٰ آهي شاديءَ جو جلوس، پر شاديءَ جي ڏينهن کي بہ مهورت چوندا آهن.

(15) ماڻهن ۾ وهم ويٺل آهي تہ اهڙن موقعن تي گهوڙي تي چڙهڻ نہ کپي.

(16) گهوٽ سان جيڪي ماڻهو ساڻ هوندا آهن، تن کي ”ڄاڃي“ چوندا آهن، ۽ جيڪي ڪنوار سان هوندا آهن، تن کي ”ماڃي“.

(17) ويڌي سنسڪرت ۾ پڙهبي آهي.

(18) گهڻو ڪري سؤ رپيي جي رقم ڏني ويندي آهي.

(19) هڪ کان بہ سؤ رپين تائين جيڪڏهن خرچي ٿوري هوندي آهي، تہ گهوٽ پيءُ اعتراض واريندو آهي، ۽ پوءِ برهمڻ رقم جو فيصلو ڪندا آهن.

(20) پيڪو (يعني پيءُ جو) يا بيڪاڻو گهر. ڪنوار جي پيءُ جي گهر کي چوندا آهن. ان جي برعڪس ساهرو گهر، يعني سندس سهري جو گهر آهي.

(21) تعجب جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جا هندو، هندستان جي برهمڻن وانگر اتاراين (يعني سج جو اتر لڙڻ) جي ڏينهن مرڻ ۽ دڪشنايڻ جي ڏينهن مرڻ جي وچ ۾ ڪو بہ تفاوت ڪونہ ڪندا آهن.

(22) ”پنيءَ“وارو لفظ پنيءَ جي رسم مان نڪتل آهي.پنيءَ وارو گهڻو ڪري فوتيءَجو وڏو پٽ،پائٽيو ياپيو ويجهو عزيز هوندو آهي.

(23) هي پنيءَ وارو ڪندو آهي. هن وقت ڪن هنڌن پنيءَ وارو فوتيءَ جي سوني منڊي جا خاص ان ڪم لاءِ آگر ۾ چڙي ويندي آهي، لاهي

جاجڪ کي ڏيندو آهي. ٻيون ڪي شيون, جهڙوڪ ٿورو گيهه, صندل جي ڪاٺي وغيره مڙدي جي وات ۾ رکندا آهن.پر هن معاملي ۾ خواه ٻين ڳالهين ۾ مڪاني رسمون مختلف آهن.

(24) ” توهان ويهو شال خوش هجو.“

(25) پاڻي روز بدلايو ويندو آهي.

(26) جويارهوسڏبو آهي.يارهينءَجون رسمون هيٺ ڏنل آهن.

(27) جي فوتي شاهوڪار هوندو آهي ته هن جي رک ۾ هڏا ڪٺي، چورو ڪري کير سان ملائي ڳوڙهو ڪري هرڻ جي کل, ڪيمخاب يا ٻئي ڪنهن ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪنهن نوڪر يا ڌرمي بيڪاريءَ جي هٿان گنگانديءَ ۾ اُڇلارائيندا آهن انهيءَ رسم تي پنجاهه کان ٽي سؤ رپين تائين خرچ ايندو آهي.

(28) ڪنهن جو چوڻ آهي ته ڪرٽيگور واٽيو آهي، ٻيا ٿا چون هو برهمڻ پيءُ ۽ شودر ماءُ جو اولاد آهي.حيدرآباد جي اُتر طرف هنن جي شڪل شبيهه ۽ روش حقير ماڻهن جهڙا هوندا آهن. حيدرآباد جي ڏکڻ ۾ هنن جي هلت چلت برهمڻ جهڙي هوندي آهي. هو ماس مڇي واپرائيندا آهن پر مسلمان جي هٿ جي شيءِ ڪو نه کائين.

ڏورانهن شهرن ۾ انهن جا ٿورا گهر آهن، تنهنڪري مرتي وقت برهمڻ، ڪرٽيگور جو ڪم ڏيندا آهن. ڪرٽيگورن جا جيڪي خاص فرائض آهن، سي ملڪ جي رسم تي ٻڌل آهن. انهن لاءِ شاسترن جي اختياري ڪا نه آهي.

(29) اهو ئي سبب آهي جو هي وڻ کوهن، درياءَ جي ڪنارن ۾



اهڙين ٻين جاين تي نظر ايندو آهي.

(30) ڇوڪرين جي پورڻ وقت ڪرٽيگور جي زال حاضر هوندي آهي.هن جون گهرون سندس مڙس کان به ڳريون هونديون آهن

(31) انهيءَ ڪم ڪي پتاشتا چوندا آهن.

(32) ٻارهون ڏينهن يا ان جي رسم.

(33) هر ڪلاٽس، ضميمو صفحو 42، هو پتاشا ٿو لکي.

(34) خرچ اٽڪل اسي کان ٻه سؤ رپين تائين ٿيندو آهي. هي وڏو خرچ آهي، پر هندن کان وڏيڪ سڌريل ماڻهو پاڻ کي تمام بريءَ طرح نڳجڻ ڏيندا آهن.

(35) وڏوا، جيتوڻيڪ برهمڻ هجي، ته به ان جو مٿو ڪوڙائيندا آهن، جيستائين هوءَ ڪنهن ياترا تي نه وڃي. پر بعضي انهن جو مٿو ڪين ڪوڙائيندا آهن. ياترا تي وڃڻ هروپرو فرض نه آهي. هوءَ ڪجهه وقت لاءِ نٽ کان سواءِ ٻيا سڀ زيور لاهي ڇڏيندي آهي. ان عرصي ۾ به هن کي تيل ڦليل به لاٿو نه آهي.

انهن ڳالهين مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ هندو ڌرم تمام ڦلهڙو آهي.

(36) ”وعظ“ گهڻو ڪري عربيءَ ۾ رسول ﷺ جي ميلاد تي ٿيندو آهي.

(37) جنهن جي اڳيان هندستان جي رسم مطابق هميشه شيخ جو لفظ ايندو آهي.

# سر رچرڊ فرانسز برٽن

# جي

# حياتيءَ جو مختصر احوال

## از

## محمد حنيف صديقي

سياح، مهم جو آثار قديم جو ماهر، نثر نويس، شاعر، سپاهي، شمشيرزن، سفير، عالم، اديب ۽ جاسوس. سر رچرڊ فرانسز برٽن اعليٰ ۽ گونا گون خوبين ۽ صلاحيتن جو مالڪ هو. هر فن مولڻ، جنهن ملڪ ۾ ويندو هو ته پهچڻ شرط مڪاني زبان، علم، ادب، فن ۽ اتان جي رهاڪن جا عادات، اطوار ۽ خصوصيتون جاچڻ ۽ سکڻ شروع ڪندو هو. جنسيات جي علم ۾ خاص دلچسپي هوندي هيس. فعل ۽ ڪرتوت جيترو زياده قبيح ۽ مذموم هوندا هئا، اوترو انهن ۾ زياده دلچسپي وٺندو هو. پنهنجن ڪتابن ۾، جا بجا جنسيات تي حاشيون لکيون اٿس، جنهن ۾ پنهنجا آزمودا ۽ مشاهدا قلمبند ڪيا اٿس. ڏسجي ٿو ته سندس ذهن ۾ مڙيو ئي ڪو فتور هو، جو سندس نظر هميشه پشت ۽ ڪريل عادتن ۽ افعالن تي پوندي هئي. ڪنهن به ملڪ يا قوم جي تعريف ڪا نه ڪيائين، پوءِ اهي يهودي هجن يا مصري، شڪارپوري سيٺيون هجن يا سنڌي هٽ واڻيا. پنهنجن خاص موضوعن جي ڪوجنا لاءِ هو، ڪِريل طبقي ۽ عادتن جي ماڻهن سان لهه وچڙ رکندو هو ڪسبڻين ۽ طوائفن وٽ وڃي راتيون گذاريندو هو. شهر جي ڏوتين سان رازو نياز جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ همجنس جو طالب هو. اڄ ڪلهه جي عام سپاهين وانگر هن به فردن جا شخصي طور طريقا ۽ عادتون، سجن فرقن ۽



قومن ڏانهن منسوب ڪيا آهن. تنهن کان سواءِ ٻڌل ڳالهين تي به ويساهه ڪندو هو. اڪثر ڪنهن ملان يا مولويءَ کي ويهاري هن کان اوڙي پاڙي جي معلومات حاصل ڪندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هو قومن جي اخلاق ۽ ڪردار جو صحيح اندازو نه لڳائي سگهيو آهي ۽ سنڌين جي باري ۾ تلخ زبانيءَ کان ڪم ورتو اٿس.

برٽن صاحب جي شوقن ۽ مشغلن جي ڪا به حد ڪا نه هئي. هو شمشير زنيءَ ۽ نئُشيبازيءَ جو ماهر هو. شمشير زنيءَ جا نوان وار ايجاد ڪيائين، جي فوجي اختياريءَ وارن اختيار ڪيا. جادو، ٽوڻا، تعويذ، ڪشف ڪوئرو ڦيرائڻ، سون ڪرڻ وغيره هن جي کٻي هٿ جو ڪم هو. ڪيميا جي علم جا به تجربا ڪيائين. سون جون ڪاٺيون ڳوليائين، باز پاليائين ۽ ڪڪڙ ويڙهائڻ به نه ڇڏيائين. ڀنگ، آفيم، چرس استعمال ڪيائين. زبانن ۽ ٻولين تي خاص دسترس هيس. عربي ته هندستان اچڻ کان اڳ انگلنڊ ۾ ئي پڙهڻ شروع ڪئي هئائين. بمبئيءَ ۾ هندستاني ۽ گجراتي سکيو. ٽن مهينن ۾ امتحان ڏنائين ۽ ٻهريون نمبر آيو. تنهنڪري کيس فوجي ترجمان ڪري رکيو ويو. برٽن جي دعوا هئي ته هن زبانن سکڻ جو هڪ اهڙو طريقو ايجاد ڪيو آهي، جنهن جي وسيلي سان ڪا به زبان ٽن مهينن جي اندر ڳالهائي سگهجي ٿي. بس، پوءِ ته ويو ٻوليءَ پٺيان ٻولي سکندو. مرهٽي، سنسڪرت، سنڌي، بلوچي، فارسي، جَٽڪي، ملتاني، پنجابي، لهندي، عبراني، ترڪي ۽ شامي زبانون سکيو. مطلب ته ڪا به زبان چرندي نه ڇڏيائين. چيني زبان نه سکيو پر آفريڪا جي سواحلي ۽ ٻيون زبانون پڻ سکيائين. آخر انساني ٻولين مان ڍءُ ڪري ڪراچيءَ ۾ هڪ خانگي چڙيا گهر ٺاهي ان ۾ ڪيترا باندر ۽ ٻولا رکي انهن جي آوازن جو اڀياس ڪرڻ لڳو ۽ انهن جي ڪيترن آوازن کي

نروار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هڪ پوليءَ کي ڪَن ۾ موتي پائي، پاڻ سان گڏ ڪاڌي جي ميز تي ويهاريندو هو.

برٽن جو ادبي شاهڪار، لاشڪ دنيا جي ضخيم ترين ڪتاب الف ليليٰ (عربيءَ) جو انگريزي ترجمو آهي. جنهن ۾ هن عربي زبان جو مخصوص مزاج قائم رکڻ لاءِ پهريون دفعو عربي طرز جي انگريزي لکي.

برٽن پنهنجي حياتيءَ ۾ چاليهن کان به مٿيرو ڪتاب ڇپايا. جن ۾ يارهن سنسڪرت ۽ ٻين زبانن جا ترجما آهن. ٻاويهن، ٽيويهن ڪتابن جا مسودا ڇڏيائين، جي هن جي مرڻ کان پوءِ ڇپايا ويا آهن. انهن کان سواءِ هن جا بيشمار مضمون وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. خود برٽن جي باري ۾ بيشمار ڪتاب لکيا ويا آهن، جن جو پورو هڪ ڪتبخانو آهي.

برٽن 19 مارچ 1821ع تي هرفرڊشائر (انگلنڊ) ۾ پيدا ٿيو. هن جو پيءُ موقوف ٿيل فوجي آفيسر هو. تعليم انگلنڊ ۽ فرانس ۾ حاصل ڪيائين. هڪ ڀاءُ ۽ ڀيڻ به هيس. ٻارن تي پيءُ ماءُ جي نظر خيرڪا هوندي هئي، جنهنڪري هو آزاد گهمندا، ڦرندا ۽ مستيون ڪندا وتندا هئا. برٽن ڪجهه وقت آڪسفورڊ ۾ به پڙهيو هو، جتان کيس نيڪالي ڏئي ڪڍيو ويو هو.

برٽن جي حياتيءَ ۾ ڪيترين ئي زالون آيون ويون. رستي ويندي اک لڙائي ڇڏيندو هو. پر هن جي شاديءَ جو قصو هڪ عجيب افسانو آهي. هڪڙي ڏينهن 1851ع ۾ بولان (فرانس) جي شهر ۾ پسار ڪندي، ٻن حسين دوشيزائن تي نظر پيس. هو انهن ڏينهن ۾ نظر جي ٽڪ ٻڌڻ (Hypnotism) جي مشق ڪندو هو. سو، هڪڙيءَ ڇوڪري تي نظر اڇلايائين ته هن ڇرڪ ڀري ڀيڻ کي چيو "منهنجي شادي انهيءَ ماڻهو سان ٿيندي" هي يار به راز ڀانپي ويو. پٿ تي چاڪ سان لکيائين"مان تو کي چاهيان ٿو." وري ٻئي ڏينهن مليا. برٽن پٿ



تي لکيو "ڳالهائڻ جي اجازت آهي؟"مائيءَ جواب لکيو ته "امڙ ڪاوڙبي." بس، پوءِ ته آئسابيلا کي اچي آنڌ مانڌ ورتو. روز شاديءَ جا خواب پئي ڏٺائين ۽ ڊائريون پئي لکيائين. والدين گهٽو ئي سمجهايس. پر مُڙي چو ٿي: انهيءَ وچ ۾، برٽن نالي هڪ جپسي عورت هٿ ڏسي چيس ته "تنهنجي شادي منهنجي نالي واري هڪ شخص سان ٿيندي ۽ اها پيشنگوئي کيس لکت ۾ ڏنائين. (ياد رهي ته برٽن پهريون عالم هو، جنهن اهو رايو ڏنو هو ته يورپ جي جپسي قوم جا ماڻهو اصل سنڌ جا جت يا رت آهن). آخر هنن جي شادي ڏهن ورهين کان پوءِ 1861ع ۾ ٿي.

1842ع ۾، برٽن جي بمبئيءَ واري ڏيهي پيادل فوج لاءِ 501 پائونڊ رشوت ڏئي اسسٽنٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي (Bombay Native Infantry) ۾ نوڪريءَ جو انتظام ڪيو ويو. ان وقت افغانستان ۾ سخت لڙائي هلي رهي هئي ۽ ڪمپنيءَ کي نون رنگروٽن جي ضرورت هئي. پر جيستائين هو بمبئيءَ پهچي ئي پهچي، تيستائين جنگ پوري ٿي وئي. برٽن اچڻ سان مختلف زبانن ۽ مشرقي مذهبن جي تحصيل شروع ڪري ڏني.

انهيءَ وچ ۾ سر چارلس نيپئر(17 فيبروري 1743ع) سنڌ فتح ڪري ڇڏي هئي. سن 1844ع جي شروعات ۾ 18 رجمينٽ کي، جنهن ۾ برٽن ڪئپٽن هو، ڪراچيءَ موڪليو ويو. جهاز تي انجنيري ڪاتي جي ڪئپٽن والٽر اسڪاٽ سان واقفيت ٿيس، جنهن کي سنڌ ۾ سر چارلس نيپئر سنڌ جي زمينن ۽ واهن جي پيدائش لاءِ بمبئيءَ مان گهرايو هو. عادت مطابق همراهه کي ڪراچي پاڻ نه پئي. ڪراچيءَ مان 18 رجمينٽ کي ڦيرائي گهاري بندر ۾ رکيو ويو. آخر، هو سنڌ سروي جي ڪم ۾، ڪئپٽن اسڪاٽ جو نائب مقرر ڪيو ويو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پيمائش جو ڪم

شروع ڪيو ويو. گوني ۾ ٻين واهن جون پيمائشون شروع ڪيائين ۾ بازن پالڻ ۾ بازن سان شڪار ڪرڻ جو شوق بہ ڪندو رهيو.

ڪراچيءَ ۾ برٽن صاحب سنڌ جي رهواسين جو گهَرو مطالع شروع ڪيو. مگر انسانذات جي عظمت ۽ شرافت بدران هو پنهنجي فطرت مطابق هنن جي وِڏن ۽ اوڻاين جي تلاش ڪندو رهيو. سيڏي جا ٽي دڪان ڪديائين. جتي ويهي گراهڪن، خاص ڪري عورتن کان پنهنجي ڪم جي معلومات حاصل ڪندو ويندو هو. معلوم ٿيس تہ ڪراچيءَ ۾ ست ڏوتيون آهن جن مان ٽي هندو ۽ چار مسلمان آهن. ستت هنن جي ڪاروباري طريقي کان پڻ پاڻ کي واقف ڪيائين.

انگريز فوجين ۾ همجنس سان تعلقات جي علت شايد رومين جي زماني کان ڦهليل آهي. انهن ڏينهن ۾ پنج هزار انگريز فوجي ڪراچيءَ جي بارڪن ۾ رهندا هئا. جن ۾ مرض وڌندو ويو ۽ خطرناڪ صورت اختيار ڪيائين. ستت نيپيئر تائين رپورٽ پهتي. هن برٽن کي ان بيماريءَ جي اصل سبب ۽ مرڪز جي جاچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. برٽن، نيپيئر جي چوڻ تي هڪ رپورٽ تيار ڪئي. رپورٽ تہ نہ هئي پر آگ جو شعلو هو. بمبئيءَ ۾ ممڻ مچي ويو. مشڪلات سان برٽن جي نوڪري بچي. (اها رپورٽ برادرم علي محمد راشديءَ ۽ ٻين صاحبن جي تلاش جي باوجود اڃا دستياب نہ ٿي سگهي آهي.)

برٽن هاڻي پاڻ کي مرزا عبدالله ابوشائري سڏائڻ لڳو. ايراني ۽ عربي ويس اوڍي روز رات جو مرزا محمد حسين شيرازي نالي هڪڙي دوست سان گڏ شهر جون گهٽيون گهمندو هو.



نومبر 1845ع ۾ اسڪاٽ صاحب سان گڏجي سنڌ جي سروي جو دؤرو ڪيائين. ڪجهہ وقت هو نيپيئر جو ترجمان بہ ٿي رهيو.

1846ع ۾ برٽن تي وبا جو حملو ٿيو ۽ هو بہ سال موڪل وٺي هندستان جي پهاڙي علائقن ۾ وڃي رهيو.

برٽن سنڌ تي چار ڪتاب لکيا: (1) سنڌ. يا ڏکويل ماٿري 1851ع. (2) سنڌ ۾ سنڌوماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون 1851ع. (3) سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪري بازي 1852ع. (4) ٻيو دفعو سنڌ 1877ع.

برٽن هنن ڪتابن ۾ سنڌين جي باري ۾ شگفتہ ڪلاميءَ کان ڪم ڪو نہ ورتو آهي. ان لاءِ مٿي سبب ڏنا ويا آهن. مگر ڪتاب لاجواب آهن. معلومات جي کاڻ سمجهو. ڪيترين حقيقتون جي هو قلمبند نہ ڪري ها، تہ اڄ يادگيريءَ جي صفحي تان ميسارجي وڃن ها.

برٽن جي ڪهاڻي اتي پوري ڪا نہ ٿي ٿئي.

1853ع ۾ برٽن مڪي ۽ مديني شريف جو سير ڪيو. جنهن لاءِ هن کي سخت تياري ڪرڻي پئي ۽ ڪشت ڪشالا ڪاٽڻا پيس. سالن جا سال تياري ڪيائين. عالمن کان بہ وڌيڪ اسلام جو علم هوس ۽ عربن کان وڌيڪ فصاحت سان عربي زبان ڳالهائي سگهندو هو. مسلمان تہ نہ هو پر اسلام لاءِ عزت هيس.

ٻئي سال هو صوماليہ جي گادي هزار جي مهم تي روانو ٿي ويو. اها مهم بہ هن ڪاميابيءَ سان طئي ڪئي.

1857ع ۾ هو مسٽر اسپيڪ سان گڏ نيل نديءَ جو سرچشمو

ٽينگنئيڪا ڍنڍ ڳولهي لهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اهڙيءَ ريت، ٻيون به ڪيتريون ئي خطرناڪ مسافريون ڪيائين. ڪجهه وقت، شام ۾ ٻين ملڪن ۾ انگريزن جو سفير ٿي رهيو.

آخر 20 آڪٽوبر 1890ع تي، هن بي آرام شخص، ٽريسٽ ۾، هن دنيا کي الوداع چئي. سندس وصيت موجب هن کي تنبوءَ جي شڪل وانگر سنگ مرمر جي مقبري ۾ مارٽليڪ، سري (انگلنڊ) جي هڪ گمنام قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

برٽن جي مرڻ کان پوءِ سندس گهر واريءَ آئسابيلا سترهن ڏينهن پاڻ کي فوتي جي ڪمري ۾ بند ڪري مڙس جا اڪثر ڪاغذ ۽ نوٽ ساڙي دنيا کي عظيم نقصان پهچايو، جنهن جي تلافي ڪنهن به صورت ۾ نٿي ٿي سگهي. ممڪن آهي ته ان سڙي ويل مواد ۾ سنڌ تي به ڪافي معلومات هجي! ❊

---

* هن مضمون تيار ڪرڻ ۾، هينين ڪتابن تان احوال ورتو ويو آهي (1) برٽن جا سنڌ متعلق چار ڪتاب

(1) Burton: by Byron Farewell, 1963

(3) The Life of Captain Sir Richard F. Burton: by Isabel Burton.